# شاھ لطيف

# سنڌي ٻولي ۽ سماج

مرتب

خالد آزاد

سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد

# شاهه لطيف
# سنڌي ٻولي ۽ سماج

خالد آزاد

سنڌي لئنگويج اٿارٽي
حيدرآباد، سنڌ
2007ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ناشر نوٽ | | 04 |
| مقدمو | خالد آزاد | 05 |
| شاهه لطيف، سنڌي ٻوليءَ جو معمار | تاج جويو | 09 |
| شاهه لطيف، سنڌي ٻولي ۽ سماج | ڊاڪٽر غلام محمد لاکو | 22 |
| شاهه عبداللطيف، سنڌي زبان جو معمار | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | 32 |
| سنڌي زبان تي تحقيق | ڊاڪٽر حيدر سنڌي | 43 |
| شاهه سائينءَ جو دور ۽ ان کان اڳ وارو سنڌي سماج | ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو | 48 |
| شاهه لطيف جي ٻولي ۽ سماج | ڊاڪٽر هدايت پريم | 58 |
| شاهه لطيف جي سُر مارئيءَ جو ٻهاڪن طور استعمال | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | 63 |
| ٻولي ۽ سماج جي ترقيءَ ۾ لطيف جو ڪردار | ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو | 78 |
| شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ڪوهستاني لهجو | رخمان گل پالاري | 85 |
| شاهه جي رسالي ۾ ماءُ | ڊاڪٽر اسد جمال پلي | 102 |
| سجاڳيءَ جو سڏ | مظهر الحق صديقي | 114 |
| شاهه جو رسالو۔ سماجي ترقيءَ جو منشور | ڊاڪٽر مهر النساءِ لاڙڪ | 121 |
| شاهه عبداللطيف ڀٽائي، فلسفو ۽ سماجي ڪارج | ڊاڪٽر تهمينه مفتي | 128 |
| شاهه لطيف جي فڪر ۾ سنڌ جا سماجي قدر | آزاد قاضي | 146 |
| سنڌي ٻوليءَ ۾ سماج جا سِڌا سُڌارا | مولانا عبداللطيف سڪندري | 160 |
| ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ قرآن پاڪ جون آيتون | حزب الله آءِ سومرو | 168 |
| لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻولي ۽ سماج جو عڪس | الهنواز رڪٽائي | 178 |
| ڇولي ٻولي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو باهمي تعلق | حافظ حبيب سنڌي | 185 |
| سنڌي ۽ مارواڙي ٻوليءَ جو لساني لاڳاپو | پريتم "پياسي" | 192 |
| شاهه لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج: ڪانفرنس | (سفارشون) | 228 |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر نوٽ:

شاعريءَ ذريعي سماجي اصلاح جا جيڪي اولڙا ڀٽائي سائين جي ڪلام ۾ پسجن ٿا، سي موجوده وقت ۾ هڪ سائنس جي شڪل اختيار ڪندا پيا وڃن. تجربن ۽ مشاهدن مان حاصل ٿيندڙ علم کي، جيئن سائنس چئبو آهي، تيئن ڀٽائي سائينءَ جون چيل سٽون مختلف معاملن ۾ ڳالهين جي اڳيرائي ۾ دليل ۽ شاهديءَ طور اصطلاحي معنيٰ ۾ حوالو بڻائي ڪم آنديون وڃن ٿيون. سماجي سطح تي هر ڳالهه ۽ هر معاملي جي ڇنڊ ڇاڻ ۽ پرجهڻ ۾ ڀٽائي سائينءَ جي شاعريءَ ۾ استعمال ٿيل ڪنهن سٽ يا اصطلاح تي اچي پنهنجي حقيقي مقصد کي پهچي ٿي.

10 جولاءِ 2004ع تي، سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ طرفان "شاهه لطيف، سنڌي ٻولي ۽ سماج" جهڙي اهم موضوع تي هڪ ڏينهن واري عاليشان ڪانفرنس جو بندوبست ڪيو ويو هو جنهن ۾ پڙهيل مقالن کي ڪتابي صورت ۾ پڙهندڙن آڏو پيش ڪندي آئون ۽ منهنجا ساٿي انتهائي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. البت ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالا هن اهم موضوع جو ڪيترو احاطو ڪن ٿا، سا پرک پڙهندڙن تي ٿي ڇڏجي.

مقالن جي ترتيب جي سلسلي ۾ اداري جي پبليڪيشن آفيسر خالد آزاد جي دلچسپي شروع کان آخر تائين قابل تعريف هئي. ڪانفرنس جي مقاله نگارن سان سندس مسلسل رابطه ڪاري ٿي، مقالن جي اهڙي حصوليءَ کي عملي جامو پهرايو. تنهن ڪري سندس اهڙي محنت کي ساراهڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. اشاعتي بيورو جا ٻيا ڪارڪن به ان سلسلي ۾ جس لهڻن، جن پنهنجي ڪم کي، هميشه جيان دلچسپيءَ سان انجام ڏنو. اميد ته لطيف شناسي، سنڌي ٻولي ۽ سماج کي سمجهڻ ۾ هيءُ ڪتاب هڪ اهم جاءِ والارينڊو.

| | |
|---|---|
| 26 مئي 2007 | عبدالقادر جوڻيجو |
| حيدرآباد سنڌ | چيئرمئن |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# لطيف: سنڌي ٻولي ۽ سماج جو محسن

شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سنڌي ٻولي ۽ سماج جو محسن هو. هن پنهنجي علم، عمل، مشاهدي ۽ اظهار جي بي پناهه سگهه سان، نه صرف اخلاقي ۽ سياسي طور ڏيوالپڻي جي شڪار ٿيل سنڌي سماج کي ٻيساکيون ڏنيون، پر سرڪاري ۽ تدريسي طور رائج ڌارين ٻولين جي عروج واري ان دور ۾ پنهنجي حسين شاعراڻي اظهار جي قوت سان سنڌي ٻوليءَ کي بچايو، ترقي ڏني ۽ مالا مال ڪيو. اهو ئي لطيف جو هن ڌرتيءَ لاءِ سڀ کان وڏو Contribution هو.

شاه لطيف، مغل سلطنت جي زوال جو اکين ڏٺو شاهد ۽ تاريخ جي انهيءَ دور جي لاڳيتن ظلمن کان چڱيءَ ريت خبردار هو، ان ڪري هن نهايت ئي ذميداريءَ جو مظاهرو ڪندي، هڪ باشعور فرد، باڪمال شاعر ۽ متحرڪ صوفيءَ جي حيثيت سان هن سماج جي بهتر جوڙجڪ لاءِ ڪم ڪيو. مغل سلطنت جي انهن پڇاڙڪن ڏينهن ۾ جيتوڻيڪ گهٽي وقت کان پوءِ سنڌ ۾ هڪ ڏيهي حڪومت جو بنياد پيو هو ۽ ميان يار محمد ڪلهوڙي، دهليءَ مان پروانو وٺي سنڌ ۾ نالي ماتر هڪ خودمختيار حڪومت قائم ڪئي هئي، پرملڪ جون اندروني توڙي بيروني حالتون ڪي چڱيون نه هيون. مسلسل ٻاهرين يلغار ۽ حڪمرانن جي رعايت يافته سفيد پوش طبقي جي ارهه زوراين سنڌي سماج جي چيلهه چٻي ڪري ڇڏي هئي، جڏهن ته شاهه عنايت جي شهادت واري واقعي پڻ ڪلهوڙن جي حڪومتي ڪردار کي مشڪوڪ بڻائي ڇڏيو هو، ان ڪري اهل علم ۽ عقل حلقو، ڪلهوڙن جي انهيءَ حڪومتي مصلحت پسنديءَ تي ڪو گهڻو خوش نه هو. شاهه لطيف، تازي خودمختياري هيٺ آيل نئين سنڌي سماج جو گهرو اڀياس ڪرڻ لاءِ سنڌ ۽ ان جي تهذيبي لاڳاپن وارن علائقن جو سفر ڪيو، عالمن، اديبن، شاعرن ۽ صوفين سان رهاڻيون ڪيون، ۽ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالتن جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو. اهڙيءَ ريت شاهه لطيف کي نه صرف پنهنجي شاعريءَ لاءِ موزون ماحول تيار ٿي مليو پر ڪيس سنڌ جي ماڻهن جي سياسي ۽ اقتصادي حالت جي پرک پئي ۽ هن پاڻ کي، پنهنجي شاعريءَ ذريعي پس و پيش هڪ مزاحمتي ڪردار ادا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو. لطيف جي عمر 28 سال هئي جو 1717ع ۾ شاهه عنايت جي شهادت وارو واقعو پيش آيو. شاهه ـيف نه صرف هن واقعي تي رنجيده هو پر هيءُ واقعو سنڌس زندگيءَ ۾ جدوجهد جو وڏو محرڪ بڻجي پيو. هن پنهنجي شعرن وسيلي صوفين جي ان مزاحمتي تحريڪ جي شعوري پنيرائي ڪئي، نه صرف اهو پر لطيف، سماجي اڻبرابري خلاف جدوجهد ۽ مذهبي رواداريءَ جو پيش خيمو بڻيو. هندستان ۾ هيءُ اهو دور هو جڏهن ملڪ ۾ فقه کان سواءِ ڪو بحث ئي نه ڪرڻ ڏيندا هئا. ان دور ۾ لطيف سائين مذهبي رواداريءَ، ڀائيچاري ۽ ايڪتا جي ڳالهه ڪئي. هن ساڳئي دور ۾ يورپ اندر ٽي وڏيون تحريڪون: (1) انسان دوستيءَ جي تحريڪ، (Humanism)، (2) مذهب ۾ اصلاح ۽ سڌاري جي تحريڪ (Reformation) ۽ (3) نئين سجاڳيءَ جي تحريڪ (Renaissance) هلندڙ هيون. ان ڪري، ان ڳالهه کان به انڪار نٿو ڪري سگهجي ته لطيف تي انهن تحريڪن جو اڻ سڌو اثر ضرور پيو هوندو. سنڌس شاعريءَ ۾ به جيڪو مزاحمت ۽ جدوجهد جو عنصر ملي ٿو اهو ان دور جي مخصوص تاريخي حالتن جي پيداوار آهي.

لطيف سائين نه صرف ان وقت جي موجوده سياسي ۽ سماجي حالتن کي بهتر ڪرڻ ۽ بدلائڻ لاءِ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڏس ۽ ڳس ڏنا، پر هن سنڌ مٿان ڏارين جي ايندڙ امڪاني خطرن کان سنڌي ماڻهن کي آگاهه به ڪيو. ايسٽ انڊيا ڪمپني 1630ع ڌاري سنڌ ۾ داخل ٿي ۽ پهرين واپاري ڪوٺي ٺٽي ۾ قائم ٿي، جو ته ڪمپني سرڪار سمنڊ رستي پنهنجو واپار شروع ڪيو هو. لطيف جڏهن پنهنجي سير سفر دوران لاڙ واري ڀاڱي جو دورو ڪيو. تڏهن هن انگريزن جي ان امڪاني قبضي کي ضرور ذهن ۾ رکيو. نه صرف ذهن ۾ رکيو پر تيز هوائن، خطرناڪ ڪنوٽين، سامونڊي طوفانن ۽ ڪُنن جي اصطلاح ۾ پنهنجن ماڻهن کي ايندڙ اقتصادي خطرن کان اڳ ۾ ئي آگاهه ڪري ڇڏيو هو. سُر ساموندي ۽ سُر سريراڳ ۾ ڪيترائي اهڙا بيت ملن ٿا، جيڪي ايندڙ خطرن ۽ امڪاني حملن جي نشاندهي ڪن ٿا.

اهڙيءَ ريت لطيف، سنڌ جي اندروني توڙي ٻاهرين معاملن تي گهري نظر رکندڙ هو. هن سنڌي سماج جي پست حالي، ٻاهرين يلغارن، مخصوص رعايت يافته طبقن جي ڏاڍاين ۽ عام ماڻهن جي بيوسي ۽ بدحاليءَ کي ذهن ۾ رکي ڪم ڪيو. سُر ڪاهوڙي، رام ڪلي، سهڻي ۽ سسئيءَ ۾ جدجهد جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنصر کي جنهن طريقي سان لطيف Idealize ڪيو آهي، ان جو مثال دنيا جي شاعريءَ ۾ گهٽ ملي ٿو. ان ڪري لطيف کي محض هڪ 'صوفي منش بزرگ جي نسبت، هڪ سماجي سائنسدان (Social Scientist) طور ڏسڻ ۽ پرکڻ جي ضرورت آهي.

شاهه لطيف جو ٻيو وڏو Contribution سنڌي ٻوليءَ جو بچاءُ، واڌارو ۽ ترقي هو. لطيف جڏهن پيدا ٿيو ته ان دور ۾ دربار ۽ سرڪار جي زبان فارسي هئي ۽ سمورو ڪاروهنوار فارسيءَ ۾ هلندو هو. نه صرف اهو پر، ان دور ۾ حڪمرانن جي خوشامدڙين ۽ درٻارين سنڌي ٻوليءَ جي دشمنيءَ ۾ پهاڪا، محاورا ۽ چوڻيون ٺاهيون. لطيف، اهڙي ڏاڍ خلاف نه صرف پنهنجي شاعريءَ ذريعي سخت احتجاج ڪيو، پر سنڌي عوام جي مسئلن، مونجهارن، محبتن، قصن، ڪهاڻين، جذبن، امنگن ۽ اميدن کي سنڌن ئي سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻي، "شاهه جي رسالي" جي صورت ۾ ٻوليءَ سان پيار لاءِ راهه هموار ڪئي. نه صرف اهو پر، سنڌ جي مختلف ڀاڱن ۾ ڳالهائجندڙ لهجن ۽ محاورن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ پوئي، سنڌي ٻوليءَ جي لفظي خزاني کي مالامال ڪيو ۽ متروڪ ٿيندڙ لفظن ۽ اصطلاحن کي جيئدان ڏنو. لطيف، هڪ حوالي سان سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيندڙ بگاڙ جي آڏو بند به ٻڌو، ڇاڪاڻ جو اڳ "شاهه جي رسالي" جهڙو ڪو جامع Document موجود نه هئڻ ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت جو تعين نه ٿي سگهيو هو. اهڙيءَ ريت شاهه لطيف، سنڌي ٻوليءَ جي محافظ جي حيثيت سان پنهنجي حصي جو مثبت ڪردار ادا ڪيو.

سنڌ جي هن عظيم مفڪر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي سماجي ۽ علمي ڪردار تي ڪم ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. شاهه جي شرح ۽ سوانح تي گهڻو ڪم ٿي چڪو ان ڪري هاڻي لطيف کي هڪ سماجي سائنسدان جي حيثيت سان پڙهڻ ۽ پرکڻ جي ضرورت آهي. هيءُ ڪتاب ان سلسلي ۾ وڏو اهم ثابت ٿي سگهي ٿو.

هن ڪتاب ۾ شامل مقالا، سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ پاران 10 جولاءِ 2004ع تي ٿيل ڪانفرنس "شاهه لطيف: سنڌي ٻولي ۽ سماج" ۾ پڙهيا ويا هئا. هن ڪانفرنس جي اهتمام ۽ موضوع جي چونڊ ۾ اٿارٽيءَ جي تڏهوڪي چيئرمئن ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيي وڏي دلچسپي ورتي هئي ۽ ڪامياب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانفرنس کان پوءِ هنن مقالن جي ترتيب لاءِ پڻ هدايتون ڏنيون هيون. بعد ۾ هنن مقالن جي ترتيب ۽ اشاعت، اٿارٽيءَ جي موجوده چيئرمئن عبدالقادر جوڻيجي جي دور ۾، منهنجي حصي ۾ آئي. جڏهن ته اٿارٽيءَ جي ڊائريڪٽر پبلڪيشن امين لغاري، سائين تاج جويي ۽ عبدالرحمان ميمڻ به هن سلسلي ۾ منهنجي وقت بوقت رهنمائي ڪئي آهي. ان لاءِ آءٌ سيني صاحبن جو نهايت ٿورائتو آهيان. ڪتاب جي ترتيب ۽ تياريءَ ۾ هميشه وانگر منهنجي دوست ۽ ساٿي خان محمد جروار منهنجي تمام گهڻي مدد ۽ رهنمائي ڪئي آهي، جڏهن ته محمد رمضان ۽ شاهنواز پڻ پنهنجي حصي جو ڪم نهايت دلچسپيءَ سان ڪيو آهي. ان لاءِ آئون سندن ٿورائتو آهيان.

ڪتاب ۾ مقالن جي سٽاءُ ۾ پروفيسر تاج جويي ۽ ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جا مقالا سينيءَ کان اڳ ۾ انهيءَ ڪري رکيا ويا آهن جو اهي طئي ڪيل موضوع تي پورا لهن ٿا. جڏهن ته باقي مقالا پڻ هن اهم موضوع جو چڱيءَ ريت احاطو ڪن ٿا. مون کي اميد آهي ته هيءُ ڪتاب لطيف جي سماجي ۽ علمي ڪردار تي اهم ثابت ٿيندو.

**خالد آزاد**

26 مئي 2007
حيدرآباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تاج جويو

# شاھہ لطيف، سنڌي ٻوليءَ جو معمار

شيخ اياز پنھنجي شعري مجموعي ”ڪپر ٿو ڪن ڪري“ ۾ پنھنجي نثري اقتباسن ۾ ھڪ ھنڌ لکيو آھي تہ:

”اُھي شاعر، جي پنھنجي موضوع ۽ مخصوص اظھار سبب سَند ٿي ويا ھجن، جن جي ٻولي، ھڪ مثالي ٻوليءَ جو درجو رکندي ھجي، جن انسان جي فڪري سرمائي کي وڌايو ھجي، جن ويروتار سچائيءَ جي ڳولا ڪئي ھجي، اسان جي اندر ۾ دائمي جذبو ۽ جوش پيدا ڪيو ھجي، جن پنھنجي فڪر، مشاھدي ۽ ايجاد جي ذريعي انساني ذھن کي وسعت ۽ عظمت ڏني ھجي، جن انسان ۾ آزاديءَ لاءِ محبت ۽ اُن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جرئت پيدا ڪئي ھجي، جن ساڀيا کي سُونھن ڏني ھجي ۽ سُونھن کي ساڀيا ڏني ھجي، جي پنھنجي خاص انداز ۾ پنھنجي قوم لاءِ ھوندي بہ سڀ جا ھجن ۽ ھر ڪنھن سان ڳالھائيندا ھجن، جن جي شاعريءَ ۾ نئون ۽ پراڻو ملي ھڪ ٿي ويا ھجن، جن جي لکڻيءَ ۾ ايتري ڇڪ ھُجي، جو ھر دؤر ان کي پنھنجي لکت سمجھي، جن جون تخليقي صفتون وقتي ھوندي بہ دائمي ۽ آفاقي ھجن، انھن شاعرن جي شاعري ”عظيم ڪلاسڪ“ جو درجو حاصل ڪري ٿي. ھن نڪتي ڪنڊ ۾ ان معيار جا شاعر فقط ڀٽائي ۽ ٽئگور آھن. “(ص 40_39)

اياز جي ان پرک جي روشنيءَ ۾، شاھہ جي شاعري عظيم ڪلاسڪ ۾ شمار ٿئي ٿي ۽ ان حوالي سان نہ رڳو اسان جي ماضيءَ جي ترجمان آھي، پر اسان جي حال ۽ مستقبل جي پڻ ترجمان شاعري آھي. شاھہ پنھنجي موضوع ۽ مخصوص اظھار سبب سنڌي ٻوليءَ جو ھڪ بيمثال شاعر آھي، جنھن جي شاعري اڀائي، ٽي سؤ سال گذري وڃڻ جي باوجود نہ رڳو دائمي ۽ آفاقي قدرن سان مالا مال آھي، پر نت نئين آھي، جنھن جو اثر صدين جي سفر کان پوءِ بہ قائم ۽ دائم رھڻو آھي.

شاھہ لطيف پنھنجي دؤر ۾ پنھنجي قوم، وطن تھذيب، تاريخ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ جو رکپال شاعر رهيو آهي. هن پنهنجي تخليق ”شاهہ جي رسالي“ ذريعي صدين جي امرتا حاصل ڪري ورتي آهي. جيئن تہ . مدس تخليقي پورهيو (شاهہ جو رسالو) سنڌي ٻوليءَ ۾ آهي، ان ڪري شاهہ صاحب پنهنجي شاعريءَ ذريعي پنهنجي دؤر جي ٻوليءَ کي سدا حيات ۽ سدا بهار بنائي ڇڏيو آهي.

ڀٽائيءَ اُن پُر آشوب دؤر ۾ جنم ورتو هو جڏهن مغل سلطنت زوال پذير هئي ۽ پنهنجي بچاءَ ۽ بقا لاءِ چڙهيون هٽي رهي هئي. مغل گورنرن ۽ سنڌ جي جاگيردارن، پنهنجي اقتداري مفادن لاءِ پاڻ ۾ ٻٽ ۽ جُٽ ٿي، سرزمين سنڌ جي عظيم انقلابيءَ ”شاهہ عنايت“ کي شهيد ڪرايو هو جنهن اُن دؤر ۾ جاگيردارن ۽ سندن مُربي مغل حڪومت خلاف تحريڪ هلائي هئي ۽ زمين جو مالڪ انگ اگهاڙي ۽ پيٽ بُکئي هاريءَ کي قرار ڏنو هو. هن ”جو کيڙي سو کائي“ جو اُصولي پيغام ڏئي، ”بيشڪ زمين الله جي آهي“ جو سچو سبق ڏنو هو. نتيجي طور جاگيردارن جا ستايل هاري شاهہ عنايت وٽ اچي گڏ ٿيا هئا ۽ گڏجي پوک ڪندا هئا ۽ پوک جي ڪمائي پاڻ ۾ ونڊي ورهائي کائيندا هئا. اُن دؤر جا مغل ـ مُطيع جاگيردار هيءَ انقلابي هلچل، جيڪا اقتصادي ڦُرمار جي خلاف هئي، برداشت نہ ڪري سگهيا ۽ هنن مغل حڪمرانن سان گڏجي شاهہ عنايت کي شهيد ڪرائي ڇڏيو. اُن ڪُڌي عمل ۾ ٻاهرين حاڪمن جو پرجهلائو متعصب مُلان بہ مقامي جاگيردارن سان گڏ هو ۽ ٿئي ٿوتون، سنڌ اندر انسان دوستي، رواداري، حب الوطني ۽ برابريءَ تي ٻڌل سماج جي تعمير لاءِ ڪوششون ڪندڙ فڪر جي پاڙ پٽڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺيون هيون.

ساڳئي وقت ڀٽائيءَ اهڙي ماحول ۾ اکيون کوليون هيون، جڏهن دربار ۽ سرڪار جي زبان فارسي هئي. مغل ـ مطيع سنڌي حڪمرانن (ڪلهوڙن) جو سمورو دفتري ڪاروبار فارسي زبان ۾ هلندو هو ۽ حڪمرانن جي ٻولڙين — ”سنڌي وائي، قلم نہ آئي“ ۽ ”پارسي گهوڙي چاڙهسي“ جهڙا ٺقرا گهڙي، مغل سلطنت جي خوشامد ۾ حد ڪري ڇڏي هئي. اهڙيءَ ريت مقامي حڪمرانن ۽ سندن درٻاري خوشامدڙين ڇٽڪ هڪ طرح سنڌي ٻوليءَ سان پنهنجو ناتو ئي ٽوڙي ڇڏيو هو.

اِن پسمنظر ۾، شاهہ لطيف غلاميءَ واري ماحول ۽ ڪوڙ ۽ خوشامد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي گهيرن کي ٽوڙڻ لاءِ انسانيت، اخوت، اتحاد، محبت ۽ حب الوطنيءَ جو پيغام ڏنو. اُن لاءِ هن هڪ طرف مخدوم معين عرف مخدوم ٺاري ٺٽويءَ، ميان صاحب ڏني فاروقي، مخدوم محمد زمان لنواري واري ۽ شاهہ عنات رضويءَ جهڙن محب وطن، آزادي پسند ۽ حق پرست عالمن ۽ بزرگن سان دوستيءَ، ويجهڙائپ ۽ علمي رابطي جو رستو قائم رکيو تہ ٻئي طرف پنهنجن جذبن ۽ اُمنگن جي اظهار لاءِ جيڪا زبان منتخب ڪئي، اُها عام ماڻهن جي زبان "سنڌي" هئي. ان ريت پٽ ڌڻيءَ پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي، ٻئي غلامي خلاف جدوجهد ڪئي. هڪ طرف هن پنهنجي شاعريءَ جا موضوع ۽ ڪردار اهڙا چونڊيا، جيڪي عوامي هئڻ سان گڏ حب الوطني، بهادري، سچائي، انسانيت، قربانيءَ، اخلاقي قدرن، قومي ڪردار ۽ تهذيبي حسن جي علامت هئا، جن جو مطالعو عوام ۾ هڪ حقيقي قوم واريون خصوصيتون ۽ گُڻ پيدا ڪري پئي سگهيو تہ ٻئي طرف هن پنهنجي مادري ۽ قومي ٻولي سنڌيءَ جو پاسدار بنجي، فارسيءَ جي سياسي، لساني، تعليمي ۽ ادبي غلبي خلاف نعرو بلند ڪري، پنهنجي سدا حيات شاعريءَ وسيلي سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجي دؤر جي هڪ وسيع، شاهوڪار عوامي ۽ قومي زبان بنائي ڇڏيو.

شاهہ لطيف، ڪلهوڙن جي دؤر يعني 18 صديءَ واري سنڌ ۾ سنڌي زبان کي پنهنجي شاعريءَ ذريعي جيڪا تخليقي سگهہ، جيڪو اظهار حسن، جيڪا احساسن ۽ ڪيفيتن جي بيان جي قوت ۽ جيڪو وياڪرڻي، سٽاءَ (Grammatical structure) ۽ سونهن بخشي آهي، اُن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

شاعر، سياستدانن ۽ حڪمرانن کان وڌيڪ دور انديش ۽ دوربين نگاهہ جا مالڪ هوندا آهن. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ ڪلهوڙا سنڌ جا محب وطن حاڪم هئا. هو مغل سامراج جي زوال کي اکئين ڏسي رهيا هئا. اُن ڪري سنڌ کي سندن تسلط کان آزاد ڪرڻ لاءِ ڪوششن ۾ مصروف هئا، پر ان جدوجهد دؤران حڪومتي مصلحتن ۽ مفادپرست سياست جو شڪار ٿي هنن ٽي وڏيون غلطيون ڪيون، جهڙوڪ: (1) يار محمد ڪلهوڙي پاران شاهہ عنايت جي شهادت ۾ مغلن جي پرجهلائوءَ ۽ مقامي جاگيردارن- بلڙيءَ جي سيدن، حمل جت ۽ نور محمد پليجي جي سهڪاريءَ طور ڪردار ادا ڪرڻ، (2) نور محمد ڪلهوڙي پاران شاهہ لطيف جي شُهرت کان خائف ٿي، ڪوتاهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انديش صلاحڪارن جي مشوري تي شاهہ لطيف کي جڙي گهوڙي سُواريءَ لاءِ موڪلڻ ۽ ڪيس زهر ڏيارڻ جي ڪو شش ڪرڻ ۽ (3) مغلن جي همدردي حاصل ڪرڻ لاءِ فارسي زبان کي دربار سرڪار ۽ مڪتبن جي زبان بنائڻ. جيتوڻيڪ مغلن جي دؤر کان وٺي ڪلهوڙن جي دؤر تائين ڪيترا محب وطن عالم مڪتبن ۽ مدرسن ۾ سنڌي زبان ۾ درس ۽ تدريس ڏيندا رهيا هئا.

جيڪڏهن ڪلهوڙا حڪمران، اهي تي سياسي غلطيون نہ ڪن ها ۽ پنهنجن وڏن آدم شاهہ ڪلهوڙي ۽ شاهہ علي عرف شاهل محمد ڪلهوڙي جي پيروي ڪندي، شاهہ عنايت جي "عوامي سگهہ" ۽ شاهہ لطيف جهڙي عوامي شاعر جو ساٿ حاصل ڪن ها ۽ کين پنهنجو همدرد ۽ همدم بنائين ها، تہ هو ڪافي وقت اڳ نہ رڳو سنڌ مغل تسلط کان آزاد ڪرائي وٺن ها، پر سنڌ ۾ پنهنجي مستحڪم ۽ مضبوط حڪومت پڻ قائم ڪري سگهن ها.

ڪلهوڙن حاڪمن جي پيٽ ۾ شاهہ لطيف جي دورانديشي ۽ مستقبل شناسيءَ کي داد ڏيڻ کان رهي نہ ٿو سگهجي، جنهن هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن مغل سامراج پوڙهو پئجي رهيو هو مقامي ڪلهوڙن/ سنڌي حاڪمن خلاف بغاوت نہ ڪئي، بلڪ روايت آهي تہ شاهہ صاحب نور محمد ڪلهوڙي کي دُعا ڪئي هئي تہ ڪيس گلان مان هڪ اهڙو گل پيدا ٿيندو جيڪو سندس ناماچاريءَ سان گڏ سنڌ جي ناموس جو ڪارڻ بڻبو. اها حقيقت آهي تہ نور محمد ڪلهوڙي جو فرزند غلام شاهہ ڪلهوڙو مغلن کان سنڌ مڪمل خودمختيار ۽ آزاد ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو هو اُها ڳالهہ ٻي آهي تہ اُن کي استحڪام بخشڻ جو کيس مناسب موقعو ۽ وقت نہ مليو.

شاهہ لطيف، شاهہ عنايت جي شهادت واري واقعي تي رنجيدو هو ۽ هو يار محمد ڪلهوڙي ۽ سندس فرزند نور محمد ڪلهوڙي جي ڪردار ۽ عمل جو سخت مخالف هو اهو ئي سبب آهي جو شاهہ صاحب، پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف هنڌن تي علامتي انداز ۾ شاهہ عنايت جي تحريڪ جي نہ رڳو حمايت ڪئي آهي، پر اُن واقعي کي ڳايو بہ آهي، جيئن هيٺين بيتن مان ظاهر ٿئي ٿو.

يٺيءَ پڙڪا ڪن، ٻاهيون ٻيراڳين جون،
هلو تہ سيڪيون هٿڙا، مٿي تن مچن،
مون پڻ مُلاء تن، جڙ لڳي جان ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڳان پسيو جهوڪ، آيل سنگهارن جي،

اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڑهيون مُون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا
(رام ڪلي)

ليڪن شاهہ صاحب هن ”عظيم سانحي“ تي رد عمل ۾ اچي، ”عوامي بغاوت“ جي ڳالهہ نہ ڪئي آهي، اُن جو ڪارڻ منهنجي نظر ۾ اهو هو تہ هن نہ تي چاهيو تہ مقامي حڪمرانن جي ان ظلم ۽ غلط ڪاريءَ خلاف ايڏي وڏي ڪا ”طبقاتي جنگ“ شروع ٿي وڃي، جو سنڌ جي آزادي ۽ وحدت واري وڏي مقصد کي ڇيهو رسي، پر اها حقيقت آهي تہ شاهہ صاحب سنڌي زبان واري معاملي تي ڪمپرومائيز ۽ مصلحت کان ڪم وٺڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ تيار نہ هو، ڇو تہ هن ڄاتو ٿي تہ جڏهن حڪومتن جي سياسي ۽ اقتصادي محاذن تي شڪست کائڻ جو امڪان هجي، يا اُهي ٻئي محاذ مڪمل طرح عوامي وس ۾ نہ هجن ۽ ملڪي وحدت کي خطرو سامهون هجي تہ اهڙي سمي ”ثقافتي محاذ“ تان جنگ جوٽڻ گهرجي، جيئن تہ ثقافت يا تهذيب جو وڏو ۽ متحرڪ عنصر زبان آهي، اُن ڪري لطيف سائين، هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ”سنڌي زبان“ جي بچاءَ ۽ سلامتيءَ جو جهنڊو بُلند ڪيو ڇاڪاڻ تہ کيس خبر هئي تہ ان جنگ ۾ هو مڪمل عوامي حمايت حاصل ڪري سگهيو ٿي ۽ مقامي ڪلهوڙا حڪمران پڻ سنڌي هئڻ جي ناتي هن لاءِ ايڏو وڏو خطرو بنجي نہ پئي سگهيا، ڇو تہ اُنهن فارسيءَ کي درٻاري ۽ سرڪاري زبان جو درجو فقط پنهنجي اقتدار جي بحالي جي هڪ وسيلي طور ڏنو هو.

پٽ ڌڻيءَ جي حب الوطنيءَ واري ساڃاهہ ۽ ڏاهپ جو اهو ڪمال آهي تہ هن انهيءَ (ٻوليءَ واري) هڪ مورچي تان، وطن جي وحدت ۽ ٻوليءَ جي بچاءَ ۽ سلامتيءَ جي ٻنهي جنگ ڪاميابيءَ سان وڙهي. هن هڪ طرف مغل سامراج ۽ مقامي ڪلهوڙن حاڪمن جي پرجهلائو، متعصب، اورنگزيبي سياست جي حامي ۽ وحدتِ الشهودي ملان جي مخالفت ڪري،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ اندر ”قومي وحدت“ ۽ ”هندو مسلم ايڪتا“ جي فضا کي قائم رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن لاءِ ”سنڌي زبان“ هڪ مؤثر ذريعو هو، جيڪا سنڌي مسلمان ۽ هندوءَ جي مشترڪ مادري ۽ قومي زبان هئي، جنهن سان ٻنهي جي جيءَ جون جڙون هيون. ٻئي طرف هن درٻار ۽ سرڪار جي زبان توڙي سرڪاري مڪتبن ۽ مدرسن جي زبان فارسيءَ جي سياسي، لساني، ادبي ۽ تعليمي غلبي خلاف آواز اُٿاري، سنڌي ماڻهن جي دلين جي ترجماني ڪئي ۽ کين پنهنجي ٻوليءَ ۾ وطن جي وحدت ۽ آجپي جو سنيهو ڏنو.

آءٌ پنهنجي مؤقف جي حمايت ۾ ڪجهہ بيت پيش ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو، جن مان متعصب وحدت الشهودي مُلي جي مخالفت ۽ سنڌي زبان جي حيثيت جي بحاليءَ جي حمايت ظاهر ٿئي ٿي.

(1)

مُنهن تہ آهيريانئي اُجرو، اندر ۾ ڪارو،
ٻاهر زيبُ زبان سين، دل ۾ هچارو،
اِن پر ويچارو، ويجهو ناهہ وصال کي.

(2)

مارِ مَ مُطيعَ کي، مَجُوسيءَ کي مارِ،
وڏي جنگ مَ وِسارِ، ننڍيان نفعو ناهِ ڪِي.

(3)

پيپيم ”پناڻن“ سين، ٻولي جي نہ ٻُجهن،
آءٌ سنڌي جو سعيو ڪريان، هو پارسيون پُڇن،
مون پڙ مُلان تن، سرتيون سور پرائيا!

(4)

جي تون سکيو فارسي، گولو توءِ غلام،
جو ٻڌو ٻن ڳالهئين، سو ڪٿن چائي چام،
اُجيو تا آب گهري، بکيو تا طعامُ،
اي عامن سندو عام، خاصن منجهان نہ ٿئي!

هنن بيتن مان پهريون بيت، اُن وحدت الشهود حامي خلاف آهي، جنهن جو منهن تہ آهريءَ/ آرسيءَ کان بہ وڌيڪ چمڪندڙ آهي، پر اندر ۾ منافقت جي ڪاراڻ سمايو وتي، ٻاهران زبان زيب واري اٿس، پر دل ۾ هچارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ۽ قومي وحدت ۽ قومي وصال ڪان وانجھو رهيو آهي. ٻيو بيت اُن هڇاري ملان، جيڪو ”هندو.مسلم تضاد“ واري اورنگزيبي سياست جو قائل آهي، توڙي اُن ”طبقاتي ويڙهہ“ جو حامي، جيڪو ”قومي آجپي جي جنگ“ تي ننڍين ننڍين جهيڙن کي اهميت ڏئي ٿو ٻنهي تي اها ڳالھہ واضح ڪري ٿو تہ وڏي جنگ (وطن جي وحدت ۽ آزاديءَ واري جنگ) کي نہ وسارڻ ۽ ننڍيين جنگين(هندو مسلم ويڇن ۽ طبقاتي ويڙهہ) ۾ نفعي نہ هجڻ جو فلسفو ئي سچو فلسفو آهي.

هي پويان ٻہ بيت جيتوڻيڪ ”سسئيءَ جي داستان“ سان واسطو رکندڙ آهن، پر اُنهن ۾ ”پناڻن“،”سنڌي جو سعيو“، ”پارسيون“، ”فارسي“، ”گولو“، ”چام“، ڪامن ۽ ”خاصن“ لفظ ۽ ترڪيبون خاص اهميت لهڻن ٿيون. سسئيءَ کي پنهونءَ جا ڏير ٻروچ ڪٽي ويا هئا ۽ نہ ڪيس ”پناڻن“ اغوا ڪيو هو اُن ڪري هي ٻيئي بيت ۽ اُنهن ۾ مٿي بيان ڪيل لفظ ۽ ترڪيبون خاص ڏيان ڇڪائين ٿيون. ”پناڻ سان پورڻ“ ، ”ٻولي نہ ٻجهڻ“ ، ”سنڌيءَ جو سعيو ڪرڻ“، ”پارسيون پڇڻ“، ”سور پرائڻ“، ”فارسي سکڻ“، ”گولو ۽ غلام ٿيڻ“، ”ٻن ڳالهين ۾ ٻڌجڻ“، ”چام چوائڻ“، ”عامن مان ٿيڻ“ ۽ ”خاصن مان نہ ٿيڻ“ وغيره اصطلاح، صورتحال ۽ مسئلي کي بلڪل واضح ڪري بيهارين ٿا.

هتي آءُ اها ڳالھہ بہ واضح ڪري ڇڏيان تہ پتائي فارسي زبان سکڻ جو مخالف ڪو نہ هو پتائي تہ خود فارسيءَ جو وڏو عالم هو هو مثنوي مولانا روم هميشہ پاڻ سان گڏ کڻندو هو جيڪا فارسيءَ ۾ هئي. سندس شاعريءَ ۾ڪيترائي فارسي لفظ ۽ اصطلاح ڪم آندل آهن، خاص ڪري شاهہ عنايت جي شهادت واري بيت ۾ ”سردر قدم يار فدا شد چہ بجا شد“ فارسي شاعريءَ جي سٽ تضمين طور ڪم آندل آهي، جيڪا ان ڳالھہ جي ثابتي آهي تہ پتائي نہ رڳو فارسي ڄاڻندو هو پر فارسي شعرن جون سٽون تضمين طور ڪم آڻڻ جو هنر بہ ڄاڻندو هو هو مولانا روم سان گڏ الائي ڪيترن فارسي شاعرن جو وسيع مطالعو رکندو هو پر ڪيترا تاريخي شعر سنڌي ۾ تخليقي ترجمو بہ ڪيا اٿس۔ جهڙوڪ:

پير را بگُزين ڪہ بي پير اين سفر<br>
هست بس پُر آفت و خوف و خطر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هرڪ اُو بي مرشدي در راهه شد
توز غولان مره و در چاه شد

(مرشد ڳول، جو رهبر بنا هيءُ سفر مصيبتن، خوفن ۽ خطرن سان ڀريو پيو آهي. جيڪو بہ هن واٽ تي بنا مرشد هليو ديون، راڪاسن هٿ گمراهہ تي وڃي کوهہ ۾ پيو)

مولانا روميءَ جو هي چئن سٽن وارو شعرُ، لطيف سائينءَ ٻن سٽن جي بيت ۾ نہ رڳو ترجمو ڪيو آهي، پر اُن کي اهڙي تہ تخليقي سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيو آهي، جو ڪير بہ نہ چوندو تہ ڪو هيءُ ترجمو آهي. ۽ ترجمو بہ اهڙو جو اصل کان وڌيڪ تخليقي ۽ مڪمل:

اَوَجهڙ اَسونهن، ڏيهہ گهڻو ئي ڏوريو
سڳُرُ ريءَ سونهن، پهتي ڪا نہ پنڌ ڪري.

روميءَ جو ٻيو بيت آهي:

تشنگان گر آب جويند او جهان
آب هم جويد بعالم تشنگان

(جيڪڏهن اُڃايل، جهان ۾ پاڻي ڳولين ٿا، تہ پاڻي پڻ دنيا ۾ اُڃايلن کي ٿو ڳولي)

هن بہ سٽي شعر جو لطيف سائين بيت جي هڪڙيءَ سٽ ۾ ڪمال جو ترجمو ڪيو آهي:

اندر جنين اُڃ، پاڻي اُڃئو اُن کي،

روميءَ جو هڪ چئن سٽن جو شعر آهي:

مابها و خون بهارا يا فتيم،
جانب جان باختن بشتا فتيم،
اي حيات عاشقان در مُردگي،
در نيا بي جز کہ در دل بُردگي،

(يعني: اسان بها ۽ خون بها ٻئي حاصل ڪيا، جان ڏيڻ لاءِ تڪڙا ٿياسين. مرڻ (فنا) ۾ عاشقن لاءِ حياتي (بقا) آهي، (جا) دل ڏيڻ بنا حاصل ڪري نہ سگهندين.)

ساڳيو مفهوم، ڏسو تہ لطيف سائين ڪيئن ٿو بيان ڪري ۽ "خون بها" لاءِ اُن جو سنڌيءَ ۾ هم معنيٰ لفظ "ديت" استعمال ڪري ٿو جيڪو غور طلب آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنارو ۽ ڪوس، اڳڻ آريءَ ڄام جي،
ڏيت آهي ڏوسُ، مارڳ ۾ مَين جي.

فارسي زبان ۾ لکيل اُهي ٻہ خط تہ عالمن ضرور پڙهيا هوندا، جنهن مان هڪ خط ۾ شاهہ لطيف، مخدوم معين ٺٽويءَ کان اُويسي طريقي بابت ڪي سوال پڇيا آهن ۽ ٻئي خط ۾ مخدوم معين کيس جواب ڏنا آهن. اُهي ٻئي خط رسالہ اُويسيہ ۾ ڇپيل آهن. جيڪو نياز همايونيءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ جنهن جو اردو ترجمو زيب ادبي مرڪز ۽ سنڌي ترجمو ثقافت کاتي پاران پڻ ڇپجي چڪو آهي. آءٌ مثال طور: صرف شاهہ لطيف جي خط جا اصل لفظ هتي درج ڪريان ٿو:

”چہ فرمايند علماء ڪرام مراجع انام اندر آنچہ لفظ ”اُويسي“
در ڪلام طلائفہ صوفيہ رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين واقعہ شده يا نہ؟
(علماڪرام ڇاٿا فرمائين تہ لفظ ”اويسي“ صوفين جي جماعت ۾ آهي يا نہ؟)
شماڪہ علمائي حامي۔ دين و بيان ڪنده قبيح و حسن اند.
مي پرسم شمارا ڪہ جواب اين مقدمات چہ باشد؟
ميخواهم ڪي بعبارت فارسي سهل الماخذ آنرا بقيد قلم
آريد ڪہ نفع عام شودو انتفاع باقي ماند.
(چاهيان ٿو تہ انهن جوابن کي سليس فارسيءَ ۾ قلمبند ڪريو تہ جيئن عام فائدو ٿئي ۽ اُهو نفعو هميشہ لاءِ باقي رهي.)

اُهو خط پڙهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ان راءِ تي پهتو آهي تہ:

شاهہ صاحب جو مخدوم صاحب کي خاص تاڪيد تہ ”سليس فارسيءَ ۾ جواب ڏنو وڃي، اُنهيءَ لاءِ تہ هر ڪو هن ڳالهہ کي سمجهي سگهي.“ ڏيکاري ٿو تہ شاهہ صاحب کي سليس ۽ ڳوڙهي فارسي عبارت جي فرق جي پوري ڄاڻ هئي ۽ سليس فارسيءَ جي عام فائدي جو احساس هو. هيءَ اندروني شاهدي شاهہ صاحب جي فارسيءَ مان واقفيت تي هڪ خاص دليل آهي.“

تہ اهڙو شاعر فارسيءَ جو مخالف ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ شاهہ صاحب فارسي پڙهڻ ۽ سکڻ جو مخالف نہ هو پر جڏهن فارسي زبان کي حڪمرانن دربار ۽ سرڪار جي زبان سان گڏ ذريعہ تعليم جي بہ زبان بنائي ڇڏيو تہ لطيف سائينءَ نہ رڳو فارسيءَ جي اُن لساني ۽ ادبي غلبي ۽ ذريعہ تعليم طور مڙهت جي خلاف آواز اٿاريو پر حڪمرانن ۽ سندن چاپلوسن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي، جيڪي فارسيءَ ۾ قصيده گوئي ڪندا هئا، مخاطب ٿي چوي ٿو تہ:

"اوهان فارسيءَ کي درٻارن ۽ سرڪارن ۾ لاڳو ڪرڻ ۽ ذريعہ تعليم طور سکڻ واري ڳالهہ عوام تي مڙهيو ٿا. اُها گولاڻپ ۽ غلاميءَ جي ڳالهہ آهي، اوهان ٻن ڳالهين، اقتدار ۽ ذاتي مفادن لاءِ جدوجهد ڪريو ٿا. اوهان "ڄام" (حڪمران جو نعم البدل لفظ) سڏائڻ جي لائق نہ آهيو اوهان تہ اهڙا "عامي شخص" آهيو جن کي اُڃ اُجهائڻ لاءِ پاڻي ۽ بک مٽائڻ لاءِ طعام گهرجي. اوهان "خاص ماڻهو" / حاڪم ٿيڻ جي لائق نہ آهيو عوام جي نمائندگيءَ جي اهل نہ آهيو ڇو تہ "ڄام" ۽ "خاص" (حاڪم) عوام جي حقن جا محافظ ۽ رکوالا هوندا آهن."

اهڙي غلاميءَ ۽ غلبي واري ماحول ۾ ئي لطيف سائين چوي ٿو "اسان جي اهڙن ماڻهن (ڌارين، سامراجين) سان اڇي پئي آهي، جيڪي اسان جي ٻولي(سنڌي) سمجهي ئي نہ ٿا سگهن. آءٌ سنڌيءَ ۾ مافي الضمير بيان ڪرڻ گهران ٿو ۽ هو فارسي ڳالهائڻ جي تلقين ڪن ٿا. اهڙن ڌارين سامراجين / پناڻن (مغلن) سنڌ کي سور ڏنا آهن، غلام بنايو آهي"

ان حوالي سان جڏهن لطيف سائين فارسيءَ جي سياسي ۽ ادبي غلبي خلاف آواز اُٿاري ٿو ۽ سنڌي زبان کي پوري حسن، سگهہ ۽ تهذيبي قدرن سان مالا مال ڪري، پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم آڻي ٿو ۽ اُن ۾ تخليقي حسن، وسعت، بلند خيالي بيان ڪري ٿو تہ ڄڻ پنهنجي دؤر جي ٻولي تخليق ڪري ٿو ۽ پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ جي اهڙي تشڪيل ۽ تعمير ڪري ٿو جيڪا قوم ۽ وطن جي تعمير ۽ تشڪيل جو ذريعو بنجي ٿي. اُن صورت ۾ شاهہ لطيف 18 صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو هڪڙو اهڙو معمار شاعر ظاهر ٿئي ٿو جيڪو جهنگ جهر، وستي واهڻ، ڪاڇي، ڪوهستان، ٿر ۽ لاڙ ۾ نڪري پوي ٿو. ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ موجود عوامي ٻوليءَ کي پنهنجي شاعريءَ جي مختلف موضوعن لاءِ منتخب ڪري ٿو ۽ اظهار جي مخصوص انداز ذريعي هڪ مثالي سنڌي ٻوليءَ کي جنم ڏئي ٿو ۽ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جي لفظن ۾ ائين چوڻو ٿو پوي تہ:

"دراصل اُها لطيف جي هٿن جي برڪت هئي، جو 18 صديءَ واري سنڌي زبان ايترو وسيع ۽ ملائم صورت اختيار ڪئي. سنڌي زبان، جيڪا اُن وقت هڪ محاوري يا لهجي جي حيثيت رکندي هئي، جڏهن لطيف جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٿن ۾ پهچي تہ نهايت گران مايہ ۽ وسيع ترين زبان بڻجي وئي.“

علامہ آءِ آءِ قاضي، لطيف جي ان ڪرشمي کي عربيءَ جي وسعت سان ڀيٽ ڏيندي چوي ٿو:

"عربي ٻوليءَ جي مضراب کي جنهن قوت ۽ شگفتگيءَ سان بلڪ جنهن اثر انگيزيءَ جي حد تائين گذريل 1500 سالن اندر محمد عربيءَ ان جو استعمال ڪيو اُهو ٻيو ڪو بہ نہ ڪري سگهيو آهي. لطيف سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو استعمال ڪري ڏيکاريو جيڪو نہ هن کان اڳ ڪنهن ڪيو ۽ نہ وري ڪانئس بہ صديون پوءِ ائين ڪري ڏيکارڻ جي جرئت ڪري سگهيو آهي.“

(Shah Abdul latif: an Appriciation of his art)

جيڪڏهن نور محمد ڪلهوڙي جي دؤر ۾ لطيف چاهي ها تہ پنهنجي بزرگيءَ ۽ علمي ڄاڻ جي روشنيءَ ۾ فارسيءَ ۾ شاعري ڪري ها ۽ پڪ اتم تہ سندس اُها شاعري، درٻاري شاعر عظيم ٺٽويءَ جي فارسي شاعريءَ کان هزار درجا اُتم هجي ها، پر هن ائين نہ ڪيو. هن سنڌي سماج ۾ مقامي حاڪمن طرفان سنڌ جي خودمختياريءَ لاءِ هٿ پير هڻڻ جي باوجود جيڪا مايوسي ڇانيل ڏٺي ۽ جيڪا نادر شاهہ قاچار ۽ احمد شاهہ ابداليءَ جي ڦرمار وسيلي پيدا ٿيل صورتحال ڏٺي، اُن جو اظهار هن نموني پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڪيو.

نڪا بوءِ بزار ۾، نہ ڪا چلر چٽ،
جتي ڏنيرين جي، اڳين هئي اگهٽ،
هي پڙ پسئو پٽ، ماڻهو وڃن موٽيا!

—

اڄ پڻ ڪِنجهو ڪِنجهہ، واڍوڙڪي منهين،
جہ پڻ پيين سنجهہ، هو پنيون، هو پٽيون!

پٽائيءَ سنڌ جي سماجي ڪرب کي جنهن تخليقي ٻوليءَ ۾ پيش ڪيو آهي، اُن ۾ پيڙا تہ حد درجي جي آهي، پر سندس بيان جو انداز ۽ ٻوليءَ جي سهڻي جڙت ۽ تخليقي حسن بہ انتها جو آهي.

ڀٽائيءَ وٽ شاعريءَ جو فن پنهنجي پوري ڪمال تي پهتل آهي، هن انتهائي ڳوڙهن ۽ فڪر انگيز خيالن ۽ مسئلن جو اظهار پنهنجي دؤر جي سادي، آسان ۽ عام زبان ۾ ڪيو آهي، ليڪن سندس زبان جي اُن سادگيءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سليس پڻي ۾ بہ عوامي سمجهہ ۽ فڪر توڙي فن جو اهڙو تہ رچاءُ موجود آهي، جنهن ۾ سنڌ جي صدين ٻ ڏاهپ ۽ حسن سمايل آهي.

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي فڪري تسلسل تي نظر وجهڻ لاءِ وڏي تفصيل جي ضرورت آهي. مختصر لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ هن پنهنجي دؤر جي انساني برابريءَ وارين تحريڪن ۽ فڪري/ روحاني هلچل جو روح، پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ڳوهي پيش ڪيو آهي. سندس ذات توڙي ڏانءَ جي تاڃي پيٽي ۾، جنهن ۾ ٻوليءَ جو حسن، خوبصورتي، سٺاءُ ۽ رچاءُ اچي وڃن ٿا، فقط ئي فقط سنڌ ڌرتيءَ جو ڪمال ۽ ڪنٽريبيوشن شامل آهي. شاهہ پنهنجي ٻوليءَ کي سنڌ جي تهذيبي روايتن، تاريخي ۽ نيم تاريخي داستانن ۽ ڪهاڻين، تمثيلن، محاورن، علامتن، اُهڃاڻن، استعارن، تشبيهن، سلاست، فصاحت، بلاغت ۽ جدت جي خوبين سان ڳُتي ۽ مَڙهي پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ ماضيءَ جو سمورو حسن، فڪري ۽ تهذيبي ورثي جي سموري سونهن موجود آهي. سنڌ جي تاريخ جي ستم ظريفي اها آهي تہ اسان جو آڳاٽو تخليقي سرمايو تاريخ جي لٽ ۾ گم ٿي ويو آهي، پر پوءِ بہ لطيف سائينءَ بچيل ۽ معلوم سموري ميڙي چونڊي جو حسن ۽ ڳر سهيڙي، پنهنجي شاعريءَ ۾ پيش ڪيو آهي. ائين اسان جي آڏو سنڌ جي صدين جو سرمايو سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪري، لطيف سائين جتي سنڌي ٻوليءَ کي وسعت، دائميت ۽ شاهوڪاري بخشي آهي، اُتي اسان کي فڪري طور بہ مالا مال ڪري ڇڏيو آهي. لطيف سائين، سنڌ جي هزارن ورهين جي فلسفي ۽ فڪري ارتقا جو تتُ ۽ نچوڙ آهي. هن صدين جي سچ گرهڻ مان سنڌي ٻوليءَ جي فڪري سونهن جي سچ کي آزاد ڪري، هن ڌرتيءَ تي اهڙو تہ چمڪايو ۽ جرڪايو آهي، جنهن تي وري ڀيهر گهرڻ اچڻي ڪا نہ آهي.

ڀٽائي سنڌي ٻوليءَ جي خَمير ۾ ايڏي تہ ڪشادگي، وسعت، بلند خيالي ۽ صلاحيت پيدا ڪري ويو آهي، جو اُها دنيا جي سُڌريل ۽ جديد زبانن جي مرتبي ۽ مقام تي پهچي سگهي ٿي.

دنيا جي اڪثر شاعرن وٽ اهڙي شاعراڻي ٻولي مشڪل ملندي، جيڪا ڀٽائيءَ وٽ موجود آهي، جنهن جون تشبيهون ۽ ترڪيبون، استعارا ۽ علامتون، روز مره جي زندگيءَ مان کنيون ويون آهن ۽ جنهن کي پنهنجي عوام ۽ اُن جي زندگيءَ ايڏو اُتساهيو آهي. هن ٻوليءَ ۾ مصوري ڪئي آهي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي دؤر جو وڏو مصور شاعر هو. هن جذبن ۽ مظهرن کي ٻوليءَ جي قالب ۾ عڪس بند ڪري، ڪمال ڪاريگريءَ ڏ ن ڪم ورتو آهي.

شاهہ صاحب جي شاعريءَ جي ٻولي، سنڌي عوام جي ٻولي آهي. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ سمايل هر انساني ڪردار جي ٻولي ڪم آندي آهي، هر ماحول جي ٻولي ڪم آندي آهي ۽ هر ماحول جون ترڪيبون ۽ محاورا استعمال ڪيا آهن.

شاهہ جي شاعري، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪنهن ڪرشمي ۽ معجزي کان گهٽ درجو نہ ٿي رکي. هن وٽ تجنيس ۽ تشبيهہ جو حسن حد درجي جو موجود آهي، هن لفظن کي نيون معنائون ڏنيون آهن ۽ عام معنائن کي سماجي ۽ ڪلچرل معنائون مهيا ڪيون آهن. هتي مثالن سان ڳالهہ ڪبي تہ تفصيل طويل ٿي ويندو. آءٌ هيٺ ٿن سُرن مان ٿي بيت ڏيان ٿو جن ۾ ٻوليءَ جو سٺاءُ، حسن ۽ ترڪيب ڏسي چئي سگهجي ٿو تہ ٻولي صرف ۽ صرف لطيف جي ئي ٿي سگهي ٿي:

ڪوهيارو ٿي ڪاتُ، مُيون مارڻ آئيو
هئي مرهوتُ هيات، آءٌ مُيائي گهوريا!

—

ڪونين ڪُتي آهيان، سِگهي سارَ لهيجَ،
مُٺ مانڌاٽي منجيج، تہ نيرن تي نئون ڪريان!

—

اج ڪڪوري ڪاڪ، موملَ منهن مَٿي ٿيو
ساماٽي سيد چئي، پرسن لاءِ پياڪ،
ٻيا رڱيا ڪاڪ، راڻو ڪاڪ رڱي ويو!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر غلام محمد لاکو

# شاهہ لطيف، سنڌي ٻولي ۽ سماج

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو شمار دنيا جي چند مکيہ ۽ اهم شاعرن ۾ ٿئي ٿو. ڊاڪٽر سورلي جي تحقيق آهي تہ، شاهہ صاحب دنيا جي وڏن غنائيہ شاعرن ۾ سيني کان اُتم آهي. جڏهن تہ مشهور سنڌي مفڪر علامہ آءِ آءِ قاضي صاحب، لطيف کي دنيا جو وڏو شاعر ثابت ڪري ٿو. هڪ شاعر سو بہ بُلند درجي جو شاعر، پنهنجي ٻوليءَ سان گڏ پنهنجي وطن ۽ سماج سان سچو هجي ٿو. اسين لطيف سائينءَ جي حوالي سان سنڌي ٻولي ۽ سماج جو اڀياس پيش ڪنداسين. هن ڏس ۾ لطيف جو دور ۽ اچوڪو زمانو ڀيٽي ڪي نتيجا اخذ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

**تعارف:**

شاهہ لطيف ڪلهوڙن جي دور ۾ سن 1690ع ۾ ڄائو. سندن وفات 1751ع ۾ ٿي. پاڻ رڳو درويش يا صوفي نہ هو ليڪن هي بزرگ سنڌي زبان جو پلوڙ شاعر ٿي گذريو آهي. لطيف جي ڪردار جو اهو پهلو قيامت تائين زنده رهندو. ان ڪري سندن دور کان اڄ تائين، شاهہ صاحب جي باري ۾ سوين ڪتاب لکيا ويا آهن ۽ هزارين مقالا ۽ مضمون جدا جدا ٻولين ۾ ڇپجي منظر تي آيا آهن. سنڌي زبان ۾ شاهہ کان اڳ بہ ڪي پلوڙ شاعر ٿي گذريا. سندن دور ۾ بہ ڪي موچارا شاعر موجود هئا ۽ پوءِ بہ هي ميدان خالي نہ رهيو آهي، ليڪن شاهہ لطيف تي سنڌي شاعري پنهنجي معراج کي پهتي. دنيا جي ادبي اڀياسن ۾ اهڙن شاعرن کي، ٻولين جو ناهيندڙ( Makers of Languages) تسليم ڪيو ويو آهي. ٺيڪ ان ريت شاهہ تي نہ رڳو سنڌي شاعري پنهنجي اُتاهين منزل کي پهتي پر ان سان گڏ سنڌي زبان پڻ پنهنجي پوري حسن و جمال سان نسري نروار ٿي.

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي هڪ ذميدار فرد، باشعور شاعر ۽ متحرڪ صوفي طور تمام وڏو ڪردار آهي. سنڌ پنجن هزارن سالن ۾ چند مکيہ ڪردار پيدا ڪيا آهن، انهن ۾ شاهہ صاحب جو نالو سونهري اکرن ۾ لکيل ڏسجي ٿو. ان دور جي سنڌ هڪ لحاظ کان خوش نصيب هئي جو ٻن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدين جي طويل وقفي کان پوءِ ٻيهر مقامي حڪومت هيٺ متحد ٿي پنهنجي تاريخي نالي سان نروار ٿي هئي. ٻئي لحاظ کان هي بدنصيب خطو ان دور ۾ نادر شاهہ، احمد شاهہ، تيمور ۽ مدد خان جي حملن سبب تازي مليل مقامي خودمختياري جو مزو ماڻي نہ سگهيو. جيترو تاريخ ان کي موقعو مهيا ڪيو هو. محب وطن ۽ سنڌ دوست شاعر، شاهہ لطيف خوشحال ٿيندڙ سنڌ کي ڏسڻ لاءِ پنهنجي نوخيز خودمختيار ملڪ جو سير سفر ڪيو. مختلف شهر ۽ واهڻ ڏٺائين. عالمن، اديبن ۽ شاعرن سان مليو. صوفين ۽ سالڪن سان صحبتون ڪيائين. سنڌ جي مختلف داستانن ۽ عشقيہ قصن بابت ڄاڻ حاصل ڪيائين. نئين اڏجندڙ آبپاشي نظام ذريعي وڌندڙ پوکي راهي کي ڏٺائين. ڊنڊون ۽ ڍورا توڙي سمنڊ ۽ جبل مشاهدي ۾ آندائين. اتر، لاڙ ٿر ۽ ڪوهستان گُهميو. ان ريت سنڌ جي حالتن جو روبرو مشاهدو ڪري پنهنجي شاعري ۽ شعر لاءِ ماحول ۽ ميدان تيار ڪيائين. اسان کي هي چوڻ ۾ هٻڪ نٿي ٿئي تہ شاهہ ڀٽائي ائين ڪندي سنڌي سماج جو گهرو اڀياس ڪيو. ان دور جي لغت، محاورن ۽ چوڻين سان روشناس ٿيندي، پنهنجي اعليٰ ۽ عمدي شعر ۾ انهن کي ڪتب آڻيندي سنڌي زبان کي شاهوڪار بنايائين. ان ڪري ڪالهہ وانگر اڄ بہ ”شاهہ جو رسالو“ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جي اڀياس کان علاوه، ان جي محافظ وارو ڀرپور ڪردار ادا ڪري ٿو ۽ ان ۾ ماضيءَ وانگر موجوده دور ۾ بہ پوري سگهہ ۽ صلاحيت موجود آهي.

## لطيف جي دور ۾ سنڌي ٻولي ۽ سماج:

اسين هت نهايت مختصر طرح سان لطيف جي دور ۾ سنڌي ٻولي ۽ سماج تي گفتگو ڪنداسين. جيتوڻيڪ هي عنوان گهڻو گهرو ۽ وسيع اڀياس گُهري ٿو ان هوندي بہ خاص طرح ان دور جي سماجي ساخت کي سنڌي زبان ۽ ان جي آبياري ڪندڙن جي حوالي سان پوري ذميداري سان پرکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي.

1_ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي جنم کان ڏهاڪو کن سال اڳ، سنہ 1681ع ڌاري ڏيڍ صديءَ کانپوءِ سنڌ ۾ وري ڏيهي حڪومت جو بنياد پئجي چڪو هو. ڳاڙهي شهر ۾ ميان نصير محمد ڪلهوڙو ان ڪامراني ۽ سوڀ حاصل ڪندڙن جو اڳواڻ هو. بعد ۾ ميان دين محمد هي جاءِ والاري، جنهن کي پوءِ مغلن ملتان ۾ ڦاسي ڏني. هڪ سال جي وقفي کان پوءِ ميان يار محمد وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ مستقل ليڊر طور اُڀريو. هن جي دور ۾ سبي، بکر ۽ سيوهڻ وارو علائقو ڪلهوڙن جي اثر ۾ رهيو. 1719ع ۾ ميان نور محمد اتر سنڌ جو والي بڻيو. 1736ع ۾ ٺٽو صوبو پڻ کيس مليو. ان ريت هڪ سئو اسي سالن کان پوءِ ملڪ متحد ٿيو ۽ ان جو تاريخي نالو "سنڌ" وري بحال ٿيو. بعد ۾ هن ملڪ نادر شاهہ جي ويراني ۽ بربادي ڏٺي. پوءِ وري افغان بالادستي قبول ڪرڻي پئي. ميان يار محمد جي دور ۾ شاهہ عنايت جي شهادت واقع ٿي پر ان ۾ مکيہ ڪردار ٺٽي جي نواب اعظم خان جو هو. يار محمد عملي طرح اعظم خان جي مدد ڪرڻ جو پابند هو. ٺٽي جا پليجا، بلڙي سادات ۽ جَت بہ صوفي صاحب جي مخالفت ۾ سرگرم هئا. شاهہ لطيف 1751ع ۾ فوت ٿيو. ميان نور محمد بہ سال پوءِ 1753ع ۾ جهان ڇڏيو. اڳتي ڪلهوڙن ۾ ميان غلام شاهہ هڪ معتبر حڪمران ثابت ٿيو. ڪلهوڙن هڪ صدي حڪمراني ڪئي. سندن پڄاڻي 1783ع ۾ ٿي.

2_ ڪلهوڙن کان اڳ مغلن، ترخانن ۽ ارغونن سنڌ تي حڪومتون ڪيون. ان زماني ۾ سڄو حڪومتي ڍانچو غير سنڌي حڪمرانن ۽ عملدارن جي هٿ ۾ هو. تاريخن ۾ اهڙا تفصيل موجود آهن. جن کي هتي ورجائڻ جي گنجائش ڪونهي. روزگار جا وسيلا کسجي ويا. زمينون ڏارين جي حوالي ٿي ويون. واپار ۽ معيشت تي ڪابل ۽ قنڌار يا هرات ۽ شيراز جي ماڻهن جو قبضو ٿي ويو. حاڪمن فارسي زبان جي سرپرستي ڪندي هن ٻوليءَ جي شاعرن ۽ اديبن کي خوب نوازيو. درٻار ۾ سنڌيءَ بجاءِ افغاني، ايراني ۽ ترڪ ٻولين ڳالهائڻ وارا موجود هئا. ان حالت ۾ سنڌي معاشرو ويچ ڊاهہ ۽ تخريب جو شڪار ٿي ويو. ظاهر آهي تہ ان صورت ۾ معاشري جي دنياوي توڙي روحاني تعمير تي نهايت هاڃيڪار اثرات پيا.

3_ ڪلهوڙا حڪمرانن بعض ڪمزورين ۽ ڪوتاهين جي باوجود بہ سنڌي معاشري جي تعمير ڏي ڀورو ڌيان ڏنو. گذر سفر جا ذريعا پيدا ڪيائون. واهن جو جار وڇائي اقتصادي واڌ ويجهہ جي آساني مهيا ڪيائون. نت نوان شهر وجود ۾ آيا. علي بندر، شاهہ بندر ۽ ڪراچي بندر هن دور ۾ نروار ٿيا. سنڌ جي سرحدن تي ڌيان ڏئي، ڪوٽ قلعا تعمير ڪري، پنهنجي عوام کي محفوظ بڻائڻ لاءِ قدم کنيائون. هندو ۽ مسلمان جي فرق کان سواءِ، کين رياستي اِمور ۾ حصيدار ڪيائون. ليڪن اسان جي اڄوڪي عنوان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوالي سان هيءَ ڳالهہ وڏي اهميت رکي ٿي تہ: ڪلهوڙا حڪمران سنڌي ڳالهائيندڙ هئا. جڏهن تہ سکر ۽ چاڀڪي سان تعلق رکڻ جي ڪري، ڪجهہ لکندڙن انهن کي سرائي ۽ سرائيڪي ڳالهائيندڙ سڏيو آهي. هي نہ رڳو ڪلهوڙن سان پر سموري سنڌ سان زيادتي آهي. مير علي شير قانع، ڪلهوڙن جي درٻار ۾ ايندڙ ويندڙ هو. قانع موجب شيخ مزمل، جيسلمير ـ جوڌپور پاران ميان نور محمد جي درٻار ۾ وڪيل هو. مير متاري ۽ مزمل ۾ پوڳ چرچا ٿيندا هئا. هڪ موقعي جي روئداد مزمل هن ريت شعر ۾ آندي:

به میان گفت میر نکته سنجي
باين الفاظ سندي "چئو ته ونجي"
از اينجا پيشتر هرگز "نه ونجم"
که تا نيک و بد خود را نسنجو
(مقالات الشعراء ص 756)

ثابت ٿيو تہ تبديل ٿيندڙ دور ۾ درٻار ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي، ايراني يا ترڪ زبانن جو وقت پورو ٿي چڪو هو. سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جي اوسر لاءِ، هي هڪ بنيادي ۽ فيصلہ ڪن پهلو هو. ان پسمنظر ۾ سنڌي زبان کي ترقي ڪرڻ جو تاريخي موقعو مليو.

4_ ڪلهوڙن جي مزاحمتي تحريڪ جي اوج واري دور ۾، ميون شاهہ عنات هن جدوجهد کي وڏي دلچسپيءَ سان ڏسي رهيو هو. شاهہ عنات نصرپور جو رهاڪو ۽ سنڌي زبان جو وڏو شاعر هو. ميان نصير، ميان دين محمد ۽ پوءِ ميان يار محمد پوري حوصلي ۽ همٿ سان مغلن سان معرڪا ڪيا ۽ آزاد سنڌ جي لاءِ جدوجهد ڪيائون. ميين شاهہ عنات، هنن تنهي ڪلهوڙا اڳواڻن کي پسند ڪندي، سندن ڪاميابي ۽ سرخرو ٿيڻ لاءِ، دعائيہ ۽ مبارڪبادي بيت چيا. يار محمد کي صوفي شاهہ عنايت جي معرڪي جي حوالي سان گهڻو بدنام ڪيو ويو آهي، جڏهن تہ ميين شاهہ عنات، هن معاملي ۾ بہ ڪلهوڙن جو طرف ورتو جي هن جي خيال ۾ آزاد سنڌ حاصل ڪرڻ لاءِ قربانين ڏيڻ ۽ جدوجهد ڪرڻ ۾ مصروف هئا. ان ريت ڏسجي ٿو تہ شاهہ عنات وٽ ترجيح سنڌ کي هئي، شخصيتن کي اهميت نہ هئي.

5_ نئين سنڌ جي تعمير وقت، ميين شاهہ عنات وانگر، شاهہ لطيف پڻ، نون حڪمرانن مان گهڻيون اُميدون رکيون. تذڪره نگارن شاهہ صاحب ۽ ميان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نور محمد جي ڪشمڪش کي گهڻو اُڀاريو آهي. حقيقت ۾ لطيف سائين هڪ منفرد مزاج وارو سنڌ دوست شاعر ۽ صوفي هو. پاڻ هڪ اهڙو انسان هو جو ڪنهن تصادم کي ناپسند ڪندڙ ماڻهو هو. ڪلهوڙن جي اقتدار ڏانهن قدم بقدم پيش قدمي ۽ انهن واقعن جي لغت، ڪلهوڙا ۽ ٽالپر تعلقات جي باري ۾ مثبت مواد پيش ڪري ٿي. پٽ جو قيام، مائي گلان کي دعا، غلام شاهہ پاران مقبري جي تعمير ۽ پوءِ شاهہ جي وفات بعد گادي تي پيدا ٿيل تڪرار کي نبيرڻ ۾ سنڌ جي حڪمرانن پاران ادا ڪيل معتبر ڪردار _ اهڙا واقعا آهن جي هن ڏس ۾ مناسب مواد فراهم ڪن ٿا. اٺل ۽ چنچل، ميان جي دربار ۾ پهتا ۽ پوءِ لطيفي بارگاهہ ۾ آيا. ڇا هي واقعا ڪلهوڙن ۽ ٽالپر صاحب جي سٺن لاڳاپن جي نشاندگي نٿا ڪن؟ ان کي ڇڏي اسين شاهہ جي شعر ذريعي ۽ پڻ سنڌن عمل واري پاسي کي ڏسي لطيف جي باري ۾ ۽ پڻ سماج ڏي سندن رويي جي متعلق ڪجهہ ڳالهيون اخذ ڪري سگهون ٿا. شاهہ صاحب سنڌ وطن سان بيحد محبت ڪندڙ انسان هو. فارسي سرڪاري ٻولي هوندي بہ پاڻ سنڌي زبان ۾ شعر چيائون. سيد شهمير واري واقعي ۾ هندن بابت سندن پاليسي عيان ٿئي ٿي. سنڌ ۾ ان دور ۾ ڏارين جون لوڏون اچي رهيون هيون. ٽالپر صاحب ان صورتحال تي خوش نٿو ڏسجي. يارن دوستن جي لڏي مان هڪ انسان جي شخصيت جو اندازو ڪرڻ ۾ رهبري ٿئي ٿي. ان ريت لطيفي دوستن جو گوشو پڻ اسان جي سامهون آهي. اهل علم چاهي اهي ننڍا هجن يا وڏا، مسلڪي اختلافن جي باوجود بہ شاهہ صاحب سندن گهڻي تعظيم ڪندي ڏسجي ٿو. قلنگين جي وڏندڙ خطري جي باوجود بہ سڄي دنيا لاءِ سنڌ سان گڏ دعاگو ڏسجي ٿو.

دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

شاهہ جي فڪر ۽ تعليم بابت هنن ڪجهہ نقطن ذريعي، سماج ۽ باقي دنيا ڏي لطيف جي رويي جو اڀياس ڪرڻ آسان آهي.

6_ شاهہ لطيف کان علاوه ان دور ۾ ڪجهہ ٻيا بہ سنڌي شاعر هئا. پنهنجي عمل ۽ سوچ ۾ کَرا ۽ سچا، جهڙا ٻَڌا تهڙا ڏٺا. نہ منافق نہ ڪوڙا ۽ نہ وري سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ لاءِ واويلا ڪري، پاڻ کي ڪيش ڪرائڻ وارا. ميون شاهہ عنات وطن دوست شاعر، ڪلهوڙا حڪمرانن جو دعاگو. سنڌيءَ ۾ پهريون مڪمل رسالو جوڙڻ وارو شاهہ لطيف کان عمر ۾ وڏو ٽالپر صاحب هن سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري وري مليو. روحل فقير ابتدا ۾ سرڪاري عملدار هو. مزو نہ آيو يا ڳالهہ نہ وڻي تہ نوڪري ڇڏي فقيري ۽ شاعريءَ جي خدمت ڪيائين. شاهہ صاحب ۽ فقير عبدالرحيم عملي ميدان ۾ جدا جدا راهن جا راهي هئا. پوءِ بہ ٻنهي صاحب هن سان ميل ملاقات ڪئي. خواجہ محمد زمان، شاهہ صاحب کان عمر ۾ ننڍو هو پوءِ بہ پاڻ هن ساڪ واري شاعر سان مليو ۽ رهاڻ ڪئي. توڙي جي ڪن نقطن تي اختلاف برقرار رهيا. خواجہ محمد زمان کي ميان غلام شاهہ ڪجهہ وظيفن جي آڇ ڪئي پر پاڻ قبول نہ ڪيائون. مخدوم محمد هاشم هڪ پيري ساز راڳ بابت منع ڪرڻ آيو، تڏهن شاهہ صاحب زبردست مسلڪي اختلافن جي باوجود بہ سندن تعظيم ۽ تڪريم ڪئي. هنن ڳالهين ذريعي لطيف جي ۽ ان دور جي ٻين شاعرن جي، پنهنجي سنڌي، ٻولي ۽ سماج ڏي ذميداري ۽ رويي جي عڪاسي ٿئي ٿي.

7_ارغون _ مغل دور ۾ جنهن شدت سان فارسي زبان کي تعليمي ٻولي طور اڳتي آندو ويو، ان صورتحال سنڌي استادن ۽ عالمن کي سنڌي زبان کي تعليمي ذريعي طور اڳتي آڻڻ لاءِ مجبور ڪيو. ڪلهوڙن جي دور ۾ سنڌي زبان مدرسن ۾ داخل ٿي چڪي هئي. ٻين عالمگير جنگ کانپوءِ وجود ۾ آيل اقوام متحده، سموري دنيا ۾ مادري ٻولين کي ذريعہ تعليم جو حق ڏنو. ليڪن سنڌي عالمن ۽ استادن مادري ٻولي جي ان حق ۽ اهميت کي صديون اڳ تسليم ڪري، ان کي مدرسن ۾ لاڳو ڪيو ۽ ججهي مقدار ۾ ڪتاب پڻ تيار ڪيا رچرڊ برٽن پنهنجي سنڌ بابت هڪ ڪتاب ۾، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ ڏيهي تعليم جو اڀياس پيش ڪيو آهي. ان سان گڏ رائج الوقت نصاب جا تفصيل بہ ڏنا آهن. هن جو مطلب تہ ڪلهوڙن جو دور ۽ شاهہ لطيف جو زمانو سنڌي زبان جي لحاظ کان نهايت سڦل دور ٿي گذريو. استادن، عالمن ۽ شاعرن بغير ڪنهن لالچ جي، سنڌي زبان جي خدمت ڪئي. شاهہ صاحب جي ڪردار ۽ سماج جي قدردانيءَ کي بہ وساري نٿو سگهجي.

## سماج، سنڌي ٻولي ۽ موجوده دور:

1. ٽالپرن کان پوءِ سنہ 1843ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو. انگريزن جي حڪومت جي هڪ صدي، سنڌي زبان ۽ سنڌي تعليم لاءِ مفيد ثابت ٿي. متفق رسم الخط جي منظوريءَ کانپوءِ، سنڌيءَ کي صوبي جي واحد سرڪاري ٻولي بڻايو ويو. ان کي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ رائج ڪيو ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ابتدائي طور تي سنڌي مترجمن ۽ لکندڙن کي انعام ڏئي، ڪتابن کي سرڪاري ڇاپخانن ۾ ڇاپيو ويو. غير سنڌي ملازمن کي سنڌ ۾ نوڪري ڪرڻ وقت، سنڌي زبان سکڻ لاءِ پابند ڪيو ويو. شاهہ لطيف جي دور ۾ پڻ ٽالپرن جي زماني ۾ لکيل سنڌي ڪتاب، برٽش دور ۾ هندستان جي مختلف ڇاپخانن مان، ڇپجي پڌرا ٿيا جي اڄ بہ برٽش لئبرري ۾ محفوظ آهن. مطلب تہ انگريزن جي فيصلن سان سنڌي زبان ۾ هڪ نئين سگهہ پيدا ٿي.

2. سال 1947ع ۾ اسلامي پائيچاري هيٺ پاڪستان وجود ۾ اچي ويو. انگريز ٽيڙ ٻڌي پنهنجي ملڪ هليا ويا. سنڌ جي تاريخي صوبي نئين ملڪ پاڪستان ۾ شموليت اختيار ڪئي. جاونجاهہ سالن ۾ هي ملڪ نہ ٿي سگهيو آهي تہ ملڪ ۾ حڪومت ڪهڙي قسم جي هلي. تعليمي پاليسي هر حڪومت تبديل ڪندي رهي. نئين مملڪت جي قيام سان اردوءَ کي سرڪاري ٻولي بڻايو ويو. 1956ع ۾ ون يونٽ ناهي مغربي پاڪستان ۾ تاريخي صوبن کي ختم ڪيو ويو. ان بعد ايوب جي مارشل لا تہ مقامي ٻولين جي مخالفت ۾ ڀرپور قدم کنيا. چئني تاريخي صوبن ۾ عام طرح ۽ خاص ڪري سنڌ ۾ سنڌي زبان جي بچاءَ لاءِ ڀرپور مزاحمت ٿي. نيٺ ايوب خان کي ڪجهہ فيصلا واپس وٺڻا پيا. پاڪستان جي قيام ۽ اردو جي نفاذ سان، ڪراچي اندر سنڌي زبان کي گهڻو نقصان پيو. بورڊن ۽ يونيورسٽين مان سنڌيءَ کي تعليمي ذريعي طور ختم ڪيو ويو.

3. سال 1970ع ۾ ون يونٽ ختم ٿيو. سنڌ جو تاريخي وجود ڪراچي سميت بحال ڪيو ويو. سنڌي ٻولي، سنڌي ثقافت ۽ سنڌي سماج کي نئون اُتساهہ مليو. ستت پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جو سربراهہ بڻيو. ممتاز علي ڀٽو سنڌ جو گورنر ۽ پوءِ وزيراعليٰ مقرر ٿيو. سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي مطالبي تي سنڌ اسيمبلي سنڌي زبان کي صوبي جي سرڪاري ٻولي بڻائڻ جو قانون جوڙيو. ان بل جي زبردست مخالفت ٿي. صوبي ۾ فسادات ٿيا. نتيجي ۾ اردو ۽ سنڌي ٻولين حي ليڪن کي اسلام آباد گهرائي ناهہ ڪرايو ويو. ان ريت پاس ٿيل قانون جي افاديت کي نقصان پهتو. ان هوندي بہ سنڌي زبان جي حمايت ۾ گهڻي قدر راهہ هموار ٿي. ون يونٽ جي دور ۾ ڪراچي مان سنڌيءَ کي بيدخل ڪيو ويو هو. ان وقت حيدر بخش جتوئي مرحوم هڪ پمفليٽ لکي، ڪراچي ۾ سنڌي زبان جي مستقبل بابت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فڪرمندي ڏيکاري هئي. ون يونٽ جي خاتمي ۽ ڪراچي سنڌ جي تختگاهه بڻجڻ سان، سنڌي ٻولي پوري آبرو ۽ عزت سان ڪراچي ۾ نمودار ٿي. تعليمي ادارن، امتحاني بورڊن، يونيورسٽين، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي، سنڌي ٻوليءَ کي ٿورو يا گهڻو حصو ملڻ لڳو. ڪراچي شهر مان ٻيهر سنڌي رسالا ۽ اخبارون جاري ٿيڻ لڳا. سنڌي ماڻهن واپار ۽ ملازمت سانگي ڪراچي جو رُخ رکيو. ان کان علاوه سنڌ يونيورسٽي، سنڌالاجي ۽ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي زبان کي پنهنجي دفتري زبان بڻايو. ائين لطيف جي ٻولي ۽ سنڌي سماج، هڪ تعميري رُخ ۾ سفر جو آغاز ڪيو.

4. پنهنجي صاحب ڪانپوءِ سموري پاڪستاني معاشري سان گڏ، سنڌي سماج کي پڻ گهڻين آزمائشن ۽ تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. هن ڏس ۾ خاص طرح سان سنڌي ماڻهو وڏي امتحان مان گذري رهيو آهي. ضياءُ الحق جي دور ۾ ٻهراڙين ۾ ڌاڙيل گردي ۽ شهرن ۾ نسلي فسادن جي ڪري سنڌي ماڻهو گهڻو پوئتي پيو آهي. بنهه تازي دور ۾ سموري لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ مختلف قبيلن ۾ جاري ڇڪتاڻ، خبر نه آهي ته سنڌي معاشري کي ڪيتي پهچائيندي. قبيلائي ويڙهه معاشي ۽ معاشرتي طرح سان وڏو نقصان پهچايو آهي. هن ويڙهه سبب تعليمي مرڪز تباهه ٿي رهيا آهن. سوين اهڙا اسڪول آهن، جتي جنگ جهيڙي سبب ٻار اسڪول نٿا وڃي سگهن. اهي اهڃاڻ سنڌي زبان ۽ معاشري لاءِ نقصانڪار ڏسجن ٿا. 1990ع ۾ سوويت يونين جي خاتمي، سموري دنيا ۽ خاص ڪري پاڪستان ۽ سنڌ ۾ اين جي او ڪلچر کي پکڙجڻ ۾ هٿي ڏني آهي، هن صورتحال سنڌي زبان ۽ ادب جي لاءِ فڪر جوڳي صورتحال پيدا ڪري ڇڏي آهي.

5. حڪومتي سطح تي ڪجهه سالن کان پرائمري سطح تي انگريزي مضمون کي به لاڳو ڪيو ويو آهي. سنڌ جا سينيئر اديب ۽ ڏاها هن پاليسيءَ جي خلاف آهن. ضياءُ الحق جي دور کان سنڌ جي تعليم کي گهڻو نقصان پهتو آهي. صوبائي ۽ قومي اسيمبلين جي ميمبرن کي استادن جي ڀرتيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪيو ويو. ان ڪري اهڙا ماڻهو به استاد طور ڀرتي ٿيا، جن ٺڪن ۾ دستخط بجاءِ آڱوٺو هڻي پگهار ورتي. سرڪاري اطلاعن موجب سنڌ ۾ هزارين اسڪول بند پيل آهن. جتي نه استاد وڃن ٿا ۽ نه ٻار پڙهن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي زبان سان بہ آهي، يا تہ اسين پاڻ کي شاهہ لطيف جا وارث سڏائڻ بند ڪيون، يا وري لطيف سرڪار جي پيروي ڪندي سنڌي زبان سان عملي محبت ڪيون. شاهہ صاحب جي تعليم ۽ فڪر تي ڌيان ڏيون. وڏن جو احترام ڪيون. اختلاف راءِ کي برداشت ڪيون. ٺلهن نعرن ۽ ڪوڙين دعوائن کي ڇڏي، سنڌ لاءِ خاموش ورڪر تي پاڻ پتوڙيون. بہ اکر لکي رڙيون ڏانهون ڪري پاڻ کي ڪيش ڪرائڻ سان، نہ سنڌ جي خدمت ٿيندي ۽ نہ وري دنيا اسان کي اهميت ڏيندي. انگريزي اسان جي جياپي لاءِ ازحد ضروري آهي. ان کان ڪھڙو ڪافر انڪار ڪندو پر پرائمري تعليم لاءِ دنيا جي مڃيل اصول تي پورا رهون. ان ريت اسين صحتمند سنڌي معاشري جي تعمير ڪري سگهنداسين. ٻي صورت ۾ لطيف کي پڙهڻ لاءِ، اردو ۽ انگريزي ترجمن جو سهارو وٺڻو پوندو ۽ شيخ اياز ۽ ميڊم امينہ خميساڻي جي مدد وٺڻي پوندي. منشي عبدالرئوف سهتو، ڪلهوڙن جي دور ۾ سرڪاري زبان فارسي جو وڏو اڪابر هو. انشاءَ جي حوالي سان سندس وڏو نالو آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي دور جو ذهين ترين انسان هو. پاڻ بہ چاهي ها تہ عبدالرئوف کان بہ وڌيڪ بهتر فارسي نثر لکي پنهنجو نالو ڪڍرائي ها پر شاهہ صاحب مادري زبان سنڌي کي اهميت ڏني. اهو ئي سبب آهي جو اڄ اسين کين خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ اچي حاضر ٿيا آهيون.

## مددي ذريعا:


1. علي احمد رند، "ڪجهہ ذڪر سنڌي ٻوليءَ جو بہ ڪجي" ڪاوش، 30 ڊسمبر 2003ع.
2. حليم باغي: "رني آهي گهوٽ سان ڳالهائي نٿي ڳوٺ سان" ڪاوش 27 مارچ 2004ع.
3. مولانا دين محمد وفائي: "لطف اللطيف" ڪراچي 1991ع.
4. مولانا دين محمد وفائي: "شاهہ جي رسالي جو مطالعو" ڪراچي 1991ع.
5. مير علي شير قانع: "مقالات الشعراء" ايڊيٽر: سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، سال 1957ع.
6. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "مبين شاهہ عنات جو ڪلام" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1963ع.
7. R.F. Burton: Sindh and the races that inhabit the valley of the Indus.". Karachi, 1988.
8. Tariq Rahman: "language and Politics in Paksitan", O.U.P Karachi, 2000.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو

# شاهہ عبداللطيف، سنڌي زبان جو معمار

زبان، قدرت جو هڪ ڪرشمو آهي ۽ جدا جدا قومن ۽ لساني گروهن ڪي مليل مختلف زبانون اُن ڪرشمي جي تڪميل آهن. وري زبانن ۾ فطري تبديلي ۽ ادبي ڦهلاءُ زبان جو تسلسل آهي، جنهن ۾ زمان ۽ مڪان جي ڪا حد نہ آهي.

شاعر زبان جي بہ زبان آهن جو اُنَ جي ترقيءَ جو سبب بنجن ٿا. ڪي وڏا شاعر نہ هوندي بہ چڱ زبان جا موجد ۽ خالق آهن. پر شاهہ صاحب هڪ بلند پايہ ۽ وڏو شاعر آهي. هن زبان ۾ جيڪو واڌارو ڪيو سو زبان ڪي زندهہ رکيو اچي. هو بيشڪ سنڌي زبان جو ابو ۽ اَڏيندڙ آهي. ائين چئبو تہ حقيقي معمار آهي. اُن سلسلي ۾ بہ حوالا ڏيئي، پوءِ اڳتي وڌندس.

هن موضوع تي پٽ شاهہ ثقافتي مرڪز بہ هڪ سيمينار ڪرايو هو جنهن جو عنوان هو "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سنڌي ٻوليءَ جو معمار". هن مڪالمي جا مقالا پوءِ 1969ع ۾ انهيءَ عنوان سان ٿي ثقافتي مرڪز شايع ڪيا. اُنهن ۾ ڊاڪٽر خليل ۽ سيد نجف علي شاهہ جا مقالا قابل قدر آهن ۽ ٻين جي مقابلي ۾ اعليٰ معيار جا آهن. انهن جا ڪي نُڪتا هن موضوع سان انصاف ڪن ٿا. اُهي هي آهن:

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو تہ "شاهہ صاحب کي سنڌي ٻوليءَ جو معمار اُنهيءَ ڪري ٿو چئجي جو هن پنهنجي ڪلام جي ذريعي سنڌي ٻوليءَ ۾ ايترو ۽ اهڙي قسم جو اضافو ڪيو آهي جو ٻئي ڪنهن بہ سنڌي شاعر نہ ڪيو هوندو. انهيءَ اضافي جي ڪري سنڌي زبان ۾ ايتري وسعت اچي وئي آهي جو اها ٻولي دنيا جي ٻين ٻولين سان ڪلهو هڻي سگهي ٿي(1)". اُن کان پوءِ ڊاڪٽر خليل رسالي جي زبان، لفظن جي ذخيري، موسيقيت ۽ علم بديع جي حوالي سان بحث ڪندي هن عنوان کي نباهيو آهي(2).

محترم نجف علي شاهہ ڪمتر نقوي پنهنجي مقالي ۾ انهيءَ موضوع تي بحث ڪندي، شعر جي هيئت ۽ وزن جو مسئلو ڇيڙيو آهي ۽ لفظن ۾ اعرابن جي ڦير گهير(يا غلطي) سبب معنيٰ مطلب ڦرڻ جي ڳالهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي آهي(3). اُن سان گڏ هي اشارو بہ ڏنو آهي تہ : ”شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ هڪ اهڙو عوامي شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ تي علم عروض جي بندشن جو ڪو بہ اطلاق تي نٿو سگهي ۽ هي اهڙو شاعر آهي جنهن جي شاعريءَ کي مشعل راهہ بنائي سنڌ جي شاعريءَ جي لاءِ علم عروض مرتب ڪري سگهجي ٿو (4).“ عجب جهڙي ڳالهہ آهي، جو اڪثر لطيفي محققن شاهہ صاحب جي شعر جي وزن جو ڪو نوٽيس ڪو نہ ورتو آهي. ڪمتر نقوي بہ علم عروض مرتب ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي. حالانڪ شاهہ صاحب جي شعر ۽ ٻين شاعرن جي بيتن ۽ واين جو آڌار جنهن وزن جي نظام تي آهي اُن کي چند وديا سڏجي ٿو. هن کان اڳ جهمتمل خوبچند ياوناڻي ۽ ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي هن سلسلي ۾ ڪم ڪيو آهي ۽ مون بہ بہ ٽي مقالا انهن محققن جي ڪم جي آڌار تي لکيا آهن. اهو چوڻ صحيح نہ آهي تہ ڪو بيت سنڌي ٻوليءَ جي مخصوص ڊار موجب آهن يا ناموزون آهن(قليچ ۽ خليل) (5). اُن جو ڪو وزن نہ آهي يا علم عروض هاڻي جوڙي سگهبو. اُن جي برعڪس اُهو ڇند جي علم موجب موزون آهي ۽ هاڻي ثابت ٿي چڪو آهي. ٻيو ڪو وزني نظام جوڙڻ جي ضرورت نہ آهي.

شاهہ صاحب هڪ عظيم شاعر ۽ ٻوليءَ جو معمار آهي، اُن لاءِ علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جو مشهور مقالو ”دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر“ مقبول عام ٿي نصاب ۾ بہ شامل ٿي چڪو آهي. جنهن ۾ علامہ صاحب، ٿامس ڪارلائل جي مقرر ڪيل ٽن اصولن مان هڪ، زبان کي مستحڪم ڪرڻ وارو بہ آندو آهي. اُهو هن بين الاقوامي نُڪتي جي اُپٽار ڪري ٿو تہ عظيم شاعر زبان کي دوام بخشيندا آهن ۽ لفظن جي ذخيري سان شاهوڪار ڪري ڇڏيندا آهن.

هن تمهيد کان پوءِ آءٌ هن پهلوءَ ڏانهن اچان ٿو تہ شاهہ صاحب ڪيئن سنڌي زبان جو معمار آهي. ڊاڪٽر جيٺلي شاهہ صاحب جي زبان بابت بحث ڪندي لکي ٿو تہ:”شاهہ جي رسالي جي ٻولي مکيہ طور سنڌيءَ جي لاڙي اُپ ڀاشا جو اُهو روپ آهي، جيڪو ارڙهين صديءَ ۾ مروج هو(6)“. اها ڳالهہ عام طور بہ چئي ويندي آهي. ڪو متفق نہ بہ هجي. هونئن رسالي ۾ ڪم آيل ٻولي مجموعي طور اهڙي آهي جو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جو ماڻهو سمجهي سگهي ٿو نہ تہ قبول عام حاصل نہ ٿئي ها. ڊاڪٽر جيٺلي کان اڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ مختلف محاورن جو ذڪر ڪندي لاڙ جي ٻوليءَ کي ٻين محاورن ۽ معياري محـ ـري کان گهٽو بگڙيل سڏيو. ان جو اطلاق هر محاوري تي ٿئي ٿو. هر محاورو مرڪزي معياري محاوري کان پري آهي. جيتلي صاحب عام لاڙيءَ جي محاوري کي پيرن، سيدن ۽ گاديٰ نشينن جي ٻوليءَ کان نسبتاً بگڙيل سڏيو آهي (7). حقيقت ۾ ائين نہ آهي. ڪو وقت ائين رهيو بہ هجي پر هاڻي سڀ لاڙي برابر آهن. تعليم جي ڪري ڪجهہ فرق ٿيو هوندو.

جڏهن هڪڙو وڏو شاعر هڪ زبان کي اظهار جو وسيلو بنائي ٿو تہ اُن کي ڪنهن بہ مخصوص دائري ۾ محدود نٿو رکي، بلڪ وسيع کان وسيع تر ڪري ٿو. سنڌي زبان کي وسعت ڪيئن بخشيائين؟ اُن لاءِ سڄو رسالو اڳيان آهي. هر ڪم آيل لفظ جي ظاهري معنيٰ بہ ڪم آندائين تہ ڪٿي اُن جي اصطلاحي معنيٰ توڙي مروج ٻوليءَ کي بہ ڪم آندائين. راز کي راز رکڻ لاءِ شاهہ ڪريم چيو۔ ع

مُٺ پيڙيائي پلي، جي اُپٽي تہ واءُ،
پڌر وڏئي ڳالهڙي، تہ چڏي وڃي ساءُ.

شاهہ صاحب نهائينءَ جي حوالي سان ڳالهہ ڪئي — ع

نهائين کان نينهن، سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

پر مخصوص ڳالهہ کي، دل جي راز کي پَرَ کان ڳجهو رکڻ لاءِ بلاغت جو هي انداز اختيار ڪري ٿو۔ ع

ڳالهيون من اندر ۾، وڏي وڻ ٿيون،
پَرَ سين مون نہ ڪيون، گوشي گڏيا نہ سپرين.

شاهہ صاحب جنهن زبان کي وسيع ڪيو اُها هُن جي گهر ۾ ۽ چوگرد، آسپاس موجود هئي. هن لاءِ ڪا دقت نہ هئي. ڳالهايل ٻولي تہ هڪ ڪليل ڊڪشنري آهي.

ڪنهن پياري کي، اولاد کي يا پاڻ کي پنبو تہ ڪو نا! پٽ ۾ بہ دعا جو رنگ هوندو. مثال آهن تہ ڪنهن کي "ڪاري مُنهن" جو پاراتو ڏيٺو هوندو تہ بہ چئبس "سائو منهن ٿئيئي" يا "نياڳو" چوڻ بدران"سياڳو" چئبو. سسئي پنهنجي غفلت ڪرڻ جو پڇتاءُ هيئن ظاهر ڪري ٿي۔ ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آتڻ منجهہ ڦرياڻ، هو سينين جيڏئين،
مون سياڳيءَ ساڻ، ڪير ڇلـ-ي ڇپرين.

شاهہ صاحب ڪنهن بہ ڳالهہ کي ڏگهن، مهمل ۽ اجاين لفظن ۽ تڪن سان نہ پر تورن لفظن توڙي ٺهڪندڙ مثالن سان بيان ڪري ٿو. اُدم ۽ سعيو ڪرڻ لاءِ تنبيهہ ۾ ڪيتري بہ تمهيد ٻڌجي تہ ٻڌڻ وارو ڪڪ ٿيندو پر تورن لفظن ۾ مناسب ڳالهہ چوڻ وڌيڪ موزون آهي. مثال –ع

تانگهي ۾ تاڻي، ٻڌ پنهنجو ٽُرهو
اونهي ۾ آڻي، ڪونہ ڏيندءِ ڪو ٻيو.

تتي ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهہ، پير نہ لهين پرينءَ جو.

ستا اُٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي.

عزم کي چٽو ڪرڻ لاءِ زبان بہ زوراڻي ۽ عزم واري کپي. سسئيءَ جي اڳيان جاڏو جبل هو. هُن خوداِهو تسليم ڪيو تہ ڏونگر ڏاڍو آهي اُن کي عزم سان عبور ڪبو پر لفظ سان بہ لڪ لنگهي سگهجن ٿا. هيٺو نہ ٿجي-ع

ڏونگر تون ڏاڍو، تو ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
مون تن اندر تئن وهين، جئن وڻ وڍي واڍو،
ڪرم جو ڪاڍو، نا تہ پٿر ڪير پنڌ ڪري

ور ۾ ڪونهي وَر، ڏيرن وَر وڏو ڪيو
نهاريندي نڪٽي، ٻوٽن ڪارڻ ٻَر،
آڏو تڪر تِر، متان روهہ رتيون ٿئين.

پنهنجي زبان کي شاهوڪار بنائڻ لاءِ محنت، محبت، تجربي ۽ مشاهدي توڙي مطالعي جي ضرورت هوندي آهي. مختلف پهلو آهن جن ۾ زبان جي تعمير ڪبي آهي. دنيا جي اعليٰ شاعريءَ جو مطالعو بہ هن سلسلي ۾ اهم آهي. سنڌ وارن جو پنهنجي قريب جي علائقن جي زبان ۽ شعر جو مطالعو ڪيل ٿو ڏسجي. شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ خاص طور هندي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فارسيءَ جو اثر پسجي ٿو. نهايت خوبصورتيءَ سان ورتل خيال کي پنهنجي انداز ۾ پنهنجي مخصوص زبان ۾ ادا ڪري ٿو. اهڙا ڪافي مثال آهن.
ڪبير جو هڪ دوهو آهي-ع

جل ۾ بسي ڪمودني، چندا بسي آڪاس،
جو هَئي جاڪو ڀاوتا، سو تاهي ڪو پاس

(ڪوٽيءَ جو گل پاڻيءَ ۾ آهي ۽ چنڊ آسمان ۾ آهي. چنڊ اُيرڻ سان ڪوٽيءَ جو گل ٽڙي ٿو. ڪبير چوي ٿو جيڪو جنهن کي وڻي ٿو. سو اُن وٽ ئي رهي ٿو).

شاهہ صاحب جو مشهور هيٺيون بيت بہ اهو ئي مطلب رکي ٿو پر ڳالهہ پنهنجي انداز سان ڪري ٿو-ع

ڪنول پاڙون پاتار ۾، ڀؤنر ڀري آڪاس،
ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.

ڪبير چنڊ جو ذڪر ڪيو تہ شاهہ صاحب ڀؤنر جو حوالو ڏنو.
اهڙي طرح فارسيءَ جو شعر آهي-ع

درميان، قعر دريا تختہ بند م ڪردئي،
باز مين گوئي ڪہ دامن تر م ڪن
(هوشيار باش)

شاهہ صاحب فرمايو-ع

مون کي مون پرين، ٻڏي وڌو ٻار ۾،
اُپا ائين چون، مچڻ پانڌ پُسائين.

محاوراتي زبان (Idiomatic Language) ۽ سورمين جي بيان جسب اُنهن جي زبان سهڻائيءَ سان ڪم آڻي ٿو. بامحاوره زبان جو طريقو هي آهي تہ نہ رڳو ذو معنيٰ لفظ ۽ فقرا ڪم اچن ٿا، پر هڪ ورتل معنيٰ آندي وڃي ٿي. جيئن شاعر ”گهر جي ويرانيءَ کي آتڻ جو اُجهامڻ“ چوي. اهڙا گهڻا مثال رسالي ۾ آهن. سُر مومل راڻي ۾ چوي ٿو-ع

ڪاڪ ڪڙهي وڻ ويا، لُونو لُڏاڻو
تو پڇاڻان سپرين، آتڻ اُجهاڻو
مُين سين ماڻو مناسب نہ ميندرا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا ”سهارو هجڻ“ بدران ”هِيئين ٽوٽيون“ چوڻ. مثال هي آهي_ع

ڪاٽي نہ پسان سي، جي هُئم هِيئين ٽوٽيون،
هاٽي ڪنين جي، وڃيو اڱڻ اُپيان.

اُبتڙ معنيٰ وارا لفظ آڻڻ ۽ اُنهن جي اندر مفهوم چٽو ڪرڻ سان گڏ ڳالهہ سمجهائڻ اهو شاهہ صاحب جو ڪمال آهي. اهو طريقو گهڻن هنڌن تي اچي ٿو. سُر ڪلياڻ ۾ هيئن آئي ٿو_ع

اڳيان آڏين وٽ، پوين سر سنباهيا،
ڪاٽ تہ پوين قبول ۾، مچڻ پائيئن گهٽ،
مٽان مُهاين جا، پيا نہ ڏسين پٽ،
ڪلاڙڪي هٽ، ڪسڻ جو ڪوپ وهي.

شاهہ صاحب تہ هن بيت ۾ هڪ ڳالهہ واضح ڪئي، پر اڄ هيءُ بيت هڪ تاريخي بيت بنجي ويو آهي. هي اهو بيت آهي، سورلي جنهن جي مطلب ڪي انقلابي ۽ انگريز سرڪار خلاف، جيٺمل پرسرام جي لکيل ايڊيٽوريل ۾ محسوس ڪيو ۽ جيٺمل کي جيل جي سزا ڏنائين. سورلي لاءِ شاهہ جي رسالي جو مطالعو ڪري پي ايچ . ڊي ٿيسز لکڻ جو سبب بہ اهو ئي بيت بنيو. بهرحال بيت جي زبان ۽ معنويت شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ منفرد آهي. سُر ڪلياڻ ۾ سڏون ڪرڻ يا دلي خواهش موجب ڪلاڙڪي هٽ وڃڻ ۽ سِرَ جون سٽون ڏيڻ هڪ نمايان موضوع آهي. هي سُر لفظن جي استعمال ۽ انهن جي معنيٰ ۾ رسالي جو جڻ پهريون پردو کڄڻ ۽ opening scene آهي. هيءُ ڪڪوهہ ناٽي سان نٽو ملي، ملهہ مهانگو قطرو آهي. سر جدا، ڌڙ جدا آهي. ديڳين ۾ دوڳ پيا ڪڙهن_ سڏڙين جي هِتِ جاءِ ناهي_ع

سڏڙيا شرابن جون، ڪوه پڇارون ڪن،
جُہ ڪاٽ ڪلالن ڪڍيا، موتيو پوءِ وڃن،
پِڪون سي پيئن، سر جنين جا سٽ ۾.

هڪ بيت ۾ ڪيترا پُرمعنيٰ ۽ فڪر انگيز لفظ اچي ويا، جن هڪ مڪمل وايو منڊل اڳيان آڻي ڇڏيو. هي لفظن جو ذخيرو عام ٻول چال جو نہ آهي، پر هڪ موضوع جي پوري پڌرائي ڪري ٿو.

عام گفتگو جي زبان ۽ شاعريءَ جي زبان ۾ فرق آهي. شاهہ صاحب جهڙو عظيم شاعر نہ رڳو ان سلسلي ۾ هڪ روايت قائم ڪري ٿو پر ايندڙ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پِنيءَ جي پُوٽَن، پيچ پٽڪو نہ سٽان،
سنجن واريون سٽيون، وڃي ويڙه ورن،
پيا سيٽ سڙن، ٽُرهي ٻنهي ڪنڌئين.

—

ٻري نہ ٻڪر دانهن، پُون پٽڪو نہ سٽان،
ميان ماروئڙن جا، اوٺا ڏسان آنهن،
جن سانيڪا سنجيا، سي ڏٺي ڳيئي ڪانهن،
پکا ڪٽي پرانهن، جيڪس لڏيو لوڙيا ائين.

—

سنجي سنجي ڪُوهڙا، ويڙهي ويا وَرتَ،
ميان ماروئڙن جي، مونکي هينئڙي ۾ حيرت،
چُٽڪن اندر چِت، سانبيڙا ساڏوهيون.

—

ڪوهر توهر تر، چِت سانيڪا ۽ سٽيون،
چارِن اُت چاه منجهان، پاسي ڦوڳن ڦر،
ڳئن لهندم ڪر، جئن مارو پاڻ آپاريا.

جيئن عرض ڪيو اٿم تہ جذبات جو اُپار زبان ۾ زور پيدا ڪري ٿو ليلا چنيسر ۾ ليلا جي طرفان پڇتاءَ جي صورتحال انهيءَ سلسلي ۾ ڏيان چڪائي ٿي ۽ بيان جي قوت نمايان ٿئي ٿي –ع

وڏيري هُياس، مِڙو مون گهر جيڏئين،
هوءَ ڇُهڻ هار جي، ڪڙي ڪانڌ ڪياس،
ڊولي ڊيلياس، آيم ڏوُن ڏهاڳ جو.

—

وڏيري هُياس، چنيسر جي راج ۾،
دهلين دمامين نقرين، ٿي پلپل پڇياس،
ڊولي ڊيلياس، تيس ڏهاڳڻ ڏيهہ ۾.

—

هُيس هندورن ۾، پييم ڪا نہ پروڙ،
مٽئي سندي مامري، ڪوجهي وڏيس ڪوڙ،
سامهان تيم سوڙ، ويو وِلَتي وَلهو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آواز جو بلند آهنگ بہ زبان جي ماهيت کان واقف ڪري ٿو. "واڪـر ڪنديس وو" يا "ووءِ ووءِ ڪندي وت"، چئي شاهہ صا ـب زبان جي هن پهلوءَ کي بہ مستحڪم ڪيو آهي- يا چوي ٿو تہ: "گهوڙا گهٽي پونءِ، ووءِ ووءِ وڃن نگيا".

زبان جو معمار صرف و نحو جي قاعدن، علم بديع ۽ علم بيان جي اُصولن تحت جنهن نموني ڪلام چوي ٿو سو هڪ اهڙو انداز آهي، جو اڄ بہ ڪو شاعر يا عام ماڻهو اُن جو داد ڏي ٿو ۽ خود چئي نٿو سگهي. مثال هينيان بہ بيت ڪيئن ادا ڪيا_ع

مون ڪي ماءُ مجاز، پچاري جئن پچيو
هٿ چڏي هاج، ويئي سار سنڌن مان.

—

امڙ وجي آڻ، چرخو آتڻ وچ مان،
ڪتيم جنهين ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

جيئن عرض ڪيم تہ گرامر جي اصطلاحن ۾ زبان جو لساني جائزو وٺبو تہ بہ شاهہ صاحب جو ڪلام منفرد نظر ايندو. البت سندس زبان ۽ اسان جي وقت جي وچ ۾ اٽڪل پوڻن ٽن سؤن سالن جي وٿي آهي. اڄ جي سنڌيءَ ۾ ڪيترا لفظ متروڪ آهن جيڪي شاهہ صاحب جي زماني ۾ مُروج هئا. اُن ڪري چئبو تہ سنڌيءَ جي استحڪام ۾ شاهہ صاحب جو وڏو ۽ اهم ڪردار آهي.

گرامر جي لحاظ کان چند مثال وٺبا تہ هيءَ ڳالهہ واضح ڪري سگهبي تہ ڳالهائڻ جا لفظ (words of speech) زبان جي جوڙجڪ جي سمجهاڻي ڏين ٿا. بقول ڊاڪٽر جيٺلي ۽ ڪاڪو ڀيرو مل تہ: سنڌيءَ ڪيترائي آڳاٽا لفظ ۽ وياڪرڻ جا روپ پاڻ وٽ سنجوئي(سنيالي) رکيا آهن. جيڪي اسان کي سنسڪرت، پالي، پراڪرت ۽ اَپڀرن جي منزلن ۾ ملن ٿا(8). اُن سان گڏ لفظن جا مختلف قسم بہ ماضيءَ جا آهن. اُنهن ۾ اسم، صفت، ضمير ۽ حرف جر، ندا، جملو ۽ فعل توڙي ظرف اچي وڃن ٿا. مثال طور حرف جر کي اسم سان ملائي رکڻ- جيئن ڏاگهنئون، ٻئنان وغيره، حرف جر جي هيءَ بناوت هاڻي نٿي هلي. مرڪب اسمن جو رواج بہ هاڻي ناهي. جيئن سورٺ ور- ٿرَ ڏٿي وغيره.

شاهہ صاحب جي زماني جي ضميرن جا اڪثر انداز لاڙ جي محاوري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ موجود آهن. جيئن ڪڇاڙو، آن وغيره. ائين ڪيترا فعل بہ شاهہ صاحب ڪم آندا جيڪي هِ وڪ آهن، پر ٻوليءَ ۾ متبادل ۽ مزيد لفظ طور ڳڻبا. حرف. ڊا ۾ بہ ڪيترا لفظ رسالي ۾ آهن، جيئن: هيهات، مانَ، وو ٻرٻر، ٻوڙ(9).

شاهہ صاحب ڪيئن سنڌي زبان جي عمارت پختن بنيادن تي تعمير ڪئي آهي. ڪيئن اينڊڙ صدين تائين زبان جي واڌ ويجهہ ٿيندي، اُن لاءِ نموني جا فقط چند مثال ڏنا ويا آهن. هنن مثالن مان اها ڳالهہ چٽي ٿئي ٿي. لفظن جي ذخيري، ڪلام جي زور بيان ۽ انداز بيان سان شاهہ صاحب گذريل ۽ اينڊڙ دؤر ۾ هڪ منفرد شاعر تي ظاهر ٿيو ۽ سنڌي زبان جو معمار ثابت ٿيو. اڄ ڪلهہ ٻوليءَ جون اڪثر غلطيون شاهہ جي رسالي کان نابلند هجڻ ڪري بہ ٿين ٿيون. برابر ڪن لفظن ۽ فقرن لاءِ لغات سان رابطي ۾ رهبو ۽ زبان جي درستي تي ويندي. ائين زبان جي صحت لاءِ شاهہ جو رسالو هڪ رهبر بہ آهي.

## حوالا


1. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سنڌي ٻوليءَ جو معمار. مرتب: ڊاڪٽر بلوچ. ڊاڪٽر خليل جو مقالو. ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز 1969ع ص 36.
2. ايضاً. ص ص 37 کان 59.
3. ايضاً. ڪمتر نقويءَ جو مقالو ص ص 13_18
4. ڏسو مرزا قليچ بيگ "تقريرون ۽ تحريرون" ۽ ڊاڪٽر خليل "رهنماءِ شاعري" جلد 3.
5. جيٺلي، مرليڌر(ڊاڪٽر) شاهہ جو رسالو(هڪ اڀياس) اکل ڀارتيہ سنڌي ساهتيہ ودوت پريشد ڀٽي (پونو) 1992ع ص 66.
6. ايضاً. ص ص 68_69 ۽ 70. پڻ ڏسو ڀيرو مل جي "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" 1941ع، ص 135.
7. جيٺلي، شاهہ جو رسالو (هڪ اڀياس) ص 74 ۽ پڻ ڀيرو مل: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ.
8. ايضاً. ص 80_81.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر حيدر سنڌي

# سنڌي زبان تي تحقيق

چوڏهين ۽ پندرهين صدي عيسويءَ ڌاري ڪشمير جي هڪڙي علائقي سوپور (Sopore) جي اُتر اولھ ۾ ”تِجر“ (Tijjar) نالي هڪڙو ڳوٺ هو. ان ڳوٺ جي آبادي ”ڪثير اللساني“ هئي. اُهي ٻوليون ڳالهائيندڙن ۾ قريشين جو هڪرو بااثر ۽ قابل احترام خاندان بہ شامل هو.

اهو قريشي خاندان پنهنجو پراڻو تعلق پاڻ سڳورن سان لاڳاپيندو هو تنهن ڪري مسلمان توڙي ٻين ڌرمن ۽ متن جا ماڻهو بہ ان کي ڏاڍي عزت ۽ مانُ ڏيندا هئا. هونئن بہ، هزارين ورهين کان وٺي عرب توڙي عجم جا لوڪ قريشي قبيلي کي سچو ۽ ساڪائتو مڃيندا آيا آهن. پر سوپور ۾ هاڻي ڪن ديني، دنياوي يا سماجي ۽ ثقافتي رقابتن يا ڪنهن ٻيءَ اٿبٽت سبب اتان جي قريشين کي جيئڻ ۽ جالڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو سو ڪٽنب جي وڏي ڪمال خان کي خاندان کي ”تِجَر“ ترڪ ڪرڻو پيو.

ڪٽنب جو سربراھ ڪمال خان سڄيءَ آکھ کي ساڻ ڪري نيلم نديءَ سان لاڳاپيل نيلم ماتريءَ ۾ ان ماڳ تي اچي متوطن ٿيو جتي وڏو واهڙ وهندو آهي، جنهن کي ”جاگر“ چوندا آهن. اهو ”جاگر واهڙ“ جبلن جي چوٽين تان برفاني ۽ برساتي پاڻي ڪٽي هيٺ ايندو آهي. گرمين ۾ اهو ڪنهن نديءَ جي ڊِڪ ڏيندو آهي پر سياري ۾ بہ سدائين سوايو ۽ سوپارو ٿيو پيو وهندو آهي. ان ڪري اتان جا ڪشميري ماڻهو ان کي سڏين بہ ”جاگر نالو“. جنهن جي لفظي معنيٰ آهي سدائين سوپارو.

سنڌيءَ ۾ بہ لفظ جاگير“ انهيءَ ساڳيءَ معنيٰ ۾ موجود آهي ۽ گهڻو ڪري ياڳيا. پنهنجي انهيءَ پلي مينهن يا ڳئونءَ کي ”جاگير“ چون، جيڪا كير جي توڙي ڏُهائيءَ لاءِ سلڇڻي ۽ پلوڙ هوندي آهي.

جڏهن سنڌوءَ ۾ پاڻي جام هو تڏهن سنڌ جي ڪنهن ضلعي مان اهڙو واھ بہ وهندو هو تنهن کي ”جاگير واھ“ سڏبو هو. هاڻي جي خبر ناهي. ”جاگيرَ“ پيو بہ اهڙو ئي هڪڙو لفظ آهي، جنهن جو تعلق ڪنهن شخص کي وسيع اختيار ڏئي اقتدار جو مالڪ بنائي ڪيس ڪنهن خط ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمين، ان تي آباد لوڪن جي قسمتن جو وارث مقرر ڪري، پچاڻو معاف ڪري ان زمين تي، زمين ۾ ۽ اتان جي ما۔ن ۽ انهن جي وسيلن جو جنهن کي وارث بنائجي تہ اهو ٿيو جاگيردار. بابر بادشاهہ کان وٺي مغلن هند ۽ سنڌ ۾ جاگيردار انهيءَ لاءِ پيدا ڪيا تہ اهي ساڻن وفادار رهي ڪري دهشت، وحشت، ظلم ۽ جبر وسيلي اهڙو ڌهڪاءُ پيدا ڪن جو اتان جو پکي پکڻ، جيءُ ۽ جناور سندن مرضيءَ موجب جيئدان حاصل ڪري سگهي. ونس هڪڙي طرف اختيارن جڙ "جاگر" هو تہ ٻئي پاسي غريب غربي ۽ ڏتڙيل عوام لاءِ اقتدار جو "جاگر" هو.

"جاگير" نالي وارو هڪڙو اهڙو نالو آزاد ڪشمير مان وهي وڃي نيلم درياهہ کي "پرتو" ڪري ٿو. نيلم درياهہ جو پراڻو نالو "ڪشن گنگا" (Kishan Ganga) آهي. بيٽس (Bates) پنهنجي 1873ع واري گزيٽيئر ۾ (ص 14 تي) ان علائقي جو اجتماعي نالو "دارل" (DARAL) بہ ڏنو آهي.

لفظ "دارل" يا "دَرل" بہ ڪشميريءَ جو ئي آهي، جنهن جي معنيٰ بي بها، اَملهہ ۽ جنهن جو مٽ يا ثاني نہ هجي، ان لاءِ استعمال ٿيندو آهي. سنڌ ۾ اهڙين خوبين، حسن ۾ بي مثال ۽ اڻلڀ شيءِ رڳو اولاد تي سگهي ٿو. تنهن ڪري سنڌ وارن پنهنجي پٽن تي نالو دُرل، دُر ۽ درو تہ ڌيءُ تي دُريءَ جو نالو رکيو. جيئن تہ انهيءَ ساڳيءَ معنيٰ جو لفظ "دُر" فارسيءَ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو تنهن ڪري ڪنهن بہ محقق يا کوجيءَ تي لفظ "دُرل" کي رڳو "موتي" مڃي ڪٽي مات ڪئي.

درل واري علائقي جي رهاڪو انهن قريشين بہ "جاگر" يا "جاگران" (Jagraan) واهہ جي ٻنهي ڪپن تي اچي لَڏ لاٿي ۽ ان علائقي کي مخصوص نالي ڪُنڊل شاهيءَ (Kundal Shahi) سان مشهور ڪيو. ڪنڊل شاهيءَ جي اها آبادي نيلم واديءَ واري شاهراهہ (Highway) کان چند منٽن جي پنڌ تي ۽ آزاد ڪشمير جي گادي مظفرآباد کان 74 ڪلوميٽر پري ۽ نيلم واديءَ جو حصو آهي.

نيلم وادي اصل ۾ اولهہ کان ايندڙ ڪاغان جبلن واريءَ قطار جي ڪري ٻن وادين شارڊا ۽ نيتوال ۾ ورهايل آهي. شارڊا اهو قديم تهذيبي ۽ تاريخي ماڳ آهي، جنهن جا علمي شوق رکندڙ وڌوان سنڌ ۾ موهن جي دڙي وارن وڌوانن وٽ لکڻ پڙهڻ جو فن ۽ هنر سکڻ ۽ تعليم و تدريس کي ٻين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين پهچائڻ لاءِ ڪتب ايندڙ ذريعا ۽ وسيلا پرائڻ لاءِ ايندا هئا. سنڌ وارن هڪ پيرو وري سندن صحبت ۾ رهي، ڪاٺ جي لاٽڻ، وري، ڪام ۽ ڪاجڻ (شهتير) مٿان چٽسالي، اُڪير ۽ پيپر ماشيءَ وارا هنر جهڪي ورتا. انهن شارڊا جي رشين واري سنڌي هنرمندن وٽان چانورن جي پوکي، ڪٽڪ جي تيلين مان دستڪاري ۽ رليءَ جي نموني کي غاليچن، فراشين ۽ لمدن ۾ اٽڻ جو نمونو پرايو. انهن پراڻن پنڊن ۽ پيچرن کان واقف جوڳي، سنياسي ۽ ناگ مت جا پوڄاري بہ سنڌ ۾ آيا. جن وٽان سنڌ واسين آريو ۽ آئيو ويدن علاج جو فن ۽ ان فن لاءِ گهربل جهنگلي ٻوٽين ۽ انهن جي تاثيرن وغيره جو علم پرايو ۽ ڪيترين ئي ٻوٽيون ماري انهن مان دوائون ناهڻ ۽ پٿر توڙي جابلو معدنيات کي ماري جاندارن جي جان بچائڻ وارا طريقا تيار ڪرڻ سکيا.

اگرچہ ڪاغان واديءَ وٽان لنگهندڙ اهو جابلو سلسلو جنهن جي چوٽين جي اوچائي سامونڊي سطح کان چار هزار کن ميٽر آهي، سو پاڪستان ۽ ڀارت جي وچ ۾ سرحد سمجهيو وڃي ٿو پر ڪنڊل شاهي يا دُرل قريشين جي ماڳ وٽان لنگهندڙ نيلم درياهہ جو ڪجهہ ڪلوميٽر ڪنارو ڪنڊل شاهيءَ تائين لائين آف ڪنٽرول "ناپيد" آهي. اتان کان "اٺ مقام" وارو مشهور ماڳ "سٺن يا اٺن" ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي آهي.

ڪنڊل شاهيءَ ۾ سک، مغل، سيد، قريشي ۽ ٻيون ذاتيون آباد آهن، پر وڌ اثر قريشين جو آهي. انهيءَ سڄي وسنديءَ ۾ رائج ٻوليءَ کي "ڪنڊل شاهي" ٿو ڪوٺجي، جيڪا ان جي رڳو ڪمال خان قريشيءَ جي آباد ڪيل وسنديءَ جي نسبت سان سڏجي ٿي. ٻيءَ صورت ۾اها اُها ساڳي ٻولي آهي، جيڪا پرتي، اولهہ ۾ سرحد صوبي جي بنون، ڪوهاٽ ۽ پشاور جي قديم ۽ اصلوڪي اباڻي ٻولي آهي، جنهن کي هندڪو سڏجي ٿو.

ڪنڊل شاهيءَ جا ماٺهو قريشين جي چوڻ آڪڻ هيٺ آهن ۽ پڙهيل، لکيل ۽ سُکيا ستابا آهن. هِن آباديءَ جا اڪثر باشندا پرڏيهہ ۾ آهن ۽ اتان خوب دولت پنهنجن کي ڳوٺ موڪلين ٿا.

ٻئي طرف پنهنجي وڏن جي روڪ ٽوڪ، پند و نصائح کان پري رهڻ سبب سندن نئون نسل ڇڙواڳي ۽ بي راهہ رويءَ جو شڪار ٿيڻ لڳو. جنهن ڪري ڪنهن اهڙي قابل ۽ لائق رهبر ۽ رهنما جي ضرورت محسوس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي، جيڪو دين ۽ دنيا جي ٻنهي ماڳن تي نئين نسل کي ڪامياب رهڻ جو گُر سيکاري. .نهيءَ نيڪ ڪم لاءِ جنهن ديني، علمي ۽ روحاني شخصيت کي ڪنڌل شاهيءَ ۾ اڪيچار آسائشن، رعايتن ۽ سهوليتن جي عيوض آٽي آباد ڪيو ويو. تنهن جو تعلق به هندڪو ٻولي ڳالهائيندڙ لوڪن سان هو ۽ اهو پارسائي ۽ پاڪبازيءَ ۾ پنهنجو مَٽُ پاڻ هو. ان ڪي اتان جا لوڪ احترام وچان "ميان" ڪري ڪوٺيندا هئا.

اهي "ميان" اڄ به اُتي نيلم واديءَ جي سياست واري ميدان ۾ توڙي علمي ۽ روحاني راهُن جا شهسوار ليکجن ٿا، جنهن ڪري پارليامينٽ توڙي اهڙا اڪثر اعليٰ عهدا جڻ آهن ئي انهن لاءِ.

پنيان انهن "ميان" جي ذات ۽ سماجي رتبو ڪهڙو هو، تنهن سان ڪنهن کي به غرض ڪونهي ۽ نه وري "ميان" جن کي ان احترام جي قابل لقب تي ڪو اعتراض آهي.

بعد ۾ اتان جي "ميان" روحاني ۽ رباني سفر ۾ "پيرَ" بنجي پنهنجي مريدن جي جيڪا رهنمائي ڪئي، تنهن سندن احترام ۾ اڃا اضافو ڪيو. "ميان" جي اهڙي متاهين مانَ ۽ مرتبي، عوام توڙي خواص ۽ خلق خدا جي روحاني رهبري ڪندڙ طبقن ۾ مقبوليت ايتري ته وڌائي جو سنڌ جي منڻ ڪوٽي خواجه فريديءَ به سندن ٽوپيءَ سان ملندڙ ٽوپي پاتي ۽ انداز بيان اختيار ڪيو ته سنڌ ۾ خيرپور ميرس ضلعي ۾ سڪونت رکندڙ فقيرن نئين طور تي تجر شريف قائم ڪئي آهي، جنهن کي ڪي ماڻهو "تجل شريف" به چون ٿا. اتي به عبادت وسيلي خلق خدا کي الاهي رموز ۽ اسرار پسايا وڃن ٿا.

لفظ "ميان" سنڌ جي قديم تاريخ جي وسيلي سنڌي ٻوليءَ ۾ ساڳيءَ ڪنڌل شاهي ميان وانگر پاڪبازي ۽ راست راهيءَ جو درس ڏيندڙ ديندار لوڪ سان واسطو رکي ٿو پر اهي پاڻ کي ڪلهوڙا ڪوٺائيندا هئا. انهن ڪلهوڙن کي جڏهن مغل دؤر ۾ انهن ميان ڪلهوڙن جي دعا سان سنڌ مٿان قبضي ڪرڻ ۾ ڪاميابي ٿي ته کين اها جاگير عنايت ڪئي وئي ۽ اهو سمورو علائقو ۽ اتان جا ماڻهو جيت جناور، وڻ ٽڻ، پکي پکڻ ۽ معدني وسيلا وغيره وفادار رهڻ جي عيوض عطا ڪيا ويا.

جڏهن کين مغلن وٽان اهڙو پروانو مليو، تڏهن کان کين اقتدار جو اصل نشو آيو ۽ سنڌي عوام لاءِ فرمان جاري ڪيائون ته پاڻ سنڌ جا ڪلهوڙا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهن پر اهي ”خلافت عباسيءَ“ جا اصل وارث آهن. جيڪي هتي سنڌ مٿان حڪومت ڪرڻ لاءِ ويٺا آهن. خوامر انهن کي عباسي ۽ ميان سڏي

اهي ”ميان“ بہ پيري مريديءَ ۾ يقين رکندا هئا ۽ سمورا مريد هڪ ٻئي کي ساڳئي پير سان وابستگيءَ سبب ”ميان وال“ سڏيندا هئا. ديري اسماعيل ۽ ديري غازي خان واري ايراضيءَ تي ” ميان والن“ جي نسبت جي ڪري ”ميان والي“ ڪوٺيو ويو.

وادي نيلم جي ڏاکڻئي حصي تي ميرپور جو علائقو آهي. اتي عباسي ڍُهي انگ ۾ آباد آهن. ميرپور جا عباسي ۽ سنڌ جا ڪيترا عباسي پاڻ کي مٿ مائٽ سڏيندا آهن. جن جو چوڻ آهي تہ ”پاڻ بہ عباسي خليفن جا پونئر آهن“.

ميرپور جي ماڻهن جو رڳو عباسين سان نہ، پر ٻين ذاتين سان بہ تعلق آهي، جن ۾ ڪشمير جون ذاتيون مثلاً: ڊورگر، رانوڙ تانتريا، واهيلا ۽ واهريا وغيره ۽ سنڌ جا ڀِٽ، ٻهمڻ، ڀنيرا، نائچ، ٻاگت، ديوان، ٻٽ، راڄ، چنڊ ۽ جنڊاڻ وغيره شامل آهن.

ٻنهي علائقن جي لوڪن، ذاتين ۽ قبيلن وانگر اُتان جي ڪار ڪرت ۽ پيشي ڏنڌي ۽ انهن ڏنڌن سان لاڳاپيل محاورن، اصطلاحن، داستان گوئيءَ جي انداز ۽ پوکي راهيءَ جي طور طريقن ۾ بہ هڪ جهڙائي ملي ٿي. ٻنهي علائقن جي انهن هڪ جهڙاين وانگر ميرپوري ٻوليءَ جي اڪثر مرحلن ۽ جمونءَ جي علائقن ۾ رهاڪو باشندن جي گهڻي ڀاڱي يڪسانيت تاريخي، سياسي، مذهبي، سماجي ۽ معاشرتي مرحلن ۾ هڪ ٻئي سان ويجهڙائيءَ کي ظاهر ڪري ٿي.

ٻنهي علائقن جي جڏهن کان نئين تاريخ جڙڻ لڳي آهي، تڏهن کان اتان جي رهاڪو لوڪن ۾ اهڙين قومن، قبيلن، ڪٽنبن ۽ ڪُلن ۾ ڀانت ڀانت جي آباديءَ اچي وڻ ويڙهيءَ وانگر واسو ڪيو آهي. اهڙن وسنيڪ جي ڪري سنڌ جي سونهن، سوڀيا ۽ سنڌي ٻوليءَ تي اوپرو ۽ اگرو اثر پوڻ شروع ٿيو آهي.

هاڻوڪي حالت جو نياز همايوني بہ اظهار ڪندي چيو تہ:

”شايد ٻج ڪري پيو آ، جو انب بہ لڳن ٿا ليمن جهڙا“.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

# شاهہ سائينءَ جو دور ۽ ان کان اڳ وارو سنڌي سماج

(سُر ڪاموڏ جي روشنيءَ ۾)

شاهہ سائين عظيم منطق جو بنياد وجھندي سنڌي ادب ۾ سماجي سطح تي جيڪي نمايان سنڌي نيم داستان رسالي ۾ پيش ڪيا آهن، اهو لٽريچر ۾ هڪ وڏو ۽ قابل تعظيم ڪارنامو آهي.

ادب جو انساني سوسائٽيءَ ۾ اهم ڪردار آهي. جيڪڏهن ڪو معترض ائين چوي تہ شاهہ سائين ڄام تماچي جي دربار جا گيت ڪجھہ حاصل ڪرڻ لاءِ چيا هئا تہ اها ڳالهہ اڻ ٺيڪي آهي، ڇو تہ شاهہ تقريباً ڄام کان ٽي صديون پوءِ جنم ورتو. اصل ۾ شاهہ سائين تہ انهن روين، انهن عقيدن ۽ مِٿَ تان پردو کنيو، جنهن تي هر ڪنهن شاعر جي نگاهہ وڃي ڪونہ سگھي. فڪر جو دائرو سماجي سطح تي آدرش يا نظريو بڻجڻ کان پوءِ ئي پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگھي ٿو. اهو آدرش جيڪڏهن نرو دانشوراڻو آهي تہ پوءِ ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ ڪو خاطرخواه ڪم تي ڪونہ سگھندو. شاهہ لطيف ۾ اهي ٻئي خوبيون موجود آهن. هو نئون نظريو ڏيندڙ دانشور بہ آهي تہ عوامي ڀلائي چاهيندڙ هڪ سماجي ماهر بہ.

يوناني ادب جيان سنڌي ادب ۾ تقدير جي تونگرائي کي مڃيو وڃي ٿو. يونان وارن وٽ بہ حسن جو تصور سادگيءَ تي ٻڌل هو. شاهہ صاحب وٽ بہ سادگيءَ اصل حسن آهي. اهو ئي سبب هو جو شاهہ کي نوريءَ جي نماڻائي ۽ سادگي ايڏو تہ متاثر ڪيو جو سندس واقعي کي رسالي جي زينت بڻائي امر ڪري ڇڏيائين.

سنڌي سماج ۾ هر پورهيت کي گھٽ نظر سان ڏٺو پئي ويو آهي. شاهہ لطيف کان گھڻو اڳ واري زماني کان وٺي گندرن کي گھٽ نظر سان ڏٺو ويندو هو. انهن سان مٿي مائٽي ڪرڻ يا ڀائپي برادري رکڻ کي شاهہ جي زماني کان وٺي معيوب سمجھيو پئي ويو آهي. اهڙو اظهار شاهہ وٽ ملي ٿو:

ڪِکي هاٿيون ڪاريون، ڇِڇِي هاٿا ڇڄ،
پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ،
سَمو ڄام سهج، اپو ڪري ان سين.
(10_1)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوري، ڪينجھر نالي گندري جي نياڻي هئي، جيڪو پنهنجي نَڪ جو پريو مڙس ۽ مهندار هو. سندس ڌيءُ نوري بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. هن ۾ ٻين گندرين جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻيون خوبيون موجود هيون. هوءَ جڏهن جوان ٿي تہ کيس احساس ٿيو تہ پاڻ سگهڙ پرڻي سرير، نرمل نيڻن ۽ موچاري مورت جي مالڪ آهي. هن کي اها بہ ڄاڻ پئي تہ هوءَ ياڳوند ۽ اشراف عورتن مان هڪ آهي. هن جي من ۾ بہ هر نوجوان نينگريءَ جيان اها خواهش اُڏاما ڏيئي رهي هئي تہ کيس ماناءتو ۽ منهن مهانڊي وارو وَرُ ملي. جڏهن سندس اها خواهش پوري ٿي ۽ سندس ٻانهن سنڌ جي حاڪم ڄام تماچي جي حوالي ٿي، تڏهن هن کي سوين وسوسن وڪوڙي ڇڏيو ڇو تہ هوءَ هڪ گهٽ درجي واري طبقي سان واسطو رکندڙ غريب عورت هئي. جڏهن راڻي ٻڻجي ڪوٽ ۾ آئي تہ هن کي ٻئي سازشن سان مقابلو ڪرڻو پيو. هڪ پاسي سميون راڻيون هيس تہ ٻئي پاسي سنڌي سماج جا رويا ۽ ريتون رسمون هيون. ٻنهي محاذن تي مهاڏو اٽڪائڻ بجاءِ نوريءَ نوڙت وارو رستو اختيار ڪيو.

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،
پسي راڻين روءِ، متان ماڳر مٽيين.
(2_1)

دراصل اهو شاهہ صاحب جو ڪمال ۽ حڪمت آهي جو سماجي سطح تي ڪِريل هڪ قوم کي پنهنجو منصب ۽ مقام حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙو رستو ڏسيائين، جيڪو هر لحاظ کان اتم ۽ فضيلت ڀريو هو. اهو اهڃاڻوي (Symbolic) طريقو زال ۽ مڙس جي وچ ۾ هجي يا حاڪم ۽ رعيت ۾ هجي، ٻن پيار ڪندڙ دلين جو هجي يا مرشد ۽ سالڪ جو هجي. هر هنڌ اها روش ۽ اهو طريقو ڪاميابيءَ جو ڏاڪو ثابت ٿيو آهي.

گندرن جي قوم سنڌ ۾ صدين کان آباد هئي. سن تيرهين صديءَ کان سورهين صدي عيسوي تائين يعني تقريباً شاهہ صاحب جي زماني تائين انهن جي شناخت ٿيندي آئي آهي. ڪينجھر ۽ ان جي آسپاس واري علائقي ۾ گندرن جي قوم جو گذر بسر ستن ڍنڍن سونهري، ڪينجھر، هاليجي، هڏيرو، ڪلان ڪوٽ، جھول ۽ ڪوئي تي هو. سمن جي بادشاهي کان اڳ بہ اهي ست ئي ڍنڍون گندرن کي بخشش ٿيل هيون. مٿانئن مڙيئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محصول معاف هئا. چون ٿا تہ اها بخشش بَدام نالي هڪ گندري کي ڪنهن بادشاهہ خوش ٿي ڪئي هئي.

پر سمن جي صاحبي شروع ٿيڻ سان مٿن سُنگ ۽ محصول مقرر ٿيا ۽ ڍنڍن جي اپت ۾ سرڪاري ماڻهن جي مداخلت شروع ٿي ويئي. نتيجي ۾ گندرن جو حال مسڪيني تي ويو. ڪين نڪي هيون جدا اڏيل جايون تہ نڪي هئن مال اسباب. سندن رهڻ ڪهڻ بہ مياڻين ۾ يا مڏين تي يا ڪکاين جڳهن ۽ جهوپڙين ۾ هوندو هو. (1)

اهڙي صورتحال ۾ جڏهن هر پاسي غربت، مسڪيني ۽ خوف وارو وايومنڊل هجي، امن جون تصويرون ڪيئن پيدا ٿينديون؟ هڪ پاسي گندرن جي دوزخ هئي ۽ ٻئي پاسي سمين راڻين ۽ ڄامن جي جنت هئي. ان زميني اجتماعي دوزخ ۽ جنت جو تصور جيتوڻيڪ شاهہ کان اڳ بہ شاعرن وٽ موجود هو پر شاهہ ان زميني جنت ۾ گندرن جي شراڪت بہ لازمي سمجهي ٿو. اهو تصور انقلابي ۽ نئون هو جيڪو شاهہ لطيف وٽ ئي اسان کي ملي ٿو.

گُند جنين جي گوڏ ۾، پاٻوڙا پينامُ،
انين کي انعام، مَجَرُ مڙوئي ٿيو.
(14_1)

شاهہ سائين انهيءَ تصور جو خالق تہ آهي پر انهن روايتن ۽ عقيدن جي هڪ هٽي کي نوريءَ جي نوڙت ۽ ڄام جي نوازش ذريعي بہ ختم ڪرائي ڪونہ سگهيو پر هن اهو ضرور ڪيو جو ڄام ۽ نوريءَ جي ساري ڪارڪردگي (Behaviour) کي هڪ سوال جي صورت ۾ سنڌي سماج آڏو پيش ڪيو ۽ اهو اسان تي ڇڏيائين تہ ان فڪر مان ڪهڙو لاڀ حاصل ڪري سگهون ٿا.

ڪاچ جنين جون ڪِکيون، مال جنين جا مَڏَ،
سمي سيئي سيڻ ڪيا، هيڻ جنين جا هَڏَ،
ڄام پرتئي لَڏَ، سانگين جي سيد چئي.
(8_1)

گندرن جي غربت جي ڪرب کان شاهہ سائين پاڻ بہ گذريو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ صاحب جو سُر ڪاموڏ انهيءَ جذباتي صداقت جو ثبوت آهي. مٿئين بيت مان لفظن جي شدت، تصويري سچائي ۽ تجربي جي تکائي جهلڪندي نظر اچي ٿي.

ڪينجهر جو سماج ٻن اهم ۽ وڏن طبقن ۾ ورهايل هو. هڪڙا جاگيردار هئا ۽ ٻيا رعايت ونندڙ. ٻئي طبقا صدين تائين پنهنجي قوتي بازن سان سنڌي سماج کي پڪوڙيندا آيا آهن. ننڍا حاڪم گهڻو ڪري جاگيردار ئي هوندا هئا.

ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي لکي ٿو:

"جاگيردار ان کي چيو ويندو هو جنهن کي جاگير ڏني ويندي هئي، ٻيو زميندار هوندو هو. جيڪو مقرر قيمت ڏيئي زمين جو مالڪ بڻبو هو. سنڌ ۾ جاگير لفظ جي معنيٰ گهڻن ئي قسمن جي ملڪيت جي مالڪيءَ لاءِ ٿيندي آهي پر حقيقي معنيٰ ۾ جاگيردار زمين جو خطو بنا ڪنهن معاوضي جي وٺندو هو ۽ جيڪڏهن معاوضو ڀريندو هو تہ بہ ٿورو ۽ هوڏانهن ساري زمين جي ڍل پاڻ وٽ وصول ڪري رکندو هو. جاگيرون خاص طور تي انهن سردارن کي ڏنيون وينديون هيون، جيڪي هٿياربند محافظ مهيا ڪري ڏيندا هئا. اهي انهن اهلڪارن کي بہ ڏنيون وينديون هيون، جيڪي سرڪاري فرض ادا ڪندا هئا. اهي گهرو ملازمن کي بہ ملنديون هيون. عام درٻارين کي بہ شاهي درٻار جي خوشنودي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ بہ ملي وينديون هيون. جاگير ۽ انعام ۾ بهرحال فرق هوندو هو. جاگير سان گڏ ڪي شرط بہ هوندا هئا، جيڪي جاگيردار جي مرڻ کان پوءِ ختم ٿي ويندا هئا ۽ سَنَد واپس ورتي ويندي هئي ۽ حڪمران جي مرضي مطابق سندس وارث کي موٽائي ڏني ويندي هئي. انعام هڪ قسم جو تحفو هوندو هو جنهن تي دعويٰ ڪري ڪانہ سگهبي هئي." (2)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄام تماچي گندرن جي پراڻي بخشش يعني ڪينجهر ۽ پرپاسي جون سڀ ڍنڍيون سندن نالي تي بحال ڪيون ۽ اهو انعام سمن جي صاحبي تائين گندرن ۾ منتقل ٿيندو آيو ۽ اهڙي طرح گندرن کي مراعات يافته طبقي ۾ شامل ڪري ڇڏيائين.

فيروزا فقيرن تان، گهوري سڀ گهوريائين،
اتي عبداللطيف چئي، اُڇلي اَمُل ڏنائين.
(1_وائي)

اهي اهڙا جذبا هئا، جن ڄام جي هستيءَ ۾ تبديلي آڻي ڇڏي ۽ هن جو احساس ذات، زندگيءَ ڏانهن وڌندو ويو. جيڪي ويچارا سارو ڏينهن ڪينجهر جي ڪپ تي مڏ مڪڙا موڙي، مڇي ماري ۽ بهه ميڙي مياڻين ۾ اچي ڍير ڪندا هئا ۽ سندن زالون مڇيون ۽ ٻاپوڙا واٽن تي ويهي وڪڻنديون هيون ۽ ٻار لڏڻ جيان لڙهندا هئا، سي سمي جي سُهج سان ساڃهه وارا ۽ سيبتا انسان بڻجي پيا. جيستائين انسانيت جو احساس مئل هو تيستائين ڄام کان اڳي وارا سڀ حاڪم ۽ جاگيردار اوندهه ۾ رهڻ جا عادي هئا ۽ منجهن سماجي رتبي ماڻڻ جي سوچ پيدا ڪونه ٿي هئي. شاهه صاحب اهڙي ئي احساس کي اجاگر ڪرڻ لاءِ انسان جي لاشعوري دنيا ۾ شعوري انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

ڄاريون ڪاريون ڇڄ، جن جي محبت مڇيءَ ساڻ،
رهن وهن سِر ٻانڊيين، سڀ ئي بدبوءِ هاڻ،
لڏڻ جنءَ لطيف چئي، پاٽي وجهن پاڻ،
تن ملاحن جو ماڻ، سمي سر ڪئو پاهجي.
(12_1)

انساني تاريخ انقلابن سان ڀري پيئي آهي. تبديلي ئي انساني وجود جي بقا ۽ خوبصورتيءَ جي ضامن آهي. سڀ سماج اهڙن روين جا متلاشي هوندا آهن، جتي اها جستجو ۽ تلاش ختم ٿيو وڃي ٿي. اتي سماجي ترقيءَ جون راهون به محدود ٿي وڃن ٿيون. مهاڻن جي تلاش، تبديليءَ جي خواهش ۽ سماجي ترقيءَ جي طلب ايتري ته زوردار ۽ چٽي هئي جو سڀ کان اڳ ۾ جنهن شيءِ جي نوري گهر ڪري ٿي، اُها ڍنڍن تان محصول جي معافي آهي. آڇپي جي گهر آهي ۽ مسڪيني حال کان ٻاهر نڪرڻ جي گُهر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون تماچي، تڙ ڏٺي، آئون گندري غريب،
توسين ڄام! قريب، ڪِي ڏَنُ ڇڏائي ڏيج مون.
(7_1)

گندرن جي نسلي تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿيندو تہ اها هڪ دولتمند ۽ متمدن قوم هئي. جنهن جو اصل وطن وادي مهراڻ ۾ ”گندرا ديش“ هو. (3)

رِگ ويد ۾ هن قديم قوم جو ذڪر هڪ شلوڪ ۾ ملي ٿو.

”راجا ياويا، جنهن جي حڪومت مهراڻ تي هئي تنهن جي راڻي ”لوماسا“ مڙس کي چوي ٿي: ”مان چوٽي کان پيرن تائين گندرن وانگر ڍڪيل آهيان.“

هن شلوڪ مان اها خبر پوي ٿي تہ گندرا ريڊار ڄام تماچي سان ملندڙ جلندڙ هڪ ڪهاڻي مهاڀارت ۾ بہ بيان ڪيل آهي، جنهن ۾ راجا شانتنو هڪ مهاڻيءَ گنگا سان پيار جي شادي رچائي ٿو. مها ڀارت جو هڪ مکيہ ڪردار ڀيشم، گنگا جو پٽ هو. جيڪو هڪ آدرشي انسان هو. جيتوڻيڪ نوريءَ ڪنهن اهڙي پٽ کي جنم نہ ڏنو جنهن مهراڻ جي ماڻري لاءِ ڪو آدرشي ڪردار ادا ڪيو هجي پر خود نوري اتهاس ۾ پنهنجو نالو لکرائي ويئي. هن ڪينجهر جي مهاڻن تان ڍل معاف ڪرائي ڇڏي ۽ تماچي کي احساس ڏيارئين تہ سادگي کان وڌيڪ سونهن ڪابہ ڪانهي. (5)

ٺهڙو ڪينجهر ۾ ڪين پئو جهڙي سونهن سندياس،
مڙ، مياڻيون، مڪڙا، مڙيئي معاف ٿياس،
مورڇل مٿاس، ايو تماچي تي هٿي.
(24_1)

سماجي تبديليءَ جا ڪيترائي ڪارڻ آهن پر سڀ کان اهم ڪارڻ نظرئي جي تبديلي آهي. ريتن رسمن جي بنياد تي نظريا قائم ٿين ٿا ۽ پوءِ اڳتي هلي اهي عقيدن جو درجو حاصل ڪن ٿا. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو شاهہ کي تبدل پسند سڏيندي چوي ٿو:

”شاهہ سائين اهڙو صوفي شاعر آهي، جنهن وقت جا سڀ سياسي، سماجي ۽ شاعرانہ نظريا ٽوڙيا. سنڌي تصوف جو هڪ نرالو رنگ نکري نروار ٿيو ان ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذهبي ڪشمڪش گهٽبي ويئي ۽ نوان مذهبي نظريا
انساني برادريءَ ۾ رواداري جا علمبردار بڻيا." (6)

مهاڻن (گندرن) جي باري ۾ اسان وٽ اهو تصور هو تہ اهي ڪوجها، ڪارا ڪُوَڙا ڪِڪِي جي ڏپ وارا ۽ مليڇ آهن. انهن جي ويجهو وڃڻ ۾ بدنامي آهي. اصل ۾ اهو نظريو سماجي اڻ برابري چاهيندڙ ٽولي جي گهڙيل سازش هئي، جيڪا روايت جو روپ ڏاري سنڌي سماج جو هڪ اٽوٽ حصو بڻجي چڪي هئي. اهو لطيف سائين ئي هو جنهن سُر ڪاموڏ ۾ مهاڻن جي باري ۾ اهڙيون حقيقتون ظاهر ڪري پراڻا قائم ڪيل نظريا پيجي پور پور ڪري ڇڏيا.

نوريءَ جي نماڻائي، سادگي ۽ سونهن گندرن جي دنيا ۾ اهڙو انقلاب آندو جو هر ڪو گندرو مان ۽ مرتبي جو مالڪ بڻجي پيو. انهن سان مٿي مائٽي ڪرڻ ۾ هر ڪو ماڻهو عزت ۽ مانُ محسوس ڪرڻ لڳو. اهو تاثر ڄام تماچي جي عمل سان سنڌي سماج ۾ پيدا ٿيو پر ان تاثر کي عام ڪندڙ ۽ ابدي حيثيت ڏيڻ وارو لطيف ئي آهي.

ٿٺا تماچي ڄام سين، مهاڻا محروم،
نئيَ وڏيَ گندريَ، مٿي ماڙي ڏوم،
جي ڪينجهر جي دوم، سي سڀ انعامي ٿيا.
(16_1)

سمن جي صاحبي واري سماج کي ڏسبو تہ ان وقت سنڌي سماج روايت، مٽ، وهم، عقيدي ۽ مخصوص معروضي حالتن جي شڪنجي ۾ قاتل هو ان آهني شڪنجي جي مضبوط سيخن کي سنڌ جي سمي حاڪم ڄام تماچي ٽوڙيو. جيتوڻيڪ ان جو محرڪ نوريءَ جي نماڻائي، سادگي ۽ سونهن هئي. نتيجي ۾ سماج جي هڪ پيڙهيل ۽ پٺ تي پيل طبقي کي حرمت ۽ حوصلو مليو.

ادب ۾ پروسي واري ڪردار جي سڌارڻ ۽ سنوارڻ سان گڏ ميتا جو سهرو بہ شاهہ سائين کي سونهين ٿو جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪٿي بہ اهڙي بخل کان ڪم ناهي ورتو. دراصل ڪنهن بہ سماج کي سڌارڻ ۽ فلاحي بڻائڻ جي جوابداري سڀ کان اڳ ۾ حاڪم تي عائد ٿئي ٿي. اهو ئي سبب هو جو هن ڄام جي ڪردار جي اهميت ۽ عظمت کي جيئڻ محسوس ڪيو تيئن ئي پيش ڪيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر سلامت سپرين! مَرَڪَڻ تون مَ مريج،
آهين ٿار اڪين جو، وٿان مون مَ وڇيج،
تماچي تڳيج، ڪو ڏينهن ڪينجهر ڪنڌيين.

(1_2)

حاصل ڪلام تہ شاهہ سائين سُر ڪاموڏ ۾ اهڙا سماجي مسئلا حل ڪيا آهن، جن جو واسطو حال، ماضي ۽ مستقبل سان آهي. هو تبديلي واري عمل سان گڏ تبليغ، رويج ۽ محسوسيات واري عمل مان بہ گذريو آهي. هو رمز ۽ علامت جو استعمال بہ ڪري ٿو تہ تصويري پيڪر بہ جوڙي ٿو. نوريءَ جي نمائنائي سان گڏ ڄام جي حاڪماڻي ذميواري، بصيرت ۽ محبت جو انداز ۽ سماجي روش بيان ڪري، ادبي طور تي ان کي اعليٰ ۽ ارفع مقام تي پهچائي ڇڏيو اٿس.

نڪي ڄايو ڄام ڪي، نڪي ڄام وياءِ،
ننڍيَ وڏيَ گندريَ، سين آهہ سياءِ،
"لم يلد ولم يولد" اِئُ نجابت نياءِ،
ڪِبر ڪبرياءِ، تخت تماچي ڄام جو.

(10_2)

ڄام جي ايڏي تعريف ۽ واکاڻ ڪرڻ هر ڪنهن شاعر جو ڪم ناهي. اها اهڃاڻي ٻولي آهي. حقيقت ۾ تہ ڄام مهاڻن جي خاندان مان نہ هوندي ۽ وڏي شان شوڪت ۽ دٻدٻي جو مالڪ هوندي بہ نوريءَ جي ناتي مهاڻن جو ايڏو تہ ويجهو عزيز ٿي پيو جو شاهہ سائين پنهي ڪردارن جي اهميت کي محسوس ڪندي انهن کي اهڃاڻي حيثيت بخشي ڇڏي.

شاهہ سائين هڪ هنڌ بيٺل سماج ۾ فڪر ۽ تدبر وسيلي نيون راهون گهڙيون آهن. هڪ شاعر کي سماج جا ڪوڙا سارا واقعا ۽ ڪردار محرڪ بڻجي سامهون اچن ٿا. اها سندس خوبي ۽ پرکا ليکبي تہ ڪهڙي واقعي ۽ ڪهڙي ڪردار کي هو اهميت ڏئي ٿو. سُر ڪاموڏ جي حيثيت ان ڪري بہ اهم ٿي پئي آهي جو شاهہ سائين ڪينجهر ڍنڍ ۽ ان جي آسپاس وارن علائقن کي سمبل (Symbol) ڪري چونڊيو ۽ ان ننڍڙي خطي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حوالي سان سماجي ۽ ڪائناتي مسئلا حل ڪيا. مٿيون بيت انهيءَ سماجي سوال کي سمجھڻ لاءِ بہ وڏي اهميت رکي ٿو.

شاهہ صاحب وٽ فن ۽ سماج جا مسئلا بہ وڏي اهميت رکن ٿا. فن خلا ۾ لٽڪيل ڪو جادو ناهي پر هڪ ليکڪ جي ذهن جي پيداوار آهي، جيڪو پاڻ سماج جو هڪ ذميدار فرد آهي ۽ پنهنجي سماج کان متاثر بہ آهي. شاهہ سائين سماج جي انهيءَ اهم واقعي کي اجاگر بہ انهيءَ ڪري ڪيو جو هو پاڻ ان واقعي جي محسوسيات مان گذري رهيو هو. هن اهو محسوس ڪيو تہ ڄام جيان پيا بہ تہ ڪوڙ حاڪم هئا، جن انهيءَ مسئلي کي بنهہ ڏنو ئي ڪونہ، پر ڄام تماچي جي حيثيت ان ڪري اُجاگر ٿي جو هن نوريءَ جهڙي بيوس ۽ نماڻي عورت کي نوازيو انهن جي ماڻهن جا محصول معاف ڪيا ۽ انهن جي سماجي حيثيت کي بحال ڪيو.

نوريءَ جي نوازيو، ٿيو تماچي تي،
گاڏي چاڙهي گندري، مارهو ڪئو مي،
ڪينجھر چوندا ڪي، تہ سچ سيائي ڳالهڙي
(8_2)

اميري غريبي جي تمام وڏي تفاوت ۽ طبقاتي وڇوڙي ڪري، جيڪا سماجي ڪشمڪش پيدا ٿي هئي، ان ڪشمڪش کي ختم ڪرائڻ ۾ نوريءَ جي تدبر ۽ حسن ۽ ڄام جي فهم ۽ عشق گڏجي وڏو ڪردار ادا ڪيو. لطيف سائين ان سماجي تبديليءَ کي محسوس ڪري ان واقعي جي حقيقت کي سُر ڪاموڏ ۾ امر بڻائي ڇڏيو.

اڄ بہ اسان جو سماج، ڪالهہ جيان تبديليءَ جو خواهشمند آهي. اڄ بہ ماڻهن جي مرضي آهي تہ ڪو نوريءَ جهڙي تدبر ۽ حسن جو پيڪر پيدا ٿئي ۽ اڄ بہ ڪو ڄام جهڙو سماجي سوچ رکندڙ خوبصورتين ۽ خوشبوئن جو متلاشي ميدان عمل تي اچي ۽ عوامي مسئلا حل ڪري، ڌرتيءَ کي امن، انسانيت، مساوات ۽ پيار جو گھر بڻائي ڇڏي. شاهہ سائين جو ويساهہ آهي تہ هڪ ڏينهن هيءَ ڌرتي جنت جو نمونو بڻبي ۽ انساني گوندر گم ٿيندا ۽ هر پاسي خوشيون ۽ ڪستوريون پکڙبيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پکا پکاريو چام تماچي آئيو
گُندر لاهيو گنڊِريون! آتڻ ،جاريو
ڪينجهر قرارئو سمي سام بخشي.
(12_2)

## حوالا


1. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر: "سهڻي ميهار ۽ نوري ڄام تماچي" لوڪ ادب جو ٿيهون ڪتاب، ادبي بورڊ ڪراچي، حيدرآباد 1972ع ص 229_230
2. سورلي ايچ. ٽي ڊاڪٽر: "پٽ جو شاهه" (ترجمو) سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي. 1992ع، ص 212
3. مولائي شيدائي رحيمداد: "شاهه جا گندرا" (مقالو) تماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد_ 1962ع، ص 131
4. ايضاً
5. ابڙو بدر: "سنڌوءَ جو سفر" سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 1994ع، ص_ 434_ 435
6. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر: "تنقيدون" سنڌالاجي ڄامشورو 1980ع ص_ 64




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر هدايت پريم

# شاهہ لطيف جي ٻولي ۽ سماج

سنڌي ٻوليءَ پنهنجي تاريخي دؤرن ۾ ڪيترائي ڪٺن مرحلا طئہ ڪيا آهن. خاص طور پنهنجو وجود، پنهنجو تشخص ۽ پنهنجي انفراديت کي برقرار رکڻ لاءِ ان کي تمام گهڻين ڏکيائين ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. هڪ طرف سنڌ جي ڪن ڏاهن، چڱن مڙسن ۽ عوامي ماڻهن پنهنجي مٺڙي ٻوليءَ کي عام واهپي لاءِ ڪم آندو. ٻئي طرف باڪمال شاعرن ۽ سگهڙن نج سنڌيءَ ۾ ڪلام چئي سنڌي ٻوليءَ کي صفحہ هستيءَ تان متجڻ کان بچائي ورتو. هن ڏس ۾ صورتحال هن طرح بيان ڪئي ويئي آهي. سنڌ تي عربن، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي حملن سنڌي ٻوليءَ کي چيپاڻي ڇڏيو. سنڌي ٻوليءَ ۾ شعر چوڻ وارا سرڪاري ۽ درٻاري سرپرستي نہ هجڻ سبب گمنام ٿيندا ويا. پهرين عربي پوءِ فارسي زبان ۾ شعر چوندڙن جو نانءُ ظاهر ٿيڻ لڳو. سنڌي ٻوليءَ جي عظيم شاعرن قاضي قادن، شاهہ ڪريم بلڙيءَ وارو، لطف الله قادري ۽ شاهہ عنايت جو ڪلام گُم ٿي ويو. (1) حضرت شاهہ عبداللطيف جي نهايت ئي اعليٰ فڪري ڪلام جي تخليق سان سنڌي ٻولي نهايت سگهاري بڻجي ويئي. شاهہ جي شاعري سنڌي ٻوليءَ جو سهارو بڻجي ويئي.

شاهہ لطيف جي دؤر ۾ سنڌي سماج ٻن وڏن طبقن تي مشتمل هو. هڪ مٿانهون طبقو جاگيردار ۽ وڏيرا ۽ ٻيو هيٺيون طبقو ڪڙمي، ڪاسبي ۽ محنت ڪش پورهيت. چئي سگهجي ٿو تہ اجوڪي دؤر جيان وچولو طبقو بہ هو. جيڪو وچولي درجي وارن شهرن ۾ آباد هو. شاهہ صاحب کي هيٺانهين طبقي جي ماڻهن سان دلي همدردي هئي. جيترو بيان پيڙهيل طبقي سان تعلق رکڻ وارن جو ڪيو اٿائون، اوترو ٻين طبقن جو ڪونہ ڪيو آهي.

شاهہ سائينءَ جو ڪلام مختلف سرن تي مشتمل آهي. سيني سرن جو پنهنجو پنهنجو موضوع، محل وقوع ۽ ايراضي آهي. اهڙي طرح اُتان جي ماحول جي ڀرپور عڪاسي ڪئي آهي. ساڳئي وقت ان علائقي جيءَ لفظن، محاورن، اصطلاحن جو استعمال ڪيو اٿائون. جهڙوڪ: ٿر جي رهڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڇڻ ۾ جو بيان سر سارنگ، مارئي ۽ سر ڏهر ۾ ڪيو ويو آهي. انهن جي ٽڙي ٻولي، جا ڪيترائي مخصوص الفاظ ڪم آندا آهن. ٿر جو بيان ڪندي ٿر جي ماڻهن جي تهذيب ۽ ثقافت سان گڏوگڏ ٿر جي اقتصادي ۽ سماجي حالتن کي بيان ڪيو ويو آهي. فرمايو اٿن:

"لوئي ۾ لائون، مون مارن سين لڌيون،
ڪاڄ ڪٿيرين سفرو سگر ۽ سائون،
مانڌاڻو ۽ مکڻي، قوت جن جو سائون."

شاهہ صاحب ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات کان موٽندي ٿر مان ٿيندو آيو. هو ٿر جي مارئڙن جي مسڪيني حال توڙي مال کان واقف ٿيو. نہ رڳو ڪيئي ٿري لفظ جهڙي رسالي ۾ ڪم آندائين پر ڪيترائي ٿري پهاڪا ۽ اصطلاح بہ پنهنجي ڪلام ۾ شامل ڪيا اٿائين. جهڙوڪ: ٿري ماڻهو هڪ ٻئي کي ڪيڪارڻ مهل "خير ڪين" چوندا آهن. شاهہ صاحب چيو آهي:

ڪمندڙن خيرڪين، چوندڙن چڱا نہ ٿيا.

اهڙيءَ طرح ٿر ۾ "نڪو اير نہ پير" چوڻي عام آهي. اها چوڻي بہ سر مارئي جي هن شعر ۾ آهي.

نڪو اير نہ پير، نڪو اوٺي آئيو
مون وٽ آيو ڪونہ، ڪو پائران پري پير،
ڪتابتون ڪير، آڻي ڏيندم ان جون.

سُر مارئي جا ڪردار مارئي، عمر، کيت وغيره ٿر سان تعلق رکن ٿا. ساري سُر ۾ ٿر جي مارئڙن جي رهڻي ڪهڻي ۽ رسم رواج جو ڀرپور ذڪر ڪيل آهي. اهڙي پس منظر واري ڪلام ۾ ٿري لفظن جو تمام گهڻو ذخيرو ملڻ ڪا اڻ ٿيڻي ڳالهہ نہ آهي. سر مارئي توڙي سر سارنگ ۽ ڏهر ۾ ڪيترائي ٿري لهجي جا لفظ ملن ٿا، جن ۾ ٿر جي جاين، پٽن، ڏهرن، کوهن، گاهن، ڪاڇن، ويس وڳن جا نالا شامل آهن. هت شاهہ جي ڪلام جون چند سٽون خدمت ۾ پيش ڪجن ٿيون، جن مان ٿر جو هُڳاءُ اچي ٿو:

- منهنجو هينئڙو سنگهارن ساري،
  مران شال ملير ۾، گولن سان گذاري،

- آءٌ تہ اکين اگهان، جي پائر ڏنءِ پير،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ٿر ٿر اندر ٿاڪ، عمر ماروئڙن جا،
لاٿائون لطيف چئي، مٿان لوئيءَ لاڪ،

- ٿر ٿر اندر ٿاڻءُ، وهين ويڙهيچن جو
- سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٽيام،
اباڻن جي آسري، ڪتي ڪا نہ ڪيام،
جا ڏٺ ڏڪيام، تنهن جو پرور پن رهائين.

- ور سي وطن ڄاڻيون، صحرا سَتر جن،
گولاڙا ۽ گگريون، اوڇڻ اباڻن،
ويڙهيا گهمن ولبين، جهانگي منجهہ جهنگن،
مون کي ماروئڙن، سڄ ڳڻائي سيج ۾،

- ڪارا ڪپڙ ڏيهہ ۾، ٻيا واريءَ منجهہ وٿاڻ،

شاهہ جي ڪلام ۾ عوامي لهجو موجود آهي. عام ماڻهو جيئن ڳالهائين ٿا، تيئن شاهہ صاحب بہ شعر ۾ عواميت کي برقرار رکيو آهي. سائينءَ پنهنجي دور جي عام رواجي لفظن کي عمومي طور ڪتب آندو آهي. مثلاً ”ماڻهو“ لفظ کي اڪثر جاين تي ”ماڙهو“ ڪري چيو اٿائون. لاڙ ۾ اڃا سوڌو ” ماڙهو“ چيو وڃي ٿو. ڪجهہ ٻيا مثال هت ڏجن ٿا:

- جوڳيءَ جاڳائي، ماري وڌو مامري،

اصل لفظ ”معاملو“ شاهہ صاحب اڪثر هنڌن تي ”مامرو“ ڪري ڪم آندو آهي. ڪي سنڌي ليکڪ پڻ هاڻي ”مامرو“ لکن ٿا. مامري لفظ جو نئين سر استعمال (Revival) ٿي رهيو آهي.

- جي ڇورين ڏنا ڇال، تپ لاهوتي لنگهي ويا.

هت ”تپ“ يعني ”تہ بہ“ استعمال ڪيل آهي. لاڙ ۾ اڃا بہ عوامي سطح تي تپ ڪم اچي ٿو.

- محبت جون ميڪان، تو سين لال لپيٽيون.

اصل لفظ ”ميخون“ آهي، جنهن کي ڦيرائي ”ميڪان“ اترادي لهجي موجب ڪيو ويو آهي. هت ”خ“ ۽ ”ڪ“ جو صوتي تبادلو ٿيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ عربن جي اچڻ کان اڳ ف/ز/خ/ء/غ صوتيا ڪونہ هئا. ان جا ٿي ڪن ثبوت ملن ٿا. 1_ عام اڻ پڙهيل سنڌي اڃا تائين ف، ز ح ۽ غ جي جاءِ تي ڦ، ج، ک ۽ گ ڪم آڻيندا آهن. 2_ نج سنڌي لفظن ۾ مذڪوره آواز ڪونہ آهن. 3_



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قديم خوجڪي صورتخطيءَ ۾ بہ ڪونهن. خ/جي جاءِ تي ڪ/ صوتيو شاهہ صاحب سنڌي ماڻهوءَ سان هم آهنگي ڏيکارڻ لاءِ ڪتب آندو آهي.

- لاهي غير گماڻ، اگڻ آءَ اڪنديين،
  مون گهر اچي جي ٿئي، مينڏرو مهماڻ،

اصل لفظ "گمان" ۽ "مهمان" آهن جن جو ديسي اچار "گماڻ" ۽ "مهماڻ" ڪيو اٿائون.

- ڪٿوري خوشبو سين، ولات سڀ واسي.

"ولايت" لفظ مان ي/حذف ٿيل آهي ۽ ان جو لهجو عوامي رنگ جو آهي.

ٻهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح، ٻوليءَ جي سونهن آهن تہ ساڳئي وقت اهي ٻولي ڳالهائيندڙن جي تهذيب، ثقافت، اقتصادي ۽ سماجي حالتن جي عڪاسي ڪن ٿا. پهاڪا چوڻيون ۽ اصطلاح سماجي قدرن مطابق جنم وٺن ٿا. سماجي قدرن کي پرکڻو هجي تہ ان سماج جا پهاڪا چوڻيون پڙهجن ۽ غور سان اڀياس ڪجي. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ آيل ڪيترين ئي سٽن جي حيثيت بہ پهاڪن جهڙي تي چڪي آهي. شاهہ جون سٽون ڪيترائي شاهہ جا عاشق وقت بوقت ائين چوندا آهن جڻ اصل کان محاورا يا ورجيسون هجن. اهڙين سٽن جو شمار اصطلاحن ۽ پهاڪن ۾ ڪيو ويندو آهي. اصطلاح دراصل بہ معنائون رکندو آهي. هڪ لفظي ۽ ٻي اصطلاحي معنيٰ يا مقصد ۽ مراد واري معنيٰ (3) ڪجهہ اصطلاح هت ڏجن ٿا، جيڪي شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ بہ جا بجا ملن ٿا:

- لائن لهڻ = طلب پوري ٿيڻ
- گهور هٽي گهرڻ = موثر طريقي سان گُهرڻ
- پير پرڻ = هلي وڃڻ
- جهونا ڳڙهہ جُهرڻ = موت (قيامت) اچڻ
- ڏيهہ کي ڏيکارڻ = سرخرو ٿيڻ.

چوڻيون، قول، مثال ۽ پهاڪا دراصل ڳالهہ جو ڳس يا رُخ ڏسيندا آهن. مختصر لفظن ۾ ڳالهہ جو رُخ چوڻي يا پهاڪي ذريعي ٻڌائي ڇڏبو آهي (4) مطلب تہ وڏي ڳالهہ ٿوري ۾ چئي ڇڏجي. شاهہ لطيف جون ڪيئي سٽون چوڻيون ۽ پهاڪا بڻجي ويون آهن. چند هت پيش ڪجن ٿيون:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو.
- سنها ياءِ مَر سپ، وياءَ واسينگن جا.
- تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا.
- هنج مڙيو ئي هنج، ميرو منجهن ناهہ ڪو.
- ماڻهو سپ نہ سهڻا، پکي سپ نہ هنج،

  ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.
- جونا ڳڙهہ جهرندو پوندي جهانءِ جهروڪ ۾
- راجا راڳائي، هردوئي هيڪ ٿيا.
- جهڙو پلو پان، تهڙا ڏان ڏياچ جا.
- تند ڪتارو ڪنڌ، ٿيئي پرتا پاڻ ۾.
- ناريون ناڻ ڪرين، راجا رات رمگيو.
- هڪ پيجل تي ٻجهي ٻي خبر هئي ڪنگهار کي.
- سج سياٽي جا ڪري، سامهيءَ سائي روءِ.
- پتنگ جيان پيدا ٿيو سامهي سج وڙاءُ.
- ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو.
- ڪوڙين ڪن سلام، اچيو آسڻ ان جي.
- ڏيا تيل ٿليل جا، ٻاريم تائين ٻانگہ
- ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو چوڏس چٽاٽو.

  راٽو ۽ راٽو، ريءَ راٽي ٻيو ناهہ ڪو.

حاصل مطلب تہ شاهہ جي ٻولي شاهہ جي دور جي سماج ۽ سماجي قدرن جي نشاندهي ڪري ٿي. سندس ڪلام جون هزارين سٽون پهاڪن ۽ چوڻين طور ڪم اچن ٿيون ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سونهن ۾ واڌارو ڪن ٿيون.

## حوالا


1. تنوير عباسي. شاهہ لطيف جي شاعري 1992ع ص 104.
2. علي نواز جتوئي. علم اللسان ۽ سنڌي زبان، 1996ع ص 157.
3. ڊاڪٽر اسد جمال پلي. مضمون ”سر سورٺ ۾ محاورا، اصطلاح ۽ چوڻيون“ ڪتاب سر سورٺ، مرتب: تاج جويو 2003ع ص 61.
4. ڊاڪٽر اسد جمال پلي. ساڳيو حوالو ص 62.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر محمد علي مانجھي

# شاھ لطيف رح جي سرمائيءَ جو پهاڪن طور استعمال

دنيا ۾ جيڪي بہ وڏا شاعر ٿي گذريا آھن، قومون انھن شاعرن سان پيار ڪن ٿيون. نسل انھن کي ياد رکن ٿا. مختلف مھل موقعن تي سندن شاعري پڙھي، ٻڌي، ٻڌائي ۽ ياد ڪئي وڃي ٿي. سنڌ ساڻيھہ ۾ بہ لوڪ شاعريءَ سميت اسان جي مھان شاعرن جي شاعري بہ نہ رڳو پڙھي، ٻڌي، ٻڌائي ۽ ياد ڪئي وڃي ٿي پر روزاني زندگيءَ جي ڪار وھنوار ۾ نياپن، ھدايتن، فڪر فھم، سمجهڻ سمجهائڻ ۽ مثالن طور استعمال ڪئي وڃي ٿي. انھن شاعرن ۾ قاضي قادن، شاھ ڪريم، ميون شاھ عنات، شاھ عبداللطيف ڀٽائي، خليفو نبي بخش "قاسم" ۽ شيخ اياز اچي وڃن ٿا.

لطيف تہ سنڌ جو اھو محبوب شاعر آھي، جنھن کي ھر طبقي ۽ ھر عمر جا ماڻھو نہ رڳو ياد ڪن ٿا ۽ ڳائين وڄائين ٿا پر ڪيس دل جي گھرائين سان پيار ڪيو وڃي ٿو. سندس ذڪر فڪر ڪيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ھو سنڌ ۽ سنڌ جي زندگيءَ جو شاعر آھي. اھا ھڪ شاعر جي تمام وڏي عظمت آھي ۽ پڻ قوم جو ساڻس پيار ۽ بنھہ ويجهڙائيءَ وارو رويو آھي، جو سندس شاعري سماج جي ھر فرد کي ٿوري گھڻي ياد ھوندي آھي. سندس بيتن يا بيتن ۽ واين مان سٽن جون سٽون جيئن جو تيئن روزاني زندگيءَ جي ڪاروھنوار ۾ ھدايتن، سھڻن نقطن، سمجهاڻين، سَنيھَن ۽ مثالن طور استعمال ٿينديون آھن. ايتري قدر جو سندس شاعري دعائن طور بہ استعمال ٿيندي آھي، ڇاڪاڻ تہ لطيف جي شاعري سڄي سنڌ ۽ سنڌي ماڻھن جي اندر جي سمورن احساسن ۽ ڪيفيتن جي شاعري آھي. سنڌ جي ماڳن مڪانن ۽ جيوت جي شاعري آھي. سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻھن جي ماضي، حال ۽ مستقبل جي شاعري آھي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻھن جي مڙني سيائن، سوچن ۽ ڪيفيتن جي شاعري آھي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻھن جي پسندن، ناپسندن، محبتن ۽ نفرتن جي ڀرپور اظھار ڀري شاعري آھي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻھن جي حقيقتن، حالتن، وسيلن ۽ مڙني مُندن جي شاعري آھي. سنڌ جي سيني ڪرتوتن ۽ ڪرت ڪارن جي شاعري آھي. اھو ئي سبب آھي جو سندس استعمال جو دائرو بہ بنھہ وسيع آھي. سندس شاعري ٻوليءَ جو اڻٽوٽ حصو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ڇڪي آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس شاعريءَ ۾ سڄي سنڌ موجود آهي.

لطيف جي شاعريءَ مان سوين بيت ۽ سٽون اهڙيون بہ آهن، جيڪي، چوڻين ۽ پهاڪن جو روپ ڌاري چڪيون آهن ۽ ٻوليءَ ۾ اهم جاءِ والارين ٿيون ۽ سڄي سنڌ جي هر واهڻ وستي ۽ علائقي ۾ هڪجهڙي دلچسپي ۽ جذبن سان استعمال ٿين ٿيون. سنڌي ٻوليءَ جا سيئي لهجا ۽ لاڙا سندس شاعريءَ ۾ موجود آهن، ڇو تہ لطيف اهو شاعر آهي، جنهن سڄي سنڌ جي هر هنڌ کي گهمي ڏٺو. ساموندي علائقا، سرو وچولو لاڙ ڪڇو ڪوهستان ۽ ٿر جي ٻاڙي ٻاڙي کي گهرائيءَ سان ڏٺو اُتي جي ماڻهن جي گذر سفر جا وسيلا، ڪم ڪار هنر، حرفتون، مصروفيتون، رسم و رواج، پسند ناپسند، دلچسپيون ۽ سنڌ جي مختلف علائقن تي پوندڙ اثرن جو بہ گهرائيءَ سان مشاهدو ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو ماڻهو پنهنجي اندر جي ترجماني محسوس ڪري ٿو. هر ماڻهو لطيف جي شاعريءَ کي وڏي احترام سان ٻڌي، ٻڌائي، ياد ڪري ۽ من ئي من ۾ ان جو ورد ۽ ورجاءُ بہ ڪري ٿو.

هتي اسان جو موضوع لطيف جي شاعريءَ جو پهاڪن طور استعمال آهي. پهاڪو اهڙي سخن يا نقطي کي چيو وڃي ٿو جيڪو وسيع آزمودي ڪانپوءِ حاصل ڪيل هدايت، سخن ۽ مثال هوندو آهي، جيڪو پويان نسل ضرورت وقت ڪتب آڻيندا آهن. پهاڪي يعني "Proverb" جي معني انگريزي ٻوليءَ جي شاهڪار ڊڪشنري "انسائيڪلوپيڊيا ڊڪشنريءَ" ۾ هيٺين ريت ڏني ويئي آهي:

"Proverb:- Short pithy saying in general ues, adage saw, by word, thing that is proverbial or matter of common talk didactic poetical." (1)

جڏهن تہ "دي برٽش انسائيڪلوپيڊيا" ۾ Proverb جي سمجهاڻي هيٺين ڏني ويئي آهي:

"A short pithy sentence forming a popular saying and expressing, in a keen quaint or lively fashin, some results of the experience of life-provesbs ase the feower popular wit and the treasure of popular wisdom. They give the result of experience in a form made impressive by rhyme alliteration parallism a pointed turn or comparison drawn from the most ordinary scenes and occurence of life which by the force of association makes there effect strong and permanent. Proverbs are plain spoken. They may be



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

unassuming, lively, grave or even subline, there general character is naivete. In their views as in the eye of the law, all are equal. They Lake cognisance of the virtues and vices and follies of all classes, without respect of persons. They pierce the object at which thery aim, and this in fact gives them currency and makes them that they are". (2)

"Proverb has been defined by cerruntes as "short sentences drawn from long experinces", by Howell as saying, which combine "sense, shortness and salt". By bacon as "the genius Wit and Sprit of a Nation", and Earl Russell as "The wisdom of many and the wit of one." They have formed an important part of the common wisdom of both Eastern and Western civilizations, and in this way they are intresting in a study of the spread and structure of language, as it has been pointedly applied to changing manners and customs". (3)

جڏهن تہ سنڌي پهاڪي متعلق مانواري مرزا قليچ بيگ "سنڌي لغات قديمي" ۽ "لغات لطيفي" ۾ پهاڪي جي معنيٰ واٽ، رستو ۽ پهه (4) ڏني آهي، انهيءَ معنيٰ ۾ پهاڪي جو مول سنسڪرت "پٿ" ۾ ڄاڻايو آهي، انهيءَ معنيٰ لاءِ هن شاهہ جي ئي ڪلام ۾ آيل هيءَ سٽ حوالي طور ڏني آهي:

"آتڻ وجهي آڳ ۾، پچنديس پوءِ پهاڪو".

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جو خيال آهي تہ پهاڪو سنسڪرت لفظ "پٿ" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ "کولڻ، ڪو راز پروڙڻ" آهي. هُن "تحقيق لغات سنڌي" ۾ پهاڪي جي معنيٰ هن ريت ڏني آهي. "پهاڪو (سن – پٿ + ڪو) ضرب المثل، ڏاهپ جو قول، ڪهاوت، مقولو مثال، نظير، سياڻپ، دانائي يا ڪنهن واقعي جو ٿورن لفظن ۾ اشارو رستو واٽ نصيحت" (4).

محترم ڊاڪٽر اياز قادريءَ جي خيال ۾ "پهاڪو" اصل ۾ پَهہ + آکو آهي، پَهہ معنيٰ ويچار سوچ. آکو – آکڻ معنيٰ چوڻ ڪا ڳالهہ. سوچ ويچار ڪانپوءِ چوڻ" (7).

پهاڪي تي سڀ کان وڏيڪ تحقيق ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي ڪئي آهي. هو پنهنجي شاهڪار ڪتاب "سنڌي پهاڪا ۽ محاورا" ۾ پهاڪي جي معنيٰ سمجهائيندي ڏيندي لکي ٿو تہ: "سنڌيءَ ۾ هڪ مصدر آهي پهڻ، اُن جون مکيہ معنائون آهن، خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح ونڻ يا ڏيڻ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچڻ، نبرڻ، مثال طور.

1_ تڏهن ويهي سان وارن پاڻ ۾ پهيو پرياڻا
(مخدوم غلام محمد ٻگائي)

2_ پتنگن پَهہ ڪيو، مڙيا مٿي مچ.
(شاهہ لطيف)

پَهہ ڌاتوءَ ۾ "آ ڪو" پڇاڙي گڏڻ سان لفظ ٺهيو آهي. "پهاڪو". اُن ريت فعل ڌاتوءَ ۾ "آ ڪو" يا "ڪو" پڇاڙي جوڙڻ سان سنڌيءَ ۾ ٻيا بہ اسم ٺاهيا آهن. جيئن تہ ميڙ (ميڙڻ) ميڙاڪو چُٺ، (چُٺڻ" چُٺاڪو لُڇڻ، لُڇڪو ڇٻڻ، ڇٻڪو ڇلڻ، ڇلڪو انهيءَ ڪري پهاڪي لفظ جي اکري معنيٰ آهي، اهو نقطو يا گفتو جنهن ۾ ڪو اونهو خيال يا ويچار سمايل آهي. عام ماڻهن جي روزاني جيوت ۾ اهو گفتو صلاح يا هدايت طور ڪتب آڻي ٿو جنهن مان ٻين کي اڪثر صحيح واٽ تي هلڻ لاءِ اشارو ملي ٿو(8).

اسان جي خيال ۾ مٿين عالمن جي ڏنل معنائن ۾ مرليڌر جيٽلي جي ڏنل معنيٰ ۽ سمجهاڻي ئي وڌيڪ سگهاري ۽ درست آهي. توڙي جو ڊاڪٽر مرليڌر جي مٿين ڏنل معنيٰ ئي ڪافي آهي، تنهن هوندي بہ هن صاحب پهاڪي کي وڌيڪ واضح ڪيو آهي. هو پنهنجي ڪتاب ۾ اڳتي لکي ٿو تہ "سنسڪرت لفظ پٿ يعني رستو مارگ. گس، سنڌي ۽ ٻين ڪيترين هاڻوڪين ٻولين ۾ ساڳئي روپ ۽ معنيٰ ۾ پڻ ڪتب اچي ٿو پر انهيءَ جو بدليل روپ پڻ پراڪرت. سنڌي، هندي، راجستاني، وغيره ٻولين ۾ ملي ٿو. جيئن تہ سنڌيءَ ۾ هي لفظ پَهہ. پَهو (سنسڪرت – پٿ) رستو واٽ، گس(9) پهي (سن – پٿن) واٽهڙو پانڌي، قاصد، همراهہ.

راجستاني ۽ هنديءَ ۾ پَهہ. پاهہ لفظ ملن ٿا، جن جي معنيٰ آهي رستو واٽ(10)

اهڙي ريت سمجهجي تہ پهاڪو سنڌي لفظ پهہ. پهو مان ئي نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي واٽ، رستو ڏس. پهاڪي جو مطلب آهي اهو ننڍڙو جملو يا جملي جو ٽڪرو جيڪو هدايت، سخن، سمجهاڻي، دانائي ڀريل گفتي يا ڏسڻ لاءِ اشاري طور ڪتب اچي ٿو. پهاڪا وسيع تجربن، مشاهدن ۽ نتيجن مان ڦُٽي نڪتل نقطن جا نچوڙ هوندا آهن. اُهي سياڻپ جا سخن ۽ نصيحت ڀريا نقطا آهن، جيڪي انسان جي زندگيءَ ۾ رهنمائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن ٿا. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي درست لکي ٿو ته: ”پهاڪا ۽ چوٽيون وهنواري زندگيءَ جي آزمودن مان حاصل ڪيل گيان پريا نفتا آهن. اسان جي ابن ڏاڏن زندگيءَ جي لاهين چاڙهين، ڏکن، ڏولائن، غمن، خوشين ۾ رهندي وهنواري زندگيءَ جي آزمودن مان جيڪي پراپو اهو سڀ سنجروئي، ننڍڙن، سخنن جي صورت ۾ پونين کي ورثي ۾ ڏيئي ويا. اهڙن ننڍڙن گيان پرين گفتن، سماج ۾ مروج ٿي پهاڪن ۽ چوٽين جو درجو حاصل ڪيو. هتي اها ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ جڳائي ته پهاڪا ۽ چوٽيون هڪ شخص جي دماغي ورزش جي پيدائش نه آهن. ڪو عالم جيڪڏهن ڪنڊ پاسيرو اڪيلائيءَ ۾ ويهي سوچ ويچار ڪري ۽ نصيحت آميز پُر معنيٰ نقطا لکي، عوام اڳيان رکي ته اهي پهاڪا يا چوٽيءَ جو درجو مشڪل حاصل ڪري سگهندا (11).

مطلب ته پهاڪا ڏاها ماڻهو ڪي ويهي (شعوري) ٺاهيندا ۽ گهڙيندا ڪونه آهن. نه ئي ڪي اُهي ٿوري وقت ۾ ئي پهاڪا بڻجي پوندا آهن پر اُنهن جي جڙڻ ۾ زمانن جو رياض هوندو آهي. انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته لطيف جي شاعريءَ ۾ زمانن جو رياض ۽ رچاءُ شامل آهي، ڊاڪٽر مرليڌر لکي ٿو ته ”انهيءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته هر ڪو پهاڪو هر ڪا چوٽي پهرين پهرين ڪنهن هڪ شخص جي واتان نڪتل آهي پر انهيءَ ۾ جيون جي سچائي اهڙي ته سهڻي، دلچسپ ۽ اثرائتي نموني پيش ڪيل آهي جو سماج جا ٻيا ماڻهو ٻڌندي ئي متاثر ٿيو ٿا وڃن ۽ پوءِ اُهي انهيءَ سخن کي اپنائي ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ پاڻ به استعمال ٿا ڪن. اهڙيءَ طرح هڪ شخص جي آزمودن ۽ جذبات جي سپاويڪ اظهار تي ٻيٺل سخن، عوام ۾ مروج ٿي پهاڪو يا چوٽي بڻجي وڃي ٿو. ڪن حالتن ۾ اعليٰ شاعرن جي بيتن جون ننڍڙيون ٽڪون به اثرائتيون ۽ دلڪش هئڻ سببان عوام جي دل ۽ دماغ تي چانئجي ٿيون وڃن (12)

هِن انهيءَ ڏس ۾ لطيف سرڪار جون هينيون سِٽون مثال طور ڏنيون آهن.

1. ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين.
2. ڏک سُکن جي سُونهن، گهوريا ڏک سکن ري.
3. تتيءَ ٿڌي ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي.

لطيف اُهو عظيم شاعر آهي، جنهن جي شاعريءَ ۾ گهرو مشاهدو آزمودو حڪمت، دانائي، ڄاڻ، سوچ، ويچار آهي. انسانن جي اعليٰ گڻن جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احوال (مثال طور) آهن. تهذيب، تمدن، ڪلچر جي عڪاسي تيل آهي، تاريخي، نيم تاريخي، عشقيه داستان، قصا، ڪهاڻيون ۽ سنڌ ساڻيهہ جو هر نظارو بہ موجود آهي. سنڌ جي رهڻي ڪهڻي، ريتون رسمون، عقيدا، وهم وسوسا، اظهار جا نمونا، حرفتون ، هُنر، ڌنڌا، فن ۽ ڪاريگريون موجود آهن. مطلب تہ سنڌ جون سموريون جهلڪون سندس شاعريءَ ۾ موجود آهن. ذڪر ٿي چڪو آهي تہ لطيف جا ڪيترائي بيت، بيتن ۽ واين جون سٽون نہ رڳو عام زندگيءَ جي ڳالهہ ٻولهہ، ڪار وهنوار ۾ بنهہ ڀرپور نموني سان ڪتب ٿين ٿيون پر لطيف جي شاعري پهاڪن طور بہ گهڻي استعمال ٿي ٿئي. مثال طور هيٺان بيت ۽ سٽون عام زندگيءَ ۾ تمام گهڻيون ٻڌيون وينديون آهن ۽ اُهي پهاڪن طور ٿي ڪتب اينديون آهن.

حيف تنين هوءِ، وطن جن وساريو.

–

ڇلي ڇڏ مَ ڇپرين، ڏلي ڇڏ مَ ڏيهہ.

–

سڄڻ ۽ ساڻيهہ، ڪنهن آڻاسي وسري.

–

ايءَ نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائين سون تي.

–

ڏڪاريا ڏيهہ مان، موڏي شال مرن.

–

ڇپاتا ڇڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ.

–

ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو.

–

گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ تورا ڏينهنڙا.

–

ويا سي وينجهار، هيرو لعل وڌين جي.

–

سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

-

وکر سو وهاءِ، جو پٽي پراڻو نہ ٿئي.

-

ستر ڪر ستار، آءُ اگهاڙي آهيان.
ڍڪين ڍڪڻهار، ڍيئي پاند پناهہ جو.

-

صاحب ڏي شفا، ميان مريضن کي

-

ٻيا بہ اهڙا ڪيترائي بيت ۽ بيتن جون سٽون آهن، جيڪي پهاڪن طور استعمال ٿين ٿيون. حقيقت ۾ لطيف جي شاعريءَ ۾ عام سنڌي ماڻهن جي جذبن، ڪيفيتن، احساسن، تجربن ۽ سوچ ويچار جو گهرو بيان آهي. سنڌي ماڻهن جي سيپيتا جو وسيع عڪس ملي ٿو. هُونئن تہ لطيف جي شاعريءَ مان سوين سٽون پهاڪن طور ڪتب آڻجن ٿيون پر اڄ اسان جو موضوع سر مارئي آهي، تنهن ڪري هتي فقط انهن بيتن ۽ واين جي سٽن جو ذڪر ڪبو جيڪي پهاڪن طور استعمال ٿين ٿيون.

سُر مارئي ۾ وطن جي حُب ۽ آزادي مرڪزي موضوع آهي، هي سُر ساڻيهہ جي سڪ، خودداري، اڏولپڻي، عزم ۽ استقلال جو سُر آهي. هي سُر پنهنجن ۽ پنهنجي ملڪ سان بنهہ گهڻي محبت، هر ڏکي حالت ۾ بہ پنهنجو ستل سيل سلامت رکڻ جو هڪ اعليٰ درس آهي. هي بنهہ مشڪل حالتن ۾ بہ اُميدن جو سُر آهي. هيءُ سر بنهہ گهڻي محبت ۽ خلوص ڀري فطري رهڻي ڪهڻيءَ، جهڙي تهڙي پر پابندين کان بنهہ آجي ماحول جو داستان آهي. هن سُر ۾ اعليٰ اخلاقي خوبين، زندگيءَ جي اعليٰ قدرن، ڳڻن ۽ لڇڻن جو چٽو ۽ سچو عڪس آهي. هيءُ سر سنڌ جي اعليٰ سماجي قدرن جو آئينو آهي.

اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جستجو، جاکوڙ ۽ سخت کان سخت حالتن کي بہ مُنهن ڏيڻو پوندو آهي. محنت ڪرڻي پوندي آهي. ڪشالا ڪڍڻا پوندا آهن. مصيبتن ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو ڀُر ڀيچ پيچرن تان لنگهي پار ٿيڻو پوندو آهي. سخت پيڙائن جا پنڌ ڪرڻا پوندا آهن. پنهنجي منزل مقصود حاصل ڪرڻ لاءِ بنهہ خراب ماحول کي بہ منهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻو پوندو آهي. جڏهن نہ چاهيندي بہ گُھٽيندڙ ماحول جون سختيون بہ برداشت ڪرڻيون پونديون آهن. جڏ ن ماڻهو پنهنجي پاڻ کي بيوس ۽ لاچار محسوس ڪندو آهي ۽ اهڙي ايذائيندڙ ڪيفيت جي اظهار لاءِ لطيف جي هنن لفظن ۾ چٽيو آهي تہ:

قسمت قيد ڪياس، نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾.
(1/16)

پنهنجي اعليٰ مقصد لاءِ ڪيترائي ايذاءَ، آزار ۽ سختيون سهڻيون پونديون آهن. قيد و بند رڳو لوڙهن، ديوارن ۽ ڪڙن ۾ بند رکڻ جو نالو بہ نہ آهي پر قيد تہ اُهي مشڪل ماحول ۽ نظام جون سختيون پابنديون بہ آهن، جن ۾ هر قسم جي اظهار جي بندش هجي ٿي. انسان هميشہ اتي ئي رهڻ چاهيندو آهي، جتي پنهنجا ۽ پنهنجائپ هجي، جتي انسان تي ڪنهن بہ قسم جو دٻاءُ ۽ بندش نہ هجي، ڇاڪاڻ تہ انسان جو آزاد رهڻ فطري آهي. انسان تہ ڇا پر هر ساهوارو آزاد رهڻ چاهيندو آهي. انهيءَ جي ابتڙ جيڪڏهن ڪيڏا بہ محل ماڙيون، نت نانگر هجن، اُتي پنهنجا ۽ پنهنجائپ نہ هجي ۽ آزاد فضا نہ هجي تہ انسان لاءِ هڪ گهڙي گهارڻ بہ بنهہ ڏکي ۽ ايذائيندڙ هوندي آهي. جڏهن سختيون ۽ صدما ڏيندڙ ۽ گُهٽيندڙ ماحول ۾ بہ پنهنجي اعليٰ مقصد ڏانهن وکون کڻندي وڌبو رهبو آهي. تڏهن چيو ويندو آهي.

ڪوٺين گهاري ڪير، محلين منجهي مون هنيون.
(2/1)

انسان جي فطرت آهي تہ هو نہ رڳو آزاد رهڻ چاهيندو پر پنهنجن سان گڏ رهڻ گُهرندو آهي. جهڙي تهڙي ماحول ۾ تہ گهاري سگهندو آهي پر پنهنجا ۽ پنهنجائپ جو احساس ضرور طلبيندو آهي. هر باضمير ۽ سالم ذهن انسان پنهنجي تهذيب، تمدن، ثقافت، رسم رواج وغيره تي فخر محسوس ڪندو آهي، ان سان پيار پڻ انسان جو فطري عمل آهي. پنهنجي ثقافت، رسم رواج، سوچ ۽ فڪر نہ ڇڏڻ لاءِ لطيف جي هن سٽ ۾ اظهاريو ويندو آهي:

جا ڏنيم ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لڄ مران.
(1/3)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن اندر ۾ آزار هوندا آهن، اندر دردن سان ڀريو پيو هوندو آهي. ـڪ ڳُڻ ڪان گهڻا هوندا آهن، تڏهن ماڻهوءَ جو هانءُ ڀرجي ايندو آهي ۽ اکيون ڇُلڪڻ لڳنديون آهن. جڏهن ڪنهن دردمند يا پنهنجاپ رکندڙ ماڻهوءَ سان اُنهن ڏکن جو اظهار ڪبو آهي، تڏهن لطيف جي هيئين سِٽ زبان تي تري ايندي آهي:

لڙڪ نہ لکڻ ڏين، ڪرئو پُن قلم تي.
(2/2)

سماج جون حالتون ڪڏهن ڪڏهن ايتريون تہ ڏکيون ٿي پونديون آهن، جو ماڻهو چاهيندي بہ ڪجهہ ڪري نہ سگهندو آهي. پنهنجي اعليٰ مقصد جي منزل ڏانهن وک وڌائي نہ سگهندو آهي. ماحول مجبور ۽ لاچار ڪري وجهندو آهي. جڏهن ويل بہ پرجي ايندي آهي ۽ پوءِ بہ بيوسي وڌڻ يا ڪجهہ ڪرڻ نہ ڏيندي آهي. تڏهن چئبو آهي تہ:

هَئي منهنجي حال، جئن مُندون سارئو نہ مَران.
(2/10)

پنهنجي اعليٰ مقصد لاءِ جدوجهد ڪندي هر غيرتمند ۽ باضمير ماڻهو، هر لالچ لوڀ تڏي ڇڏيندو آهي. پنهنجي اعليٰ مقصد تان هٽائڻ لاءِ ڪابہ سوديبازي ڪرڻ جو تصور بہ نہ ڪندو آهي. غيرتمند ۽ باضمير ماڻهوءَ جو اهو شيوو ئي نہ هوندو آهي تہ هو پنهنجي مقصد تان هٽي وڃي. يا لوڀ ۾ اچي پنهنجا نظريا ئي تبديل ڪري ويهي. باضمير ماڻهو تہ بک مرڻ ۽ هر سختي برداشت ڪري سگهندا آهن پر پنهنجي مقصد تان هٽڻ جو تصور بہ نہ ڪندا آهن. ڇو تہ هو ويڪائو مال ٿيڻ کي زندگي ۽ زماني جو وڏو عيب ۽ انسانيت تي داغ ياڻيندا آهن. تنهن ڪري باضمير ماڻهو ئي هدايت طور لطيف جي اعليٰ سٽن جو سهارو وٺند آهن. اها ئي لطيف جي عظمت آهي جو هو چوي ٿو تہ اهو انسان جو ڳڻ ئي نہ آهي جو هڪ ڪيڏي وڏي (يا ننڍي) لالچ تي پنهنجا سيڻ مٽي ڇڏي هيءَ هدايت، هي سخن اڪثر چيو ويندو آهي.

اِيَ نہ مارن ريت، جئن سيڻ مٽائين سون تي.
(3/8)

جڏهن زندگي گهڻن ڏکن ۾ گذري ويندي آهي، ماڻهوءَ وٽ رڳو درد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي درد وچي رهندا آهن. سندس پلپل پيڙاءُ ۾ گذريل هوندو آهي، ماڻهو سک سنيرندڙ ي نہ آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو حال پڇندو آهي تڏهن جواب ۾ يا پنهنجي حال جي اظهار لاءِ چوندو آهي تہ:

مون کي ماروئڙن، سُڄ ڳٽائي سيج ۾.
(3/17)

ڪنهن بہ عمل جي ڪري، جڏهن ڪو پڇتاءُ جو احساس جاڳندو آهي، يا ڪنهن عمل ڪرڻ کان سواءِ بہ ڪو ماڻهو ڪنهن ڏکيائي يا عيب وغيره جو سبب بڻبو آهي، تڏهن چيو ويندو آهي:

هيڪ نہ جاياس، ٻئو جاپندي جي مران.
(5/3)

پنهنجي منزل ڏانهن ويندي باضمير ۽ اعليٰ انسان جيڪي ڪاٻہ سوديبازي وغيره نہ ڪندا آهن، تن کي تمام گھٽيون تڪليفون ۽ مصيبتون پيش اينديون آهن. سماج انهن لاءِ وک وک تي ڇپيون ڇيرا بڻجي پوندو آهي. سختيون ۽ سور ڏيندو آهي. پنهنجي اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي بہ تڪليفون، سختيون ۽ مصيبتون پيش اينديون آهن. اعليٰ انسان اُنهن کي برداشت ڪندي فخر محسوس ڪندا آهن. هو ڦاهيءَ ڦندا ڏسي بہ خوش ٿيندا آهن. سوليءَ ڏانهن ويندي بہ سَرها ٿيندا آهن. سخت کان سخت تڪليف برداشت ڪندي، هنن جو عشق چوٽ چڙهندو آهي، اعليٰ مقصد لاءِ برداشت ڪيل سمورين سختين ۽ سورن تي هن کي فخر محسوس ٿيندو آهي. تنهن ڪري اهڙي ڪيفيت جي اظهار ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آهي:

سڪر سيئي ڏينهن، جي مون گھارئا بند ۾.
(5/5)

اعليٰ انسان، اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ تہ هر تڪليف برداشت ڪندا آهن پر هو پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ ضرور گُھرندا آهن. توڙي جو هو موت کان ڪڏهن بہ نہ ڊڄندا آهن پر موت جي منهن ۾ ويندي بہ پنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ زور ڏيندا آهن، هو اهو نہ چاهيندا آهن تہ مقصد جي حاصلات بنا موت اچي. تنهن ڪري هو چاهيند آهن تہ مقصد حاصل ڪري پوءِ پلي موت بہ ملي. جڏهن ڪو پنهنجي مقصد جي حاصلات لاءِ جدوجهد ڪندي، سختيون سهي رهيو هوندو آهي تڏهن پنهنجي مقصد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان سچو رهڻ ۽ حاصل ڪرڻ لاءِ چيو ويندو آهي:

الله ائين مَ هوءِ، جيئن آنءَ مران بند ۾

(5/6)

سُر مارئي ۾ مارئي، وقت جي حاڪم جي ڪوٽ ۾ قيد و بند رهندي به هيڏي ساري حاڪم، بادشاهه آڏو ڪنڌ نٿي جُهڪائي ۽ پنهنجي ست کي به سلامت رکي ٿي. مارئيءَ جو ڪردار ڪمزور، مجبور، بيوس، لاچار، مسڪين ماڻهن جي لاءِ عزم، همت، بهادري، استقلال ۽ وطن جي حُب جو اعليٰ سبق آهي. اٽل رهڻ، عزم ۽ استقلال قائم رکڻ اسان جا بنهه اعليٰ گُڻ آهن. پنهنجي اعليٰ مقصد حاصل ڪندي موت به بي معنيٰ ٿي وڃي ٿو. جي پنهنجي منزل تي رسجي ۽ پوءِ موت اچي ته اهو موت به چڱ خوبصورت زندگي آهي. اندر جي اهڙي خوبصورت تصور جي اظهار ڪرڻ لاءِ لطيف جي هيءَ سِٽ چئي ويندي آهي.

ميائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي

(5/14)

سچا ۽ مڪمل انسان پنهنجي محبوب/مقصد سان ڪنهن به ٻي شيءِ جي شراڪت کي بنهه خراب سمجهندا آهن. هو پنهنجي زندگيءَ ۾ اٽل هوندا آهن. ڦرڻا، گهرڻا، هلڪڙا هرگز نه هوندا آهن. هونئن به محبوب/اعليٰ مقصد تبديل نه ٿيندا آهن. جڏهن پنهنجي محبوب/مقصد تان ذرو به نه ٽڙڻ جي ڳالهه ڪبي آهي يا توڙ نيائڻ جي سختيءَ سان ڪا ڳالهه ڪبي آهي تڏهن لطيف جي هيءَ هدايت پري سٽ سخن طور سُڻائي ويندي آهي:

ڪانڌ نه ڪنديس ڪو ٻئو ڪتيرو ئي خوب.

(5/23)

جڏهن پنهنجي ملڪ/علائقي کان پري رهبو آهي ۽ پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجن دل گهرين جي ياد گهڻو ستائيندي آهي، خاص ڪري تڏهن جڏهن ڪي ماڻهو زبردستي پنهنجن ۽ پنهنجن ڪکن (گهرن) کان پري ڪيا ويندا آهن. قيد و بند ڪيا ويندا آهن ۽ پنهنجي اجهن کي ڏسندي ۽ منجهن رهندي گهڻا ڏينهن لڳي ويندا آهن، تڏهن چيو ويندو آهي:

پکا ۽ پنوهار، ڏٺي مون ڏينهن ٿيا.

(6/7)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ڪنهن جي غربت جي ڳالهه ڪبي آهي، تڏهن چيو ويندو آهي:

آٽين ۽ چاڙهين، ڏٽ ڏينهاٽي سومرا

(6/7)

دل گُهريا سدائين چڱايون ۽ احسان ڪندا آهن. دل گُهرين جي احسانن ۽ ڀلاين جا ليکا نه ڪبا آهن. ڇاڪاڻ ته وٺائڻ سدائين سٺائيءَ جي اُميد هوندي آهي. جڏهن ڪنهن دل گهرئي جي احسانن ۽ ڀلاين جو ذڪر ڪبو آهي. تڏهن اُنهن جو ليکو ئي نه ڪرڻ جي اظهار لاءِ چيو ويندو آهي ته:

ڀلائيءَ ڀيرا، ڳڻي ڳڻيان ڪيترا

(6/19)

لطيف سرڪار اهو شاعر آهي، جنهن وٽ وطن جي ماڻهن ۽ وطن جي محبت سڀ کان مٿانهين آهي، سُر مارئي ته سراپا ساڻيهه ۽ ساڻيهه واسين سان عشق آهي. لطيف جي هيءَ سٽ هدايت ۽ سخن طور بنهه گهڻو چئي ويندي آهي.

وطن جن وساريو حيف تن کي هوءِ.

(وائي / 6)

جڏهن اول کان آخر تائين توڙ نڀائڻ جي ڳالهه ڪبي آهي يا عشق جي رشتي جي سچائيءَ جو ذڪر ڇيڙبو آهي. تڏهن چيو ويندو آهي:

مون مارو‍ءَ سين، لڏيون، لوئيءَ ۾ لاتُون.

(7/3)

انسان تي جهڙا به ڏينهن، وقت، زمانا وغيره ايندا آهن ته اُهي گهارڻا پوندا آهن. اُهي ڏينهن جيڪڏهن مايوس تي روئندي گذاربا ته به گذري ويندا پر روئندي ۽ مايوس تي گهارڻ سان اُهي لمحا ۽ ڏينهن وڌيڪ تڪليفون ڏيندا. حوصلا خطا ٿيڻ سان ٻين گهايلن جي حوصلن تي به اثر پوندا. تنهن ڪري هر مشڪل وقت کي بهادري ۽ اڏولپڻي سان گهارڻ گُهرجي. لطيف جو اهو درس اڪثر نه رڳو ٻين کي پر ڪڏهن پنهنجو پاڻ کي به چئي حوصلا بُلند رکڻ لاءِ اُتساهيو ويندو آهي:

جهڙا اچن ڏينهڙا، گهايل وڃني گهار.

(7/18)

ڪوهه تڏهن سنجبا آهن، جڏهن ڏڪار هوندو آهي، مينهن نه پوڻ جي ڪري ڪوهه سُڪي ويندا آهن. جڏهن تڙ ۾ ڏڪار پوندو آهي، وڻ ٽڻ سُڪي ويندا آهن، پاڻيءَ جي سطح هيٺ لهي ويندي آهي. نيٺ ڪوهه به سُڪڻ لڳندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. اها حالت ڏاڍي ڏکي هوندي آهي. اهڙي حالت ۾ ٻہ اُهو ديس جتي ڪوهہ مان پاڻي سنججي، پوءِ بہ وطن پلو تڏهن نہ ڇڏيندو آهي. جڏهن اندر ۾ وطن لاءِ اٿاهہ محبت هوندي آهي، ڪوهہ سنجڻ يا چوڻڻ جيڪو هڪ ڏکيو عمل آهي ۽ پيو وري سنجيل پاڻي بہ ڪارو هجي. مطلب تہ هر لحاظ سان ڏکي حالت هجي پوءِ بہ پنهنجو ديس پلو لڳندو هُجي. ڏکين حالتن ڪي منهن ڏيندي محبت ڪي قائم رکڻ جي اظهار لاءِ هيٺين سِٽ سُخن طور اڪثر چئي ويندي آهي:

ور سي ڪارا ڪوهہ سنجيم جي ساٽيهہ جا.

(7/8)

سخت ڪان سخت حالتن ۾ رهي پنهنجي عشق جي سچائيءَ ڪي سلامت رکڻ ۾ ئي مهانتا آهي. هر تڪليف برداشت ڪري بہ پنهنجي اعليٰ مقصد سان لڳاءُ جا جذبا بچائڻ، مصيبتن پرئي ماحول ۾ رهي بہ سچائيءَ ڪي جيئڻ جو تيئن سلامت رکڻ وڏي ڳالهہ آهي. پنهنجي عزت ۽ ست سلامت رکڻ اعليٰ گڻن ۽ قدر رکندڙ ماڻهن جو مرڪ آهي. اهڙا عمل فقط اعليٰ انسان ۽ عاشق ئي ڪري سگهندا آهن. دعويٰ تہ هر ڪو ڪندو آهي پر اصل حقيقت ۽ صداقت اُن وٽ هوندي آهي، جيڪو سخت خراب حالتن ۾ رهي بہ پنهنجي سچائي ۽ عزت ڪي سلامت رکندو آهي. الهڙ ماڻهن ڪي آزمودگار ماڻهو هدايتون ۽ ڏس ڏيندا آهن. اصل حقيقت جو احساس ڏيارڻ لاءِ اڻ واقفن ڪي هيٺين سٽ ٻڌائي ويندي آهي:

هتي جي هُيون، تہ سُڌ پيرين سيل جي

(8/26)

سطحي ماحول، ناانصافيءَ تي ٻڌل value less سان اعليٰ انسان ڪڏهن بہ ناهہ نہ ڪندا آهن. هو ٻاڙي يعني غليظ ۽ گهٽيا قدر رکندڙ سماج سان سمجهوتو نہ ڪندا آهن، هو سدائين اعليٰ قدرن پرئي سماج اڏجڻ جي انتظار ۾ رهندا آهن ۽ هو انهيءَ لاءِ ڏاڍا پُراميد هوندا آهن. لطيف تہ هونئن ئي عزم، خودداري ۽ اُميدن جو شاعر آهي. ٻاڙي يعني غليظ سماج سان ناهہ نہ ڪرڻ ۽ اُجري سماج جو انتظار ڪرڻ يعني سچو رهڻ جي هدايت طور هيءَ سٽ ٻُڌائي ويندي آهي:

ٻاڙو پئي نہ ٻيڙي، سدا آبر آسري

(11/3)

لطيف جي سر مارئيءَ جي شاعريءَ ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ئي سٽون آهن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي ٻهاڪن طور استعمال ٿين ٿيون. جن مان ڪجهہ سٽون هيٺ ڏجن ٿيون

1. هنيون هڪ هُئوم، جو مون ڏ ر پرينءَ کي.
(24/2)

2. ڪٿيريءَ تان ڪِل، عمر اهڙي مَ ٿئي.
(14/3)

3. آئون ڪيئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏينهان.
(3/7)

4. ميروئي محبوب، اسان مارو من ۾.
(متفرقہ 15)

5 جيئن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍيرِ، تيئن مون منَ ماروئڙن سين
(متفرقہ 34)

6. بندي ٻٿا قرار، آئن ٿي لوچان لوهہ ۾
(7/5)

7. هنيون هڪ هئو، سو پرزا ٿي پئو.
(2/23)

8. ٻهريان وچان لوءِ، ٻوءِ مَر ٻُچنم ڏينهڙا.
(2/7)

9. هيءَ جا ڪيئي هاءِ، سا مَنهدان ايندئي مُنهن ۾.
(3/4)

10. سڪڻ ڪيا شهيد، مارو ملڪ ملير جا.
(3/13)

11. مَران جي هن هنڌ، نجاهہ مَڙهہ ملير ڏي
(5/8)

12. ٻاٻاڻن سين ٻول، ڪيم نہ ڪوٽ وهڻ جا.
(5/20)

13. اِيءَ وَرُ ويڙهيچن، مون لوڏائين لکيو.
(6/9)

14. ويٺي پُوچان پيرِ، مانَ ملنم ڪڏهين.
(8/10)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حوالا

1. "The Readers Digest, great. Encyclopadic Dictonary" Vol:2 The readers Digest Association London Compiled by Oxford University press. 1964. P 711
2. The British Encyclopedia Vol:8 Odhams press Limited London W.c2, 1933 p 448
3. Same p 448
4. مرزا قليچ بيگ "سنڌي لغات قديمي" حيدرآباد، 1964ع ص 96 ۽ پڻ ڏسجي مرزا قليچ بيگ "لغات لطيفي" سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ڇاپو ٽيون. 1994ع ص 227
5. سنديلو عبدالڪريم "تحقيق لغات سنڌي" ڇاپو ڇوٿون لاڙڪاڻو سنڌ. 1963ع ص 130
6. "جامع سنڌي لغات، جلد ٻيو، مرتب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو– حيدرآباد 1981ع ص 854
7. قادري اياز ڊاڪٽر. "شاهہ جو ڪلام ڀهاڪن طور." ڪتاب "لطيفي لاٽ" مرتب ممتاز مرزا، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد – 1992ع ص 18
8. جيٺلي مرليڌر ڊاڪٽر. "سنڌي ڀهاڪا ۽ محاورا" – جوڙيندڙ سنتداس پنهون مل ڪشناڻي، سننتل، پي وي ڪشناڻي ٽرسٽ پٽي (مهاراشٽر) ڀارت 1993ع ص 17
9. سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄ بہ واٽ، گس، رستي لاءِ ڀهو لفظ استعمال ٿئي ٿو. اڄ بہ ٻيلن ۾ جيڪي رستا ٺاهيا ويندا آهن يا ٺهيل آهن، اُنهن رستن کي ڀهو چيو ويندو آهي.
10. جيٺلي مرليڌر ڊاڪٽر. "سنڌي ڀهاڪا ۽ محاورا" ص 19
11. ساڳيو حوالو ص 15
12. ساڳيو حوالو ص 16

## شاهہ جا رسالا

(الف) "شاهہ جو رسالو" مرتب مرزا قليچ بيگ، ڇاپو ٽيون، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو. حيدرآباد سنڌ 1994ع.
(ب) "شاهہ جو رسالو– شاهہ جو ڪلام" جلد 8 ۽ 9 محقق ۽ شارح ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت– حيدرآباد سنڌ –1999ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر انور فگار هَڪڙو

# ٻولي ۽ سماج جي ترقيءَ ۾ لطيف جو ڪردار

سنڌ جو عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائي (1689 – 1752ع) پنهنجي فني ۽ فڪري وسعتن جي ڪري جنهن ڪمال تي پهتو آهي، تنهن تائين رسائي دنيا جي ڪن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن شاعرن کي نصيب ٿي سگهي آهي. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ شاعر جي فڪر ۾ وسعت ڪيئن ٿي اچي؟ جنهن ڪري هو ايڏي ڪمال کي پهچي پاڻ کي مڃائي ٿو.

انهيءَ سوال جي جواب حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي شاعر ڏانهن ئي رجوع ڪرڻو پوندو. سڀ کان اول شاعر جو ذاتي ۽ شخصي مطالعو ڪرڻو پوندو. ان کانپوءِ سندس اردگرد جي ماحول، سماج ۽ ٻوليءَ کان ٿيندو هن جي مطالعي، مشاهدي، فني ۽ فڪري روايتن توڙي ورثي توڙي تجربن کان وچي ادراڪ ۽ احساس تي دنگ ڪبو. ائين ئي اسان کي شاهہ لطيف جو مطالعو پڻ ڪرڻو پوندو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو ذاتي ۽ شخصي مطالعو تہ هاڻي ڪنهن کان بہ ڳجهو ڪينهي، محققن تحقيقي طور جيڪي نتيجا حاصل ڪيا آهن، انهن تي ئي اڪتفا ڪرڻي آهي، انهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو فطري طور ننڍپڻ کان ئي شاعرانہ طبيعت رکندڙ هو. جنهن ڪري حسن ۽ سونهن جو پرستار هئڻ سان گڏ بي نياز رهڻ پڻ پسند ڪندو هو. گهري چاڻ ۽ ذاتي مشاهدي کي وڌيڪ ترجيح ڏيندو هو جنهن ڪري انهن جي حصول خاطر استادن، عالمن ۽ عارفن کانسواءِ جوڳين ۽ سنياسين جون صحبتون پڻ بنا ڪنهن رنگ ۽ نسل جي فرق سان اختيار ڪرڻ سان گڏ گهڻو سير ۽ سفر بہ ڪندو رهندو هو. اهڙين ڪوشش ۽ ڪشالن منجهس ايتري گهرائي پيدا ڪئي جو هو بيمثال باريڪ بين بڻجي پيو. سندس ادراڪ ۽ احساس منجهس سمنڊ سمائي ڇڏيو جو هن جي ڌرتي، ٻولي، سماج ۽ عوام لاءِ پيو چوليون هڻندو رهيو. پاڻ پنهنجي ٻولي ۽ سماج توڙي ڌرتيءَ واسين ڏانهن انتهائي ذميواري محسوس ڪندي، جيڪو شاعرانہ انقلابي ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، تنهن کي ڪير نٿو واڪاڻي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايچ ٽي سورلي انهيءَ ضمن ۾ لکي ٿو تہ: "سنڌ ۾ شاهہ ڀٽائي جي شاعري عام آهيَ ۽ ان شاعريءَ جو ايترو تہ ادب ۽ احترام ڪيو ويندو آهي، جنهن جو ڪو مثال ڪونہ آهي. اهڙي ميجتا ۽ عزت فقط انهن شاعرن جي ڪلام کي ملندي آهي، جيڪي پنهنجي ماڻهن جي امنگن ۽ اڌمن جي ڀرپور نمائندگي ڪندا آهن. منهنجي خيال ۾ شاهہ عبداللطيف ان ملڪ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي، جنهن جهڙو عظيم شاعر ڌرتي هن وقت تائين پيدا ڪري ڪانہ سگهي آهي. (1)

شاعري هڪ اهڙو انقلاب آهي، جو گهڻن ئي قسمن جي انقلابن جو محرڪ آهي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو جو هيءُ نقطو هن موقعي تي بيشڪ مثبت نظر اچي ٿو. هو لکي ٿو تہ: "شاعري بہ هڪڙو انقلاب آهي، اهو انقلاب پهريائين فرد ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ فرد شاعر ٿو بڻجي. پوءِ شاعر ان انقلاب جو مبلغ ٿو بڻجي ۽ اهڙيءَ طرح هڪ سماج پاڻ ۾ بي آرامي محسوس ٿو ڪري ۽ آخر اهو بي آرام سماج يا تہ سچاڻو ۽ دوست ٿو بڻجي يا دشمن ۽ بيگانو ۽ ان طرح شاعري سماج تي اثر ڪري ٿي". (2)

اهو شاعريءَ جو انقلاب شاهہ لطيف ۾ ڪيئن پيدا ٿيو؟ ظاهر آهي تہ اهو انقلاب هن جي داخلي ۽ خارجي محسوسات جي سنگم مان رونما ٿيو جو سماج جو ئي مرهون منت آهي. تنهن ڪري اچو تہ شاهہ صاحب جي زماني ۾ سنڌ جي سماجي صورتحال تي مختصر نظر ڌريون.

لطيف جي دور ۾ سياسي لحاظ کان سنڌ تمام گهڻي تاراج هئي. ڌارين جي دهشتناڪ حملن هتان جي وحدت الوجودي ماڻهن جون دليون دهلائي ڇڏيون. پورچوگيزن علم ۽ تعليم، فن ۽ آرٽ جي ناهوڪي شهر ٺٽي کي باهہ ڏيئي ڇڏي جنهن جي ڇيين ۽ جر ۾ جاڻ جا خزانا خاڪ ٿي ويا. هوڏانهن مغل سلطنت تي اورنگزيب جي ڦهلايل نفرت ۽ حقارت صوفين ۽ وحدت الوجودين کي نشانو بڻايو. ميان مير سيوهاڻي جو مريد دارا شڪوهہ جو رت جي رشتي ۾ تہ اورنگزيب جو ڀاءُ هو پر تخت ۽ تاج جي نسبت سان جاني دشمن. اورنگزيب ان صوفيءَ کي پنهنجي ساٿي سرمد سميت قتل ڪرايو. هن جي پٽ معز الدين، جو ملتان جي گورنريءَ تي فائز هو تنهن سنڌ جي حڪمران ميان دين محمد ڪلهوڙي کي دغا سان ساٿين سميت شهيد ڪرايو. شاهہ لطيف جڏهن اناويهن سالن جو نوجوان هو. تڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهوڪ ڏٺي شهنشاهہ شاهہ عنايت کي ٺٽي جي نواب اعظم خان ولد صالح خان شهيد ڪَري ڇڏيو. 1740ع ۾ نادر شاهہ جي حملي سنڌ کي تهہ و بالا ڪري ڇڏيو. ان وقت شاهہ صاحب جي عمر پنجاهہ ورهيہ هئي. اهڙين حالتن ۾ هتان جو عوام ذهني طور وڏي عتاب جو شڪار هو. گهٽو هيسيل ۽ ڏڪايل هو. شاهہ صاحب کي وحدت الوجود جي فڪر ۽ فلسفي سان گهرو لڳاءُ هو جو حضرت علي رضہ ابو علي سنڌي، شيخ محي الدين ابن عربي جنهن کي شيخ اڪبر بہ سڏيو وڃي ٿو. منصور حلاج، جنيد بغدادي، داتا گنج بخش، فريد شڪر گنج، خواجہ اجميري، قلندر شهباز بلها شاهہ سلطان باهو جن جو اختيار ڪيل فڪر هو. سنڌ جا صوفي باصفا پڻ ان ئي فڪر جا مبلغ رهيا آهن. شيخ اياز جي بقول: "ٻٽائي انهيءَ ڏس ۾ سيني کان نرالو آهي. ٻٽائي جو تصوف سان لڳاءُ نہ فقط ظلم لاءِ نفرت، دولت ۽ اقتدار لاءِ نفرت جا ناڪاري وٽي پيدا ڪئي پر ان نفرت جا هائوڪاري پاسا بہ هئا ۽ اهي هئا رنگ، نسل، قوميت ۽ مذهب جي اختلاف جي باوجود، انسانيت تي ايمان ۽ انسان ذات سان محبت، پنهنجي ديس جي عوام سان الست بربڪم واري وقت کان وٺي انس ۾ ايفا جو واعدو ان جي ڏک درد، اهنج ايذاءَ سان همدردي ۽ انهن جي ڏکي سکي زندگيءَ ۾ بي انتها دلچسپي. اهي هائوڪاري پاسا هئا، انهيءَ نفرت جا جيڪي هن ۾ وحدت الوجود جي فلسفي، ظلم دوست، اقتدار ۽ تعصب لاءِ پيدا ڪئي هئي. (3)

انهيءَ ڦرلٽ واري وقت شاهہ لطيف جي ثابت قدمي، سندس اعليٰ آدرشن جو چٽو ثبوت آهي. شاهہ صاحب جي وقت جا ڪي عالم بہ اقتداري ڌرين سان شامل ٿي پنهنجي جان جي امان حاصل ڪندا رهيا. تاريخ ۾ اهڙا واقعا چٽا پيا ڏسجن. جن جي مطالعي سان شاهہ لطيف جي انفراديت، عظمت ۽ اعليٰ ڪردار جي بہ خبر پوي ٿي. شاهہ عنايت شهيد ۽ ٺٽي جي نواب اعظم خان جي چپقلش جو هڪ واقعو بيان ڪيو ويو آهي تہ "چيو وڃي ٿو تہ هڪ دفعي اعظم خان پاڻ شاهہ عنايت وٽ لنگهي ويو پر دروازي تي دربان کيس روڪيندي چيو تہ "هن وقت شاهہ صاحب ورد وظيفي ۾ مشغول آهي، ٿورو ترسو." اعظم خان کي منيان تہ لڳي پر ٿوري دير ترسي پيو. جڏهن شاهہ شهيد سان ملاقي ٿيو تڏهن پهريائين کيس اهو ڏوراپو ڏنائين تہ "در درويش را دربان نشايد". جنهن تي شاهہ عنايت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وراٽيس: "بشايد، تا سگ دنيا نيايد". مطلب تہ اعظم خان چيو:"درويش جي در تي دربان نہ هئڻ گهرجي." شاهہ عنايت چيس تہ، "هئڻ گُهرجي تہ جيئن دنياوي ڪتا اندر اچي نہ سگهن." چيو وڃي ٿو تہ مخالفت جو سبب بہ اهو ئي ٿيو ۽ اها ئي اُنبڊ وڌي ٺٽي جو حاڪم. مخالف ٿيو ۽ ٺٽي جا عالم سڀورا دشمن. رڳو مخدوم محمد معين ٺٽوي هو جنهن جي شاهہ عنايت سان محبت ٿي. پوءِ نہ فقط سندس مرشد ابوالقاسم سائس ناراض ٿي پيو پر مولوي محمد هاشم جي خاندان جڏهن مخدوم محمد معين جي مخالفت شروع ڪئي. تڏهن مٿس بين الزامن سان گڏ اهو بہ الزام هنيائون تہ هو شاهہ عنايت شهيد جو معتقد هو. (4) هوڏانهن ڏسو تہ شاهہ لطيف ۽ مخدوم محمد معين ٺٽوي هڪ ٻئي جا دل گُهريا دوست هئا. اهڙا دلبر دوست ۽ منفرد ماڻهو جو لوڪ لهوارو هيو تہ هي هميشه اوچا اوپارا! نہ مٿن ڪنهن شاهہ شهنشاهہ جو فرمان هليو نہ ڪنهن نواب جي نيابي نوايو. اهو ئي سبب هو جو شاهي درٻارين مان ڏانهن تحفن ۾ جيڪڏهن ڪجهہ آيو بہ تہ اهو زهر جي خونچي ڪانسواءِ ڪنهن ٻي صورت ۾ ڪونہ هو.

اها تہ هئي شاهہ لطيف جي دور جي صورتحال، جنهن سنڌ کي ڏيوالي جا ڏينهن ڏيکاريا. ماڻهو پنهنجي ڪم ۽ ڪرت، هنر ۽ حرفت توڙي وڻج واپار کان ڪنجي ويا هئا. نہ اهي ڪوري نہ ڪرت، نہ ڏنوٽيون نہ ڏگڻ، نہ اگر نہ اُلا، نہ ڏٽ نہ ڏوٽي ۽ مڇيءَ چٽ واريون مياٽيون نہ مهاٽا.

نڪا بوءِ بزار ۾ نہ ڪا چلر چٽ،
جتي ڏنيرين جي، اڳي هئي اُگهٽ،
هي پڙ پسيو پٽ، ماڻهو وڃن موٽيا.

—

ڪر ڪا ويهي ڳال، ڪندا ڍور ڏٽين جي،
ههڙي اچ حال، ڏکيا ڏيه گذاريين.
(سر ڏهر)

سُڪي ڍور ڍيون ٿيو ڪندهي ڏنو ڪاٿو
سو پاٽي پنهيل ۾ اڳيون نہ آٿو
ماڙهن ميڙائو ڪهين ڪهين پيٽين.

شاهہ صاحب پنهنجي شاعريءَ جو سمورو ڏانوڻ پنهنجي ئي ڏيهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ڏايو. توڙي جو پاڻ فارسي ۽ هندي شاعريءَ جو وڏو ڄاڻو هو. پنهنجي شعر لاءِ هر تہ ٻيهہ ۽ استعارو علامت ۽ اهڃاڻ ڌرتيءَ جي دين مان، ٺٺي ڪمال فڪر جي صورت ۾ دل جي دنبوري جي تارن سان تاڻي دنيا جي آڏو آندو. ان سلسلي ۾ ايچ ٽي سورلي لکي ٿو تہ: "شاھہ لطيف ڳوناڻين لوڪ ڪهاڻين کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو آهي، جيڪي سنڌ جون مائرون ٻار کي پينگهي ۾ سمهارڻ لاءِ لوليءَ طور ڳائينديون هيون. شاھہ پنائي انهن کي نفيس ۽ نازڪ فلسفياڻو روپ ڏيئي تصوف سان جڙي پيڙيو جنهن جي رنگيني اهڙي آهي، جهڙي پاڻيءَ ۾ پسايل ست ۾ ڏسبي آهي." (5)

اهي ئي سبب آهن ۽ اهڙيون ئي خوبيون آهن، جن شاھہ لطيف جي شاعريءَ کي نہ رڳو سندس ئي دور جو ترجمان بڻايو پر اها هر دور جي ماحول ۽ سماج جي صورت گري بڻجي پئي. سموري شاعري جيتري ماضيءَ جي آئينہ دار آهي، اوتري مستقبل جو سرمايو. اها هر دور ۾ سنڌ جي سماج جي سنوار ڪندي رهندي. انهيءَ شاعريءَ جهڙو دوام ڪنهن ٻئي شاعر جي شاعريءَ کي ورلي نصيب ٿيو. اها واقعاتي بيان نہ بلڪ دائمي درس جي حيثيت رکي ٿي. حالتون پلي ڪهڙو بہ رُخ اختيار ڪن، لطيف جي شاعري انهن جي واڳ موڙي، ڪين صحيح سمت ڏانهن راغب ڪندي، ائين تہ سندس شعر ۽ شاعريءَ جي هر هڪ سٽ ۽ مصرع، بَندُ ۽ بيت صدين کان سنڌ واسين جي دل جي ڌڙڪن بڻيل آهي.

شاھہ لطيف جي شاعري هڪ اڻ ميو مخزن آهي، جنهن مان ظاهر ظهور تہ گهڻو ڪجهہ حاصل ڪري سگهجي ٿو پر ان ۾ ڪي مخفي خزانا ماڻڻ لاءِ ٻوليءَ جي سڌ ۽ ساڃاھہ، سوجهہ ۽ ٻوجهہ نهايت لازم آهي، ڇاڪاڻ تہ ان کانسواءِ شعر جو اهو جوهر ۽ جماليات، مقصد ۽ مفهوم حاصل ٿي نہ سگهندو. ڪنهن ڏاهي چيو آهي تہ ٻوليءَ جي معرفت شاعري زندگيءَ جي تشريح ڏئي ٿي ۽ زندگيءَ جي گوناگون رازن کي نروار ڪري ٿي.

شاھہ لطيف جو جهڙو عشق سنڌ سان هو تهڙو سنڌي ٻوليءَ سان. هن پنهنجي ڪلام ۽ پيغام وسيلي اهو اهڙو پڌرو ڪيو آهي، جو ان جهڙو ٻيو مثال مشڪل ملي سگهي. واقعي سندس نينهن نرالو ٿو ڏسجي، جو ان وقت سموري سنڌ ۾ فارسيءَ جو چرچو ۽ چوٻول، غوغاءِ ۽ ثناءُ هئڻ جي باوجود بہ پاڻ جيڏو ان جي اوڏو هو، تيڏو ئي ڏور. مثنوي سدائين ساڻ، جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهيون پيو پڙهي، پر لکي هر بات سنڌي بيت ۾. نثر فارسي ادبيات ۽ شعر و سخن سان پيو گونجي ۽ پاڻ پيو ڌوڌانهن ويندو رهي ۽ محفلون ۽ مجلسون پڌندو رهي پر نہ متس رنگ چڙهيو نہ روح رڱيو. سرڪار نامدار جي دفتري زبان بہ فارسي رهي ۽ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم بہ فارسيءَ ۾ ٿي ٿيندو رهيو. "مقالات الشعراء" جي مطالعي مان اُتان جي سخن وارن جي جيڪا خبر پوي ٿي، تنهن جي جائزي وٺڻ جو ڏَسُ تنوير عباسي بہ ڏنو آهي. اهو ڏسبو تہ ڪيڏا ۽ ڪيترا فارسي گو شاعر موجود هئا. جن پنهنجي زور سخن ۽ سحر بيان پنيان درٻارين تائين رسائي ماڻي ملڪيتون ميڙيون ۽ وظيفا ورتا پر هي صوفين جو صحبتي ۽ سنگتي ٿي، سدائين انهن ايوانن کان ٻاهر تنبوري جون تارون تاڻيو سماع جون محفلون گرمائي پيو سنڌيءَ کي سلامت رکي. پنهنجو سمورو ڪلام ۽ پيغام پيو سنڌيءَ ۾ سُڻائي. ٻولي بہ اهڙي پيو ٻولي، جا عام ماڻهن جي زبان تي ان وقت قائم هئي، نہ آر جو خيال نہ معيار جي ڳڻتي، "بازار" کي "بزار" تہ "ڳالهہ" کي "ڳال"، "ماڻهوءَ" کي "ماڙهو"، "ماڻهن" کي "ماڻهئين" جي صورت ۾ ڪتب آڻي هر لفظ جو جمال ۽ جنسار پڌرو ڪري ڇڏيائين. گڏوگڏ ان کي ايڏو تہ عام فهم بڻايائين جو اها پنهنجي پوري قدرت سان فارسيءَ جو مقابلو ڪري جيئري رهي. ان ۾ ڪمال فصاحت ۽ بلاغت جو آهي.

شاهہ لطيف جي ٻوليءَ کي جيتوڻيڪ لاڙي ٻولي يا محاورو قرار ڏنو ويو آهي پر ان هوندي بہ منجهس ٿري، اتري ۽ وچولي جي محاورن جو استعمال بہ ملي ٿو پر هن وڏي دانشمنديءَ سان انهن جي واهپي کي اهڙو بڻايو آهي، جو ان کي مجموعي طور سنڌي سماجي ٻولي چئبو. اها فطري حقيقت آهي تہ شاهہ لطيف جو واسطو لاڙ سان هئڻ ڪري متس اهو لهجو غالب پيو.

شاهہ جي رسالي جي ٻوليءَ ۾ ايتري قدرت آهي جو جهڙيءَ طرح اها فارسيت جي دور ۾ ان تي غالب پئجي ويئي، تهڙيءَ طرح اها سنڌ تي ٻين لساني للڪارن جو بہ مقابلو ڪري، انهن تي غالب پئجي سگهي ٿي. مسئلو رڳو اهو آهي تہ اسين ٻوليءَ سان لطيف وارو پيار ڪري، اهو ئي رويو قائم ڪريون. علامہ آءِ آءِ قاضي شاهہ لطيف جي ٻوليءَ جي اعليٰ جوهر جي واکاڻ ڪندي لکي ٿو تہ: "دراصل اها لطيف جي هٿن جي برڪت هئي جو ارڙهين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صديءَ واري سنڌي زبان ايترو وسيع ۽ ملائم صورت اختيار ڪئي، ايتري قدر جو اهو سڃاڻڻ مشڪل ٿي پيو آهي ـ ڇا اِها اُها ٻولي آهي، جيڪا انهيءَ دور اندر سنڌ ۾ گهڻو ڪري ڳالهائي ويندي هئي؟ سنڌي زبان جيڪا ان وقت هڪ محاوري يا لهجي جي حيثيت رکندي هئي، جڏهن لطيف جي هٿن ۾ پهتي تڏهن گرانمايہ ۽ وسيع ترين زبان بڻجي پئي.

ٻين لفظن ۾ هيئن ڪٿي چئجي تہ لطيف سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو استعمال ڪري ڏيکاريو، جيڪو نہ هن کان اڳ ڪنهن ڪيو هو ۽ نہ وري ڪو ڪانئس بہ صديون پوءِ ائين ڪري ڏيکارڻ جي جرئت ڪري سگهيو آهي. (6)

## حوالا


1. ايڇ ٽي سورلي: سرتاج شاعر: مترجم:عطا محمد ڀنڀرو: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2002ع ص 104
2. ٻوهيو الهداد ڊاڪٽر: "تنقيدون": انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامشورو نومبر 1980ع ص 231.
3. "پرک": سنڌي شعبي سنڌ يونيورسٽي جي مخزن 76، 1977ع ص 79
4. راشدي حسام الدين: "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون": انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي، 1981ع ص 342 ۽ 343
5. ڏسو حوالو – 1 – ص 106
6. علامہ آءِ آءِ قاضي: "صوفي لا ڪوفي": سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو ص 121 ۽ 123




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون پنهنجي اڌوري علمي ڄاڻ آهر چندڇاڻ ڪئي تہ سڳورو ٻانهو خان شيخ صاحب . ڪاوڙجي پيو. منهنجي تنقيد جو هڪ ٺاهوڪو جواب ڏياري موڪليائين جيڪو بہ "ڪلاچي" رسالي ۾ ئي ڇپيو جنهن ۾ شيخ صاحب جيڪي جملا منهنجي لاءِ استعمال ڪيا سو شيخ صاحب جو پنهنجو وڙ هيو. مون شيخ صاحب لاءِ پنهنجي سڄي مضمون ۾ ڪٿي بہ ڪا ڪُوَڙائي ڪا نہ ڪئي، باقي غلط کي صحيح نہ چيو اهو منهنجو ڏوهہ ضرور هو. شيخ صاحب اهو بہ لکيو تہ ڦلاٽي لفظ جي معنيٰ هنن هنن وڏن عالمن هيئن لکي آهي تہ پالاري کي کهڙي خبر. مون کي واقعي بہ ايتري ڄاڻ ناهي، پر منهنجي تر جا اهي نج ۽ نبار لفظ جيڪي، هن وقت ڪٿي اچاريا بہ نٿا وڃن. اسان وٽ اڄ بہ عام استعمال ۾ آهن، جي انهن جا اچار ادائگيون ۽ معنائون غلط لکيل هجن، جي ان ٿيل ڪِيس تي "آئون ڪجهہ نہ ڪچان" اهڙي ڪُريت مون کان نہ ٿيندي، هن هيڏي لباڙ جو مقصد ڪو پاڻ وٽائڻ يا پڏائڻ ناهي، پر اصل ڳالهہ اها آهي تہ اسان جا عالم سڳورا جيڪا ڳالهہ ڪن ان کي قرآني آيت سمجهي قبوليو وڃي، ڪنهن کي بہ ڪڇڻ جي ڪا گهٽي نہ هجي.

شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ ڪيترائي نج ڪوهستاني لفظ ڪم آندل آهن، تن ۾ تہ ڪي اهڙا لفظ بہ آهن، جن کي اسين انهن منظرن ۽ مشاهدن کان سواءِ سمجهي ئي نٿا سگهون. انهن مان ڪي لفظ لاڙ واري پاسي ٿوري گهٽي ڦير جي ساڳي معنيٰ ۽ مقصد لاءِ پڻ ڪتب اچن ٿا. هتي منهنجو مقصد هَڏِ(اصل) بہ اهو ڪونهي تہ ٻين لهجن جا لفظ رسالي ۾ ڪي ڪين برابر آهن. سيني لهجن جي لفظن سان رسالو ٽنبيو ٽمٽار ٿيو پيو آهي. ويندي "جدگالي" لهجي تائين بہ. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ جدگالي ڳالهہ تي سائين بدر ڌامراهہ صاحب جو لکيل ڪتاب پڙهڻ سان ڏندن هيٺان آڱريون نہ پر ڄڀ اچي ويندي. وري جو "لاسي لهجي" تي آفتاب ابڙي صاحب جو ڪتاب ڏسنداسين تہ ڄڀ ڇڪجي تارونءَ سميت ٻاهر نڪري ايندي. جن کي نہ ان ٻوليءَ جي خبر، نہ بر جي خبر، سي گهر ويٺي ڪتاب لکي ٻولين جا ڏٽي ٿي ويا. جدگالي لهجو اسان جي سنڌ سڳوريءَ کان شروع ٿي بلوچستان جي حب، وندر، اٿل، لاڪ:ڊ، لياري لنگهي، ايران جي چابار ڪُنرڪُ، ٻاهو (ڪراچيءَ کان بہ وڏي آباديءَ وارو شهر) دشتياري تي دنگ نٿو ڪري، پر ايران جي مشهور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شهر نَوبنديانُ کان ٻہ نوي ڪوهہ اندر تہ هليو ويجي. هاڻي ڳڻيو ڳالهہ کي تہ ڏامراهہ صاحب کھڙا ڇيچار ميزيا هوندا. وري جي لاسي لهجي جو ٽا پير ڪٺون تہ محال ڪوهستان جو ڏيڍو ڏاڪٽيون ۽ اڌوگابرو الهندو پاسو ڏيئي هاڙهو حب، هنگول، لاکاڻ لتاڙي جاتوءَ لَڪَ کي جهانجهوليو اچا ٻہ اڳتي پيو وڃي. هي هيڏا هيڪاندا جبرا جبل آفتاب ابڙي صاحب لتاڙيا هوندا ڇا؟؟ ـ سا تہ مائي سسئي هئي، جنهن لاءِ ڀٽائي گهوٽ چيو آهي:

ٻڪي وڃي ٻاڦ، جهولي جَهڪَ جهيٽي کي،
آيم تِن اُنن سين، جن جا پير ڏڏا ڏَڙَ ڏاڦ،
لنگهيائون لطيف چئي، تو ڏاٽڙ ٻنگ تاڦ،
ڪير لنگهيندو ڪاف، هي ٻـَرُ برهمڻ باسيو.

اسان جي سيني عالمن سڳورن جهِڻڪَ لکيو آهي، جَهولي، (لُڪَ) سان گڏ جهِڻڪَ جنهن جي معنيٰ ٿيندي تڏي هوا جو جهوٽو لُڪَ ۾ تڏي هوا آهي تہ اڻ ٽيڻي ڳالهہ پر عالم سڳورا آهن وس وارا.

سو سائين ڳالهہ پئي هلي ڪوهستاني لهجي جي تہ هن لهجي جا ڪيترائي لفظ بلوچي زبان جي مري بگٽي لهجي توڙي براهوي ٻوليءَ وارا پڻ ڳالهائين ٿا. بلوچي ۽ براهويءَ جو ذڪر نڪتو آهي تہ هتي هي بہ ضروري ٿو سمجهان تہ ڀٽائي جي رسالي ۾ هوندن تہ نج بلوچي لفظ بہ ڪتب آيل آهن پر ”سر ديسي“ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب بلوچي ٻوليءَ وارا ڇهہ ست ۽ ٻانهي خان شيخ صاحب ٿيويهہ 23 کن. اُملهہ اٽتوريا ۾ تيرنهن 13 ۽ گنج شريف ۾ چوڏهن 14 بيت ڏنل آهن. گنج شريف، املهہ اٽتوريا ۽ ٻانهي خان شيخ واري رسالي تائين ڪم آيل بلوچي لفظن جي صحت ئي بگڙي پيئي آهي. بلوچي ٻوليءَ جي رمزي ۾ اهي لفظ اچاري ئي نٿا سگهجن. البت ڊاڪٽر بلوچ صاحب بين جي پيٺ ۾ صحيح پڙهڻيون ڏنيون آهن. لفظي معنيٰ تي ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ ڪٿي ڪٿي هيڊ هاري ويو آهي، باقي ٻانهون خان شيخ صاحب لفظن جي اچارن، ادائگيءَ، وري ڪٿي ڪٿي معنيٰ ۾ ايڏا هاچا هٽي ويو آهي، جو ان لاءِ ڇا چئجي. آئون نموني طور هڪ بيت ڏيان ٿو. پڙهندڙ پاڻ فيصلو ڪن.

بُرو فَارَا بَات جَنِي، سِيرُوزي شِيشِي،
ڏين پاريسيون پاڻ ۾، اِزا آبليسي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڙا راتِ لطيف چئي، نَڏائون نيشي،
پنهون پَرويشي، ڪڄ پيءُ ن جي پنڌ ۾.

(جلد پيو- داستان 13، بيت 5، سر ديسي)

هن مٿئين بيت ۾ ڏهہ (10) بلوچي بامعنيٰ لفظ پٺائي گهوٽ ڪتب آندا آهن. شيخ صاحب فقط ٻہ لفظ بلوچي اچارن تحت صحيح لکيا آهن. وري بلوچي، اچارن تحت لکيل لفظن جي معنيٰ جيڪا شيخ صاحب ڏني آهي، سِيرُوزِي= ٽيون ڏينهن، پر بلوچيءَ ۾ سِيروزي معنيٰ ٽيهہ (30) ڏينهن يعني پورو مهينو جي ٽي ڏينهن آهن تہ پوءِ بلوچي لفظ ٽيندو سَئروزي، وري لفظ شيشي= هليا ويا. شيخ صاحب لکي آهي تہ پوءِ صحيح بلوچي لفظ ٽيندو سَئِسي. وري ٻي سٽ ۾ رازا آبليسي جي جيڪڏهن بلوچي زبان ۾ معنيٰ ڪڍبي تہ را= هيءَ، زن = عورت، آبليسي= مڪر فريب واري معنيٰ هيءَ عورت شيطاني خصلت واري يعني سسئي لاءِ هيئن چيل آهي پر شيخ صاحب معنيٰ ڏني آهي، هن (عورت يعني سسئيءَ) کي ڇڏيو. تہ پوءِ بلوچيءَ ۾ ٽيندڙ ازا بِل آيشِي. معنيٰ هن کي هتي ڇڏيون يعني سسئيءَ کي. اها تہ هڪ بيت جي ٻن سٽن سان ويڌن آهي تہ 23 بيتن سان ڇا ٿيل هوندو. سو پڙهي پاڻ پروڙيو باقي ڏوهاري سو آئون آهيان.

وري براهوي زبان جو بيت ٿا ڏسون جيڪو نہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب براهوي ٻوليءَ جو ڄاڻايو آهي. شيخ صاحب تہ ٻي ميار آهي، وري اسان جي ٻنهي عالمن سڳورن براهوي لفظن کي نانجهو ڪري سان گڏوگڏ ڪن لفظن جي معنيٰ بہ عجيب ڏني. بروهي اسان جي سنڌ سڳوريءَ توڙي بلوچستان، ويندي ايران جي تفستان ۽ افغانستان جي نوشڪيءَ واري سرحدي پٽيءَ ۾ جهجهي تعداد ۾ رهن. اج اهي لفظ ڳالهائين ٿا پر عالمن سڳورن جي اچارن تحت نہ پيو تہ بلوچي ۽ براهوي ٻہ الڳ ٻوليون آهن. معنيٰ پٺائي گهوٽ بلوچي توڙي براهوي، ٻنهي ٻولين جو سنو ڄاڻو هو. شيخ صاحب اهو بيت هيئنين ريت ڏنو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ قريبن ساڳي صورتخطيءَ ۾ لکيو آهي. معنائن ۾ تورو گهڻو فرق آهي پر معنائون بلوچ صاحب نيڪ ڏنيون آهن.

ڏاسا ڏاڪا ڏارِي، هِنداڙي هٿامِ
هَرِ داسا هن حال جا، هتي هوت ڏنامِ
پرَبِرِي ايذِحامہ پائي پيچ پريت جو.

(جلد پيو داستان 13 بيت 10، سر ديسي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين لفظن جي معنائن کي ڇڏي ڪري آخري سٽ ۾ پزيري لفظ جي شيخ صاحب معنيٰ ڏني آهي قبولي. جڏهن تہ پزيري ھِنِڪ. معنيٰ پوئتي وڃ، تہ پِزيري= پوئتي ۽ بيت هيٺئين لکائي تحت براهوي لفظن جي صحيح اچارن مطابق هيٺئن ڏيندو.

دَسَا دَڪَا دَاڙي، هِندَاڙي هُئام،
هُر دَاسَا هن حال جا، هتي هوت ڏنام،
پِزيَري ايندام، پائي پيچ پريت جو.

هن ڪانجاٺي تي مٿي وجهي اچان ٿو پنهنجي اصل مقصد ڏي يعني پٽائي گهوٽ جي شاعريءَ ۾ ڪوهستاني لهجي وارا بيت، هتي آئون نموني طور شاهہ سائينءَ جي مختلف سرن مان هن تر جي لهجي وارا هڪ هڪ يا ٻہ ٻہ بيت ڏيان ٿو. جي سمورا بيت لکيم تہ ذري گهٽ چڱو موچارو ڪتاب ٺهي پوندو.

## سر ڪلياڻ:

جي اٿئي سَڌَ سرڪ جي، تہ ونءُ ڪلاڙڪي ڳَرَ،
وِڍڻ چيرڻ ڇچرڻ پَهت اُني جي پَرِ.
جي وٺي پوئي وَر، تہ سهنگي آ سيد چَئي.

هن بيت ۾ جيئن "ڳَرِ" "پَهتِ"، "پَرِ" ، "وَرِ"، "سَهنگي" اهي لفظ اڄ ٻہ عام طرح انهن ئي اچارن تحت اچاريا ڳالهايا وڃن ٿا. "مَانَ ڳر ڇي پيهہ" (مون وٽ ڪا ٿي ويهہ) ڳر = وٽ، سامهون. "مَانَ چو پهت ايٺن ڇندو". (مون چيو اوس ايئن ٿيندو) پهت = اوس، يقين سان. جنهن ڳالهہ ۾ شڪ جي ڪا بہ گنجائش نہ هجي. پڪي پختي رسم، طور طريقو ۽ ڪنهن خاص عادت ۽ خصلت لاءِ بہ استعمال ٿئي. "پر" (اسون يا پر ڪريون ڪين) "اسين اها رسم يا ريت ڪو نہ ڪريون". ور لفظ هن تر ۾ عام آهي، ۽ ڪيترين ئي معنائن ۾ استعمال ٿئي، جيئن "ور" ڪنهن کي پوئتي موٽڻ لاءِ چون، "ور پنتي" ادا. "وَرُ" ڏيڻ ڪان بہ ويا. ڦيري، چڪر چاڙيءَ لاءِ بہ استعمال ٿئي ۽ "ور" هٿ اچڻ لاءِ بہ عام استعمال ٿئي ٿو(مانجي وَر چڙهين تہ فيصلو ڇندو) منهنجي هٿ آئين تہ حساب ڪتاب ڪنداسين. سَستِيءَ شيءَ يا سستائيءَ لاءِ هن سڄي تر ۾ سهنگي يا سهنگائي چون، سهانگي اصل استعمال ۾ ڪو نہ آٽين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سر جدا ڏڙ ڏار، ڏوڳ جني جا ديگ ۾،
ي مَرَ ڪن پچار، هڪيا جن جي هٿ ۾.

گوشت جي وڏن سنڌائتن ٽڪرن کي ڏوڳ چون، جيئن ڪاٺ جي وڏن ٿلهن ٻن اڍائي فوٽن جي ٽڪرن لاءِ "ڏوڳلا" لفظ ڪتب آڻين. بيشڪ ۽ ٻلي لاءِ اڪثر هن سڄي تر ۾ "مَر" لفظ عام طرح سان ڳالهائجي ٿو، ماوڏي مهل، جلد حاضر ٿيڻ لاءِ "هڪيو" لفظ عام طرح اچارجي ٿو. سي اڄان بيٺا ئي مس تہ (اسون بہ هڪيائي پهتاسين) "پچر" بدران هن سڄي تر ۾ پچار ڳالهائجي ٿو.

**يمن ڪلياڻ:**

هاريا تو هري، ڪُپَچُ ڪايا سين ڪِٿو،
ڪرين جي ڪِري، تہ تون توانو ٿيين.

هن بيت ۾ ڪم آيل لفظ "هاريا"، "هِري"، "ڪُپَچ" ، "ڪايا" "ڪري" اهي سيئي لفظ عام استعمال ۾ آهن. اهي لفظ ٻي هنڌ بہ ڳالهايا ويندا هجن پر "ڪُپچ" لفظ سواءِ هن تر جي شايد ڪٿي ڳالهايو ويندو هجي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب پنهنجي رسالي جي جلد (8_9) جي صفحي 157 تي لفظ "ڪُپچُ معنيٰ خراب پَچُ" ڏني آهي. ٻانهي خان شيخ صاحب هي لفظ "ڪُپُچ" ڪري لکيو آهي ۽ معنيٰ: نالائقي، ظلم ۽ نقصان (صفحي 37 جلد پهريون) ڏني آهي. اصل ۾ هي لفظ ڪُپَچ آهي، جنهن جي سنئين سڌي معنيٰ ڪوڙائي يا اڏنگي هلت ٿيندي جيئن ڪو شگر جو مريض هرڪي مٺائي کائي، جنهن جي ڪيس سخت منع ٿيل آهي تہ اهڙي حالت ۾ هي لفظ عام استعمال ٿيندو. "هاريا"، "هري"، "ڪايا" ۽ "ڪِري" هي لفظ جڻ تہ عام وهنوار جي استعمال جا آهن. جيڪي هن تر ۾ اڄ بہ ڳالهائجن ٿا.

تڙي طبيبن، گهايل گهران ڪڍيو،
چڪيا چاڪ چيهون ڪري، ڪڙيون مُور نہ ڪن،
دوس درسن تنهنجي وڌو ٿار ٿپن،
ورچيو ويج وڃن، آءُ پرين تہ اُبهان.

"تڙي" ، "گهايل"، "چڪيا"، "چاڪ"، "چيهون"، "ڪڙيون"، "مُور"، "ٿار"، "ٿپن"، "ورچيو"، "ويج" اهي سيئي لفظ هن سڄي ڪوهستاني تر ۾ روزاني جي وهنوار ۾ عام طرح سان ڳالهائجن پيا. جيَئن (ادا ڦلاٽي گهايل جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڪ چيھون ڇي ڇڪي پيا آن مُور ڪڙيون ٿي نٿا ڪن) معنيٰ ”زخم ڏري يا ڦاٽي رسجي پيا آھن، اصل ڪارَي ڪل نٿا ڀڏن“. ”ٽپ“ ھن پاسي تازي زخم ۽ ڇٽل ڦٽ جي نشان لاءِ استعمال ٿئي ٿو. ”ٽار“ لفظ فرحت ۽ گھٽي سيءَ پوڻ لاءِ بہ ڳالھائجي ٿو. ”ورچي“، ھن تر ۾ بيزار، ڪڪ ٿيڻ يا ھَٽَ ڪيڻ لاءِ ڳالھائجي ٿو. (ادا آن تسلايون ڪري ورچي پيو آھينس مانجي ڳالھ نٿو ساڳاھي) ھن سڄي تر ۾ ڊاڪٽر لاءِ ”ويج“ يا ”داڪدار“ لفظ ڳالھائين.

**سر ڪنيات:**

اوڳارين نہ انرا، ڀڏا چرن نہ پور،
ليڙن ڪي لطيف چئي، موڻ جو مذڪور،
مين ڪي مامور، اٽڻ اڱئين پنڌ جو.

”انرو“ يا ”انرا“ لفظ ھن تر ۾ عام آھي. مال توڙي ماڻھوءَ لاءِ ڪتب اچي. جڏھن ڪو چوپايو اوڳاري نہ، سست ھجي تہ ان لاءِ عام طرح انرو استعمال ڪن: ”ادا ھيءَ ڪودي انري ڇيلا آھي“ جي ڪو جھنگ ويل وھٽ يا ماڻھو ساجھر نہ موٽيءَ چوندا”ادا مانک اٽڻ جي پيئي آھي الله ڪير(خير) سين واريس“

ميي ماڪائي، وڏو وات ولين ڪي،
خبر تي ڪيٿ ڏٽين ڪي، وڏوٽا واھي،
ڪرھي ڪاڪت چڏي، ورس نہ وائي،
چانگي چريائي، ويئي ويچاري وسري.

اُٺ ھن تر جو سفر توڙي بار ڍوئڻ جي حوالي سان واحد ”اولاڪ“ آھي، جنھن کي ھتي ڪيترن نالن سان سڏين، ميو ڪرھو چانگو مھري لاڏو. وغيره. ”ماڪائي“ ھتي عام طور تي ڏسي وائسي يا ڄاڻي ٻجھيءَ لاءِ ڳالھائجي ٿو. ھن سڄي تر ۾ گھٽي ياڳي طاقت بدران ”ڪاڪت“ چون.

**سر سريراڳ:**

ويا جي عميق ڏي، منھن ڪاٺو ڏيئي،
تن سپون سوجھي ڪديون، پاتاران پيئي،
پسندا سيئي، امل اکڙين سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن بيت ۾ شاهه سائين ڪائو لفظ شيشي لاءِ ڪتب آندو آهي. هن پاسي اڄ تائين بہ شيشي لاءِ "ڪائو" لفظ ... ۾ ڳالهائجي ٿو. جيئن شيشي جي گلاس کي چون"ڪائي جو گلاس" بتيءَ يا هٽ بتيءَ (ٽارچ) جي شيشي کي بہ "ڪائو" چون. هن پاسي ڪائو لفظ ڪير جي لاءِ عام ڳالهائجي ٿو. جيئن: "ادا ڪائو آهين"؟(ڪير آهين).

جيڪي منجهہ جهان، سو تاريءَ تڳي تنهنجي،
لطف جي لطيف چئي، تو وٽ ڪمي آهي ڪانہ
عدل چٽان آن نہ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.

"تاري"، "تڳي"، "ڪمي" ، "چٽان" ۽ "آن" اهي سيئي لفظ هتي اڄ عام ڪار وهنوار لاءِ ڪتب اچن ٿا. آڌار آسري ۽ سهاري لاءِ تاري عام استعمال ڪن. ساهيتي ۽ پساهيءَ لاءِ "تڳي" لفظ عام ڳالهائين. گهٽتائي يا کوٽ لاءِ "ڪمي" بہ عام ڪتب آڻين. آزاد يا بند خلاصي تيڻ لاءِ "چٽو" يا چٽان عام ڳالهائين. سڄي ڪوهستاني پٽيءَ ۾ آئون جي بدران آن لفظ ڳالهائين.

**سر سامونڊي:**

آئي اتر مند، هنئين اُڌڪو نہ لهي،
وٽين لاڇو بند، پيهر مکين پيڙيون.

"هنئين"، "اُڌڪو"، "وٽين"، "مکين" اهي لفظ روزاني عام وهنوار ۾ ڳالهائجن ٿا. هن تر ۾ دل جي لاءِ گهڻو ڪري "هتيون" لفظ ڪم آڻين. "ادا هنئين ۾ سور آهي".

مون ايي تڙ جهل، پرينءَ پڳهہ چوڙيا،
ڪا مونهين ۾ اَل، نہ تہ سڄڻ سباجها گهڻو.

هن بيت ۾ آيل لفظ سڄي سنڌ سونهاري ۾ عام طرح اچارجن ٿا. اَل لفظ هن ڪوهستاني تر ۾ اَل معنيٰ عيب، اوڻائي ۽ خراب عادت لاءِ ڳالهائجي ٿو.

**سر سهڻي:**

پڇن جي ميهار کي، پڇي سي ميهار
ترهو تنين بار، عشق جنين کي آکرو.

"آکرو"لفظ هن پاسي اڄ بہ عام آهي، گهڻو ڪري اعليٰ درجي، عزت مانَ شان لاءِ ڳالهائجي ٿو جيئن اڪثر ڏاڏيون نانيون پنهنجن پوٽن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوهتن کي دعا ڪنديون آهن ”ابا الله ڪندو جيڏيمُ آڪرو هوندين!“

(سر سسئي آبري: معذوري، ديسي، ڪوهياري، حسيني)

سر سسئيءَ جي سيني سرن تي جي لکجي تہ ذري گهٽ هڪ الڳ مقالو تي پوندو. اندازاً سائيڪو بيت ٿيندا جن جون لفظي توڙي مشاهداتي معنائون ٻنائي گهوٽ جي پنڌ کان ڪوهين ڏور اسان جا عالم سگهورا ڏيئي ويا آهن. اهي لفظ هن تر ۾ اڄ بہ جيئرا جاڳندا هُڙ وهڙي، جيان ڇيڪ ڇال ڏيندا وتن، پر عالمن سگهورن متروڪ سمجهي بنا ڪفن جي دفنائي وري مجاوريءَ واري پيلَ پيا اوڳاڙين.

هونئن تہ ٻنائي گهوٽ جا ڪوڙا اهڙا بيت جيڪي عالمن وارن رسالن ۾ ناهن پر هن تر جي ماڻهن جي دلين ۾ نسل در نسل سانديل آهن، جن کي عالم سگهورا ٻلي ٻنائيءَ جا نہ مڃين چو تہ عالمن سگهورن کي لکت واري سَنَد تي ڪپي سا هن تر جا اڻ پڙهيل ڪتان آڻين. جيڪا شيءِ سيني ۾ سانديل آهي، ڇا ان کي سَنَد جو درجو نٿو ملي سگهي، جي نہ تہ پوءِ سنڌي جو هيڏو سارو لوڪ ادب ڪهڙي دفتر ۾ لکيل هو. سو بہ تہ سگهڙن جي سيني ۾ سانديل هو. جي ٻنائيءَ گهوٽ جا اهي اڻ ڇپيل بيت گڏ ڪجن تہ بہ ٽي سَون کان بہ مٿي هوندا. آئون انهن بيتن مان مائي سسئي جي حوالي سان فقط هڪ بيت هتي ڏيان ٿو جنهن ۾ هڪ لفظ آيل آهي تنهن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ صحيح اچارن ۽ ادائگيءَ سميت عالمن سان گڏ هي ماناٽتو ٻوليءَ جو اختياري ادارو لکي تہ ڏيکاري. جيڪو ٻنائي گهوٽ پنهنجي شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو آهي تہ ان کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ صحيح اچار تحت لکڻ بہ گهرجي. اسان جي هن ڪوهستاني تر ۾ اهڙا ڀيا بہ لفظ اهن، جيڪي ڳالهائجي تہ سگهجن ٿا، پر سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ ۾ ان تلفظ تحت لکي نٿا سگهجن. انهن جي لکڻ لاءِ فارسي واري (ژ) ٽن نقطن واري ز جي ضرورت آهي. ”ٻگ“ ”گڳين“، ”ڀڳن“ ”ڳندُ“ تہ اهي لفظ ”ڳ“ واري آواز تحت درست اچار سان نٿا لکي سگهجن. تنهن لاءِ اها ”ڳ“ سنڌي ۾ آڻڻي پوندي يا ڪو ٻيو اهڙو فارمولو ناهڻو پوندو جو اهي لفظ درست اچار تحت لکي سگهجن.

جان جان هٿي جيئري، ورچي نہ وَيني،
لانچي لَڪَ لطيف چئي، پهڻن منجهہ پيني،
اجان سَاهَيني، پاٽي پيئي پُزن سين(ڀڳن)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هن اچار تحت پڙن لفظ لکجي ٿو. تہ هن تر جي حوالي سان ذري گهٽ گر ٿيو پئي. پڳن لفظ جي مشاهداتي معنيٰ جو هڪ وڏو پسمنظر آهي. اهو جن اکين ڏٺو هوندو. انهن کي سمجهہ ۾ ايندو. جيڪڏهن ڪو صفا لاچار هجي آخري پساهن ۾ هجي، تہ ان بيمار جي حال ويچار لاءِ ڪير پڇي، "ادا فلاڻي جا ڪيڙا (ڪهڙا) حال اَن (آهن تہ اڳلو چوندو حال وري ڪيڙا اچا ساهتيو آهي پڳن سين پيو پاڻي پيئي"

سڏائتي سيڪا، ٻَکَ نہ باسي ڪا،
جيهي تيهي ذات جي، جُنبش ڪانهي جا،
مون سين هلي سا، جا جيءُ متو ئي نا ڪري.
(سسئي آبري)

هن بيت ۾ آيل لفظ "ٻَکَ" گهڻو ڪري سڀني عالمن ويندي شيخ صاحب ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ ساڳيو ڏنو آهي ۽ معنيٰ بہ ساڳي ڏني آهي، پر اصل ۾ هي لفظ ٻَکَ نہ پر ٻَکَ آهي. جيئن سسئي پنهنجي سهيلين کي چئي ٿي تہ ٻَکَ ڪير بہ ڪا نہ ٿي باسي، معنيٰ جيئري پاڻ جهنگ جي حوالي ڪرڻ، سو تہ مائي سَسئيءَ ڪيو. آخري سِٽ ۾ "مون سين هلي سا جا جيءُ متو ئي نا ڪري" ان ٻَکَ باسڻ واري ڳالهہ کي عيان پيئي ڪري، پر اسان جا عالم سڳورا ٻَکَ باسڻ جي معنيٰ ماني واريءَ ڳالهہ تي پيٺ پڏيو وينا آهن. وَس وارا آهن کين ڇا چئجي.

سڏائتي سيڪا ٻَکَ نہ باسي ڪا،

سڏون تہ سڀ ٿيون ڪن، پر پاڻ کي منهنجي پرينءَ تان گهوري، جهنگ جي مروئن جو کاڄ ٿيڻ لاءِ ڪير نہ ٿي سوچي. سو تہ مائي سسئيءَ ڪيو هو.

ياياڻي تي پور پٺيءَ ڪيچن ڪڪرا،
رائو مڙيوئي رت سين، ڪارڻ ڪانڌ ڪڪور،
لانچي لڪ لطيف چئي، اتي ڏونگر ڏور،
جت وچي تو زور، اُپڙ تان اوڏي ٿيين.
(سسئي آبري)

هن بيت ۾ لفظ ياياڻي اسانجي سڄي ڪوهستاني تر ۾ اڄ بہ عام طرح سان ڳالهائجي ٿو، ان لفظ جو پنهنجو هڪ مشاهداتي پسمنظر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنيٰ عالمن سڳورن کي سمجھہ ۾ نہ اچي سگھي. جڏھن کو سائو وڻ ٽڙ وٽان وڍي ڇڏبو آھي تہ مھيني کن ۾ ان ٽڙ جي چوڌاري سنھڙيون ڪچڙيون ٽاريون جھجھي تعداد ۾ موري ويندي آھن. ھتي ٻٽائي گھوٽ نرڄي نڪ وڍئي ماٺھوءَ لاءِ اھا تشبيھاتي معنيٰ ڏني آھي، ھي چوڻ عام آھي تہ ھن جو نڪ لوسڻ جو آھي وڍ تہ موريو اچي، تہ نرڄي ماٺھوءَ کي بہ اھي نھاڙين وارا نڪ آھن، ھڪ وڍ تہ پندرھن ٻيا ٻيٺا آھن.

جنين سنڌي منھن ۾ نھاڙيون نڪن.

## سر مارئي:

پانڌي پرين پنھوار جو مون وٽ جو آئو
اٺا مينھن ملير ۾ سڀ ڏيھہ سوائو
ٻاجھر پڪي ٻاجھہ تي لٿو ڏوڳائو
جو سرتين ساجائو سو ھينئڙو ھت نہ وندري.

آئو "سوائو"، "ڏوڳائو" اھي لفظ ھن تر سڄي ۾ اڄ بہ عام طرح ڳالھايا وڃن ٿا. ھتي سڄي تر ۾ آيو جي بدران عام طرح "آئو" ڳالھائجي ٿو. آن آئو آھين" (آئون آيو آھيان) "سوائو" سٺائو واہ پر ھي لفظ سُکيائي جي حوالي سان ڳالھائجي. ڏوڳائو ڏک جي ۽ غريبي مان مراد تنگدستيءَ لاءِ بہ عام استعمال ۾ آھن.

## سر آسا:

جان تن ڪيوءِ نہ تيئن، سُوئيڙيان ئي سنھڙو
پرين پائيندا ڪيئن، توکي اکڙين ۾.

سُوئيڙيان جي معنيٰ سيني عالمن سنھي سئي ڏني آھي. سئي سان اک جو کھڙو ڪم آھي، سو عالمن کي خبر ھوندي پر ھي لفظ آھي سَوئيرياڻين معنيٰ سرمي کان بہ (سنھو) اسان جي سڄي ڪوھستاني تر ۾ سرمي کي سوئيرو چون.

جان تن ڪيوءِ نہ تيئن، سوئيرياڻين سنھڙو

## سر ڏھر:

ڏکي اڏ مَر منھي، پکو اڏ مَر لانڍ،
اڏيو جن ورانڍ، تن سوارو لڏيو.

ھن بيت ۾ آيل لفظ "ورانڍَ" سواءِ ھن ڪوھستاني تر جي ٻي ھنڌ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سجي تر ۾ ”هڏ“ عام ڳالهائجي، ”آن هڏ بہ ايڏي ڪو نہ وندوس“ (آئون اصل ايڏانهن ڪو نہ ويندس) ”سنجهي“ جو لفظ بہ عام استعمال آهي. ”آن سنجهي جو آئوس تون ڪيڏ ويو هئين.“ ”سنَڍ“ لفظ تہ جڻ آهي ئي هتي جو. مختلف جاندار توڙي بيجان اسمن لاءِ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿو. ”ڪٽان“ لفظ هن سجي تر ۾ ڪٽان جي بدلي ۾ ڳالهائجي ٿو. ڪٽان لفظ هن تر ۾ جڻ تہ ڳالهائجي ئي نٿو. جيئن ”آدا ڪِٿان آئو آهين“ (ڪٽان آيو آهين) هتي پري واري شهر بندر لاءِ ”ڏوراڻو ڏيو“ بہ عام ڳالهين يا پري لاءِ ”ولات پنڌ“ جي چون. ڏٺ تہ هن تر ۾ عام ڳالهائجي.

**سُر سروو سنڌي:**

نيڻ سَڪيلا سپرين، پؤنر پرون پالا،
چڪم چاڪ پرينءَ جا، اندر ۾ آلا،
يار ميڙين يا الله جهنجي صحبت ڪارڻ سڪي هنيون

”سڪيلا“ ڪوهستانين وٽ اج بہ موجود آهن. اهي اڏائي ٽن فٽن جون ننڍيون تراريون(تلوارون) جيڪو سنڌن مرداڻو هٿيار پڻ آهن، سي وٽن اج بہ هٿيڪيون آهن. ڪن تي تہ سون ۽ چانديءَ جا مُنيا پڻ چڙهيل آهن.

**سر رامڪلي:**

راتيان رڻ جهڻ رام سين، ڏينهان ڪن سَنان،
جوڳي سي آنانَ، وِٽون جن ورهايون.

هن بيت ۾ آيل لفظ”سَنانُ“ ”آنانُ، ۽ ”وٽون“ اهي عام وهنوار ۾ ڳالهائجن ٿا. اسان جي ڪوهستاني تر ۾ رهندڙ پائي بند(هندو) وهنجڻ کي سنان چون، پر عام ڪوهستاني ”آن مٿو ڏئين تو“، ”آن اونگرين تو“. ”آن وينجين تو“ ڳالهائڻ اچي ٿو. ”آنانُ“ لفظ ان ماڻهوءَ لاءِ جيڪو پنهنجي ئي مستيءَ ۾ هجي جنهن تي ڪا بہ ميار نہ هجي.

**سر ڪاپائتي:**

پائي ڏور ارٽ ۾، ڪتين نہ ڪُوڙي،
وهانءَ واڏاٽي، پوٽي سَنيُوري،
مٿي جنهن مُوڙي، سا ڪيئن ويهي وسري

هن سجي تر ۾ شادي مرادي لاءِ ”وهانءَ واڏاٽي“ جو لفظ ڳالهائين، پيرين پنڌ هلڻ لاءِ ”پوٽي“ ڳالهائين. ”آن پوٽي تساهہ مُنمُ ڪري آئو آهين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنيري تيار ٿي وڃڻ لاءِ سنيوري ڳالهائين. تون تہ جيڏ ڪيڏ سنيوري بيٺي آهين. ڪنهن ننڍي هڙ کي "پوٽري" ۽ "موڙي" چون. ورنہ "موڙهي" منجهاٽل کي چون.

**سُرپورب:**

ڪڏي ڪانگا تو ڏيان، هينئون ساڻ هتن،
وڃي ڪاءِ ولات ۾، اڳيان عجيبن،
پرين مانَ پڇن، تہ هيئن قربان ڪيئن تي.

هنيون هن سڄي ڪوهستاني تر ۾ دل کي چون. هن سڄي تر ۾ "ولات" اڄارجي ولايت اصل ڪين ٻولين. پراهين پنڌ لاءِ وِلات لفظ ڪم آڻين، جيئن: (ادا ڪراچي هتان ولات پنڌ جي آهي).

**سر ڪارايل:**

ٽئو حضوري هاڻ، سوجها پس سَرَ جي.
ڪُنڊي لڏي ڪاڻ، پکيئڙي پاتار ۾.

ڪُنڊي جو لفظ هن پاسي عام ڳالهائجي، جي پير ۾ ڪنڊو لڳي تہ ان کي ڪُنڊي ڪڍن.

**سر پرڀاتي:**

ڏڏ ٿي ڏان گهريج، چڏ وڃا جي وائي،
سپڙ رات سنپاهيا، تازي تو لائي،
جو جاڻي نہ ڪائي، تنهن سين ٻيلي ڏٺيءَ ٻاجهہ ڪي.

"وڃا" لفظ هن پاسي عقل ڄاڻ ۽ علم جي بدران ڳالهائجي ٿو

**سر بلاول:**

اکين سوئي اوڙکيو جو ڪنين سؤم ڪرن،
ماءُ منهنجو من، چام پسندهين پتئو.

"اوڙکيو" "پتيو" اهي لفظ هن وقت ڪوهستاني تر کان سواءِ شايد ڪٿي پسجن بہ ڪو نہ ٿا. نج هن تر جا عام واهپي جا لفظ آهن. ڏسڻ يا ڏٺي بدران عام "اوڙکيو" يا "ڊوکيو" ڳالهائين. يقين يا پڪ سچاپچڻ واري رمزي ۾ "پتيو" لفظ ڳالهائين. جتي شڪ جي ڪا بہ گنجائش نہ هجي. ڏسڻ لاءِ عام طرح پسندهين" لفظ ڳالهائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سُر ڪاموڏ:

ڪوءِ سمين ٻن سومرين، جي اچن اوچي ڳاٽ،
وَر سي ڪينجهر ڄاين، جن تماچي تات،
راتئين مُلا رات، ماڻڪ مي پرايو.

"ور سي" نج هن تر جو لفظ آهي جو اڄ بہ عام طرح ڳالهائجي. جنهن جي معنيٰ آهي "ڀَلي ڀِاهي" "ور سي وطن ڄاين صحرا ستر جن" (شاهہ رح) "تات" لفظ بہ هتي عام طرح يادگيري لاءِ ڳالهائجي ٿو يادگيري جو لفظ هن تر ۾ گهٽ پسجي. "ڪنجهر" لفظ بہ هن تر ۾ وڏي تراڪڙي ٻوٽي جي ٻنيءَ لاءِ ڳالهائين جا مينهاڻي پاڻيءَ سين ڀرجي وڃي ٻوءِ پري ڪان پاڻيءَ جي اچ ڀيٽي ٻوندي آهي. ڀٽائي گهوٽ بہ لفظ ڪنجهر استعمال ڪيو آهي. ٻوءِ خبر ناهي ڪينجهر ڪيئن ٿي. ڊاڪٽر محمد علي مانجهي جو چوڻ آهي تہ اصل ۾ اهو لفظ ڪنجهر ڏنڊ آهي، جيڪو پاڻ بہ ڪنجهر جي ٿي پاسي جو رهواسي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر اسد جمال پلي

# شاهه جي رسالي ۾ ماءُ

عورت انسان ذات جي تخليق ۾ واڌ ويجهه لاءِ قدرت طرفان مرد جيتري ئي حصيدار آهي. انهيءَ ڪري مرد ۽ عورت جو معاشري ۾ اٽبرابريءَ واري حيثيت تي بحث اجايو آهي. ظلم جڏهن ”فرد“ تي ٿئي ٿو ته اهو مرد هجي يا عورت مظلوم ٿي آهي. ظالم مرد به ٿي سگهي ٿو ته عورت به ٿي سگهي ٿي، تنهن ڪري حقائق کي اگر غور سان پرکبو ته پتو پوندو ته مرد کي عورت تي فقط اها سبقت آهي ته مرد دنيا ۾ پهرين آيو ۽ مرد جي پاسراٽي مان عورت کي پيدا ڪيو ويو.

مرد ۽ عورت جڏهن ماءُ پيءُ بنجن ٿا ته ٻنهي جون ذميواريون اولاد جي سلسلي ۾ مختلف ٿين ٿيون، جيڪي سندن جسماني خواهه ذهني ڪارڪردگي تي علحده اثر ڪن ٿيون. مشاهدا ۽ تجربا مختلف ٿين ٿا، جنهن ڪري هڪ مثالي ۽ معتبر معاشري ۾ عورت ۽ مرد جو مقام جدا جدا حيثيت سان ڏيهن ٿا ۽ جنهن ڪري ئي اسلام ۾ عورت جي شاهدي خواهه عورت جي حاڪميت واري حيثيت مرد کان مختلف آهي.

يورپ جي ڪن عالمن جهڙوڪ مورگن، ڊارون ۽ مورس ڊيسمنڊ انهن حقيقتن جي ابتڙ ”نظريه ارتقا“ جي مفروضي ۾ عورت ۽ مرد جي برابريءَ کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر اهي ڳالهيون فطري قانون سان پيچ ڪائي نه سگهيون.

جڏهن سماج ۾ شاديءَ جو تصور ئي ڪونه هو يا بعد ۾ گروهي شاديون (group marriges) جي وقت اولاد ماءُ جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. مثال طور هندستان جي تاريخ ۾ ”دروپدي“ پنجن پانڊو ڀائرن جي هڪ زال هئي، تنهن ڪري اولاد لاءِ هڪ پيءُ مقرر ڪرڻ ممڪن نه هو. بعد ۾ اسلام دنيا کي ماءُ جو معتبر ترين مقام ڳولي ڏنو ۽ جنت کي ”ماءُ“ جي پيرن هيٺان ڏسي، سماج کي ماءُ جي اعليٰ منصب کان آگاهه ڪيو.

اسان جي سنڌي سماج ۾ جتي اسلامي تعليمات سان گڏ ڌرتيءَ جي قديم ريتن ۽ رواجن جو به سنگم آهي. اتي ماءُ جو ڪردار هڪ اعليٰ سماجي ڪارج وارو ڪردار آهي. جڏهن اسين ماءُ جي ڳالهه ٿا ڪريون ته ان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردار ۾ سيئي سماجي عناصر منفي هجن يا مثبت، نمايان نظر اچن ٿا.

جڏهن بہ اسان جي سماج ۾ ڌيءَ سان ظلم يا ناانصافي ٿئي ٿي تہ ماءُ ئي واحد ڪردار آهي، جيڪا مسلسل نہ صرف روح راڙي ۾ ڌيءَ سان شامل آهي، پر سندس همت ٻڌائڻ، احتجاج ۽ جدوجهد ڪان وٺي ويندي سندس مظلومانہ انجام تي ماتم ڪرڻ تائين برابر شريڪ آهي. مثال طور اسان جي سماج ۾ جيڪي ڪوجهايون ۽ ڏچا عورت لاءِ عملي طور موجود آهن، انهن ۾ هيٺيان قسم خاص آهن.

1. ڌيءَ جي "قرآن مجيد" سان بخشش.
2. ڌيءَ جو پوڙهي مرد سان نڪاح.
3. ٻدي ۾ پرڻائي ڏيڻ.
4. مقرر ڪيل رقم ۾ عورت جو وڪرو.
5. ڪنهن تڪراري فيصلي ۾ ڏنڊ طور سڱ ڏيڻ.
6. سَٽيءَ جي رسم.
7. سماجي طور گهٽ خاندان واري عورت جو وڏي خاندان ۾ پرڻجي وڃڻ.
8. "سريت". رکيل ۽ طوائف جا روپ.
9. عورت جي غيرت جي نالي ۾ گهر مان نيڪالي.
10. عورت جو عبادتگاهن لاءِ مخصوص ٿيڻ.
11. عورت جو ٻانهي رکڻ.
12. عورت جو ڪنهن "امير" عورت سان ڏيج ۾ ملڻ.
13. عورت جو شڪل شبيهہ ۾ سهڻو هجڻ.
14. عورت خواه مرد جو "ڪارو ڪاري" جي سماجي واپار واري قانون ۾ قربان ٿي وڃڻ.

جيڪڏهن "مرد" خواهہ عورت سچ پچ بہ "ڪاراڻ" جي ڏوهہ جو مرتڪب ٿيو آهي تہ بہ ان لاءِ منتخب ڪيل مذهبي خواهہ ملڪي قانون ڪي پٺ ڏيئي غير فطري "ڪارو" سماجي قانون ناهڻ، جيئن اڄڪلهہ اسان جي سنڌ هن بري واپار ۾ ورتل آهي.

هنن سيني مسئلن ۾ ماءُ جو ڪردار اهم ۽ مؤثر ڪارج وارو آهي، جيڪو نہ صرف ڌيءَ پر پٽ لاءِ بہ اوترو ئي ڪارگر آهي، جنهن جا هزارين مثال اسان جي سماج ۾ موجود آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿئين مختصر بحث جي روشنيءَ ۾ اگر اسين شاهہ جي رسالي ۾ ماءُ" جي روپ جو مطالعو ڪريون ٿا تہ اسان کي رسالي ۾ هڪ نج "سماجي ماءُ" نظر اچي ٿي، جيڪا سيني نظرين ۽ وصفن کان بالاتر آهي ۽ هڪ "معاشري جي ڪارج" واري ماءُ آهي. هڪ سورمي يا سورميءَ جي جهڙي ماءُ هئڻ گهرجي، لطيف وٽ "ماءُ" جو اهو باعمل روپ موجود آهي.

هوءَ پنهنجي اولاد کي "لاڏڪوڏ" بہ ڪري ٿي تہ سماجي قانون ۽ قاعدا بہ سيکاري ٿي. سندس همراز بہ آهي تہ همتوا بہ آهي، هوءَ اولاد جا طعنا تنڪا بہ سَهي ٿي تہ عيب بہ ڍڪي ٿي. منزل ڏانهن وڌندڙ ڪردارن جي همت ۽ حوصلو بہ وڌائي ٿي تہ تقويت بہ بخشي ٿي.

ڪٿي ڪٿي وري پنهنجي مادرانہ شفقت جي اثر ۾ اچي پنهنجي اولاد کي روڪي ۽ سمجهائي بہ ٿي. جتي هوءَ سسئي کي ڪيچ وڃڻ کان روڪي ٿي، اتي وٽجاريءَ کي سڪائون ڏيڻ ۽ باسون باسڻ کان نٿي روڪي. مارئيءَ کي قيد ۾ مايوس ٿيڻ نٿي ڏئي. مومل کي انتظار جي عذاب کان نٿي ڍيجاري. ڪپورئين جي روج راڙي ۾ شامل ٿي ڪيس باحوصلہ ٿي رکي تہ "پڳ" جا فيصلا عورتن کان ڪونہ پڇيا آهن. "مارل" کي سيکاري ٿي تہ تنهنجو مڱيندو صرف "ڍولو نرور" آهي، ٻئي ڪنهن سان سڱ نہ ڪبو ۽ کيس ڏس ٿي ڏئي تہ: "پينگهي پايو لوڏ. سر سمي ڄام جو". ڄام چنيسر کي تنبيهہ ڪري ٿي تہ: "ڍولو نرور سيريئين مارو پاس مڙين" "رپ" جو پيءُ ڪلياڻ جيڪو ڪلات جو ٺهري بادشاهہ آهي (ڪلات موجوده تعلقہ ڪوٽ غلام محمد وارو علائقو) اگر ان کي "رپ" ۽ بروي جي پريم ڪهاڻيءَ جي خبر پوندي تہ هو "بروي" کي قتل ڪرائي ڇڏيندو ان ڪري رپ کي مشورو ٿي ڏي تہ:

نهائين کان نينهن، سک منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري.

چاڪاڻ تہ "رپ" جي ماءُ کي رپ ۽ بروي جو زنده رهڻ مطلوب آهي. "ڪونروءَ" کي ڄام چنيسر حاصل ڪري ڏيڻ ۾ سندس ماءُ جو عقل ۽ دانائي ڪارفرما آهي. راءِ ڏياچ کي "ڏاتار" قبول ڪرائڻ ۽ مڱڻو خالي نہ موٽائڻ ۾ "خاتون راڻي" موجود آهي تہ:

خاتون راڻي چوءِ، ٻيٽا، جم موٽائين مَڱڻو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نوريءَ جي نياز ۽ نوڙت ۾ سندس ماءُ ”مروت راڻي“ جو ڪردار موجود آهي ۽ متارن لاءِ مدهوشي جا مَٽ ڪوليندڙ ”موکي“ کي انهيءَ گس لڳائڻ واري سندس ماءُ ”ناتر“ ئي آهي.

مطلب تہ رسالي جي سيني داستانن ۾ ماءُ جو ڪردار پسمنظر خواهہ پيش منظر ۾ مضبوط ۽ ڪارج وارو آهي ۽ اهڙو تہ پڪو پختو ۽ مثبت ٿي بيٺو آهي جو جڏهن خود حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کي تصوف ۽ سلوڪ جون منزلون طئہ ڪندي ڪنهن سان حال اورڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي تہ مخدوم محمد زمان لنواريءَ واري سان ملاقات بعد چئي ويٺو تہ:

مون سي ڏٺا ماءُ، جنين ڏٺو پرين کي،
تنين سندي ڪا، ڪري سگهان نہ ڳالهڙي

هن منزل تائين پهچندي ”ماءُ“ جي سماجي ڪارج جو دائرو وسيع ٿي وڃي ٿو ۽ اهو اصطلاحي ”ماءُ“ جي روپ تائين پهچي ٿو.

هن بحث ۾ اگر اسين رسالي تي هڪ طائرانہ نظر وجهون ٿا تہ شاهہ صاحب جي ڪردارن ۾ ”ماءُ“ جا نعم البدل جيڪي ٻيا ڪردار ملن ٿا، اهي آهن ڀينرون، جيڏيون، سرتيون ۽ ساهيڙيون. انهيءَ کان سواءِ پکي، جانور، نباتات ۽ جمادات بہ ڪردارن جي خطاب ۾ شامل آهن، جيئن:

- اُڀر چنڊ پس پرين، تو اوڏا مون ڏور.
- ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍيون ڪرين.
- ڪندا تون ڪيڏو جڏهن پريو ڍور وهي.
- هوش ڪري ڏس، هنجڙا يار، ٻڌج نہ ٻيل ٻگهن سان الا.
- ڪرها توکي ڪاهہ، ڪارڻ ڏٿين ڏاريو.

جيڏين ۽ سرتين سان حجت جا بہ گهڻا دليل آهن تہ احتياط بہ جهجهو آهي تہ متان:

ڪلن سڀ مٺام، سرتيون ۽ ساهيڙيون

يا وري حجت ۾ چتاءُ تہ:

صورت ساهڙ چام جي، جيڏيون ڏٺان جي،
سکي ٿي ستيون ڪين ڪي، ورن پاسي ڪي،
مون هان ئي اڳي، هوند گهڙو سڀ گهڙا ڪٽي.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون جيئن ملاقات، جي هنيان هوت پنهون سين،
ٻاهون وجهي وات، ريهون ڪيان رڃن ۾.

يا وري ميار جو انداز تہ:

- هتي جي هيون، تہ سڌ پيين سيل جي

ٻي ياد دل تي تري اچي تہ:

- مون جيڏيون ملير ۾، چوندين موڪ ميها.

پر جيڏين خواهہ سرتين کي خبردار ڪرڻ تہ:

- سرتيون سجهي سچ، متان ڪا مون سان هلي.

جي هلي تہ ڪيڏو وڏو شرط آهي تہ:

- مون سان هلي سا، جا جيءُ متو نہ ڪري.

سنڌيءَ جي اساسي شاعري ۾ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي کان اڳ جي شاعرن بہ "ماءُ" جي سماجي روپ کي شاعريءَ ۾ ڪارج طور مڃيو آهي.

**قاضي قادن:**

جنين مڪ مران، "امي" التي اڪڙين.

**شاهہ لطف الله قادري:**

حسن حبيبن جو جنين ڏنو ماءُ

**شاهہ عنات رضوي:**

- هٿ ڪٽيو سڏڪا ڪري، موکي "ماءُ" ٻُري،
- خاتون راڻي چوءِ، ٻيٺا، جم موٺائين مڱڻو
- ٽڏو واءُ ٽرن جي منهن سامهون ماءُ.

حالانڪ شاهہ جو رسالو انهن بنيادي روايتن جو تسلسل آهي پر انهن روايتن ۾ جڏهن شاهہ جو اعليٰ فڪر ۽ فهم سمائجي ٿو تہ هرڪا روايت "رسالي" مان شروع ٿيندڙ پيئي معلوم ٿئي.

هڪ ماءُ پنهنجي اولاد جي نہ صرف ماءُ آهي، بلڪ دوست ۽ همراز بہ آهي. هوءَ اولاد جي گڻن کي نمايان ڪري ٿي ۽ اوگڻن ۽ خطائن کي ڍڪي ٿي ۽ پردو پناهہ ڏي ٿي. "چور جي ماءُ گهڙي ۾ روئي". گهڙيءَ ۾ روئي بہ چور جي ماءُ چور جي حمايت پيئي ڪري. مطلب تہ ماءُ هر حال ۾ اولاد جي سجڻ ۽ ڀلائي چاهيندڙ آهي.

شاهہ جي رسالي ۾ "ماءُ" جي ڪردار کي هيٺين روپن ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(1) ماءُ جي هيج مان ڏنل ڏيج کي واپس واري اهو احساس تہ تومون کي ڏني ئي سورن واري سيج هئي، جيڪي ڪوڙ ڪيا ۽ تنجڻ ۾ لولي ڏني، ان ۾ بہ سورن جي صدا هئي. بلڪ "سرجڻ" سان ئي ماءُ جي پيٽ سور جاڙا ( Twin _Pregnancy _ وانگيان) سرجيا هئا. پوءِ جڏهن سرتين ڪوڙ مان ڪپڙا تي ورهايا، تڏهن بہ منهنجي لاءِ "ماءُ" پب جا پهڻ آچيا هئا. مثال:

- سرجي تان سور، ساماءُي تان سک ويا.

(آبري)

- مون کي ماروئڙين، سج ڳتائي سيج ۾

(مارئي)

- "ماءُ" وهاڻو وار، ڪڻ پتراڻي پنهنجي،
جيڪي ڏنئي ڏيج ۾، سو سيوئي سار،
ويان تي وٽڪار، ڏنم پير پنهونءَ جو.

(حسيني)

ٻڌي سورن سندرو لولي ماءُ ڏنام،
سرتين سَهَجَ منجهان، تي ڪوڙ ورهايا ڪپڙا،
تڏهن منهنجي ماءُ، تي پهڻ آچيا پب جا.

ماءُ کي سماج ۽ فطرت جا طئہ تيل قانون ۽ قاعدا سمجهائڻ تہ:

آيل سنگهارن سين، جيڪا گهاري ماءُ،
توٽي هوءِ اوڳٽي، رکو مور نہ ڪاءِ.

—

منزل جي آسانيءَ لاءِ هاديءَ جي همراهي ضروري آهي.

ريءَ همراهي هاديءَ جي، مور نہ ٿيي ڪي ماءُ.

—

جيڪي اونهي ۾ اوهرندا آهن، اهي موتي ماڳ تي نہ ايندا آهن، يا ويندا ئي انهيءَ ڪري آهن جو موٽڻو نہ هوندو آهي. هيءَ اها ڪيفيت آهي، جتي گُمان، يقين ۽ قانون ۾ تبديل ٿي ويندو آهي.

اونهي ۾ اوهري، جڏهن ويا جي،
موٽي ماڳ نہ آئيا، ماءُ ساموندي سي،
ڪارو تنين ڪي، جيڪس وهہ وري ويو.

(سريراڳ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماءُ کي انڪار ڪرڻ تي هاڻ آئون آتڻ ۾ وڃي سرتين وچ ۾ ويهي چرخو ڪتڻ جهڙي نہ رهي آهيان جو منهنجي منزل ۽ سفر ڪجهہ ٻي طرح آهي. انهيءَ ڪري آتڻ مان منهنجو چرخو بہ ڪٽي اچ ۽ منهنجي آسري تي ٻهي بہ نہ پچائج، ڇو جو مون ڪان هاڻ اها ڪتبي ئي ڪانہ.

- امڙ وڃي آڻ، چرخو آتڻ وچ ۾

(حسيني)

- آيل ائين مَ ڀانءِ، تہ ڪا جيئندي ان رئيءَ

(رپ)

- ٻهي ڪيم پچاءِ، امڙ منهنجي آسري،

جڏهن ماءُ پڇي ٿي تہ ائين ڇو ٿيو آهي تہ جواب ٿو ملي تہ:

- مون کي "ماءُ" مجاز پچاري جيئن پڇيو
  هٿن ڇڏي هاڄ، ويئي سار سنڌن مان.

- آتڻ اورانگهي ويا، آءُ ٿي مران ماءُ.
- گوندر ڪيو غرق، ماءُ منهنجو جندڙو.

(رپ)

- مادر مارياس، قوڙائي پرين جي.

(رپ)

- اڏ لڳيون آهين، جيجان سنديون جوڳيين

(رام ڪلي)

- آيل آديسين جا، ورهہ ٿيم وچڻ.

(پورب)

- گوندر وڌو پيچ، ماءُ منهنجي جيءَ سين.

(رپ)

- آيل آديسين جا، مون کي گن گهٽا.

(رامڪلي)

- وسان تي وياس، آيل آيل.
  لڳم ٻاڻ برهہ جو.

پوءِ بہ ماءُ ڏتاري، دلاسا ڏيئي آتڻ وٺي ٿي وڃي ۽ نہ چاهيندي بہ هوءَ ڪتڻ شروع ٿي ڪري، پر اوچتو ڇا ٿو ٿئي، اهو منظر بہ عجيب آهي تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سسئي جي اصل ماءُ روايتن موجب ”برهمڻ آباد“ ۾ هئي ۽ ڀنڀور ۾ اها ”ڌوٻياڻي“ ماءُ هئي، جنهن سسئيءَ ٺي نپايو هو.
ماءُ سان حال اورڻ جا ٻہ مرحلا آهن.

(الف) ماءُ سان روبرو حال اورڻ.

(ب) ماءُ کي تصور ۾ آڻي ساڻس حال اورڻ. هيءَ انتهائي اهم ڪيفيت آهي.

(الف) ماءُ سان روبرو حال اورڻ:

- امڙ آڏيسين ڪي، سڪان ۽ سڙان.
- امڙ اوري اچ، تہ ست سٽايان سور جي،
- حسينيءَ جي هاڪ، مادر ماري هئي.
- مادر ملاحن جا، ويئي سهان سور.
- آيل ماءُ منهنجو دل جو دوست ونيو ڀيا وچن.
- ساموندي ساري، ماءُ منهنجو جندڙو.
- ماءُ پهتا مير، پار لنگهائون پاڄہ سين.
- آيل آڏيسين جي، ماري پهہ آئون.
- ماءُ ڪاهوڙي هليا، ڏکائي ڏونهان (ڪاهوڙي)
- ماءُ منهنجي ڪرهي، موتين جهڙي مالهہ (ڪنيات)
- ماءُ منهنجي جوڳيين، ڪنين ڪنر لال (رامڪلي)

(ب) ماءُ کي تصور ۾ آڻي حال اورڻ:

- جنين منو ماءُ، سي جت نہ پسان جوءِ ۾.
- پر ۾ پچاين، جيجان جوش جتن جا.
- جيجان آهن جوڳ جا، ڪي اڳانجها سور.
- آهن ڳالهڙيون، ماءُ مرادون پرين سين.
- مادر تان نہ مران، ساريو سنياسين ڪي

سفر ۾ ڪهڙو حال ٿيو ۽ ان ڪانپوءِ بہ ڪهڙو آسرو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڳي ڏاڏي ذات سامي ڏاڏي ذات
سي مون قبوليا ڪاپڙي، جيجان قبوليا ڪاپڙي.

ماءُ کي پنهنجيون مختلف ڪيفيتون وهم ۽ گمان ٻڌائيندي آخر ۾ پنهنجي انجام کان آگاهه تي ڪري ته:

- ويندس ماءُ مري، ساري سامونڊين کي،
- مري ونديس ماءُ، لڪ لنگهندي لڪيون.
- مادر مٿان مون، ڪانگ لنوندا ڪيچ جا.
- سامونڊيڪو ڏجهه، ماءُ ماريندو ڪڏهن.

انجام تي رسڻ بعد جيڪا ڪيفيت سهٽي پنهنجي ماءُ کي تي ٻڌائي، اسان لاءِ "موت" جو فلسفو سمجهڻ ۾ ڪيڏو آساني تي ڪري ۽ شاعر جو فن عروج تي ٿو پهچي ته:

- توڙي ماءُ مياس، توءِ من ڪاڏو ميهار ڏي

(8) جڏهن وصال جو واءُ ٿو وري ته ٻه خوشيءَ جي خبر سڀ کان اول ماءُ کي تي ٻڌائي ته:

- ماءُ ولاتي موٽيا، تڙ ٿا تنوارين.
- ڪيڙي ڪيڙي ڪنڌ، ماءُ سامونڊي آئيا.
- ماءُ سامونڊي آئيا، سهسين ڪري سينگار.
- تڙين تنوارين، ماءُ سامونڊي آئيا.
- آيل آديسين کي پسيو ٿيان پٽي.

(پورب)

وڻجاريءَ جي هيءَ "ديوانه وار" ڪيفيت ڏسي شاعر به هم آواز ٿي ٿو وجي ته:

- سڙهه سجاٽيو چوءِ، ماءُ وڻجارا آئيا.

هن مختصر جائزي ۾ اسين انهيءَ ڳالهه تي پهچي ٿا وڃون ته اسان کي لطيف جي رسالي ۾ "ماءُ جو روپ" ڪيئن ٿو نظر اچي. رسالي جو هيءُ ڀرپور ڪردار آهي، جنهن تي هن وقت تائين بلڪل نه لکيو ويو آهي. هيءَ ابتدائي ڪوشش آهي، جنهن ۾ ماءُ جو ڪردار هڪ مضبوط سماجي ڪردار طور اُڀري سامهون اچي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حوالا


1. شاھہ جو رسالو (جلد ڏھون) (معياري متن) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
2. شاھہ جو رسالو غلام محمد شاھواڻي.
3. شاھہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي.
4. ڍوليو ڍٽ ڏٺي، معمور يوسفاڻي.
5. لطيف جو ترُ ۾ سير ۽ سفر، معمور يوسفاڻي.
6. ست سورھيہ ڏھہ ڏاتار معمور يوسفاڻي.
7. سر رپ (مطالعو) مرتب: تاج جويو.
8. سر سورٺ (مطالعو) مرتب: تاج جويو.
9. سُر مومل راڻو (مطالعو) مرتب: تاج جويو.
10. شاھہ جي رسالي ۾ عورت جو روپ: ڊاڪٽر فهميده حسين.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مظهر الحق صديقي

### شاهہ جي ڪلام جي صورتحال

# سڄاڳيءَ جو سڏ

سماج انساني زندگيءَ جو منبع ۽ محور آهي. اُهو ڪٿي قديم ترين دور هجي يا موجوده زمانو سماج کانسواءِ انساني زندگيءَ جي عمل جو تصور نٿو ڪري سگهجي. انسان ابتدا کان آفرينشن کان وٺي اج تائين سماج جو محتاج آهي. هڪ ٻئي سان ربط جو ذريعو ئي سماج آهي. اهو صحيح آهي تہ هڪ سانتيڪي سماج ۾ اُٿل پُٿل سياست ۽ آنا پرستيءَ سبب ٿي. طاقتور گروهن پنهنجين تلوارن جي ڪري امن پسند ڳوٺن ۽ وسندين کي پنهنجن گهوڙن جي سُنبن هيٺان چيپيو تهہ تيغ ۽ تلف و تاراج ڪيو. تاتارين جا حملا هن سلسلي ۾ خوني دفتر جي هڪ باب مثل آهن. ائين چئي سگهجي ٿو تہ تخليق آدم کان وٺي اهڙن ظالمانہ عملن انساني سماج جي پرسڪون ۽ امن واري ڍانچي کي پاش پاش ڪري ڇڏيو. معاشري ۾ سک ڦٽڻ جي ابتدا ايتري پراڻي آهي. جيتري هابيل ۽ قابيل جي ڪهاڻي.

امن پسند انسانن وري پنهنجو ڪم جاري رکيو. هنن پنهنجي فڪر و عمل جي قوت سان انسانيت جي بي لوث خدمت ڪئي. ايڪتا، امن ۽ انسانيت جا باب پڙهايائون. نيڪ انسانن، سماج سُڌارڪن ۽ شاعرن، سماج جي ريزه ريزه ٿيل ڍانچي کي جوڙڻ جو اُدم ۽ عزم ڪيو. جيتوڻيڪ ٻنهي محسنن جو مقصد هڪ ئي آهي تہ بہ شاعر جي پيغام ۽ هڪ عامل سڌارڪ جي طريقہ ڪار ۾ وڏو فرق آهي. شاعر پنهنجي منظوم ڪلام سان دلين ۾ ڏڙڪن ۽ ذهنن ۾ گهرا اثر ڇڏي ٿو تہ عامل سڌارڪ معقول ۽ منطقي اظهار جو طريقو اختيار ڪري انسان کي زماني ۽ مڪاني خرابين کان آگاهہ ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، هو منطقي دليل ۽ آزمايل مثال ڏيئي ثابت ٿو ڪري تہ چڱائي سماج لاءِ ڇو ضروري آهي. شاعر جو اظهار Inspirational ۽ سندس پيغام جو منبع Inspiration آهي. مطلب چڱائي ۽ حُسن، برائي ۽ قباحت کي اثرائتي طريقي سان، بيساختگي سان موزون لفظن کي استعمال ڪرڻ سندس ذات آهي. اها سيني جي نصيب جي ڳالهہ نہ آهي. شاعر ۽ سڌارڪ ٻئي رهبر آهن. اُنهن رهبرن ۾ شاهہ عبداللطيف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيتائي هڪ عظيم رهبر آهي. جنهن سهڻن لفظن سان هن محاذ تي جنگ جوٽي.

شاهه صاحب جي جوٽيل جنگ ڪامياب آهي، ڇو جو هو پاڻ ۾ سندس ڪارناموَ اڄ بہ هر ڪنهن جي زبان تي آهي، شاهه صاحب جو هي علمي ڪارنامو شاهه جو رسالو نهايت موثر آهي. جو اسين هتي گڏ ٿيا آهيون تہ ان جو جائزو وٺون ۽ ڪجهه پروڙيون.

اوهين ڄاڻو ٿا تہ ڪي بہ مثبت ۽ منفي رويا قبول يا مسترد ٿيندا آيا آهن، انهن روين مان سماجي گروهن ۽ جاگرافيائي سرحدن موجب ملڪن جنم ورتو. ملڪ ۽ سماج اڳ هڪ ٻئي کان پري هئا ۽ اڄ هڪ عالمي ڳوٺ مثل آهن. انصاف پسند ۽ حق پرست ماڻهن کي هڪ ڪنڊ ۾ ويٺي ٻئي ڪنڊ جي رهواسين جي دک درد جو هڪ پل ۾ احساس ٿئي ٿو. هيڏانهن قوم جي زندگيءَ ۾ ڪي اهڙا مرحلا ايندا آهن، جن جي ڪري ظاهر ظهور هن جي غيرت ۽ همت کي للڪاريو ويندو آهي. ان للڪار جو پڙاڏو بہ هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين گونجندو آهي. اڪثر ائين بہ ٿيو آهي تہ ڪن سببن ڪري عياشي ۽ غلامانہ ذهنيت جي ڪري ڪي قومون قومي ڪردار ادا نہ ڪري سگهنديون آهن. اتي بہ سجاڳ ذهن ۽ سُجاڻ رهنما اونداهيءَ ۾ سوجهري مثل شمع ڪٽي راهه ڏيکاريندا آهن.

سماج جا بہ پاسا آهن، هڪڙو آدرشي ۽ ٻيو عصري ۽ مڪاني. پهريون پهلو معاشري جون اُهي گهربل خوبيون شامل ٿو ڪري جي لازوال آهن ۽ هزارها سالن کان دانائن، حڪيمن، اولياءِ ۽ انبياءِ جي نظر ۾ معاشري جي پاڙن ۽ پيڙهن جي حيثيت رکن ٿا ۽ اُنهن جو ضد اُهي آوگڻ يا برايون آهن، جي معاشري جي پاڙن ۽ پيڙهن کي کوکلو ۽ ڪلرائو بڻائين ٿيون.

سنڌ ۾ شاعريءَ جي محاذ تان شاهه، سچل، سامي ۽ بيدل جهڙا رهبر سماج جي خرابين خلاف جنگ وڙهندا اچن. وڏي واڪي چون ٿا تہ غافل غفلت ڇڏ! شاهه صاحب چوي ٿو: ستا اُٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري، سچل سرمست چوي ٿو: ڪيڏ گمان گدائي والا، شملا چا ٻڌ شاهي دا، سامي منجهيل ۽ مُوڙهن کي دڳ ڏسڻ واري ڳالهه ڪري ٿو.

اهڙو ڪو آهي، دردوند داتار جن،
جو موڙهن کي ماڳ ڏيہ روئندن رهسائي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُوت جنم جا وڇڙيا، سامي ملائي،
لحظي منجهہ هي، اوديا ڪُلف اندر جا.

ساميءَ هتي اوديا (جهالت) جي ڳالهہ ڪئي آهي. جهالت انسان جي روحاني توڙي مادي زندگيءَ جي ارتقا ۾ بنيادي رڪاوٽ آهي. مغرب توڙي مشرق جي مفڪرن وٽ علم پهرين اچي ٿو. اسلام ۾ علم جي بنيادي اهميت آهي. حضور ڪريم صہ جن کي بہ پهرين حڪم ٿيو تہ ”پنهنجي رب جي نالي پڙهہ“

شاعرن بہ ”اکر پڙهہ الف جو“ چئي دل جي ڳالهہ چئي جا عين اسلامي آهي. اهو اندر اُجارڻ لاءِ آهي. چي: اندر ڪٽي اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا. اندر اُجارڻ لاءِ علم جو وسيلو ورتو ويو. شاهہ عبداللطيف هن علمي جدوجهد ۾ قدم وڌايو. جو ڏنائين تہ پنهنجن ماڻهن، پنهنجي سماج لاءِ ٻيو ڪوبہ رستو نہ بچيو هو سواءِ علم ۽ عمل جي. جن جن خصلتن سماج کي ڇيهو رسايو آهي، تن کي ننديو اٿس ۽ جن خوبين سماج کي مضبوط ڪيو آهي، تن کي اُجاگر ڪيو اٿس.

هُو چونئي، تون مَ چَئُو واتان ورائي،
اَڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاندَ ۾ پائي، ويو ڪِيني وارو ڪِين ڪي.

وڌيڪ انهيءَ برداشت ۽ صبر جي خوبي ۽ هوڏ جي خلاف جي معاشري جي نوعيت تي اثرانداز ٿين ٿا. شاهہ سائين فرمايو:

ڪَمُ ڪمندن ڪتيو هارايو هوڙن،
ڇڪيو نہ چوندُنِ هو جو ساءُ صبرَ جو.

يا وڌيڪ انهيءَ خيال کي هنن لفظن ۾ بيان ٿو ڪري:

اڻ چوندن مَ چئو چوندن ڇيو وسار
آنئي پهرَ ادب سين، پَر اهائي پار
پائي منهن مونن ۾، غربت ساڻ گُذار
مفتي منجهہ وهار تہ قاضيءَ ڪانيارو نہ ٿئي.

سماج ۾ بيقدري، ڪوڙ ڏُغلاپڻ ۽ سچ کي رحم جي معاشري ۾ ڏچي ۾ ڏسي شاهہ صاحب شڪايت ٿو ڪري:

اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي،
پلئہ پايو سچ، آچيندي لڄ مران.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ چوي ٿو تہ سماج جي پيڙھ پختي تڏھين ٿيندي، جڏھن ماڻھو سچ جو سودو ڪندا جو ڪڏھين پراڻو نہ ٿيندو.

وکر سو وھاءِ، جو پئي پراڻو نہ ٿئي،
ويچيندي ولات ۾، ذرو نہ ٿئي ضاع،
سا ڪا ھڙ ھلاءِ، آڳ جنھن جي ابھين.

اجتماعيت جي حق ۾ ۽ انفرادي غرور ۽ تصنع ۽ انانيت جي خلاف، جي معاشري کي کوکلو ڪن ٿا. شاھ فرمائي ٿو:

لاٽيون جي لباس جون، سي ڇپائي ڇڏ،
"آءُ". "اسين" ڪن جي، پاسي تن مَ اَڏ.

ھاڻي آءُ ايندس سماج جي عصري ۽ مڪاني پاسي تي جنھن جو مون ڪجھ دير پھرين ذڪر ڪيو. اچو تہ ڏسون تہ لطيف سائين پنھنجي دور جي صورتحال ڪيئن ڏٺي ۽ ڪيئن پيش ڪئي.

آءُ اھا ڳالھ بيان ڪرڻ ضروري ٿو سمجھان تہ شاعر کي پڙھندڙ ۽ ٻڌندڙ بنيادي طور شاعر سمجھن ۽ سندس شاعراڻي شاھڪار کي شاعريءَ جي ڪسوٽيءَ تي پرکين. ٻين عروضي ڪسوٽين تي گسائڻ سان شاعرن سان انصاف نہ ٿيندو. شاعر جي تشويق ۽ آمد ھر وقت سماج تي يا معاشقي تي، يا بغاوت تي مرڪوز نہ ھوندي آھي. بيشمار ۽ اڪيچار خيالات، مختلف اندروني ڪيفيتون ۽ بيروني حالات ۽ قدرتي منظرن سان وابستہ ھوندا آھن ۽ آمد جو سبب بڻجندا آھن. اُھي تسلسل سان سماج جي تنقيد يا مرثيہ جو مضمون نہ بڻجندا آھن ۽ نہ وري شاعريءَ صورت ۾ بڻجڻ گُھرجن. مسلسل ۽ يڪ طرفو ڏيان شاعري کي مقالي ۾ بدلائي ڇڏيندو.

مشرق جي ھن خطي سنڌ جي حالات کي ڏسون تہ ڪھڙي دور ۾ سنڌ سُور نہ سٺا آھن. سنڌ ھر صديءَ ۾ ظلم ۽ استحصال جو شڪار ٿي آھي. جھالت ۽ بي علميءَ جا ڏنڀ سنڌ جي سرير کي وڏيڪ زخمي ڪري رھيا آھن. قبل اسلام دور جي ڪھاڻي طويل آھي پر 712ع ۾ اسلامي فتوحات کان ڪُجھي تہ سنڌ ھميشہ ڏک ڏٺا آھن. عربن جو دور بہ پرآشوب رھيو. اُن کان پوءِ سومرا حڪمران ٿيا، اُنھن جو دور بہ جنگ و جدل جي نذر ٿي ويو. سمن جي حڪومت ۾ بہ ڪيترا تضاد رھيا. ڄام نظام الدين اھڙا ملڪ کي منظم ڪيو مس تہ ارغون ۽ ترخان حملہ آور اچي پھتا ۽ پوءِ انھن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا جانشين مغل گورنر ۽ انهن جا ڪاراوا سنڌ جي ماڻهن کي لُٽيندا رهيا. سنڌ جي ماڻهن کي انهن نام نهاد مسلم حڪمرانن، ڪافر ۽ بي دين سڏي ماريو. يوسف ميرڪ جي تاريخ مظهر شاهجهاني ۽ ٻيون تاريخون ظلم جي هنن داستانن جون شاهد آهن. اُنهن ڄاتو هو تہ ترڪي ۽ فارسي ڄاڻڻ ئي اسلام آهي يا حڪومت ڪرڻ سندن مقدر هو. سنڌ جا ماڻهو بس ظلم سهڻ لاءِ پيدا ٿيا هئا. شاهہ عبداللطيف چيو تہ! ائين هرگز ناهي. بلڪ جو فارسي پڙهيو سو بہ پاڻ کي حاڪم نہ ڄاڻي، اُهو عام آهي. عام ماڻهن مان آهي. مغز مان حاڪميت واري هوا ڪڍي ڇڏي.

جي فارسي پڙهيو گولو توءِ غلام،
جو ٻڌو ٻن ڳالهين، سو ڪيئن چائي چام،
اُڃيو تان آب گُهري، بکيو تان طعام،
هي عامن منجهان عام، خاصن منجهان ناهہ ڪي.

شاهہ ڀٽائي جو دور مغلن جي گورنرن ۽ اُنهن ڪانپوءِ سنڌ جي باشندن ڪلهوڙن جي حاڪميت جو دور هو. هي بہ تڪليف وارو ۽ ڌارين جي حملن ٽوڙي سازشن جو دور هو. هڪ طرف مذهبي نارواداري، افراتفري، فتوائن ۽ تنگ نظر ملن جون ڪارستانيون هيون تہ گهرو سازشون بہ آخري دور ۾ رهيون. کهڙن ۾ مسجد ۾ خونريزي ۽ جهوڪ ۾ شاهہ عنايت ۽ سندس حامين جي شهادت. هن دور جا سنگين واقعا آهن. جاگيرداري نظام جون هي ڪارستانيون انسانيت جي علمبردارن کي پنهنجي مشن کان روڪي نہ سگهيون. هن صورتحال کي ڏسي شاهہ صاحب للڪار ڪئي تہ:

متو آهين مَڇَ، ٿلها ٿو ٿونها هٽين،
تو جا پانئي اڇَ، تنهن پاڻيءَ پنا ڏينهڙا.

تضادات جي مجموعي مثل قائم سنڌ جي سماج کي سڌارڻ ڪو آسان ڪم نہ هو پر شاهہ صاحب خاموش رهڻ ۽ رجعت پرستيءَ جي حمايت ڪرڻ وارو نہ هو. هو سماج ۾ موجود ظلم خلاف آواز اُٿارڻ وارن مان هو. وٽس دنياوي دولت نہ هئي. هڪ کُليل ذهن هو جيڪو صحيح کي صحيح ۽ غلط کي غلط سڏڻ جي همت رکندو هو. تصوف هن سماجي صورتحال کي درست ڪرڻ لاءِ بنيادي هٿيار هو. ان سان ئي سچائيءَ جو سڏ ڏنائين. صاف صاف چيائين تہ همت وارا اڳتي وڌندا، سڏڙين جي هٽ جاءِ نہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڏڙيا شرابن جون، ڪوهہ پچارون ڪن،
جُہ ڪات ڪلاڪن ڪڍيا، تہ موٽيو پوءِ وڃن،
پڪون سي پين، سر جني جا ست ۾

اڳتي وڌڻ جي سلسلي ۾ جن ڪردارن جي اوٽ وٺي ڳالهہ ڪري ٿو اُنهن ۾ سستيءَ جي جدوجهد ڪنهن ڪان ڳُجهي نہ آهي. برملا چيائين تہ هي ڏکيو ڏڳ ۽ مشڪل رستو آهي. سڪن ۽ عيش آرام وارن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي.

سُکن واري سَڏَ، متان ڪا مون سان ڪري،
اندر جنين اَڏَ، ڏونگر سي ڏوريندين.

شاهہ صاحب جي ڏسيل رستي بابت غور ڪيو تہ هو چٽن مثالن سان پنهنجن ماڻهن کي ڏڳ ڏسي ٿو. قربانيءَ جي ڳالهہ ڪري ٿو. اُن ۾ هڪڙو واضح مثال پتنگ جو آهي جو آگ ڪان نٿو ڊجي ۽ قرباني ڏئي ٿو:

پتنگن پهہ ڪيو، مڙيا متي مَچَ،
پسي لهس نہ لچيا، سڙيا متي سَچَ،
سندا ڳچين ڳچَ، ويچارن وڃائيا.

خالي ٻاهريون ٽنو رکڻ لاءِ والا، ڪنڌلا ۽ مٽڪا ڳچيءَ ۾ پائڻ سان سچو جوڳي نہ ٿي سگهبو. خالي ڪن ٽوپائڻ سان ڇا ٿيندو؟ ـــ ع

ڳنَ ڪورائيين ڪاپڙي، اي زنانو جوڳ،
سامي سچاڻن تو پيو، هڪ ڌهي ٻيو دوڳ،
جنهين پانيو ڦوڳ، رام تنهين کي رسيو.

سماج جي مختلف ڪردارن کي شاهہ صاحب حقيقت پسنديءَ جي آرسيءَ ۾ پسي ٿو. هڪڙا ڪردار مقامي آهن ۽ لوڪ داستانن جو حصو آهن. انهن جي وسيلي سنڌي سماج جو نقشو پيش ڪري ٿو. اُنهن ۾ وٽس ڪينواس نهايت وسيع آهي، تنهن سان واقعات عالم کي بہ ياد رکي ٿو. اُنهن ۾ وڏا سبق آهن. عالم اسلام جي دل ڏاريندڙ واقعي، ڪربلا جي قضيي کي نسورو ناز بہ چوي ٿو ۽ امام حسين عہ ۽ سندس ساٿين جي عملي جدوجهد کي بيان ڪندي شجاعت جو سبق انساني سماج کي ڏئي ٿو. ڏسو تہ هھڙو ڪو سجاڳيءَ جو سڏ ٿي سگهي ٿو. صحيح مذهبي سوچ بہ قومي سجاڳيءَ لاءِ جڻ هڪ سڏ آهي. ڇا ڪرڻو آهي، اُن لاءِ راهہ عمل جو تعين ضروري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. هن راهہ عمل ۾ امام حسين عہ جو ڪوفين ۽ يزيد جي حوارين سان مُهاڏو اَٽڪائڻ دنيا جو هڪ وڏو واقعو آهي. اعليٰ مقصد لاءِ جان جي قرباني ڏيڻ ۽ سر جو سانگو نہ ڪرڻ چڱي سماج کي تعمير ڪرڻ جو عمل آهي. اهڙا جهونجهار سماج جا سورما هوندا آهن: شاهہ صاحب چوي ٿو:

منهن مٿاهان جن جا، سي پٽيو ڪڍن پار،
جيڏيون هن جهونجهار، اُجاري سڀ اَڇا ڪيا.

مقصد خاطر ميدان عمل ۾ اچڻ وارن کي چوي ٿو تہ اجايا وهم نہ ڪر:

سُورهہ مرين سوڀ کي، تہ دل جا وهم وسار،
هڻ ڀالا وڙهہ ڀاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار،
مٿاءَ تيغ ترار، مار تہ مٽارو ٿئين.

شاهہ جي رسالي ۾ جيڪي روحاني ۽ مادي اسرار ۽ رموز آهن، انهن ۾ قومي سجاڳي هڪ بنيادي رمز آهي. هو خود هر ڳالهہ رمز ۽ اشاري سان ڪري ٿو. سندس انهيءَ رمزيت ۽ اشاريت کي سمجهڻ لاءِ علم ۽ عقل کپي. سماج ۾ موجود منفي روين کي اثبات ۾ بدلائڻ شاهہ صاحب جهڙن اڪابرن لاءِ مشڪل نہ آهي.

رسالي تي نظر ڪبي تہ تقريباً هر سُر ۾ سجاڳيءَ جو سڏ موجود آهي، ڪونہ ڪو پهلو بيان ڪندي دل جي ڳالهہ ڪري ٿو: سارنگ جو مثال معاملي جي انتها ظاهر ڪري ٿو.

سارنگ کي سعيو توکي سعيو نہ ٿئي،
گُڙي تو گُمان ۾، آيو ڪي آيو
هارين لئہ هر هر جاءِ تي، هاديءَ هلايو
مٿان ايئن پانيو تہ بادل آ بس ڪئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر مهر النساءِ لاڙڪ

# شاھ جو رسالو- سماجي ترقيءَ جو منشور

موجود دؤر سائنسي ۽ مشيني دؤر آهي، نين ايجادن، دريافتن ۽ نين تحقيقاتن جي روشنيءَ ۾ دنيا جي گولي تي آباد بني نوع انسان، هڪ ڪٽنب ۽ دنيا هڪ ڳوٺ وانگر سميٽجي ويا آهن. اسان گهر ويٺي ڪنهن ڏورانهين ملڪ جا آواز اهڙي ريت ٻڌي سگهون ٿا، ڄڻ اُهي گهر جي پٽ پويان اچي رهيا هجن. ورلڊ ٽريڊ سينٽر جي جاڙين عمارتن مان جهازن کي ائين گذرندي ڏيکاريو ويو ڄڻ اسان بنفس نفيس اُتي موجود هجون. جديد ٽرانسپورٽ جي ايجاد سبب مهينن جا سفر منٽن ۾ طئہ ٿي وڃن ٿا. اهڙيءَ صورتحال ۾ دنيا جي ڪنهن بہ ڇيڙي تي ٿيل تبديلي فوراً دنيا جي آباديءَ تي اثرانداز ٿئي ٿي. اهڙي دؤر ۾ فقط اها تحريڪ ۽ فڪر زنده سلامت رهي سگهي ٿو جنهن کي بين الاقوامي ۽ عالمگير حيثيت حاصل هجي. اڄ کان 260 سال پهرين، شاھ عبداللطيف رحہ جي زندگيءَ وارو زمانو سنڌ ۽ سنڌي سماج جي تاريخ جو انتهائي اهم ۽ بحراني دؤر هو. انهن سالن ۾ سنڌي سماج پنهنجي اجتماعي وجود جي بحالي ۽ بقا جي جدوجهد شروع ڪئي پر افسوس جو اُن جدوجهد جي ڪاميابيءَ جو لازمي شرط يعني قومي اتحاد، سماج کي پوري ريت نصيب ٿي نہ سگهيو. شاھ لطيف رحہ جيئن تہ سڄاڻ ۽ سماج سڌارڪ هو، هُن سنڌي سماج جي ڏک جو علاج تجويز ڪيو. شاھ سائين کي پنهنجي دؤر ۾ ٻن وڏن طبقن سان ويڙهاند ڪرڻي پئي. انهن مان هڪ هو جاگيردار يعني حاڪم طبقو ۽ ٻيو هو نام نهاد مذهبي طبقو. شاھ سائين وڏي همٿ سان انهن جو مقابلو ڪري پيڙهيل طبقي کي مٿي آندو ۽ منجهن دفاعي صلاحيت پيدا ڪئي.

سماج، ماڻهن پاران، هڪ ٻئي سان گڏجي رهڻ واري عمل جو نالو آهي ۽ سماج جي فردن کي اهڙن قاعدن ۽ قانونن تحت زندگي گذارڻي هوندي آهي، جو هو صحيح رستو اختيار ڪري، منزل مقصود تي پهچي سگهي. فرد اُهي ئي ڪامياب هوندا آهن، جن جو سماج ارتقا پذير هجي. جيڪڏهن ڪنهن قوم يا سماج ۾ صدين گذرڻ کانپوءِ بہ ساڳيو سماجي ماحول قائم هجي. ائين سمجهبو تہ اُن قوم يا سماج نہ ترقي ڪئي ۽ نہ ئي ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي تاريخ اڳتي وڌي، حڪومت ۽ حاڪمن جي تبديلين سان مثبت سماجي تبديليون اچن ته قوم جي سماج کي ارتقا پذير چئي سگهجي ٿو.

## سماجي ترقي:

انساني سماج جو بنيادي مقصد سماجي ترقيءَ جي مٿانهين حد حاصل ڪرڻ هوندو آهي، هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته سماجي ترقي ڇا آهي ۽ اُن جا ڪهڙا اُهڃاڻ آهن؟

سماجي ماهرن جي گڏيل راءِ مطابق هيٺين اهڃاڻن جي موجودگيءَ جي صورت ۾ ڪنهن سماج کي ترقي يافته چئي سگهجي ٿو.

- هڪ مضبوط سماجي جوڙجڪ.
- پختا سماجي ادارا موجود هئڻ.
- سماجي بي آرامي جي گهٽ ۾ گهٽ سطح هئڻ.

سماجي ترقيءَ جي ان تعريف جي روشنيءَ ۾ اسان موجوده سنڌي سماج جو جائزو وٺون ٿا ته اسان کي اهو تمام پوئتي پيل نظر اچي ٿو. موجوده سنڌي سماج کي ترقي وٺرائڻ لاءِ اسان کي سڀ کان پهرين هڪ منشور جي ضرورت آهي. اهڙو منشور جيڪو ان سلسلي ۾ اسان جي فڪري رهنمائي ڪري.

شاهہ سائين، اسان جو اُهو عظيم محسن آهي، جيڪو اسان کي ان سلسلي ۾ فڪري رهنمائي عطا ڪري ٿو. سماجي ترقيءَ جو پهريون اُهڃاڻ مضبوط سماجي جوڙجڪ آهي. جوڙجڪ ڇا آهي؟ اُها ڪيئن حاصل ٿيندي؟

دراصل سماجي جوڙجڪ ان صورتحال جو نالو آهي، جڏهن معاشري جا فرد پاڻ ۾ اتفاق، امن سڪون، ٻه طرفي تعاون، ڳانڍاپي ۽ يڪجهتيءَ جو مظاهرو ڪن. اتحاد، ايڪي ۽ امن جو اصول انهيءَ حقيقت ۾ پوشيده آهي ته فرد جي سماج ۾ عزت هجي. ڇاڪاڻ ته سماج ۾ فرد جي عزت ۽ حرمت معاشري جي ترقي ۽ ڀلائيءَ جو سبب بڻجي ٿي. هاڻي انهن سماجي مستحڪم قدرن کي ڪيئن وڌيڪ استحڪام ڏجي، اسين ان سلسلي ۾ شاهہ کان رهنمائي حاصل ڪريون ٿا. هُو سماجي جوڙجڪ ۾ رهنمائي ٿو ڪري ۽ اُن جي حصول لاءِ هيئن راهہ ٿو ڏسي ته:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## عصمت يا امانت جي حفاظت:

ماروئي، هڪ ڪمزور نازڪ عورت آهي تہ بہ، پنهنجي عصمت جي حفاظت ڪندي، وقت جي بادشاهہ کي چوي ٿي تہ:

"سونهن وڃايم سومرا، سکن جهڙي سُونهن،
دِل ۾ دُکي دُونهن، منهنجو منهن ميرو ٿيو."

ڪنهن بہ صورت ۾ Compromise ناهي ڪرڻو. نياز نئڙت لاءِ نُوري نماڻيءَ کي تمثيلي طور ڪتب آڻيندي چوي ٿو تہ:

"سَميون ڪري سينگار، راءِ ريجهائڻ آئيون،
ڄام هَٿَ ۾ ڄارُ، ڄُٽي ڄيڀرنِ وچ ۾."

ڄام تماچي، وقت جو بادشاهہ آهي، پر نياز نئڙت جهڙي گُڻ تي ڪيئن موهجي ٿو پوي سماج ۾ فردن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ ۾ نيازمندي اهم ڪردار ڪري ٿي.

سخاوت جهڙو گُڻ بہ گهٽ ماڻهن ۾ هوندو آهي. امداد ڪرڻ سان معاشري ۾ اخوت ۽ همدردي جو جذبو وڌي ٿو ۽ معاشي بدحالي جي خلاف زبردست محرڪ آهي. ان سان ڪيترين معاشرتي برايون ختم ٿي سگهن ٿيون. شاهہ سائين سخاوت جهڙي گُڻ کي تمام گهڻو ساراهيو آهي. جيئن:

"جَکرا جيئين شالَ، تنهنجو ڳنين مَدو مَ سُٽان،
جيئن تو اچي ڪالهہ، نالائق نوازيا."

اسان جي معاشري ۾ سَامَ جهلڻ جهڙي بہ اُتم رسم تاريخي حيثيت رکي ٿي، جنهن کي پڻ بنياد بنائي، شاهہ سائينءَ ساراهيو آهي ۽ چوي ٿو تہ سني ۽ سڌريل سنڌي معاشري ۾ اهو گُڻ پڻ هئڻ گُهرجي. مثال:

"اَبڙو وَڏ وَڙو سُوَڙو سَمو سُونَهن سَين،
تَنهَن دَرِ سَڀ اَچِنِ، ڪَنڌُ نہ ڪڍي ڪيچ ڏٽي."

ان ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪيترائي قدر آهن، جيڪي سماجي جوڙجڪ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا.

### پختا ادارا موجود هجن:

سماجي جوڙجڪ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ سماجي ادارن جو مضبوط هئڻ لازمي آهي. ثقافتي ادارا، سماجي ادارا، تعليمي ادارا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## (1) ثقافتي ۽ سماجي ادارا

| گهر | مٽ مائٽ | پاڙيسري | اوطاق | مسجد | راند جو ميدان | ۽ ٻيا ادارا |
|---|---|---|---|---|---|---|

• **گهر:** فرد جو بنيادي سرگرمي جو مرڪز آهي، جيڪڏهن گهر جي اندر فردن جو هڪ ٻئي سان بهتر رويو آهي تہ يقيناً، اهڙن فردن تي مشتمل سماج سٺو هوندو.

• **مٽن مائٽن ۽ پاڙيسرين** جو پاڻ ۾ تعلق سٺو هوندو تہ پُرسڪون معاشرو هوندو پر جيڪڏهن اخلاقي اقدار ۾ ڪمي هوندي ۽ پاڻ ۾ هم آهنگي يا مطابقت نہ هوندي تہ معاشرو انتشار جو شڪار رهندو ۽ معاشرو مسائل جو شڪار رهندو.

• سنڌي معاشري ۾ اوطاق جو وڏو ڪردار آهي. هي هڪ اهڙو مرڪز آهي، جتي هر گهر جو فرد اچي ٿو. غريب، امير سڀ اچن ٿا ۽ هڪ ٻئي سان روين جي خبر پئي ٿي. شاهہ سائين پنهنجي وقت ۾ اهڙين سماجي قدرن کي قبول نہ ڪيو. جيڪي ذات پات، اونچ نيچ جهڙن هٿرادو ويڇن کي جنم ڏين. تڏهن تہ چئي ٿو تہ:

ذات نہ آهي ذات تي، جو وَهي سو لَهي،
آريُون اپوجهن جون، سَپڙ جَامُ سهي،
جو راءَ وَٽِ راٽ رَهي، تنهن جُڪي تان نہ ٿئي.

• **مسجد:** هي هڪ سماجي سگهارو ادارو آهي، هن ۾ محلي جا سڀ بالغ مسلمان نماز پڙهڻ اچن ٿا. جنهن ڪري هڪٻئي سان جاڻ سڃاڻ وڌي ٿي، تعلقات وڌن ٿا ۽ انسانيت جي خدمت جو جذبو پيدا ٿئي ٿو ۽ نئين نسل جي تربيت ٿئي ٿي. مساوات، وقت جي پابندي جهڙا جذبا پيدا ٿين ٿا. ديني ۽ دنياوي مسئلا بہ حل ڪيا وڃن ٿا.

• **راند جو ميدان ۽ ٻيا سماجي ادارا:** فردن جو پاڻ ۾ باهمي تعلق، اهڙن جاين تي وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿو. شاهہ سائين فرد جي دلي تَسڪين لاءِ هدايت ٿو ڪري تہ:

”وِيئي جَنين وَٽ، ڏکندو ڏور ٿئي،
تُون تَنين سين ڪَٽ، اوڏا اڏي پکڙا.“

رانديُن جي ميدان يا ادارن ۾ فردن کي هڪٻئي جي ميل جون سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوشي ٿيندي ۽ سٺو ماحول، فردن جي خوشحاليءَ لاءِ ضروري آهي، پر اهڙا ماڻهو جيڪي معاشري لاءِ ناسور هجن، صحتمند معاشري لاءِ زهر قاتل جهڙو ڪم ڪندا هجن تہ انهن لاءِ شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

"وينئي جَنين وَٽ، ڏڪندو ڏاڍو ٿئي،
سا مَجلس ئي مَٽ، جي حاصل هوءِ هزار جو."

تعليمي ادارا بہ، سٺي قوم ۽ سٺي سماج لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿا. ڪنهن بہ تعليمي اداري جي Condition ڏسي اسان اُن جي ماحول جو اندازو لڳائي سگهون ٿا ۽ اهڙن مڪتبن لاءِ ٻڌائي چوي ٿو تہ:

اکر پڙهہ الف جو ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار پنا پڙهندين ڪيترا.

يعني ڪتابن پڙهڻ سان گڏ پنهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ دِل ۽ دماغ صاف رک، ملڪ جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ فڪر ڪر.

**سماجي بي آراميءَ جي سطح گهٽ ۾ گهٽ هئڻ:**

سماجي بي آرامي تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن انسان اخلاقي ۽ روحاني قدر values وڃائي ويهي ٿو. رڳو مادي شين تي توجہ ڏيندو آهي ۽ انهن جي حاصلات لاءِ پاڻ پتوڙيندو آهي. نتيجي ۾ سماجي مسئلا وڌندا ۽ سماجي بي آرامي پيدا ٿيندي

اسلامي اصولن مطابق ۽ صوفين جي راءِ مطابق انسان کي معتدل راهہ اختيار ڪرڻي آهي. يعني دين ۽ دنيا ٻنهي لاءِ فڪر ڪرڻو آهي. تو جو ساٿيهہ ڀانيو آهي، اُهو تہ مانجهاندي جو ماڳ آهي. دين ۽ دنيا ۾ توازن رکڻ لاءِ اسان کي ڇا ڪرڻو آهي، ان لاءِ شاهہ سائين اسان کي ٽيڪنڪ ڏسي ٿو. شاهہ جي شاعريءَ جو اهو ڪمال آهي جو هُن زندگيءَ جي حقيقت کان قريب ترين قصا، تمثيلي انداز ۾ بيان ڪيا آهن ۽ هو سستيءَ جي رستي کان ڦيرائي "راتيان ڏينهان لوچ" واري رستي تي آڻي پنهنجو آئينده زندگيءَ جو پروگرام ٻڌائي ٿو.

اتفاق ۽ اتحاد جو سبق ڪيئن نہ سهڻي نموني سمجهائي ٿو تہ پکين ۽ جانورن کان ٻڌي سکو.

"ولر ڪيو وتن، پِرت نہ ڇنن پاڻ ۾،
پَسو پکيئڙن، ماڻها ميٺ گهٽو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هونئن بہ سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ ”ہ تہ ٻارنهن“ - يعني اڪيلو انسان ڪجهہ بہ نہ آهي.

جدوجهد جو ڏس، سسئي جهڙي نازڪ، حسين ۽ ضعيف عورت جي هٿان چورائي ٿو. سسئي پنهنجي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ اڻ ڏٺل واٽن تي هلي. تن تنها، ڪو سنگتي نہ ساٿي — پر همٿ ۽ حوصلا بُلند اٿس. شاهہ سائين چوي ٿو تہ:

”ڇپُون ڇَپر ڪَٿَ، ڀِڻ پترا ٽيون پانئيان،
جتي رَهان راتڙي، مِرون منهنجا مِٿَ،
سيڻن جي سَهَٿَ، ڏونگرَ ڏوئِلي مون ٿيو.“

هڪ عورت، منزل حاصل ڪرڻ لاءِ ايڏي جدوجهد تي ڪري، ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي همٿ هوندي.

شاهہ جي دؤر ۾ هنر مند گهٽا هئا پر انهن کي معاشري ۾ گهٽ سمجهيو ويندو هو. شاهہ سائين اُنهن کي بُلندين تي پهچائي ڇڏيو ۽ چوي ٿو تہ پورهيت خدا جو دوست آهي، معاشرتي ترقيءَ ۾ هنن جو وڏو هٿ آهي، تنهنڪري پورهيت جي حوصلا افزائي ڪرڻ گُهرجي، تڏهن تہ فرمائين ٿا تہ:

”محبت پائي مَنَ ۾، رنديا روڙيا جَن؛
تِن جو صرافن، اڻ توريو ئي اگهايو.“

پورهيو بہ محبت ۽ مَنَ سان ڪرڻ گُهرجي تہ جيئن اگهہ بہ سٺو ملي ۽ قبول بہ پوي.

زندگي بهادريءَ سان گذارڻ گُهرجي. ڏاڍي کان ڏڪڻ بجاءِ ڏاڍي کان بہ ڏاڍو ٿيڻو پوندو. سختيءَ سان سينو ساهي، دشمن سان مقابلو ڪرڻو آهي. ڀٽائي چوي ٿو تہ:

”سورهيہ مَرين سوپ کي تہ دِل جا وَهمَ وِسار.“

معاشري ۾ حوصلي سان هَل، دنيا غفلت ۽ آرام ڪرڻ جو ماڳ نہ آهي. هي جدوجهد جي جاءِ آهي. هتي اهو ڪامياب ٿيندو جيڪو هوشيار ۽ هميشہ تيار رهندو. شاهہ سائين وٽ سجاڳن لاءِ وڏو درجو آهي. تاريخي تبديليون آڻڻ لاءِ پهريون ڏاڪو سجاڳي آهي.

حسين بن منصور جي واٽ بہ اڇي سُوريءَ تي انت ڪيو. مخدوم بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙهيو ويو. سرمد ۽ شاهہ عنايت شهيد کي بہ تہ سماجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبديليءَ جي جدوجهد جي راهہ ۾ سزا ملي.

جڏهن ڪوبہ دانشور پنهنجي وقت جي رائج سماجي قدرن جي خلاف ٿو وڃي ۽ ڪا سٺي سماجي تبديلي آڻڻ ٿو گهري تہ پهرين سڄو سماج ڪيس اُن نئين واٽ تي هلڻ کان منع ٿو ڪري پر جڳ جو جهلڻ هُن لاءِ چئلينج بڻجيو وڃي ۽ هُو اڃا بہ زورائتن جذبن سان انهن نين واٽن تي هلندو ٿو هلي.

هر سماج ۾ تاريخي تبديليون، حڪمران طبقي جي اقتدار لاءِ خطرناڪ هونديون آهن. شاهہ جي سامهون سنڌ ۽ سنڌي سماج جي آزاد، باوقار، بامقصد ۽ خوشحال وجود جو خواب هو. اهو ئي سبب آهي جو انساني زندگيءَ جي انفرادي توڙي اجتماعي سُڌاري جا جيترا پهلو انساني فطرت جي مطابقت ۾ رسالي اندر موجود آهن سي اسان جي سماجي رهنمائيءَ لاءِ هڪ منشور جي حيثيت رکن ٿا. شاهہ سائين پنهنجي منشور ۾ اسان کي موجوده حالات کان بہ اڳتي جي آگاهي ڏني آهي. شاهہ جي اعليٰ شاعري پنهنجي سوچ، فڪري فلسفي ۽ حُسن سان سنڌي ٻوليءَ ۾ محفوظ آهي ۽ سنڌي ٻولي سندس انهيءَ فن ۽ فڪر جي قوت سان اڄ سنڌي ماڻهن جي اجتماعي وجود ۽ ان جي اتحاد ۽ بقا جو نشان ۽ ان جي پيڙهہ جي ضمانت آهي. سنڌي سماج جي جوڙجڪ جي ڳانڍاپي جو مضبوط ۽ ڪامياب منشور آهي:

پُڇَن سي پَسَنِ، جَڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏوريندڙيون ڏِسَن، اڱڻ عجيبن جا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر تهمينہ مفتي

# شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، فلسفو ۽ سماجي ڪارج

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، پنهنجي منفرد انداز ۽ فڪر جي ڪري يگانو آهي. ماضيءَ جي برک ۽ هم عصر شاعرن جي ڪلام جو اثر قبول ڪندي پنهنجي ڌار سڃاڻپ رکي ٿو. سندس ڏيمو ۽ ڪٿي تڪو اتساهہ ڏيندڙ لهجو، سموري انسان ذات کي جيئڻ جو ڳُر سيکاري ٿو. جتي سندس ڪلام ۾ ڳوڙهن نُقطن کي ڏسجي ٿو اُتي نفيس، نازڪ خيال، عشق ۽ سونهن جي قنديلن کي روشن ڪندا نظر اچن ٿا. جنهن جي روشنيءَ ۾ زندگي، اڳتي وڌندي، چرندي، پرندي نظر اچي ٿي.

جهڙا ڪکر اُڀ ۾، تهڙي ڏونگر ڏيٺِ،
آئون تهين هيٺ، پيہ نهاريان پرينءَ جو.
د۔1۔1۔8

**هڪ ٻيو مثال:**

هن تاري هن هنڌ، هُت منهنجا سپرين،
سڄڻ ماڪي مَنڌ، ڪوڙا تين نہ ڪڌهين.
د۔1۔1۔22

سُريراڳ جو هيءُ بيت گهڻين معنائن ۾ وٺي سگهجي ٿو.

تانگهي ۾ تاڻي، ٻڌ پنهنجو ترهو
اونهي ۾ آڻي، ڪو نہ ڏيندءِ ڪو ٻيو.
د۔1۔6۔1

رسالي جو ڪلام الميي ۾ رچيل آهي. ان مان ڏک ۽ درد جو اڻ کٽ سلسلو سٽن ۾ ايئن سمايل آهي، جيئن نيري آسمان تي شمار کان لاچار جهرمر لائيندڙ تارا، ڪتيون، جن جي روشنيءَ ۾ اڄ بہ مسافر ۽ واٽهڙو پنهنجو رستو طئي ڪندا آهن. سندس ڪلام ۾ الميو انساني حيات کي (Vision) بخشي ٿو. جنهن جي وسعت ۽ گهرائي لامحدود آهي. سندس ڪلام جو ٻيو پهلو ڳوڙهن خيالن ۽ اعليٰ ادراڪ جا مثال ڏئي ٿو جن کي شاهہ صاحب پنهنجي اعليٰ تخليقي قوت ۽ شاعراڻين ڪيفيتن وسيلي پيش ڪيو آهي، جنهن جو سرچشمو قرآني آيتون ۽ صوفياڻو فڪر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن سان هن انساني ذات کي هڪ لڙهيءَ ۾ پوئي ڇڏيو آهي ۽ اسان کي پاڻ سڃاڻڻ واريءَ نُقطي مان سماجي زندگيءَ کي سمجهاڻڻ لاءِ رستو ڏيکاري ٿو.

## شاهہ جي شخصيت ۽ فلسفو:

انسان جي جسماني جوڙجڪ، اهڙي نموني جي آهي جنهن جي ڪري هو ارتقائي مرحلن کان ئي فڪري سرگرمين ۾ ڀرپور نموني پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. تنهن ڪري تجزيو ڪري شين کي پرکڻ ۽ کي نتيجا ڪيڻ ۽ هڪ راهہ طئي ڪري آئيندي جي ڳڻتي ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. هڪ عام انسان خواب بہ ڏسي ٿو پيار ۽ نفرت بہ ڪري ٿو. منافقي، بغض ۽ ڪروڌ کي بہ پرکي ٿو ۽ سمورن معاملن کي دانشمنديءَ سان ۽ پنهنجي سمجهہ موجب نبيرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جيڪڏهن هو شاعر آهي تہ پوءِ پنهنجي قوم لاءِ نہ پر سموري انسانيت لاءِ ڪيميا آهي. ارسطو موجب ضروري ڳالهہ هيءَ آهي تہ هو پنهنجن روين ۽ سيرت ۾ پلو هجي. شاهہ جو رسالو مرتب ڪندڙن، محققن سندس سوانح حيات قلمبند ڪئي آهي. تنهن مان بہ سندس شخصيت کي پرکي سگهجي ٿو ۽ سندس ڪلام مان بہ سندس شخصيت جي ڪيترن ئي پهلوئن کي ڏسي سگهجي ٿو. شاهہ جو رسالو سندس روين ۽ لاڙن جي ساک ڀري ٿو. هو نفسيات ۽ فلسفي جو ڄاڻو هو. اعليٰ شعور ۽ اُهو ادراڪ ڪيس علم جي مشاهدي ۽ تجربي مان ئي حاصل ٿيو هو. سندس ئي بيت مٿس ٺهڪي اچي ٿو.

ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ اچي بوءِ بهار جي.

هڪ آمريڪي فلسفي H.Thoreaw لکي ٿو "فلسفي هجڻ، ان مان ثابت ناهي تہ هو لطيف ۽ دقيق فڪر کي جنم ڏي يا هو ڪنهن خاص مڪتب فڪر (School of thought) سان جڙيل هجي پر هن جي سموري زندگي سندس فڪر جي آرسي هجي. مطلب هي تہ هڪ سادي طرز واري حيات، اعليٰ عزم ۽ مڪمل اعتماد ان جي مزاج جو حصو هجن."(1)

شاهہ صاحب جي سڄي حياتي، سادگيءَ، اعليٰ عزم ۽ اعتماد جي نمائندگي ڪري ٿي. شاهہ جي سادگي اهڙي اعتماد واري هئي جو ويجي پِٽ وساياٿين، سياسي ۽ سماجي حالتن کي تدبر سان منهن ڏنائين. ڪيس وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي حاڪمن رنج پهچايو ۽ حياتيءَ ڪي بہ ختم ڪرڻ پئي چاهيو. پر اعليٰ عزم سان حالتن کي منهن ڏيئي پنهنجي حيثيت ۽ ٻيائيندا رهيا. سندن حياتي مسلسل تحريڪ ۾ رهي. آخري لمحن ۾ بہ پنهنجي فڪر ۽ مڪتب کي زندهہ رکيائون جو وجي ويراني کي آباد ڪيائون. آخري وقت ۾ سماع جو حڪم ڏنائون ۽ ايئن هن دنيا مان پنهنجي عمل سان رخصت ٿيا. جيستائين سندس اعليٰ شعور جو تعلق آهي تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکن ٿا، "شاهہ انسان جي نفسياتي ڪيفيتن جو فطري شارح آهي جو سندس اعليٰ شعور جڻ انسان جي نفسياتي ڪيفيتن سان هم راز آهي. شاهہ جي اعليٰ شعور جي انفراديت انهيءَ ۾ آهي جو ڪيس پنهنجي ذاتي حالت ۽ مشاهدن ذريعي انساني رشتن خاص طرح محبت، پيار جي نازڪ مرحلن تي اُيرندڙ اندروني احساسن ۽ نفسيات جي پوري ڄاڻ ۽ آگاهي حاصل آهي. رسالي جي سيني سُرن هيٺ (شاهہ جي بيتن ۽ واين) دل جي دليلن، اندروني احساسن حالتن ۽ ڪيفيتن جو پرتو موجود آهي."(2)

گربخشاڻي لکي ٿو "جن جي سيني ۾ سرو جي باهہ پڙڪي، انهن مان هڪڙا هئا، هالن واري پير مخدوم نوح جو اولاد، جن مان پير پنج ياڳيو گادي نشين هو بيا مٽياريءَ وارا آجناڻي سيد ۽ ٽيون سنڌ جو حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙو."

شاهہ جي ڪلام ۾ سمورا قدر نمايان نظر اچن ٿا. هن دؤر جي منافقي ۽ ناانصافي هڪبئي کي نہ سهڻ واري رويي کي بہ ڏسجي ٿو جيئن هنن سٽن ۾ فرمائي ٿو:

جا جيئن تجل، ڪانهي جاءِ جلڻ ريءَ.

مقصد تہ حالتون اهڙيون ٿي آهن جو جيستائين هن جهان ۾ آهيون، جلڻ کان سواءِ چارو ناهي. بين لفظن ۾ پاڻ پچائڻو آهي. ڪوشش ۽ لڳاتار ڪوشش کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. ٻي سٽ ۾ مٿئين خيال جي پچاڻي هن طرح ڪري ٿو:

تتي ٿڌي ڳاهہ، ڪانهي ويل ويهڻ جي.

پٽ ڏٺيءَ سچ کي الوپ ٿيندي ۽ سچ کي وقتي طرح سان پوئتي موٽ کائيندي ڏسي چون ٿا:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي،
پلئه پايو ، سچ، آڇيندي لڄ مران.
د_4_8(سُر يراڳ)

رسالي مان سندس شخصيت جو مڪمل خاڪو اُڀري ٿو. هڪ پُرعزم ۽ پختو يقين رکندڙ مفڪر شاعر، جنهن جو ڪلام فن (Art) ۽ سماجي ڪارج جا سڀ ڏاڪا طئي ڪندو نظر اچي ٿو. ڪلام جي فن ۽ سماجي ڪارج تي اچڻ کان پهرين فلسفي جي اهميت تي نظر وجهبي.

## فلسفي جي اهميت:

فلسفي جي لغوي معنيٰ صداقت جي جاکوڙ ۽ جستجو آهي. علم ۽ حڪمت سان چاهہ جي آهي. هونئن تہ فلسفي تي اڪثر تنقيد بہ ٿيندي رهي آهي. مثلاً "فلسفو عقيدن کي مجروح ڪري ٿو. ٻيو سائنسي تجزيي موجب حقيقتون اسان جي عملي زندگيءَ لاءِ ڪوءَ آهن. انهن تي فلسفياڻي نموني غور ڪرڻ جي ڪوشش وقت جو زيان آهي. فلسفين ايستائين ڪائنات جي وجود ۽ زندگيءَ جي باري ۾ ڪو بہ مستند حل پيش نہ ڪيو آهي ۽ مطلق حقيقت جي باري ۾ ڄاڻڻ محال آهي." (3)

ٻئي طرف فلسفي جي عملي اهميت ۽ عملي افاديت کي هن ريت اجاگر ڪيو ويو آهي، "حقيقت اها آهي تہ فلسفي تي اعتراض، غلط تصور منسوب ڪرڻ جي ڪري پيدا ٿيا آهن. بنيادي طرح فلسفو ڪائنات ۽ حيات کي هڪ "ڪُل" جي حيثيت ۾ پرکي ٿو. ان جي تشريح ۽ معنيٰ ڪري ٿو. فلسفو زندگيءَ جي عملي مسئلن کان خالي نہ پر انهن سان لاڳاپيل آهي. اهم سماجي مسئلن، قومي ۽ بين الاقوامي مسئلا فلسفي جي توجهہ جو مرڪز بڻيل آهي. فلسفي جو مطالعو علم جي سرچشمي ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. فلسفو علم جي مختلف شاخن ۾ هڪ باهمي تعلق ان جي پسمنظر ۾ مفاهمت ۽ هڪجهڙائي پيدا ڪري ٿو. فلسفو مسئلن جي تجزيي ۾ هڪ فرد لاءِ گهري سوچ ۽ سمجهہ لاءِ فهم ۽ شعور کي بيدار ۽ پيدا ڪري ٿو. فلسفو روشن خياليءَ کي وڌي اچي ٿو. مختلف نظرين ۽ مفروضن کي سمجهڻ ۾ مدد ڪري ٿو. سائنس جي ترقي ۽ جديد ترين خيالن، طاقت ۽ اقتدار کي بي رحميءَ سان حاصل ڪرڻ کي روڪڻ لاءِ فلسفو وقت جي اهم ضرورت بڻجي رهيو آهي."(4)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## شاهہ جو فلسفو ۽ ٻين عالمن جا رايا:

جيئن تہ سنڌ جي تاريخ ۽ سماجي حالتون ٻڌائن ٿيون تہ ڪيترن ئي سماجي، واقعن ۽ تاريخي تبديلين هن ڌرتيءَ جي مزاج، ڪلچر، ادب ۽ سوچ تي وڏا منفي، مثبت ۽ گهرا اثر وڌا. سنڌ جو لوڪ ورثو ۽ ان جا ڪردار، سماجي تبديلي، امن ۽ روشن خياليءَ جون علامتون ٻڻجي سنڌ جي صوفي بزرگن جي ڪلام ۾ ظاهر ٿيا. شاهہ ڪريم، قاضي قادن، شاهہ لطف الله قادري ۽ شاهہ عنايت، انهن ڪردارن کي متعارف ڪرايو نہ صرف اهو پر فلسفي ۽ فڪر جا در سنڌ واسين تي کُليا. مذهب ۽ ڪائنات کي سمجهڻ، ڪُل ۽ جز سمنڊ ۽ ڦڙو وحدت پر ڪثرت، يعني سڀ ۾ پرين ۽ هڪ فرد جو هن ڪائنات ۽ دنيا سان ڪهڙو تعلق آهي، ان کي ڪيئن سمجهڻ گهرجي، تنهن جي اپٽار سنڌي شاعريءَ ۾ ملي ٿي، پر شاهہ صاحب، جنهن انداز سان هنن نُڪتن کي سمجهايو آهي، تنهن جو ڪو ٻيو مثال ڏيئي نٿو سگهجي. شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ هجڻ نہ هجڻ (Non_Being) ۽ هجڻ (Being) واري خيال ۽ ابدي علم جي تشريح ڪري ٿو. سندس ڪلام ازلي حقيقت يعني ڪائنات ۽ انسان جي وجود ۾ هڪ رشتي ۽ ناتي کي ڳولي لڌو جنهن کي هو هن ريت بيان ڪري ٿو:

وحده لا شريڪ له، ايءُ هيڪڙائي حق،
ٻيائي کي ٻڪ، جن وڌو سي ورسيا.

هو واحد آهي ۽ سندس ٻيو ڪو مٽُ ناهي، جن ٻيائيءَ کي پاسي نہ ڪيو سي گمراهہ ٿيا، پر اهو ڳجهہ جنهن سان ڪائنات جي اسرار ۽ بندي جي تعلق کي سمجهي سگهجي. تنهن کي شاهہ صاحب اندروني ڪيفيت سان سمجهڻ جي هدايت ڪري ٿو سمجهائي ٿو تہ سمورو حال اندر مان ئي پروڙي سگهجي ٿو.

پاڻهين جل جلاله، پاڻهين جانِ جمال،
پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻهين حُسن ڪمال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهي پاڻ خيال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سڀ سيوئي حالُ . منجهان ئي معلوم ٿيو.

جيئن تہ شاهہ صاحب جي هن بيت ۾ سڀ ڪجهہ ان جي خيال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ئي معلوم ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪيترائي سوال پڻ پيدا ٿين ٿا. تن جو جواب برٽارنڊ رسل جي پيش ڪيل فڪر ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. مشهور فلسفي، ليکڪ ۽ مفڪر (Bertrand Russell) برٽارنڊ رسل فلسفي جي اهميت تي پنهنجن خيالن کي قلمبند ڪندي لکي ٿو "فلسفي جو مطالعو ان ڪري ڪيو وڃي تہ هي علم حتمي جواب ڏيندو جن سوالن کي هو پاڻ پيدا ڪري ٿو غلط آهي، ڇاڪاڻ تہ اصولي طرح ڪو جواب اهڙو ناهي جنهن کي درست قرار ڏيئي سگهجي، جيئن تہ سوال ۽ جواب ان ڪري ٿيندا آهن تہ هي سوال اسان جي انهن تصورن کي تہ ڇا ڇا ممڪنات مان آهي، وسعت ڏين ٿا. اسان جي ذهني تخيل کي سگهارو ڪن ٿا. اسان جي ڪمزور عقيدن کي ختم ڪن ٿا. جن اسان جي ذهن کي هڪ هنڌ جامد ڪري قلف هڻي ڇڏيو آهي ۽ اسان جي تفڪر جا در بند ڪري ڇڏيا آهن. ان جي باوجود جتي ڪائنات جون لامحدود حدون اڃان بہ وسيع ٿي رهيون آهن. فلسفو انهن سمورين حدن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي رهيو آهي، ان ڪري اسان جي ذهني ارتقا بہ ٿي آهي ۽ اڄ انساني ذهن ان قابل ٿيندو پيو وڃي تہ هن سموري ڪائناتي ماحول ۽ فضا سان هم آهنگ ٿي وڃي. هڪ اهڙي هم آهنگي، هڪ اهڙي عظمت جو "ڪل انسانيت" لاءِ هڪ خير اعليٰ ثابت ٿي سگهي."(5)

مٿيئن ڏنل حوالي کي شاهہ صاحب جي ڪثرت پر وحدت واري خيال سان پيٽجي تہ ڪُل انسانيت لاءِ هڪ لائحہ عمل ۽ نصب العين پيش ڪري ٿو اُهو لائحہ عمل ۽ مقصد هنن نُقطن تي انحصار ڪري ٿو. اصل جوهر يعني واحد جي ڪري هي ڪائنات تخليق ٿي ۽ ان ڪري ئي ان جو وجود قابل احترام آهي، ان ڪري جو هو پاڻ جان جمال آهي، جوهر آهي. اهو خيال من ۾ رکجي تہ پوءِ ساري انسانيت لاءِ هڪ ڀلائي ۽ خير کي اربي سگهجي ٿو. جڏهن انساني ذهن ساري ڪائناتي ماحول سان هم آهنگ ٿي يا وري پنهنجي وجود کي سمنڊ جو ڦڙو ڄاڻي تہ يقينن انسانيت کي بقا ۽ خير اعليٰ نصيب ٿي سگهي ٿو. سندس ڪلام ڪائنات جي ماحول سان هم آهنگيءَ واري خيال کي نروار ڪري ٿو. شاعر جيڪي ڪجهہ ڏئي ٿو اُهي صرف سٺون ناهن پر خيال ۽ اِحساسن سان گڏ معروضي ۽ موضوعي حقيقتن جي طرف اُهي اشارو ڪن ٿيون. افلاطون موجب، "شاعري رڳو بي بنياد ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيالي، شين جو بيان نہ هوندي آهي پر ان سموري مواد کي هڪ نالو ڏئي ٿي، جنهن کي ڏسي يا ٻڌي نٿو سگهجي، جن کي منطقي انداز ۾ بيان ڪرڻ يا ثابت ڪرڻ ممڪن نہ هوندو آهي.“ (6) مٿيئن حوالي کي اسين بر ٿا رنڌ رسل ۽ شاهہ سائينءَ جي تصورن جي روشنيءَ ۾ تہ ڇا ڇا ممڪنات مان آهي؟ ۽ اهي ئي سوال اسان جي تخيل کي سگهارو عملي ۽ سائنسي بڻائين ٿا. اسان انهن کي منطقي انداز ۾ بيان ۽ ثابت نہ بہ ڪري سگهون، پر ڪائنات ۽ ماحول سان هم آهنگ ٿي، پنهنجو هڪ ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا. مثال، هيٺ ڏجن ٿا:

مري جيءَ تہ ماڻين جانب جو جمال،
ٿين هوند حلالُ، جي پنڌ اهائي پاريئن.
د-1-5-1

## هڪ ٻيو مثال:

ويا جي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون، پاتاران پيهي،
پسندا سيئي، اَمُلَ اڪرين سين.
د-1-2-11، (سُر يراڳ)

اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ شاهہ صاحب جو ڪلام مذهبي تمثيل واري پهلوءَ کان خالي ناهي، جنهن جي اهميت کان ڪو بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي. رسالي ۾ سمورا ڪردار مخلص ۽ سماج ۾ حيثيت رکندڙ آهن. انهن جي حيثيت (Status) ۽ عمل کي اهڙي نموني پيش ڪيو ويو آهي، جنهن سندس ڪلام کي تازگي ۽ نواڻ ڏني آهي. جيتوڻيڪ انهن ڪردارن کي ٻين سنڌ جي صوفي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ آندو آهي پر شاهہ صاحب جي اظهار جي طريقي، سندس ڪلام کي اثرائتو ۽ فنائتو ڪري پيش ڪيو آهي. مثال ڏجي ٿو:

- شمع ٻاريندي شب پرهہ ٻاکون ڪڍيون،
  مون موٽ مراد ٿي ميندڙا، ڪارڻ رب.
- سڄڻ ڏنو جن، موڙڻ تني ميهڻو
  اي مَرڪُ معذورين، جئن مَرَن پريان جي پير تي.

فن ۽ جديد علمن جي تشريح ڪندڙ لکن ٿا تہ ”فن (Art)، سائنس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پيٽ ۾ وڏيڪ انفرادي ۽ تحقيقي آهي. جڏهن تہ سائنس، تجربي ۽ تجزيي تي زور ڏئي ٿي. جڏهن تہ آرٽ جمع ۽ ترتيب تي هي هڪ فرد جو ادراڪ آهي، جو بيحد قيمتي ۽ اهم آهي. ادراڪ سان گڏ جڏهن ان جي تخليقي تعمير بہ ساڻ هجي ٿي تہ اُها ٻين لاءِ ڪشش جو باعث بڻجي ٿي ۽ ان مان ابدي سڪون ۽ راحت حاصل ٿئي ٿي. فن جو ڪجهہ ساده هيئتن ۾ فنڪار جو سادو مواد بہ دل ۾ گهر ڪري وٺي ٿو." (7) مٿيئن حوالي جي روشنيءَ ۾ شاهہ جي ڪلام ۾ ادراڪ ۽ تخليقي سگهہ ۽ ڪلام کي سادي ۽ جاتل سڃاتل هيئت يعني بيت جي صورت ۾ آڻڻ واريون خوبيون موجود آهن، ان سان گڏ ڪلام ۾ سندس ادراڪ ان ڳجهہ (Mysterious) کي کولي بيان ڪري ٿو جنهن کي (Albert Einstein) البرٽ آئنسٽائن هن ريت بيان ڪري ٿو:

"The fairest thing we can experience is the mysterious. If is the fundamental emotion which stands at the cradle of true art and true scince. He how knows it not and can no longer wonder, no longer feel amuzement, it as good as dead, a snuffed out candle. It was the expericnce of mystery that engendered religion. A knowledge of the existence of something, we can not penetrate, of the manifestations of the profoundest reson, and the most radiant beauty, which is only accessible to our reason in their most elementary forms it is this, knowledge and this emotion that constitute the truly religios attituted."(8)

ترجمو: "اسان غير جانبداراڻي طريقي سان ڳجهہ ۾ راز کي سمجهڻ وارو تجربو ڪري سگهون ٿا. هي هڪ بنيادي احساس آهي، جيڪو ابتدائي دؤر کان وٺي سچي فن (Art) ۽ سائنس جي وچ ۾ موجود آهي، اهو جيڪو نٿو ڄاڻي، اُهو ڪڏهن سوچي نٿو سگهي ۽ نہ ان کي محسوس ڪري سگهندو. اهو ائين آهي جيئن هڪ مردو ۽ اُجهاميل ميڻ بتي. اهو ڳجهہ (Mysterious) ئي هو جنهن مذهب جو بنياد رکيو. ڄاڻ، ان وجود جي، جنهن جي چٽائي ۽ ان جي اونهائيءَ ۾ داخل ٿي نٿا سگهون. ان جي گهرائيءَ جو سبب اها نوراني سونهن آهي، جيڪا اسان جي دليل جو سبب بڻجي ٿي. اُهو سبب ان جي بنيادي هيئتن ۾ آهي، اهو علم ۽ احساس ئي آهي، جيڪو هڪ سچو مذهبي رويو ٿاهي ٿو."

شاهہ صاحب، علم ۽ فن جي سچائيءَ سان ان هڪ وجود جي ڳجهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ ان سونهن جي تشريح ڪئي، جيڪا ان هستيءَ جي سڃاڻپ لاءِ دليل جو پهريون ڏاڪو آهي ۽ احساس ذريعي اهڙو مذهبي رويو پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو جنهن جي ضرورت ماضيءَ کان به وڌيڪ آهي، مثال هي آهن:

سونهن وڃايم سومرا، ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناهہ حُسن ري

جهڙي طرح مارن وٽ حُسن کانسواءِ هلي نٿو سگهي، اهڙيءَ طرح الله وٽ به سهڻن اعمالن کانسواءِ هلي نٿو سگهجي.

يا وحدت ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪل.

هڪ ٻيو مثال:

پڙاڏو سو سڏ، ور وائي جو جي لهين،
هئا اڳهين گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.
سُر ڪلياڻ، بيت پهريون

حديث: "ان الله جميل يحب الجمال." يعني "الله سهڻو آهي ۽ سونهن کي ئي پسند ڪري ٿو." اهڙيءَ ريت اُها سونهن باطني ۽ روحاني آهي، جيڪا عمل سان پيدا ٿئي ٿي ۽ اُها اهڙي سگهہ پيدا ڪري ٿي جنهن جي مدد سان ان ڳجهي هستيءَ کي محسوس ڪري سگهون ٿا.

شاهہ صاحب ان نوراني سونهن کي جيڪا ان (هستيءَ) وجود کي ظاهر ڪرڻ يا محسوس ڪرڻ ۾ دليل جو سبب آهي، تنهن کي هن ريت بيان ڪري ٿو:

پاڻهين جل جلاله، پاڻهين جان جمال،

شاهہ صاحب روميءَ جي ان خيال کي مڃي ٿو جنهن ۾ سونهن سرچشمو آهي:

طالب ڪٿر سونهن سَرُ، اي رومي جي روءِ،
جنين ڏٺي جوءِ، تنين ڪڇيو ڪين ڪي.
(بيت 10، سُر يمن ڪلياڻ)

تخليقي صلاحيتن کي ڄاڻڻ ٻيو بنيادي نُقطو تہ علم ۽ احساس ئي اهي بنيادي محرڪ آهن جن جي ڪري سماجي ڪارج نروار ٿئي ٿو. مجموعي طرح سان ادب تي لاڳو ٿيندڙ اُصولن جي روشنيءَ ۾ شاهہ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام جي سماجي ڪارج کي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي جو اسان جي هي دعويٰ رهي آهي تہ شاهہ جو ڪلام موجوده ۔ؤر ۽ ايندڙ صدين ۾ بہ اُهائي اهميت قائم رکندو جو سندس پيغام آفاقي آهي. سندس رسالو نہ صرف سنڌ واسين لاءِ پر ساري دنيا لاءِ هدايت، تربيت جو ذريعو آهي ۽ فن فڪر جو نمونو آهي. سماجي ڪارج کي اسان نئين ادب جي اصولن موجب نمايان ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين. نئين ادب جي نظريي جا بہ وڏا اصول آهن:

(1) فن (Art)

(2) افاديت يا (Value)، ٻين لفظن ۾ ڪارج.

مٿين اصولن مان ڪي اصول ظاهر ٿين ٿا:

1۔ ادب جي پهرين ضرورت ان جو فن آهي.

2۔ ٻيو ڪارج يا اهميت آهي.

3۔ ادب ۾ بي ساختگي ۽ سادگي هجي.

4۔ ادب جي اها ضرورت آهي تہ اُهو سماجي حقيقتن کي مڃي ۽ اُنهن اُصولن جي پيڪڙي نہ ڪري جيڪي ان جي سماج جا مڃيل آهن.

5۔ ٻوليءَ جو استعمال اهڙيءَ ريت هجي جو ان سان معنيٰ، مقصد وارو مواد پيش ٿيندو رهي، يعني سماجي تجربو پنهنجي سياويڪ حالت ۾ پيش ٿيندو رهي.“(9)

مٿيان پنج ئي اصول ۽ ضرورتون شاهہ صاحب جي ڪلام سان لاڳو ٿين ٿيون.

سندس ڪلام، بيت جي مختلف هيئتن (فني طرح) ۾ ٻڌل ملي ٿو ۽ جيڪو ڇند تي ٻڌل آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو دوهي ۽ سورٺي کي بنيادي هيئتون قرار ڏئي ٿو. موتي لال جوتواڻي پنهنجي ڪتاب Shah Latif his life and work ۾ بيتن جي وڏيڪ هيئتن کي ظاهر ڪيو. ٽوٽيري دوهو دوهو سورٺو ۽ پڙو دوهو تي ٻڌل شاهہ جي بيتن کي سامهون آندائين. سندس ڪلام ۾ بيتن جي بنيادي هيئتن کان علاوه وائي پڻ ملي ٿي. سندس سارو ڪلام جهونگاري ۽ ڳائي سگهجي ٿو. سندس ڪلام جي ڪارج تي پوءِ بحث ڪبو. پهرين سندس ڪلام جي بي ساختگيءَ ۽ سادگيءَ لاءِ پهريون دليل هيءُ آهي تہ سندس ڪلام ۾ اختيار ڪيل عوامي لهجو ۽ اظهار جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قوت جي ڪري عوام کي سنڌس ڪلام برزبان ياد آهي ۽ سنڌس ڪلام کي پنهنجي منهن جهونگاري سگهن ٿا. شاهہ صاحب جو ڪلام پنهنجي دؤر جي سماجي حقيقتن ۽ اصولن کي نروار ڪري ٿو. انهن حقيقتن کي اهڙي نموني پنهنجي شعر ۾ ڪم آندو اٿائين جو ان مان سچائيءَ ۽ احساسن جو سحر ۽ سنڌي سماج جو هڪ خاڪو ملي ٿو ۽ قديم سماجي روايتن، ريتن، رسمن مان ماڻهن جي ويساهہ همتن، حرڪتن، سازشن، اميدن ۽ آسرن کي نروار ڪيو آهي. سنڌي سماج مٿان جديد سائنسي ڄاڻ ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي جي حاصلات جي نتيجي ۾ پوندڙ اثرن جي باوجود اهي آڳاٽا سماجي قدر اڄ بہ قائم ۽ دائم آهن. اُهي قدر عورت توڙي مرد تي لاڳو ٿين ٿا. سُر مارئيءَ جي چوٿين داستان جا ٽي بيت 16، 17 ۽ 18 سيل ۽ ست قائم رکڻ واري قدر کي ظاهر ڪن ٿا ۽ ان ساڳئي قدر کي هن ريت بہ بيان ڪيو ويو آهي.

جهڙي آيس جيئن، تهڙي وڃان تن ڏي،
قران ۽ قر چاريان، هنيون ڇيئم هيئن،
وڃان ڪيئن وطن ڏي، ڪاڻ لهنديم ڪيئن،
منداڻتي مينهن، سونهان سرتين وچ ۾.

سنڌي سماج زرعي ۽ جاگيرداري سماج آهي، تنهن ڪري عورت جي حيثيت، مان مرتبو بہ هڪ فرد طور نہ پر وکر ۽ (Commodity) طور آهي، سنڌي سماج ۾ ان عورت جا مثال ڏنا ويندا آهن جيڪا نماڻي ۽ نوڙت ۽ سهپ وارا گُڻ رکندي آهي، مارئي ۽ سسئي، نوري ۽ ليلا، مومل ۽ سورٺ مٿين خوبين سان مالامال آهن، سواءِ سهڻيءَ جي. شاهہ صاحب ليلا کي چوي ٿو:

سيئي سهاڳڻيون، سيئي ڳچي هار،
پسڻ ڪاڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن سينگار،
ڏول تنين جي ڏار، هيناهون هلن جي.
(3ـ3، ليلا چنيسر)

## هڪ ٻيو مثال:

جي ليلائي نہ لهين، تہ پڻ ليلائيج،
آسرو م لاهيج سڄڻ ٻاجهيندڙ گهڻو.
(12ـ2)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ جون سورميون پنهنجي حيثيت مرد آڏو ٻڙيءَ برابر سمجهن ٿيون. مذهبي، اخلاقي قدر، تقدير پسنديءَ سماجي قدرن سان گڏ ريتن رسمن مثلاً گهڻ زالائي ريت Polygamy ۽ هڪ ور (Monoandry) ڪرڻ کي اجان بہ ساراهيو وڃي ٿو. مطلقہ ٿيڻ يا بيوه ٿيڻ کان پوءِ ٻي شادي ڪرڻ کي معيوب سمجهيو وڃي ٿو ان رسم کي بہ شاهہ هن ريت بيان ڪيو آهي:

ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو ڪتيرو ئي خوب،
ميرو ئي محبوب، اسان مارو من ۾.
(سُر مارئي)

هي اُهي قدر هئا، جن کي شاهہ صاحب اهڙي نموني پيش ڪيو آهي جو ان جي برخلاف يا اُبتڙ نہ ويو آهي. جيئن تہ اهي داستان انساني فطرت ۽ باهمي لاڳاپن تي ٻڌل آهن، ان ڪري انسان جي سامهون آيل مسئلن ۾ ئي ان جو جواب موجود هو. ان ڪري شاهہ صاحب پنهنجي دؤر جو اُهو شاعر آهي جنهن داستان گوئيءَ کي هڪ نئون اسلوب، بيان ۽ انداز ڏنو. جيئن تہ شاهہ صاحب جا سمورا داستان سُر آهن ۽ راڳڻين تي آڌاريل آهن، هنن سُرن مان سُر سسئي، سُر مارئي ۽ ڪنهن حد تائين سُر گهاتو ۾ رزميہ (Epic) ۽ ٻين سُرن ۾ ليجنڊ (مثالي ڪهاڻي) يعني داستان گوئيءَ واريون خاصيتون موجود آهن. جيئن تہ سنڌي سماج اُن وقت ويڙهاڪ سماج نہ هو پر دودي چنيسر واري ويڙهہ کان جو پڙاڏو سندس ڪنن تي پيو هوندو سندس ئي زندگيءَ ۾ سرمد جي شهادت ۽ شاهہ عنايت وارو واقعو تي گذريو هو ٻيو ننڍي کنڊ جون سياسي حالتون ۽ ڌارين جي حملن ڪانئس سُر سسئيءَ جا پنج سُر چوَرايا. سُر آبري، سُر ديسي، سُر ڪوهياري سُر معذوري ۽ سُر حسيني.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو "دنيا جي مختلف قومن ۽ ٻولين ۾ رائج مثالن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ جنگ "ڪيڏاري" يا ڪوپائي ڪتا جي هيئت ۽ قالب جا گهٽ ۾ گهٽ هيٺيان چار پهلو وڏيڪ نمايان آهن. ڳالهہ جو تاريخي يا نيم تاريخي بڻ بڻياد، صدري روايت جو سلسلو پنهنجن سورهين جي ڪارنامن کي چمڪائڻ خاطر ڪرشماتي وڏائيءَ ۽ قومي برتري ۽ وطنيت جو جذبو." (10) ان کان علاوه شاعراڻو انداز ڊرامائي طرزِ بيان، انساني سورهيائي ۽ بياني طرز ڪوپائي ڪتا جي مزاج ۾ شامل آهن. مٿين خوبين ۽ وصف کي نظر ۾ رکندي سُر مارئي ۽ سسئيءَ جي داستانن کي ڏسبو تہ ان ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوپائي ڪٿا جا رنگ نظر ايندا. هڪ عورت جو قيد ۾ گھارڻ ۽ وطن لاءِ اُڪير ۽ هڪ بادشاهہ سان جنگ  وارو پهلو نمايان آهي. سسئيءَ جو ڪردار بہ جهنگ جهر، جبل ۽ بر جون صعوبتون برداشت ڪندي منزل کي تلاش ڪرڻ آهي. پنهنجي مقصد سان سچي آهي. سسئيءَ کي جڏهن ماءُ جهلي ٿي ۽ پنهونءَ پويان وڃڻ کان کيس روڪي ٿي، ان تي سسئي چوي ٿي:

اڄ ملنديس ماءِ، ڏاڍا ڪنديس ڪيڙا،
جيجان! جوڳياڻي ٿيان، آيل جهل مَ پاءِ،
هوت ڀروچ لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان.

هڪ ٻيو بيت جنهن ۾ هوءَ سرتين کي جهلي ٿي.

وڃو سڀ وري، آئين جي ورن واريون،
قوڙائي فراق جي، سُڃي ڳالهہ ڳري،
ٻنيان جن ٻري، ڏونگر سي ڏوريندئيون.
د-4-4

مٿيان بيت ڊرامائي حالت کي ظاهر ڪن ٿا ۽ بياني طرز کي پڻ نمايان ڪن ٿا. شاهہ صاحب ڪٿائن جي مثالي ڪردار کي ڪوپائي رنگ ڏيئي سنڌي سماج کي هڪ نئون رستو ڏسيو آهي تہ سورهيائي انسان جي فطرت جو حصو آهي ۽ ان تي ڪنهن جي اجاره داري نٿي ٿي سگهي.

اهڙيءَ ريت سُر گهاتوءَ ۾ رزميہ پهلوءَ کي اجاگر ڪري ٿو. هن سُر جو سورمو معذور هوندي بہ همت ۽ بهادريءَ جو اهڃاڻ آهي. مورڙو ڪُن ۾ لهي جنگ جوٽي ٿو ۽ مانگر مڇ کي ختم ڪري ٿو. هن داستان ۾ منظر نگاري هن ريت ٿيل آهي:

ماڪ پچائين مولهيا، مٿان رات پئي،
اوليون اُجهڻ لڳيون، ويا ونجهہ وهي،
ڪلاچيان ڪهي، ڪڏهن ڪو نہ آيو.
د-1-1-1

## هڪ ٻيو مثال ڏجي ٿو:

ڪو جو ٿهر ڪلاچ ۾، جو گهڙيو سو نٿي
خبر ڪو نہ ڏيي، تہ ريچ ڪڄاڙي رنديا.
د-1-1-3



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿين بيتن ۾ ڪُن جي دهشت ۽ اونهي پاڻيءَ جي ڪري جيڪا حالت پيش اچي ٿي، تنهن کي نروار ڪيو ويو آهي.

جيئن تہ فن (Art) جو ٻيو مقصد حُسن جو ڦهلاءُ آهي ۽ فن کي جن معروضي حقيقتن سان واسطو پوي ٿو اُهي سهڻيون ۽ قبيح بہ ٿي سگهن ٿيون. فن، انهن حقيقتن ۽ سچائين کي، پنهنجي تخليقي ڇهاءُ سان سونهن پريو ڪري، نروار ڪري ٿو ۽ ڪڏهن سماجي برائين ۽ فرسوده قدرن ۽ ريتن کي، جيئن جو تيئن پيش ڪري، حقيقت کي سامهون آڻي ٿو جنهن کي ادب ۾ حقيقت نگاري جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. رسالي جي سُرن مان سُر سهڻي اهڙو داستان آهي، جنهن کي بيان ڪندي شاهہ سماجي قدرن جي ابتڙ ڳالهہ ڪئي آهي. سهڻيءَ جو ميهار سان ملڻ سنڌي سماج موجب (مذهبي قانون ۽ شريعت موجب) اهو عمل نهايت ئي قبيح ۽ ڪريل هو پر ٻئي طرف جيڪڏهن اهو تسليم ڪجي تہ سهڻي جو پنجاب سان واسطو هو ۽ اهو داستان اتي ئي سرجيو ۽ اُسريو ۽ انهن روايتن موجب سهڻيءَ جي شادي زوري ڏم سان ڪرائي وئي هئي، ان جو پيار ميهار سان هو ۽ ڪن روايتن موجب هوءَ پرڻيل عورت هئي، سندس ناتو ميهار سان پوءِ جڙيو اهي ٻئي روايتون شاهہ سائين ٻڌيون ۽ واقف ٿيو. ان داستان مان همت، سورهيائيءَ کي نمايان ڪندي سماجي دٻاءُ هيٺ قبول ڪيل رشتي کي رد ڪري ٿو. پڇاڙيءَ هن سُر ۾ سمورين سماجي مڙهيل روايتن کي هڪ پاسي ڪري خود اعتمادي ۽ مقصد حاصل ڪرڻ وارو احساس تخليق ڪيو آهي. نمائشي، سماجي قدرن جي خلاف سهڻي جدوجهد جو اهڃاڻ آهي، جنهن ۾ شاهہ صاحب داستان کي روايتي انداز ۾ نہ پر سماجي تبديليءَ واري نُقطي کي ذهن ۾ رکندي سهڻيءَ کي چوي ٿو:

سپيريان جي ترهي، ٻڏي هٿ م لاءِ،
سيان تان چنداءِ، اسان تو اُڪاريو.

د_1_8_12

ڇاڪاڻ تہ عورت بہ شاهہ جي نظر ۾ هڪ فرد آهي، هو ڪيس خود اعتماديءَ ۾ پاڻ وهيڻي ٿيڻ لاءِ تلقين ڪري ٿو. هن داستان ۾ ڊرامائي انداز بہ ملي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُيو تڙ، ميهار، ملاحن سڏ ڪري،
آن پڻ وڃهان هتڙا، آئين پڻ وڃهو ٻن
گهوريون ڪارونڀار، مان مڙنهون سپرين.
د۔1۔9۔3

هن سُر ڪي علامہ قاضي، شاهہ جي فڪر جي ارتقا جو آخري ڏاڪو ڄاڻايو آهي. هن سُر ۾ اصل ۽ حقيقي ڄاڻ ڪي ۽ ان سان تعلق ڪي قائم رکڻ وارن اهڃاڻن ڪي تمثيل جي صورت ۾ بہ پيش ڪيو آهي. بيان جي قوت ۽ تخيل جي پرواز "ڪانڌي ڪنگ ٿياس" ۽ "ٻگا جي ٻيٺن جا، ڪلها تن ڏناس" جهڙين سٽن ۾ موجود آهي.

ڀٽائي پنهنجي ڪلام ۾ پورهيتن، ڪاريگرن ۽ عام ماڻهوءَ جي جياپي جي ڳالهہ ڪئي آهي. مثال سُر سارنگ ۾:

جن مهانگو لهي ميڙيو سي ٿا هٿ هڻن،
پنجن منجهان پندرهن ٿيا، ايئن ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهہ مان، شل موڏي سڀ مرن.
د1۔3۔16

وطن پرستي ۽ اعليٰ مقصد رکندڙ هيءُ ڪلام هر هڪ لاءِ آرسي آهي، جنهن ۾ هر ڪو پنهنجو پاڻ کي ڏسي سگهي ٿو. سندس ڪلام ۾ ماضي وارو سماجي تجربو آئيندي جي تجربن جي لاءِ بنياد آهي. ڪلام جي ٻولي، ادب جو سينگار آهي، ان جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي ارتقائي مرحلن تي روشني وجهي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جي نج هجڻ ۽ ان جي مزاج جو اندازو ڪري سگهجي ٿو ڇو تہ سنڌي ٻولي، زرعي سماج کان علاوه انهن گروهن جي ٻولي بہ آهي، جن جو واسطو ٻوليءَ سان نہ آهي. ڪيترائي لفظ متروڪ ٿي وڃڻ جي باوجود نثر نگارن ۽ شاعرن محققن ان کي ٻيهر واهپي ۾ آندو آهي. ڀٽائيءَ جي خيال جو اثر، عام ماڻهوءَ کان وٺي سنڌ جي دانشورن ۽ مفڪرن تي پڻ ٿيو آهي. جنهن جا مثال ماضيءَ جا برک دانشور علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ سائين جي ايم سيد آهن، ڇاڪاڻ تہ سماجي ڪارج جو تعلق ۽ اثر عمل سان بہ آهي. ان ڪانسواءِ ڪنهن بہ تخليق جي افاديت ۽ اهميت تي منفي اثر پوي ٿو. سائين جي ايم سيد ڀٽائيءَ جي فڪر جي حوالي سان رومانيت ۽ "طريقت" لاءِ جيڪو لفظ چونڊيو آهي، اُهو "ڪلچر" آهي، اِڳتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ايم سيد جديد دؤر جي ضرورتن موجب "ڪلچرل اصلاح" وارو نالو ڏنو جنهن جو واسطو ماڻهوءَ جي روحاني، نفسياتي، ذهني، اخلاقي تربيت ۽ ترقيءَ سان آهي. اهڙيءَ طرح "بزم صوفياءَ سنڌ" جو قيام (1958ع ۾) جي ايم سيد جي هٿان ان ئي سلسلي جي ڪڙي هو.

مٿي تفصيلي بحث جي آخر ۾ شاهہ جي ڪلام جو اهم نُقطو بين الاقواميت آهي، جنهن ۾ سُڪار واري سنڌ ۽ خوشحال سنڌ جو آئيندو عالم جي آباديءَ سان جڙيل آهي:

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست مِنا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.
(سُر سارنگ)

آخر ۾ سماجي ڪارج، ٻين لفظن ۾ افاديت ۽ اهميت شاهہ ڀٽائيءَ جي ڪلام جي اها آهي تہ سندس ڪلام کي ويهين صديءَ جي فلسفين، ڏاهن ۽ مفڪرن جي خيالن ۽ فڪر جي روشنيءَ ۾ پرکجي ٿو تہ سندس پيغام، خيال ۽ انهن مفڪرن جي فڪر ۽ خيالن جي هڪ جهڙائي نظر اچي ٿي. آئن اسٽائن، برٽانڊ رسل ۽ شاهہ صاحب جي فڪر ۾ هڪ جهڙائي آهي. مطلق هستيءَ کي سڃاڻڻ لاءِ سونهن هڪ بنيادي دليل آهي ۽ علم جي بنياد تي ڳُجهہ کي سمجهڻ لاءِ احساس ۽ ممڪنات مان تصورن جي اندلٽ، ڪُل ۽ جز جي تشريح ۽ ڪائنات جي لامحدود حدن ۾ هم آهنگي واري پهلوءَ کي اُجاگر ڪن ٿا. تنهي مفڪرن موجب اُهي سوال جن جو جواب منطقي طرح ڏيئي نٿو سگهجي، تہ بہ اُهي جامد خيالن ۽ تصورن کي تحرڪ ۾ آڻين ٿا ۽ سوچ جا در کلن ٿا.

شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ سمويل خيال، سائنسي، علمي بنيادن تي آهن. ان ڪري سماجي ڪارج جو بنياد فڪري ۽ علمي آهي. سندس ڪلام ڪوپائي انداز ۾ آهي. سندس تخليق سنڌ جي مذهبي، ثقافتي، سماجي، تاريخي ۽ سياسي حالتن جو دستاويز آهي. انساني سورهيائي ۽ ان جو اعليٰ مقام سندس ڪلام جو اهم موضوع آهي. ڪنهن بہ تخليق ۽ تحقيق جو ڪارج اهو بہ آهي تہ اُهو ڪيترو پُر اثر ۽ جامع مطالعو پيش ڪري ٿو جنهن جو مثال صرف ۽ صرف شاهہ جو رسالو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## نتيجا:

1_ شاهہ جو ڪلام فڪري ۽ علمي آهي.

2_ سندس ڪلام جامد خيالن ۽ تصورن کي رد ڪري ٿو. وجداني ڪيفيت ۾ ڳُجهہ کي سمجهڻ لاءِ تصور پيدا ٿين ٿا. بنيادي عقيدي يعني وحدانيت کي وڏيڪ سگهارو ۽ نروار ڪري ٿو. ايمان پختو ٿئي ٿو.

3_ ڳُجهہ (Mysterious) کي سمجهڻ لاءِ سونهن پهريون دليل آهي، ڪائناتي حُسناڪيءَ کي سمجهي ٿو.

4_ سندس ڪلام ڪائناتي ماحول ۽ فضا سان هم آهنگيءَ وارو رويو پيدا ڪري ٿو.

5_ قادر مطلق جي هستي جان جمال آهي ۽ تمام سونهن جو جوهر آهي.

6_ ڪلام ۾ اُتاريل سوال تصورن کي وڏيڪ وسعت ڏين ٿا تہ ڇا ڇا ممڪنات مان آهي.

7_ ادب جو بنيادي عنصر، تخيل، سگهارو ۽ سونهن وارو آهي، جنهن کي ڪلام ۾ نهايت نزاڪت سان ڪتب آندو ويو آهي.

8_ فڪر جا بند در شاهہ صاحب جي ڪلام جي ڪري کُلن ٿا.

9_ رسالي جو ڪلام ڏک جي اٽڪڻ سلسلي کي لامحدود وسعت ڏئي ٿو ۽ انساني حيات کي Vision ڏئي ٿو.

10_ ڪلام ۾ اعليٰ ادراڪ ۽ ڳوڙها خيال ملن ٿا.

11_ معروضي حقيقتن کي، جيڪڏهن اُهي قباحت واريون بہ آهن تہ ان مان انسان ذات لاءِ مثبت ۽ فائدي وارا خيال پيدا ڪري، اڳتي وڌڻ لاءِ تيار ڪري ٿو جيئن سُر سهڻي ۽ سُر سسئي وغيره.

12_ سماجي ڪارج جو دائرو وسيع ۽ علمي آهي، ان جو اثر عام ماڻهوءَ کان وٺي هڪ اعليٰ ادراڪ رکندڙ شخص تي نظر اچي ٿو.

13_ پٽ ڌڻيءَ جو ڪلام ايندڙ صدين ۾ بہ ڪارائتو عمل جوڳو رهندو. انساني سورهيائي، امن ۽ محبت جو علم ڦڙڪائيندو ۽ لهرائيندو رهندو.

14_ سندس ڪلام مذهبي، سماجي، ثقافتي قدرن کي اڳيرو ڪندي اهڙو رستو اختيار ڪيو آهي جو اُهو رستو خير، افاديت ۽ ڀلائيءَ ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

15_ تحريڪ ۽ هلچل سندس ڪلام ۾ نمايان آهي، هو ماضيءَ کي ياد ڪري شاندار روايتن کي پڙهندڙن آڏو آڻي ٿو جنهن مان حال ۽ آئيندو ڪيئن هئڻ گهرجي. جاڳرتا جو احساس جاڳي پوي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حوالا

1 ـ قاضي، قيصرالاسلام، ”فلسفي جي بنيادي مسائل“ نيشنل بڪ فائونڊيشن، سال 1976ع، ص ـ 24.
2ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ”شاهه جو رسالو“، پهريون جلد ، شاهه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ڀٽ شاهه، سال 1989ع، ص 180.
3ـ قاضي، قيصر الاسلام، ”فلسفي جي بنيادي مسائل“، نيشنل بڪ فائونڊيشن، سال 1976ع، ص 24 ۽ 25.
4ـ ساڳيو ص 25 ۽ 26.
5ـ ساڳيو ص 50 ۽ 15.
6ـ ساڳيو ص 25.
7ـ ٻوهيو ڊاڪٽر، الهداد، سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سال 1978ع، ص 78.
8ـ The World as I See. By: Albert Einstein
9ـ ٻوهيو ڊاڪٽر، الهداد، سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سال 1978ع، ص 54.
10ـ بلوچ، ڊاڪٽر، نبي بخش خان، سومرن جو دؤر، سنڌي ادبي بورڊ، سال 1980ع، ص 4 ۽ 5.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاد قاضي

# شاهہ لطيف جي فڪر ۾ سنڌ جا سماجي قدر

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ حڪمرانن جي ايام ڪاريءَ جا دور ڏٺا. سنڌ اندر مغل نوابن جو دور ۽ سنڌ جي مقامي حڪمرانن ڪلهوڙن جي اوج وارو دور، سندس نظرن اڳيان گذريو. سنڌ جي مقامي حڪمرائن ڪلهوڙن پيري مريديءَ واري مرحلي مان گذري حڪمرانيءَ جون واڳون سنڀاليون هُيون.

شاهہ صاحب جي زندگيءَ جي شروعاتي دور ۾ دهليءَ جي مغل حڪمرانن جي حڪمراني زوال پذير هئي. سندن پاران سنڌ مٿان ڏن ڀرو نواب مقرر ٿيندا هئا. اهڙن ئي ڏن ڀرو نوابن طور مقامي قبيلو ڪلهوڙو پهريان هتان جي نواب طور مقرر ٿيو ۽ سنڌ جي نالي ماتر آزاد حڪومت جوڙيائون. جنهن کي اڳتي هلي دهليءَ جي اثر کان مڪمل طور آجو ڪرايو ويو. مٿي ذڪر ڪيل تبديليون شاهہ صاحب جي اکين اڳيان ٿيون هُيون.

ان کان اڳ سنڌ ارغونن کان مغلن تائين اڍائي سئو سال لاڳيتو وحشيت ۽ بربريت واري غلامانہ دور ۾ گذاريو هو. مغلن واري حڪمراني بہ ان ئي ساڳئي سلسلي جي ڪڙي هئي. ايتري ڊگهي غلاميءَ واري دور سنڌ جي ماڻهوءَ کي ذهني طرح مفلوج ڪري وڌو ۽ ان ۾ احساس ڪمتري، مايوسي ۽ محرومي گهر ڪري ويئي. ايڏو ڊگهو عرصو غلامانہ دور ۾ رهڻ سبب سنڌ جي ماڻهن جي ذهنن منجهان آزاد فضا وارو پُرلطف تصور پَر ڪري اُڏامي ويو ۽ هو ڪيترن ئي ذهني مونجهارن ۽ نفسياتي ڪمزورين جو شڪار ٿي ويا. ان ڳالهہ جو نتيجو اهو نڪتو جو پير حسام الدين راشديءَ جي لفظن ۾ ”آزاد ماحول ۾ دلين اندر جيڪا وسعت ۽ قلب ۾ جيڪا ويڪرائي ۽ ڪشادگي ٿيندي آهي، فڪر ۽ نظر، علم خواهہ عمل ۾ جا بُلندي ۽ جز رسي، گهرائي ۽ گنڀيرتائي، حقيقت پسندي يا دور رسي ٿيندي آهي سا ختم ٿي ويندي هئي، تنهن ڪري رواداريءَ، برادريءَ، پاڙيسرائيءَ يا هم وطنيءَ جا جيڪي انساني ننگ خواهہ اسلامي انگ هڪ آزاد قوم ۾ ٿيڻ کپن، اُهي سڀ هتان ختم ٿي چڪا هئا. (1) اها مٿي ذڪر ڪيل صورتحال هئي، جنهن ۾ شاهہ صاحب جي شعور جي ارتقا ٿي ۽ هن پنهنجي شعور واري عمر ۾ ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ جو سير سفر ڪري ماحول جو مشاهدو ڪيو. جنهن دوران ڪيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيترين ئي قومي ڪمزورين جو مشاهدو ٿيو. شاهہ صاحب جو سمورو ڪلام سندس ان مطالعي ۽ مشاهدي جو نچوڙ آهي، جيڪو هن پنهنجي قوهہ جوانيءَ واري دور ۾ ڪيو هو. جنهن جو پٺ ڪي مستقل آستان طور وسائڻ ڪانپوءِ بہ ورجاءُ ڪندو رهندو هو.

شاهہ صاحب صحيح معنيٰ ۾ سنڌي سماج جو هڪ همدرد، هڏ ڏوکي ۽ سچو محب وطن هو. سنڌ جي غلامانہ ماحول جي مشاهدي سندس اڳيان اها ڳالهہ واضح ڪري ڇڏي هئي تہ ڊگهي غلاميءَ واري دور سندس قوم منجهان آزاد قومن وارا سماجي قدر بگاڙي ختم ڪري ڇڏيا آهن ۽ ڪنهن بہ قوم ۾ جڏهن قومي ۽ انساني قدرن جو فقدان ٿي وڃي تہ اهو ان قوم جي پست حاليءَ جو انتهائي هيٺانهون درجو آهي. شاهہ صاحب هڪ باشعور فرد جي حيثيت ۾ پنهنجي ڪلام رستي قوم منجهان ختم ٿيل انهن قومي ۽ انساني قدرن کي اُجاگر ڪري، ڪمزور قومي سگهہ کي سهارو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. ان سلسلي ۾ هو پنهنجي ڪلام رستي، ختم ٿيل قومي ۽ انساني قدرن جو ماضيءَ جي تاريخي حوالن رستي ورجاءُ ڪري، دفاع ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو.

"دنيا جي عالمن ۽ ڏاهن انساني قدرن کي مجموعي طور ٻن ڀاڱن ۾ ورهايو آهي. هڪڙا اهي آهن، جن تي عمل ڪرڻ سان انسان ذات اجتماعي طور خوشي، سڪون، امن، سلامتي ۽ اطمينان محسوس ڪري ٿي. ان قسم جي قدرن سان دنيا جي سيني قومن ۽ قومن جي فردن جي ڀلائي، خوشحالي ۽ ترقي وابستہ آهي ۽ هر ڪنهن دين ڌرم ۽ عقيدي ۾ هڪ جيتري اهميت، حيثيت ۽ قيمت رکن ٿا. ٻيا قدر اهي آهن، جيڪي فردن سان فرداً فرداً لاڳو رهن ٿا. (2) ڏٺو ويو آهي تہ انفرادي عمل ئي اجتماعي بهتريءَ جو سبب بڻجن ٿا. ان ڪري جنهن شخص جا انفرادي طور اعمال بهتر نہ هوندا، ان منجهان اجتماعي بهتريءَ جي ڪهڙي اميد ڪري سگهجي ٿي. مجموعي طور تي ائين چئي سگهجي ٿو تہ اهي ٻئي عمل هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن، ان حوالي سان شاهہ صاحب جي ڪلام تي غور ويچار ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ صاحب انفرادي توڙي اجتماعي ٻنهي نوعيت وارن قدرن values کي اهميت ڏني آهي. اجتماعي نوعيت وارا قدر جن کي اسين عالمي انساني قدر پڻ چئي سگهون ٿا. انهن ۾ بنيادي طور هيٺين قدرن جو ذڪر ٿي سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1_ انساني حق ۽ سماجي انصاف، Human Rights and social Justice
2_ عدم تشدد Non violence
3_سهپ ۽ رواداري Tolerance and Co _ Existance
4_ امن ۽ متڀيد کان آجائي Peace and Non discrimination

مٿي ذڪر ڪيل اهي قدر آهن، جن جي پيدا ڪرڻ، وڌائڻ ويجهائڻ ۽ عام ڪرڻ واري عمل لاءِ اڄ بہ سڄي دنيا ڪوشان آهي پر اسان جي قومي شاعر ڪي پنهنجي قوم ۾ اهڙيون صفتون نمايان نظر آيون هيون، جيڪي هن پنهنجي قوم جي حوالي سان باقي دنيا وارن کي فخر سان آڇيون. ذڪر ڪيل بين الاقوامي قدرن تائين پهچڻ لاءِ جن انفرادي قدرن جي اظهار جي شاھہ صاحب کي ضرورت محسوس ٿي، انهن منجهان ڪجهہ هن ريت آهن. ساٿيهہ جي سڪ، همت ۽ بهادري، ايڪو ۽ اتحاد، سخا، سر ڏيڻ ۽ سامر جهلڻ، خوديءَ کي ڪائڻ، قول پاڙڻ ۽ قربان ٿيڻ.

سنڌي ماڻهن جي انفرادي عملن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ شاھہ صاحب سنڌ جي سماج ۾ رائج مختلف لوڪ داستانن جي ذڪر ڪرڻ سان مقصد وارين ڳالهين کي گهربل پيرايي سان بيان ڪيو آهي، جيئن عمر مارئي جي قصي ۾ سنڌ جي شرافت ۽ خودداريءَ جو ذڪر ڪيو اٿس:

جي لُوڻُ لَڳين لاتيين، چيري چيري چَمُ،
مون ڪَرَ، اڳي نہ ڪِئو اهڙو ڪوجهو ڪَمُ،
جان جان دعوي دَمُ تان تان پرت پهنوار سين.
(مارئي ابيات متفرقہ_17 (3).

سرڪاموڏ ۾ مهاڻن جي مسرت ڀري زندگي ۽ وقت جي هاڪاري حاڪم جي سخا جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

گَند جَن جي گوڏ ۾، پاپوڙا پوشاڪَ،
اُنهين جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.
(ڪاموڏ 1_13)

پکا پکارئو، جامُ تَماچي آئِيو
گُوندَر لاهيو، گندريُون، آتڻُ اُجاريو
ڪينجهُر قرارئو سَمي سامَر بَخشئي.
(ڪاموڏ 2_10)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قول پاڙڻ ۽ قربان ٿيڻ جي سلسلي ۾ شاھہ صاحب راءِ ڏياچ جو انتهائي اعليٰ درجي وارو مثال پيش ڪيو آهي. ان ڳالھہ جو ذڪر ڪندي مسٽر يميائي لکي ٿو: "راءِ ڏياچ جي قرباني شاھہ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو... ان ڪري هن قصي ۾ شاھہ کي هڪ اهڙو مرد اداڪار هٿ آيو جو هر طرح سورمو سڏجڻ جي لائق هو. چاڪاڻ تہ سماءَ جي صدقي سر ڏيڻ هڪ نئون مضمون هو(4).

هتي هڪ ڳالھہ غور طلب آهي تہ راءِ ڏياچ جيتوڻيڪ ساز جو عاشق بہ هو پر جيستائين سندس ڪنڌ ڏيڻ جو سوال آهي تہ اهو هُن اُن ڪيل قول کي نڀائڻ ۽ زبان ڪيل ڳالھہ کي پاڙي ڏيڻ لاءِ ڪيو جيئن قصي منجهان بہ معلوم ٿئي ٿو. ان وقت جي مروج رواج موجب ٻيجل کي بہ ان ڳالھہ جو اندازو هو ان ڪري راءِ پاران دان گُهرڻ تي ڪيس چيائين:

پرديسان پَنڌُ ڪري، هَلِي آئيو هُون،
اُونچو تون عرش تي، آءٌ پورو متي پُون،
ڪِئَن تُسندين ٿُون، هِيءَ سِرَ سَوالي مَڱڻُو.
(سورٺ 1 ـ 14)

ٻيجل جا اهي ٻول، راءِ لاءِ آزمائش هئا. انهن جي اهميت کي سمجهندي راءِ ڏياچ ڪيل قول پاڙڻ جو اعلان ڪيو ۽ ٻيجل کي چيو ويو:

آءٌ متاهون مڱڻان، چرهي ۾ چوڏول،
توکي گهوٽ گهرائيو راجا منجھہ رتول،
ٻيجل توسين ٻول، وهاڻي وڙڻ جي.
(سورٺ 3_2)

شاھہ صاحب سسئي جي سلسلي جا پنج سُر چيا آهن، جن ۾ هن سسئي جي ڪردار کي مختلف حوالن سان پيش ڪيو آهي، جن منجهان سسئي جي عشق وارو تصور وڌيڪ نمايان آهي. ساڳئي وقت سسئيءَ جي ڪردار ۾ همت، بهادري ۽ وَرَ سان وفاداريءَ وارا گُڻ پڻ چٽا نظر اچن ٿا، جيڪي سنڌي عورت جي نمايان فطرت آهي.

سنڌ جا ماڻهو احساس ڪمتريءَ سبب مختلف دورن ۾ پنهنجي اصل نسل ذاتين ۽ پاڙن کي خيرباد چوندا پنهنجو ناتو ٻاهران آيل ذاڌين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قومن وارن ذاتين سان ڳنڍيندا پيي رهيا آهن پر شاهہ جي سسئيءَ واري ڪردار منجهان اها ڳالهہ نمايان نظر اچي ٿي تہ سنڌ جي سسئي، خان بلوچ سان پالوپوڻ جي باوجود پنهنجي ٻانڀڻ ذات کي ترڪ ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. نہ رڳو ايترو پر هوءَ اباڻي عقيدي موجب محبوب ماڻڻ لاءِ وري بہ پوٽين کي پچاڙڻ جي خواهشمند آهي. ان ڪري پنهنجو ٻانڀڻ نسل هئڻ فخريہ طور بيان ڪري ٿي. شاهہ صاحب سسئيءَ جي واتان چورائي ٿو:

نہ سَمي، نہ سُومري، نہ آءٌ جَت اوٺي،
آءٌ اُنهين مان آهيان، جي ٻانڀڻ پَڙهنِ ٿي،
پرٿ ٿيندي‌س، پرين پچنديس، پچاڙينديس پوٽي.
(سسئي آبري 4_وائي 2)

شاهہ صاحب سسئيءَ واري سموري قصي بيان ڪرڻ سان جنهن همت، بهادري ۽ قربانيءَ جو بيان ڪيو آهي، ان جي پٺيان بنيادي قدر سندس وفاداريءَ وارو عمل آهي. جنهن ۾ سسئي ذات پات واري تفاوت کي قبول ڪندي يعني پنهنجي ٻانڀڻ هئڻ واري حيثيت تي برقرار رهندي پنهونءَ جي وَرَ واري حيثيت سبب ان سان وفاداريءَ واري قدر جو عاليشان اظهار ڪري ٿي. نہ رڳو ايترو پر شاهہ جي سسئي پنهنجي همت ۽ استقلال سبب نسلي بنيادن تي ننڍ وڏائي ۽ چڱي مٺي واري مصنوعي فرق کي بہ رد ڏيندي چوي ٿي:

مون کي نہ ٿا نين، جت ملڪ پانهجي،
جي گگهيرين گڏين، تہ ٻين کان ٻيٺو ڪريان.
(حسيني 12_36)

سنڌ ۾ اڄ تائين جيڪو نسلي برتريءَ وارو رجحان هلندڙ آهي. جنهن موجب ڪيترن ئي ڪمن ۽ ڌنڌن، ويندي ڪيترن صفتي جذبن جو ڪن ذاتين لاءِ مخصوص هئڻ تصور ڪيو ويندو آهي. شاهہ صاحب جي دور ۾ پڻ اهڙو رجحان موجود هو. ان ڪري سسئي ان ڳالهہ جي رد خاطر دعوي ٿي ڪري تہ: ”مون کي جت پنهنجي ملڪ ڏانهن نٿا ونيو وڃن پر جيڪڏهن گگهيرن يعني گگهي وارين پنهنجي عورتن سان مون کي گڏائي ڏسن تہ آءٌ انهن کان بہ وڌيڪ محبت، همت ۽ وفاداري ڏيکاري سگهان ٿي. جي گگهيرن گڏين تہ ٻين کان ٻيٺو ڪريان.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح شاهہ صاحب شاعريءَ وسيلي سنڌ جي سماج جي سنوارن سڌار ۽ اعليٰ معيار ڏسڻ واري حوالي سان مختلف تاريخي واقعن ۽ قصن ڪهاڻين واري ورجاءَ رستي، اعليٰ قدرن جي نشاندهي ڪندي نظر اچي ٿو.

وقت گذرڻ سان اهڙن اعليٰ قدرن جو زوال ايندو پيو وڃي. ڊاڪٽر بلوچ جي هيٺين روايت ان ڳالهہ جو نمايان ثبوت پيش ڪري ٿي. بلوچ صاحب "رهاڻ هيرن ڪاڻ" ۾ لکي ٿو تہ: "شايد مير مراد علي خان ٽالپر ڪينجهر ڊنڍ تي منزل ڪئي، گندرا اچي گڏ ٿيا، مير صاحب پڇيو تہ: اڄ بہ نوريءَ جهڙي گندري ڪا اوهان ۾ آهي. چيائون تہ: نہ، پر هڪ سُرت پري مائيءَ چيو تہ: گندريون لک، پر (اهڙو) سمو ڪونهي" (5).

اها حقيقت آهي تہ اها ڄام سمي جي سخا هئي، جنهن جو وري شاهہ صاحب هن ريت اظهار ڪيو.

ڪاريون ڪوجهِيُون، ڪُوڙيُون، مور نہ موچاريون،
وَٺي وَيٺيُون واٽ تي، ڪِڪيءَ جون ڪاريُون،
اُنهن جُون آرِيون، سمي ريءَ ڪيرُ سَهي.
(ڪاموڏ 1_11)

مغرب جو هڪ مفڪر چوي ٿو: "انسان جو مکيہ مقصد آهي قدرن جي پاسداري ڪرڻ، ان طرح سان ئي اسان پنهنجي سماج ۽ سڀيتا کي اهميت ۽ مان شان ڏيئي سگهون ٿا ۽ پنهنجي زندگي ۽ حيات کي ڪو اعليٰ مقصد" (6).

شاهہ صاحب پنهنجي ڪلام ۾ مختلف ڪردارن جي حوالي سان جن قدرن کي اُجاگر ڪرڻ سان پنهنجي سماج ۽ سڀيتا کي اعليٰ اهميت ۽ مٿانهون مان ڏيڻ پئي چاهيو اهي سڀ سندس قوم جا جيئرا جاڳندا ۽ حقيقي ڪردار هئا. شاهہ صاحب فردوسي ۽ ڪن ٻين شاعرن وانگر ڪردار هٿ جا ڪونہ ٺاهيا پر اهي سنڌ جي سماج اندر اڳ ئي موجود هئا. شاهہ صاحب انهن کي صرف پنهنجي باڪمال شاعرانہ صلاحيتن سان نت نئين پُرڪشش انداز ۾ عوام اڳيان اهڙيءَ طرح پيش ڪيو جو انهن کي عوام پنهنجو سمجهڻ لڳو. اهڙيءَ طرح شاهہ صاحب اعليٰ انساني قدرن کي انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردارن جي حوالي سان اهڙي ته اعليٰ پئماني تي اجاگر ڪيو جو هتان جو محڪوم عوام پنهنجو پاڻ کي ان ۾ حصيدار ۽ ڀاڱي ڀائيوار تصور ڪرڻ لڳو. اهڙيءَ طرح شاهه صاحب پنهنجي ڪلام رستي سنڌي سماج ۾ سيتا کي اهميت وارو ظاهر ڪندي نه رڳو پنهنجي زندگي ۾ حيات کي بامقصد بنايو پر هن پنهنجي شاعرانه خوبين رستي غلامانه دور جي ماريل محڪوم قوم کي باوقار نموني جيئڻ ۽ اڳتي وڌڻ وارا پنڌ ۽ پيچرا ڏسيا. ان لاءِ ئي هن اهڙن قدرن جو پڻ ذڪر ڪيو جيڪي ٻين باوقار قومن اڳيان آچيندي فخر محسوس ٿيندو هجي. شيلي چيو آهي ته: "شاعري سکن ۽ ڏکن جي اظهار جو ذريعو آهي" پر شاهه صاحب پنهنجي محڪوم قوم جي حال ۽ ڪال کان بخوبي واقف هو ان ڪري هن پنهنجي شاعريءَ کي رڳو اظهار جي ذريعي تائين محدود نه رکيو هن شاعريءَ ذريعي هڪ خاص پيغام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. سورن جي ستايل قوم کي ڏس ڏنائين ته: "ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري" چاڪاڻ ته شاهه کي ان ڳالهه جي پوري ريت پروڙ هئي ته سنڌ جي ماڻهن ماضيءَ ۾ ڪيڏو نه سورن ۾ گذاريو آهي. ان ڪري هن ڏکن کي سکن جي سونهن سڏي سنڌ جي ماڻهن جي ڦٽن تي ڀها رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

سَوَ سکن ڏيئي، ورهه وهايم هيڪڙو
مُون کي تنهن نيئي، پير ڏيکاريو پرينءَ جو.
(حسيني 6_5)

ارسطو شاعريءَ کي نقل ۽ حيات جو نقل تصور ڪندي شاعر پاران جن ٽن طريقن سان شين کي بيان ڪرڻ جو ذڪر ڪيو آهي. اهي آهن (1) جيئن اُهي هُيون آهن (2) جيئن اهي سمجهيون يا ٻڌايون وڃن ٿيون. (3) جيئن اهي ٿيڻ يا هجڻ گُهرجن (7)

شاهه صاحب جي حوالي سان غور ڪري ڏسبو ته سندس ڪلام ۾ سنڌي ماڻهن جي حيات جو نقل ڪرڻ يا پسمنظر بيان ڪرڻ وقت مٿي ذڪر ڪيل پهرين ٻن طريقن کي غير اهم سمجهندي ٽيون طريقو اختيار ڪيو. يعني شاهه صاحب جي تصور موجب جيئن اهي ٿيڻ ۽ هئڻ گُهرجن، ائين ئي انهن جي منظر ڪشي ڪئي ويئي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وهُ مَر مُنڌ! پنيورَ ۾، ڳَر ڪو واڪو وَسُ،
ٻانهي ٻاروچَن ٻي، ڳولي ڄَڌِ مَر ڳَسُ،
ڏورڻ منجهان ڏَسُ، پوندءِ هوت پُنهونءَ جو.
(سسئي آبري 1_14)

تڪيائي ٽَرَ ٽيل، چڙهُہ ڇُڪياتِي، چوٽيين،
هَلَندي هوتَ پُنهونءَ ڏي، پئو مڙيئي پيلِ،
اُٿي رائو ريل، وينِ تان واري وَري.
(سسئي آبري 6_12)

شاهہ صاحب قومي ڪردارن جي حوالي سان، جيئن اهي هيڻ يا ٽيڻ ڳُهرجن واري خواهش جي مدِنظر سنڌ جي ماضيءَ واري تاريخ جا اهڙا حقيقي ڪردار ڳولي انهن کي وڏيڪ نکيري نروار ڪيو جهڙوڪ: ڄام تماچي، بهادر مورڙو لاکو ڦلاڻي وغيره. اهو ان ڪري به ته جيئن "سندس قوم ۾ همت جو عنصر پيدا ٿئي ۽ احساس ڪمتريءَ مان نڪري پاڻ کي ٻين قومن جي برابر سمجهن" (8).

ڊگهو عرصو غلام رهڻ سبب محڪوم قوم منجهان آزاد قومن وارا گُڻ گُم ٿي وڃڻ واري حالت کي ڄڳ مشهور مورخ پير حسام الدين قومن جي احساس ڪمتريءَ سان تعبير ڪندي ان کي غلاميءَ جي ذلت ۽ پستيءَ جي پيداوار سڏيو آهي. ڏٺو ويو آهي ته غلام قومن ۾ احساس ڪمتريءَ جو اظهار انفرادي احساس برتريءَ واري رِدعمل طور ظاهر ٿيندو آهي. سنڌ جي حوالي سان پڻ شاهہ صاحب جي دور ۾ اهو ئي ڪجهہ ٿيو جنهن جو ذڪر ڪندي پير صاحب وضاحت سان لکي ٿو: "غلام قومن جا افراد پنهنجي انهيءَ احساس متاثڻ خاطر هڪ غير فطري برتري حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪي مصنوعي ريتون ۽ رستا پيدا ڪندا آهن، جن مان هڪ طريقو آهي ته: "مذهبي فروعات" تي خوامخواهہ زور ڏجي، مناظري بازي ڪري هڪ ٻئي مٿان سبقت ۽ برتري حاصل ڪجي. دين ۾ غير ضروري نمائش ڪري مذهب کان وڌيڪ پنهنجي ذاتي پاڪائي ۽ بزرگي جتائجي" (9)

محمد ابراهيم جويي صاحب سنڌ جي اُن افراتفريءَ واري ماحول جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته: "سنڌي سماج ۾، مذهب جي صدين کان هلندڙ سياسي غلبي ۽ اُن غلبي جي لازمي شدت ۽ ڪٽرپڻي، سنڌ جي ذهني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا ۾ علمي سطح تي ۽ مجموعي طور ٻين ڳالهين کان علاوه هڪ خاص قسم جي ٻٽي رد عمل کي جنم ڏنو جنهن کي "مذهبيت" کان مايوسي ۽ بيزاري نہ پر "مذهب" سان عقيدت ۽ راضپي جي روش چئي سگهجي ٿو. ايتري قدر جو سنڌي سماج جي اها ٻٽي ذهني ڪيفيت، جنهن ان ۾ مجموعي طور مذهبن ۽ مذهبي فرقن جي سلسلي ۾ سرچاءِ ۽ ڪشاده دليءَ جي عام روش کي جنم ڏنو سنڌي تهذيب جي اوسر جو هڪ بنيادي ۽ مرڪزي پٿر بڻجي ويو (10) غور ڪري ڏسبو تہ سنڌي تهذيب جي ان سرچاءَ ۽ ڪشاده دليءَ جهڙن اعليٰ قدرن پيدا ڪرائڻ ۾ شاهہ صاحب جي ذاهپ، عمل ۽ فڪر جو بنيادي ۽ اهم حصو آهي.

اسان جو هيءُ عظيم شاعر يقينن مسلمان هو پر اهو عمل هن پنهنجي ذات تائين محدود پئي رکيو ۽ ان کي هن هتان جي مذهبي ماڻهن خاطر اصطلاح طور ڪم آڻي سنڌ جي عوام کي حق، سچ ۽ صداقت وارو حقيقي پيغام ڏيڻ پئي گهريو جيڪو تعصب ۽ تنگدليءَ کان خالي، سهپ ۽ رواداريءَ جو علمبردار هو. جنهن ۾ پنهنجائپ، پيار ۽ پريت وارا ڏس ڏنل هئا.

وَڳَرَ ڪيو وَتَن، پِرتِ نہ ڇِنَن پاڻَ ۾،
پسو پکيئڙَنِ، مَاڙَهئان ميٺُ گهڻُو.

(ڏهر 4_7)

جيڪڏهن اتفاق سان ڪنهن کان سهپ ۽ رواداريءَ واري عمل ۾ ڪائي ڪوتاهي ٿئي، تڏهن بہ رد عمل طور اشتعال ۾ اچڻ بجاءِ ان معاملي کي سلجهائڻ جو ڏس ڏيندي شاهہ صاحب چوي ٿو:

هو چوندي تون مَ چَئُو واتان وَرائي،
اڳ اڱرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪِينَ ڪِي.

(يمن ڪلياڻ 8_17)

شاهہ صاحب جو دور مذهبي تنگ نظري وارو دور هو. جنهن جي سنوار ۽ سڌار لاءِ شاهہ صاحب ڪيئي جتن ڪيا. شاهہ جي نظر ۾ ان دور واري خراب ٿيل صورتحال لاءِ ڪوبہ هڪ فرقو نہ پر هتان جا ٻئي وڏا گروهہ مسلمان توڙي غير مسلمان گڏيل ذميوار هئا. ان ڪري شاهہ انهن ٻنهي فرقن کي بگاڙ جو ذميوار تصور ڪندي ڪين مخاطبُ ٿئي ٿو. مسلمانن لاءِ چوي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنَ پَر نہ ايمانُ، جِيئن ڪَلِمي گو ڪوناٺيين،
دَغا تُنهنجي دِل ۾، شِرڪُ ۽ شيءَ نُ،
مُنهن ۾ مُسلِمانُ، اَندرِ آذَرُ آهِيين.
(آسا 4_13)

اندر ڪارو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنج جي،
اهڙو نلهو تانءُ، پيچي چو نہ پورا ڪرئين.

ساڳيءَ طرح غير مسلم جا اعمال ڏسندي چوي ٿو:

ڪُوڙو تُون ڪُفرَ سين، ڪافِرِ مَ ڪوٺاءِ،
هِندُو هَڏِ نہ آهيين، جَٽيو تو نہ جُڳاءِ،
تِلَڪُ تَنين کي لاءِ، سچا جي شِرڪَ سين.
(آسا 4_14)

نانگا نفس پنهنجو، ڪر رضا سان ربود،
غبي چڏ غنود، تہ رانول رسين رام کي.

نہ رڳو ايترو پر شاهہ صاحب سڀ ۾ پرين پسڻ ۾، حقيقت ۾ هڪ هئڻ وارو تصور پيش ڪندي ان ڳالهہ جو پڻ اظهار ڪيو تہ:

پڙاڏو سو سڏُ، وَرُ وائيءَ جو جي لهين،
هُئا اڳهين گڏُ، ٻُڌڻَ ۾ ٻہ ٿيا.
(ڪلياڻ 1_21)

اهڙيءَ طرح شاهہ صاحب هڪ سچي محب وطن ۽ سيڪيولر خيال شاعر هئڻ واري حيثيت ۾ فڪري توڙي عملي طرح ان ڳالهہ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي تہ سنڌ اندر پکڙجندڙ مذهبي جنون واري جذبي کي وڌڻ نہ ڏجي، ڇاڪاڻ تہ ان قسم جي "مذهبي منافرت ۽ سخت گير پاليسيءَ مان شاهہ صاحب کي سنڌ جي وحدت جي ٽُٽڻ ۽ ملڪي آزاديءَ جي صلب ٿيڻ جو پڻ وڏي ۾ وڏو امڪان بلڪ جائز خطرو نظر پئي آيو (11).

سنڌ جيڪا صدين کان ڪيترن ئي مذهبن جو آماجگاهہ پئي رهي آهي ۽ سنڌ جي ماڻهوءَ مختلف مذهبن جهڙوڪ: جين ڌرم، ٻڌ ڌرم، رام ڌرم وغيره جون ڪيترين ئي اعليٰ قدرن واريون روايتون ۽ رسمون پاڻ ۾ ايئن سمائي ڇڏيون هيون جو اُهي سنڌ جو ثقافتي ورثو بڻجي چڪيون هيون، ان رنگارنگ ثقافتي ورثي کي نظر ۾ رکندي شاهہ صاحب چيو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪ قَصرَ دَرَ لَکَ، ڪوڙين ڪُٽس ڳڙڪيون،
ڏانهن ڪريان پَرکَ، تيڏانهن صاحب سامهون.
(ڪلياڻ 1_22)

ٻئي هنڌ مختلف رستن، پنڌن، پيچرن طرف اشارو ڪندي چوي ٿو:

واٽون ويهہ ٿيون، ڪه ڄاڻان ڪهڙي ويا.

شاهہ صاحب کي انهن سيني رستن، پنڌن ۽ پيچرن ۾ ساڳيو مقصد ۽ ساڳي منزل نظر پئي آئي، ان خيال کي وڌيڪ سگهارو ڪرڻ لاءِ چيائين:

نئون نياپو آيو راڻي مُلا رات،
لَڌِيسُون لطيفُ چئي، ڳنا ڏاتر ڏات،
ڪهڙي پُڇين ذات، جي آئيا سي اگهيا.
(مومل راڻو 9_5)

اهڙيءَ طرح صدين جو اهو رواداري، سهپ ۽ پنهنجائپ وارو سيڪيولر سنڌي سماج جنهن ۾ مختلف مذهبن جي اعليٰ صفتن جو ميلاپ هڪ رنگ برنگي ڪلچر وارو روپ وٺي چڪو هو، جنهن ۾ ڪوبہ مذهبي توڙي سماجي ڀيد ڀاءُ ڪونہ هو. هندو توڙي مسلم نہ رڳو سماجي طرح هڪ ٻئي سان هڪ هئا، پر مذهبي طرح بہ هڪ ٻئي جي ريتن رسمن جو احترام ڪندا هئا. نہ رڳو ايترو پر سنڌ جي مخصوص صوفياڻي تصوف واري فڪر کي شاهہ صاحب سنڌ جي سماجي ضرورتن جي مدِنظر عملي توڙي فڪري طور اهڙي انداز ۾ عوام اڳيان آندو جو بقول مولانا وفائي "صوفياڻي رنگ ۾ سنڌ جي هندن کي ان حد تائين پنهنجي ويجهو آندو ويو جو هو شاهہ صاحب جي ٻوليءَ ۾ اهو سڀ ڪجهہ چوڻ لڳا، جو هڪ پڪو مُوحِد مسلمان ڪُليءَ دل سان چئي سگهي (12).

وحده لا شريڪَ لَہ، جان تو چئين اِيئن،
تان مڃ مُحمد ڪارڻي، نرتئُون منجهان نَينهن،
سو تون وڃيو ڪيئن، نائيين ڪنڌ ٻين کي.
(ڪلياڻ 1_8)

مٿي ذڪر ڪيل الله جي هيڪڙائي ۽ رسول صہ جي رسالت جي قبوليت جهڙيون ڳالهيون غير مسلم کان شاهہ صاحب اهڙي وقت ڪرايون پئي، جڏهن ملڪ جي مجموعي صورتحال اها هئي جو عام حالتن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن ”ڪنهن مذهبي ماڻهوءَ جي اڳيان ڪو غير مسلم ڪري ها تہ جهٽ مٿس مسلمان هجڻ جي فتوي ڏيئي ڪيس مجبور ڪيو وڃي تہ اُتي اسان جي پير ۾ گڏجي رهہ (13).

اهڙيءَ صورتحال کي نظر ۾ رکندي شاهہ صاحب هندن جي ريتن رسمن، عادتن، اتوارن، هلت چلت، ويندي مذهبي رواجن جو گهرو مطالعو ڪرڻ لاءِ سالن جا سال انهن سان گڏ هليو ۽ انهن کي پنهنجي ڪلام ۾ جوڳي مقام ڏيڻ لاءِ ڪين سنياسي، بيراڳي، سامي ۽ آديسي جهڙن قابلِ فخر لقبن سان ياد ڪيو نہ رڳو ايترو پر انهن تڪين ۽ تيرٿن، آستانن، مڙهين ۽ مندرن جي بہ ياترا ڪيائين ۽ انهن سان لنؤ لڳاءَ جو کُليل لفظن ۾ اظهار پڻ ڪيائين.

ڪَنَ ڳَٿَ، ڪاپٽ، ڪاپڙي لانگوٽيا لالَ،
لاهوتي لطيف چئي، موهيا نہ ڪنهن مال،
هڙا جنين حال، هَلو تہ تڪيا پسون تن جا.
(رامڪلي 3_7)

پاٺهين وينا پاڻ سين، پَر ۾ پَرياڻين،
سامي سفر هليا، آسڻ اُجهائين،
رُخصت رُوئارين، آئون نہ جيندي اُن ري.
(رامڪلي 1_39)

شاهہ صاحب اهو اظهار بہ اهڙي پيار پاٻوهہ ۽ پنهنجائپ واري انداز ۾ ڪيو جو انهن لقبن کي مسلم توڙي غير مسلم ٻنهي برادرين پنهنجو پاڻ سان لاڳو ڪندي فخر پئي محسوس ڪيو. نہ رڳو ايترو پر شاهہ صاحب سامين جي عظمت جو اظهار هن طرح بہ ڪيو:

لُنگَ ڪڍيائون لانگَ، موني ڳن نہ مسحو
جا اسلامان اڳي هئي، سا سُڻائون ٻانگ،
سامي چڏي سانگ، گڏيا گورکنات کي.
(رامڪلي 6_14)

ڪيهي ڳام ڪاپڙي ڻا، اِهڙيءَ روش رَوَن،
نڪا دل دوزخ ڏي، نَڪي بهشت گهُرن،
نڪو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني مَن،
اُيا ائين چون، تہ پرين ڪجو پانهنجو.
(رامڪلي 5_13)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اقوام متحده انسانن لاءِ جن پنجن قسمن جي آزاديءَ جو اعلان ڪيو آهي. انهن مان ٻئي نمبر تي مذهبي آزادي ۽ فڪر جي آزادي آهي، انسان جيڪو مذهب چاهي سو اختيار ڪري، هنَ کي سوچ جي بہ آزادي آهي (14). اها فڪري ۽ مذهبي آزادي ئي آهي، جيڪا نہ رڳو شاهہ صاحب جي دور ۾ پر موجوده وقت ۾ بہ سڄي انسان ذات جي بنيادي ۽ اهم ضرورت آهي، جنهن جي هئڻ سان ڪابہ هڪ برادري يا ڪابہ هڪ قوم نہ پر دنيا جا سمورا ملڪ ۽ سڀئي قومون سک ۽ آرام واري زندگي گذاري سگهن ٿا. ان قسم جي سماج ڏانهن اشارو ڪندي گوئٽي چوي ٿو:

”سڀني کان وڌيڪ سکيو سماج اهو آهي، جنهن ۾ هر هڪ شخص ٻئي شخص جو دل سان احترام ڪري ٿو“ (15).

شاهہ صاحب پنهنجي دور جي سمورين سماجي اوڻاين ۽ نابرابريءَ واري صورتحال کي نظر ۾ رکندي، سنڌ وارن ۾ انفرادي توڙي اجتماعي قدرن بيان ڪرڻ سان جنهن اعليٰ سوسائٽيءَ جو تصور پيش ڪري ٿو اها ڳالهہ سندس هن شعر منجهان نمايان نظر اچي ٿي. پاڻ سنڌ جي ان سکئي سماج جو تصور هيٺين لفظن ۾ پيش ڪندي چوي ٿو:

نَڪا جَهلَ نہ پَلُ، نڪو رائو ڏيهہ ۾،
آٽيو وِجهنِ آهُرين، روڙيو رتا گُلُ،
مارُو پاڻَ اَمُلُ، مَليرون مَرڪڻُون.
(مارئي 7_7)

## حوالا


1. راشدي حسام الدين پير . (پيش لفظ) – شاهہ جي رسالي جو مطالعو ڇاپو ٽيون، ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ، حيدرآباد 1991ع ص 72.
2. صحرائي، تاج، نيٺين نند اکوڙ ڇاپو پهريون، سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ 2000ع، ص 21.
3. شاهواڻي، غلام محمد، شاهہ جو رسالو ڇاپو پهريون، آفتاب پريس حيدرآباد، 1950، ص 840.
4. پمياڻي ناراڻداس، پروفيسر. شاهہ جون سورميون، ڇاپو؟ مڪتبہ اسحاقيہ ڪراچي، ص 10.
5. بلوچ نبي بخش ڊاڪٽر، رهاڻ هيرن ڪاڻ حصو پهريون، ڇاپو پهريون، خليل ڪتاب گهر، رفيق مهيسر، خيرپور 2000ع ص 6.
6. صحرائي، تاج، ايضاً، ص 21.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

7. ايضاً، ص 9.

8. ميمڻ، ر شاهنواز ڊاڪٽر. سنڌي ثقافت ۽ شاهہ لطيف. ڇاپو پهريون، ش . عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ/حيدرآباد. 1991ع ص 191.

9. راشدي، حسام الدين پير. (پيش لفظ) شاهہ جي رسالي جو مطالعو. ايضاً

10. جويو، محمد ابراهيم. شاهہ سچل سامي، ڇاپو پنجون. روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو. 1990ع ص 24.

11. راشدي، حسام الدين پير. (پيش لفظ) شاهہ جي رسالي جو مطالعو. ايضاً ص 29

12. وفائي، دين محمد مولانا. شاهہ جي رسالي جو مطالعو. ايضاً ص 66

13 ايضاً

14. صحرائي، تاج. ايضاً ص 53.


هن مواد ۾ ڪم آيل شعر علامہ آءِ آءِ قاضي جو مرتب ڪيل رسالو (پيغام) شاهہ عبداللطيف جو ڇاپو پهريون. 1961ع واري ڇاپي تان کنيا ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولانا عبداللطيف سڪندري

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه طرفان

# سنڌي ٻوليءَ ۾ سماج جا سِڌا سڌارا

هيءَ موضوع ڏسڻ ۾ ننڍو پر لکڻ وارن لاءِ عظيم دفتر آهي. مون پنهنجي موضوع لاءِ جيڪو عنوان مقرر ڪيو آهي، اهو هي آهي: "حضرت شاهه عبداللطيف رحہ طرفان سنڌي ٻوليءَ ۾ سماج جا سِڌا سُڌارا"

آءٌ پنهنجي مطالعي ۾ ٽي رسالا رکندو آهيان. هڪ جهونو نسخو عربي اعرابن وارو، ٻيو علامہ آءِ آءِ قاضي وارو، ٽيون مرزا قليچ بيگ وارو نسخو. حضرت شاهه سائين جي ڏکين معنائن وارن بيتن کان بچندي عام فهم ۽ نهايت آسان بيتن کي هن مقالي ۾ لکيو اٿم، جن جو سماج جي سڌارن سان سڌو تعلق آهي. موضوع ۾ ڄاڻايل لفظ سماج مقيد ناهي، بلڪ مطلق آهي، جنهن جي معنيٰ سنڌي ۾ پوري انسانيت جو اصلاح سُڌارو مقصد آهي. جمڻ کان مرڻ تائين انسانيت جي هر مرحلي جي رهنمائي حضرت شاهه سائين رح پنهنجي آفاقي ڪلام سان ڪئي آهي. اسان کي سنڌ جي سرزمين ۽ سنڌي ٻوليءَ سان پيار ازل کان آهي ۽ انشاءَ الله رهندو پر حضرت شاهه سائين طرفان سنڌيءَ ۾ شاعري بعد اسان جي محبت اڻ کُٺ، اڻ ٽُٺ ٿي ويئي آهي. هڪ حديث پاڪ جي مصداق موجب حضرت شاهه سائين ۽ سنڌ سرزمين ۽ سنڌي ٻوليءَ سان اسان جي محبت والهانہ هئڻ گُهرجي ۽ علمي ادبي ادارن تي تہ وڌيڪ ذميداري عائد ٿئي ٿي.

اڙين جي آڏار حضرت سيد المرسلين صہ جن فرمايو آهي: "عرب قوم سان پيار ڪريو ڇو تہ مان عربي آهيان ۽ قرآن پاڪ جي ٻولي عربي آهي ۽ جنتين جي ٻولي بہ عربي هوندي". حضرت شاهه سائين جي ڪلام جي عظيم خوبي هڪ سنڌي ڪامل ولي الله حضرت پير سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحہ بيان ڪئي آهي تہ حضرت شاهه سائين رحہ جي ڪلام ۾ نرمي ۽ انسانيت لاءِ ڪرم فضل سمايل آهي. انسانيت جي هر طبقي لاءِ هر لمحي ڀلائي بخشيندڙ آهي. حاجي جمال الله شاهه راشدي، ڳوٺ موهل ضلعي لاڙڪاڻي جي ڏاڏي بزرگوار جي قلمي ڊائري ۾ سنڌ لاءِ حضرت پير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محمد راشد جو هڪ بيت هن طرح لکيل هو:

"سيد" چوي سنڌ ڏي، وڃج واءُ وري،
ڏسج تون سُپرين، ماڙي تي چڙهي،
آڻج خبر ڪري، تہ ڪي آهن سرها سپرين.

"حضرت شاهہ سائين طرفان سنڌي ۾ سماج لاءِ سِڌا سُڌارا" جي معنيٰ انسانن کي سڌو سنئون حق چوڻ، حق ڏسڻ ۽ نصيحت ڀلائي ٻڌائڻ، سو بہ سنڌي ٻوليءَ ۾، اهو سنڌي سماج تي وڏو احسان آهي. مذهبي، روحاني، سماجي اصلاح سڌارا سندس ڪلام ۾ موجود آهن. سر ڪلياڻ جي پهرئين بيت کي عربي، اردو، سنڌي، فارسي، افغاني ۽ هندي ٻولين وارا ماڻهو آسانيءَ سان سمجهي وڃن ٿا. اها حضرت شاهہ سائين جي وسيع زبان جي ڪرامت آهي. بغير فرق جي پوري سماج لاءِ فرمايل آهي.

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهہ قديم،
والي واحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراهہ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، ٿو جوڙون جوڙ جهان جي.

عنوان 1 :"مذهبي سڌارا، توحيد رسالت تي مڪمل ايمان ۽ عمل جو تاڪيد"

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جا سوين بيت آهن، جن ۾ سماج کي سنڌي ٻوليءَ ۾ سڌو رستو ڏيکاري تاڪيد ڪيو اٿس تہ ٻانهي کي هر حال ۾ مذهب ڌرم تي پڪو ايمان رکڻ گُهرجي ۽ ان جي احڪامن تي چڱي طرح عمل ڪري ڪاميابي ماڻجي.

بيت 1:
وحده لا شريڪ لہ، اِي وهائج ويءُ،
ڪٿين جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ،
پاڻان چوندئي پيءُ، پيري جام جنت جو.

بيت 2:
تون چئو الله هيڪڙو، وائي ٻي مَ سِکُ،
سو ئي لکيو لِکُ، سچو اکر مَنَ ۾.
(سر ڪلياڻ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**بيت** 3: وحده لا شريڪ لہ، چئو چوندو آءٌ،
فرض واجب سنتون، تنئون ترڪ مَ پاءِ،
توبہ سنڌي تسبيح پڙهي سا پڇاءِ،
نانگا پنهنجي نفس کي ڪا سنئين راهہ سونهاءِ
سُپيريان جي ڳالهڙي، هيئن سين هنڊاءِ،
تہ سنڌي دوزخ باهہ، تو اوڏيائي نہ وڃي.

**بيت** 4: سونهن وڃايم سومرا، ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تت پيوم، جِتِ هلڻ ناهہ حسن ريءَ.

اڳوڻتر ۾ عقائد جي صحت سان گڏ عملن جي سونهن سمر ضروري آهي. ڪجهہ دوست شرعي نظام تي هوٽنگ ڪندي فرق سنڌو سمجهندا آهن، پر حضرت شاهہ سائين سماج جو سڌارو ڪندي واضح رستو ڏيکاريو آهي، تان ”مج محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نينهن“ ۽ ”بنا محمد جام، ڪنڌي نہ لهندين ڪاٿهين“.

شرعي محمدي واٽ الله تعاليٰ جي نعمتن مان هڪ عظيم نعمت آهي. معصوم ٻار ۽ نابين کي کوهہ ۽ باهہ کان بچائڻ شرعي واٽ آهي، جيڪا انسانيت جي وڏي خدمت آهي.

**عنوان 2: چاپلوسي بابت تنبيهہ**

حضرت شاهہ سائين رحمت الله عليه علم وارن ڏاهن جي مڪرن جي نشاندهي ڪندي سڌارو ڪيو آهي. ڪي دوست صرف مذهبي ماڻهن کي رياڪار سمجهندا آهن. حالانڪہ اها ڪُڌي عادت هر ماڻهوءَ ۾ ٿي سگهي ٿي. جيئن موجوده يونيورسٽين، ڪاليجن ۽ مدرسن ۾ اعليٰ عهديدارن جي پاڻ ۾ چپقلش يا ادارن جي ويڙهہ جنڊا پٽ سڀ کي معلوم آهي. تفصيل جي ضرورت ناهي. حضرت شاهہ سائين طرفان ان جي اصلاح تي بيت ڏجن ٿا:

**بيت** 1: منهن ۾ موسيٰ، اندر ۾ ابليس،
اهڙو خام خبيث، ڪڏي چو نہ چڏئين.

**بيت** 2: پڙهي پُرجهين ڪينڪي، ڇَپ چورين ڇِپَ،
توڙي ڍوڙين ڪرين ڍِپَ، تہ بہ پير نہ لهين پرينءَ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيت 3: وجهہ منجهہَ خليل، اندر آذر آهين،
سَڌَ مَر ڪر صحت جي، اُجان تون عليلُ،
نالو ناهِہ نفاق جو، جتي رب جليل،
منهن ۾ مسلمان تون، قلبُ تان قليل،
وتر جي وصال ۾، ڊُوئي ناهہ دليل،
الله عبداللطيُف چئي، سچو رڪائج سيلُ.

**عنوان 3:انسانيت، سماج جو بچاءُ هر تعصب جو ترڪ**

سلطان العاشقين حضرت شاهہ ڀٽائي رحہ جي سامهون ٻہ ماڻهو مذهبي تعصب سبب وڙهي رهيا هئا. هندو مسلمان هئا يا فرقہ پرستيءَ جي ناسور جا سڙيل شيعہ سني يا ڪي ٻيا وڙهي رهيا هئا. يا هاري زميندار حرص جي انڌ ۾ هڪ ٻئي تي مڪن جو وسڪارو لايو بيٺا هئا. حضرت شاهہ سائين ٻنهي ڌرين کي هڪ آدم جي اولاد جو احساس ڏياري ٻنهي وچ ۾ پئي جهيڙو تاريو. هنن آفاقي الفاظن سان ڪين هر تعصب، دوئي، فرق، ڪان روڪيو ۽ واضح فرمايو تہ ٻئي انسان کي تڪليف ڏيندين تہ اها ڄڻ پاڻ سان ڪيئي:

بيت: پائي ڪانُ ڪمان ۾، ميان مار نہ مَون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

**عنوان 4:حضرت شاهہ سائين جي ڪوجنا مطابق ڪل سماج جو سونهو رڳو قرآن پاڪ آهي**

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي رسالي مان سر مارئي جي فصل ڏهين جو جڏهن دل دماغ سان مطالعو ڪجي ٿو تہ ان ۾ سماج جي سُڌاري جو مڪمل تفصيل آيل آهي ۽ حضرت شاهہ سائين سچو سهارو قرآن پاڪ جو ورتو آهي ۽ مختلف سورتن جي واضح نالن سان گڏ خاص طرح سورت زمر ۽ زخرف کي بار بار يارهن ڀيرا ياد ڪيو اٿس. آخر انهن سورتن ۾ ڪهڙو مواد ڏنو هئائين. پڇاڙيءَ ۾ ان جو تفصيل عرض ڪندس.

زمر زخرف، سومرا، حمد جنهين جو هنڌ،
اهدنا الصراط المستقيم، اي پنوهارن پنڌ،
باري لاهين بند، تہ ملان ماروئڙن کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1. سچ سيڻ رهڻ: سورت حديد ۾ سچ جو بيان آهي. اها سورت 27 پاري ۾ آهي. ان ۾ خاص مواد الله تعاليٰ جي ڪائنات ڏي فڪر، ذڪر ڪرڻ جو حڪم، فنا، بقا، حلم، سخا، چڱن ڪمن سان سماج کي بهشت جي بشارت ڏنل اٿس ۽ اهم آيت "وهو معڪم اين ما ڪنتم" جتي ٻہ هجو رب ساڻ اٿئي شامل آهي.

2. فاتحہ، بقر ۽ آل عمران ۾ قرب ٿيو ڪٿان: ٽئي سورتون منڍ قرآن ۾ آهن. شفا ۽ لاعلاج مرض، مخفي قتل خونن کي ڳولي سماج کي غارت گري کان روڪڻ، رتوڇاڻ بند ڪرائي امن سڪون محبتي ميڙاڪا ڪوناڻڻ جو مواد انهن سورتن جو خصوصي مواد آهي. منجهيل مسئلن بابت انبيائن، اوليائن، الله تعاليٰ جي پيارن ڏانهن رجوع ڪرڻ جا ڏَس، گَس، پيچرا انهن سورتن ۾ بيان ٿيل آهن.

3. توبه جنهين تن ۾، اندر تن انفال،
يونس رکي جال ۾، ڪيائون حقيقت حال،
جي وڏا هُود وصال، سيئي سانبي ساريان.

4. توبه جهين تن ۾، نمل نهارين،
قليا، قد سمع، جاثيہ، هيئون دخان پاس ڏرين.

انهن ٻنهي بيتن ۾ 9 سورتن جو بيان آهي، سيني سورتن ۾ سماج جي ڀلاين، نجات ۽ فلاح جا عظيم پروگرام بيان ڪيل آهن. توبه سورت جا چار نالا آهن. 1_ برات – ڪافرن کان بيزاري، 2_ فاضحة – منافقن کي خوار ڪندڙ 3_ مغزيہ 4_ موشقشته معنيٰ نفاق کان سماج کي پاڪ ڪندڙ. اها سورت فتح مڪي بعد سنہ 9 هجري ۾ نازل ٿي. جهاد اصغر اڪبر بابت پنجاهہ سٺ آيتون آيل اٿس.

5. يونس سورت جي شروعات هنن مقدس لفظن سان ٿئي ٿي. "هي حڪمت واري ڪتاب جون آيتون آهن". خاص مواد هي اٿس:
"هر ننڍي وڏي شيءِ" جو بيان قرآن پاڪ ۾ آهي. آيت 40. "بيشڪ اولياءَ الله کي ڪو خوف ڪونهي." اولياءَ الله اهي. جيڪي مومن بہ هجن، متقي بہ انهن لاءِ دنيا آخرت جون بشارتون آهن. آيت 62. " اي انسانو توهان ڏانهن هدايت،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نصيحت دلين جي صحت وارو قرآن آيو آهي.“ الله تعاليٰ جي فضل رحمت تي خوشيون ملهايو ۽ خيرات خرچ بہ ڪيو. گڏ ڪرڻ کان سماج سان سخا ڀلي اٿو. (آيت 57 _ 58)

6. سورت هود: ان سورت جي منڍ جو مواد هن طرح آهي: ”هي هڪ ڪتاب آهي، جنهن جون آيتون حڪمت سان ڀرپور آهن، پوءِ حڪمت واري خبير ذات جي طرفان (سماج لاءِ) تفصيل بيان ڪيو ويو آهي“. ”بيشڪ ڀلو سٺو انجام، پڇاڙي، پرهيزگار ۽ اشراف سماج کي حاصل ٿيندي“ (آيت 48)

7. سورت انفال جون شروعاتي آيتون هن طرح آهن: اي معبود ڪريم صہ توکان غنيمتن بابت پڇن ٿا. فرماءِ تہ غنيمتن جا مالڪ الله تعاليٰ ۽ رسول پاڪ آهن. الله تعاليٰ جو خوف رکو ٿا تہ پاڻ ۾ صلح سڪون سان هلو جيڪڏهن مومن آهيو تہ الله رسول جو حڪم مڃيو. اهم مواد سماج، عوام جي اتحاد، ٻڌي، ايڪي جو تاڪيد اٿس ۽ فساد جي نقصان جو بيان اٿس. چنانچہ آيت 46 هن طرح آهي: ۽ الله ۽ ان جي رسول جو حڪم مڃو ۽ پاڻ ۾ جهيڙا فساد نہ ڪريو. فسادي بزدل ٿيندا پوءِ طاقت واري هوا نڪري ويندو. صبر ۽ تحمل کان ڪم وٺو. بيشڪ الله تعاليٰ صابرين سان گڏ آهي.

8. سورت نمل پاري 19 ۾ آهي. منڍ وارين آيتن ۾ سماج لاءِ سهڻو ۽ سولو پروگرام ڏنل آهي. ان ڪري حضرت شاهہ سائين ان سورت کي شاعري شفقت ۾ ياد ڪيو آهي: توبہ جنهين تن ۾، نمل نهارين. هي آيتون آهين قرآن روشن ڪتاب جون، هدايت، خوشخبري مومنن لاءِ، جيڪي نماز قائم ڪن ٿا ۽ زڪوات ڏين ٿا ۽ آخرت قيامت تي ايمان رکن ٿا.

ان سورت ۾ سماج لاءِ اهم ترين اشارو آهي تہ ڪِولي وانگر پنهنجو دفاع ضروري آهي ۽ ڪِولي يا هر ضعيف ساهدار شيءِ تي بہ لاغرضي سان ظلم ايذاءُ نہ ڪجي نہ ڏجي.

9. زمر زخرف سورت بابت شروع ۾ عرض ڪيو هيم تہ حضرت شاهہ سائين طرفان انهن سورتن کي ٻارهن دفعا بيان ڪرڻ جون ظاهري خوبيون سماج سان ضرور لاڳو هونديون ۽ باطني فائدا روحانيت سان متعلق هوندا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زُمر زخرف سومرا، قل جنهين جو قوت،
فاذڪروني اذڪرڪم، سدا ني ثابوت،
لنگھيو جن لاهوت، تن پڪا پائر اڏيا.
(سر مائي فصل 10)

انهن سورتن جي آڌر جو مقصد سماج جو صحيح سڌارو ڪرڻ آهي. انهن سورتن سان گڏ ٻيون سورتون بہ آيل آهن. حضرت شاهہ سائين طرح ڏنل سمورين سورتن جو اعليٰ مقصد مفهوم هڪ ئي آهي تہ جيڪو سماج قرآن پاڪ سان وابستہ هوندو اهو ٻنهي جهانن ۾ سدا سوڀارو رهندو. جيئن سورت "دخان" جو نالو بہ آيل آهي. "هيئون دُخان پاس ڏرين". سورت دخان جي پهرين آيت هن طرح آهي. حم والڪتب مبين انا انزلناه في ليلة مبارکة فيها يفرق کل امر حکيم انا کنا منذرين _ "هن روشن ڪتاب جو قسم! بيشڪ اسان ان قرآن کي برڪت واري رات ۾ نازل ڪيو. بيشڪ اسان خوف ڏيارينڊڙ آهيون. ان رات ۾ هر حڪمت وارو ڪم تقسيم ڪيو ويندو آهي."

پهريائين سورت زمر بابت ڪجهہ عرض رکجن ٿا. پهريائين زمر جو بيان حضرت شاهہ سائين جي سنت آهي. سورت زمر مڪي آهي. پنجهتر آيتون ۽ 8 رڪوع اٿس. پ 23 ۽ پ 24 ۾ آهي. پهريون آيتون هن طرح اٿس: تنزيل الکتب من الله العزيز الحکيم _ ڪتاب مقدس جو نزول الله عزت ۽ حڪمت واري طرفان آهي. بيشڪ اسان تو ڏي ڪتاب حق سان نازل ڪيو تہ خالص ٻانها ٿي ان جي عبادت ڪريو. خبردار! الله تعاليٰ جي عبادت ۾ ئي خلوص آهي. آخري آيت ۾ سماج کي روحانيت جو نسخو استعمال ڪرڻ "هر دم الله تعاليٰ جو ذڪر ڪرڻ" عظيم تحفو ٻڌايو ويو آهي تہ توهان ملائڪن کي ڏسندو تہ عرش جي چوڌاري پنهنجي رب جو ذڪر ڪندا رهن ٿا. ماڻهن ۾ سچو فيصلو ڪيو ويندو ۽ چيو ويندو سڀ تعريفون الله تعاليٰ لاءِ آهن جو سڄي جهان جو پالڻهار آهي.

ان سورت زمر ۾ اهم جامع مواد آيت 22 آهي. افمن شرح الله صدره الاسلام فهو عليٰ نور من ربه _ جنهن جو سينو الله تعاليٰ دين اسلام لاءِ کوليندو. ڪشاود ڪندو آهي تہ اهو پنهنجي رب طرفان نوراني آهي.
يعني يقيناً اهو سماج هدايت وارو آهي.

10. سورت زخرف مڪي آهي، 89 آيتون ۽ 7 رڪوع اٿس ۽ پ 25 ۾ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت شاهہ سائين جي دلي لڳاءَ موجب هن سورت جي شروع ۾ بہ روشن ڪتاب جو قسم کنيل آهي. حٰمۤ والڪتاب المبين روشن ڪتاب جو قسم! اسان عربي قرآن کي نازل ڪيو تہ توهان سمجهو (جيئن سماج سمجهي) زخرف معنيٰ طرح طرح قسمين قسمين آرامده سامان جيڪو جلد فاني هجي. زوال پذير هوندو آهي. شروع ۾ ٻانهي کي يا سموري سماج کي قرآن پاڪ جي عظمت جو اشارو ڏنئي. بعد ۾ ان سورت جو مختلف مواد بيان ڪيل آهي تہ ڪوڙن جو انجام ڪهڙو ٿيو. زخرف بي باقي جي دڙي سان دل گهٽ لايو ۽ رب پاڪ طرفان آخرت جون ڀلايون پرهيزگار سماج لاءِ آهن. آيت 35

زخرف جي آيت جي معنيٰ هن طرح آهي: جيڪڏهن توهان دين جي منڪرن کان پڇو تہ توهان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي تہ ضرور چوندا الله تعاليٰ. پوءِ دين اسلام کي ڇڏي ڪيڏانهن اونڌا اُبتا ٿا وڃن.

11. حضرت شاهہ سائين رحہ قرآن پاڪ کي سماج جي هر مسائل جو رهبر مڃڻ واري دعويٰ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سورت سجده ۽ سورت مؤمن جو بہ ذڪر ڪيو آهي. قدرتي طرح انهن سورتن جون پهريون آيتون بہ قرآن پاڪ جي نزول بابت آهن. سماج جي دردن ميٽڻ، سورن لاهڻ جو واحد علاج قرآن پاڪ سان وابستگي تي منحصر آهي. ٻئي سورتون چوويهين پاري ۾ آهن ۽ ٻئي مڪي آهن. سورت مؤمن جي شروعاتي آيت هن طرح آهي: حٰمۤ تنزيل الڪتاب من الله العزيز العليم _ هن ڪتاب جو نزول الله عزت علم واري جي طرفان آهي. آيت 67 ۾ انسان کي پنهنجي اصليت ياد ڏياري ويئي آهي "تہ توهان کي مٽي پاڻيءَ مان پيدا ڪيو ويو آهي". سورت سجده جي ابتدا بہ هن طرح آهي. حٰمۤ تنزيل من الرحمٰن الرحيم هي نازل ڪيو آهي رحم واري مهربان، هي ڪتاب قرآن عربي ... ن آيتون مفصل فرمايون ويون آهن، جيئن سماج سمجهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حزب الله آءِ سومرو

# ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ قرآن پاڪ جون آيتون

سنڌ جي وڏن شاعرن پنهنجي شاعريءَ ۾ قرآن پاڪ ۽ حديث شريف جو مطلب ۽ انهن جا جملا پنهنجي شاعريءَ ۾ آندا آهن، جن ۾ ڀٽائي ۽ سچل اهم آهن. ڀٽائي صاحب جي رسالي بابت ڏاهن جي راءِ اها آهي تہ سڄو رسالو اسلامي تعليمات جو نچوڙ آهي. سندس رسالي ۾ ڪيترين آيتون ۽ حديثون بيان ٿيل آهن ۽ ڪيترا انهن جا عربي جملا بہ ذڪر ٿيل آهن. هتي ڪجهہ اهي بيت ۽ آيتون ڏيان ٿو جيڪي ڀٽائي صاحب شاعريءَ ۾ ڪم آنديون آهن.

(1) آڳي ڪيا اڱڻين، نسورو ئي نور،
لاخوف عليهم ولا هم تحزنون سڄڻ ڪونهي سور،
موليٰ ڪيو معمور، انگ ازلَ ۾ ان جو.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي _ سر ڪلياڻ داستان 1 بيت 11)

فمن اتقيٰ و اصلح فلا خوف عليهم ولا هم يحزنون (اعراف 35)

ترجمو: پوءِ جنهن پرهيزگاري اختيار ڪئي ۽ سڌارو آندو پوءِ انهن تي نہ خوف آهي ۽ نہ اُهي غمگين ٿيندا.

(2) سو ئي راهہ رد ڪري، سو ئي رهنما،
و تعز من تشآءُ و تذل من تشآءُ.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي – سر ڪلياڻ داستان 3 بيت 7)

و تعز من تشآءُ و تذل من تشاءُ، آهي سڀ اتاهين،
ڪيائين رَخت ريزالَنِ جو.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي – سر پرڀاتي داستان 1 وائي)

قل اللهم مالڪ الملڪ توتي الملڪ من تشاءُ و تنزع
الملڪ ممن تشاءُ و تعز من تشاءُ و تذل من تشاءُ بيدڪ
الخير انڪ عليٰ ڪل شيءِ قدير (آل عمران 26)

ترجمو: چئو تہ اي ملڪ جا مالڪ الله! جنهن کي گهرين بادشاهي ڏئين، جنهن کان گُهرين بادشاهي کسين، جنهن کي گُهرين عزت ڏين، جنهن کي گُهرين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي عزت ڪرين. تنهنجي هٿ ۾ ڀلائي آهي، بيشڪ تون هر شيءِ تي وس وارو آهين.

(3) تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي،
فاذڪروني اذڪرڪم، ايءَ پروڙج بات
هٿِ ڪاتي، ڳڙ واتِ پُڇڻ پَرِ پرين جي.

(شاهه جو رسالو علامه آءِ آءِ قاضي – سر ڪلياڻ داستان 3 بيت 13)

عاشقن الله جي، سدا وائي وات
فاذڪروني اذڪرڪم، تن ۾ اِها تات
انهن ڪان ڪي سات، سجڻ ويلَ نه وسري

(شاهه جو رسالو علامه آءِ آءِ قاضي – سر يمن ڪلياڻ داستان 7 بيت 2)

فاذڪروني اذڪرڪم. ڪهيو قرآنا.ڪوڙئين پال ڪريم جا.
واشڪر ولي ولا تڪفرون، ڪيڏتون ڪفرانا. ڪوڙئين پال ڪريم جا.

فاذ ڪروني اذڪر ڪم و شڪرو لي ولا تڪفرون (بقره 152)

**ترجمو:** پوءِ مون کي ياد ڪريو ته اوهان کي ياد ڪريان ۽ منهنجو شڪر ڪريو ۽ انڪار نه ڪريو.

(4) مونا طورِسينا، سدا سناسين،
سجدي ۾ سيد چئي، گوڏا گوڏڙين،
الله ولي الذين آمنوا يخرجهم من الظلمات الي النور، اهڙي پَرَ پُرنِ
خر موسيٰ صعقا، جوڳي جنگ جلنِ،
ما زاغ البصر وما طغيٰ، اهڙيءَ روش رَوَنِ،
ڪل من عليها فان، باقي ڪين بچن،
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ، تا نانگا ائين نمن،
مشاهدو محبوب جو، اتي آديسين،
بي يبصر و بي يسمع، بي وصال وِهن،
بي يمشي بي ينطق، اهڙي چال چلن،
سيد چئي سندين، ڳالَ پُڇين تون ڪهڙي؟

(شاهه جو رسالو علامه آءِ آءِ قاضي – سر رام ڪلي داستان 5 بيت 1)

**آيت 1:** الله ولي الزين آمنوا يخرجهم من الظلمات الي النور (بقره 257)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترجمو: الله مومنن جو دوست آهي، انهن کي اونداهين مان ڪڍي روشنيءَ طرف آڻي ٿو.

آيت 2: فلما تجليٰ ربه للجبل جعله دڪا و خر موسيٰ صعقا (اعراف 143)

ترجمو: جڏهن تنهنجي رب جي جبل طرف جهلڪ آئي ته ان کي ٽڪر ڪري ڇڏيائين ۽ حضرت موسيٰ بيهوش ٿي ڪِري پيو.

آيت 3: (ترجمو) جيڪو ڪجهه ان (زمين) تي آهي، سڀ ختم ٿيندو تنهنجي رب جي نعمتن ۽ عزت واري ذات ئي باقي رهندي.

(5) ڇڏ جاڳوتا جوڳيئين، دونهين ڪا مَ دکاءِ،
واذڪر ربڪ في نفسڪ، اندر آڳ جلاءِ،
جن سَجَڻَ سين ساڃاءِ، تن ڪِينا منو ڪي نه پيو.

(شاهه جو رسالو علامه آءِ آءِ قاضي – سر رامڪلي داستان 9 بيت 14)

"واذڪر ربڪ في نفسڪ تضرعا و خيفته و دون الجهر من القول بالغدو والاصال من الغافلين" (اعراف 205)

ترجمو: پنهنجي رب کي دل ۾ عاجزي ۽ پوءَ سان ياد ڪر ۽ وڏي آواز سان صبح ۽ سانجهي ياد ڪر ۽ غافلن مان نه ٿيءُ.

(6) جَڪري جهو جُوان، ڏسان ڪونه ڏيهه ۾،
مُهڙ مِڙني مرسلين، سرسُ سندس شان،
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ، ميسرُ ٿيس مڪان،
تنهن آڳي جو احسان، جنهن هادي ميڙيم هھڙو.

(شاهه جو رسالو علامه آءِ آءِ قاضي – سر بلاول داستان 2 بيت 16)

نبي پاڪ جي معراج جي حوالي سان آهي ته: فڪان قاب قوسين او ادنيٰ فا وحيٰ اليٰ عبده اوحيٰ (نجم 9 – 10)

ترجمو: پوءِ ٻن ڪمانن جيتري وٿي هئي يا ان کان به ويجهو هو پوءِ ان (الله) کي پنهنجي ٻانهي ڏانهن جيڪو وحي ڪرڻو هو اهو ڪيائين.

(7) ووڙيم سڀ وٿاڻ، يار ڪارڻ جتَ جي،
الله بڪل شيءِ محيطا، ايءَ آرياڻي اهڃاڻ،
سڀ ۾ پنهون پاڻ، ڪينهين پيو ٻروچ ريءَ.

(شاهه جو رسالو علامه آءِ آءِ قاضي – سر سسئي آبري داستان 11 بيت 13)

والله بڪل شيءِ محيطا (نساء 126)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترجمو: ۽ الله هر شيءِ جو گھيرو ڪندڙ آهي.

(8) اڄ بہ وسائي اوٺيين، مٿي مارَڳ ماڪَ
پنهون نياڻون پاڻ سين، تاڙيون پيچي تاڪ
هيهات هيهات لما توعدون، سُڃي ٿي اوطاق،
ڇُڪيءَ چورَي چاڪَ، هاڙهي هوت هلي ويا.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر ديسي داستان 2 بيت 1)

قوم نوح چيو تہ "هيهات هيهات لما توعدون" (مومنون 36)

ترجمو: (الله طرفان) جنهن جو واعدو ڪيو ويو آهي، اهو پري پري آهي.

(9) لاتقنطوا من رحمته الله، پرين چيو پاڻ،
ٻاروچا ٻاجهہ پئي.
ان الله يغفر الذنوب جميعا، سچو اي پَريانُ.
ٻاروچا ٻاجهہ پئي.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر ڪوهياري داستان 3 وائي)

گھڙو پڳو تہ گھوريو آسرو مَ لاهيج،
لاتقنطوا من رحمة الله، ٿُرهي ان تريج،
حبيباڻي هيج، پسين منهن ميهار جو.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر سهڻي داستان 11 بيت 12)

قل يا عبادي الدين اسرفوا عليٰ انفسهم لا تقنطوا من رحمة الله ان الله يغفرالذنوب جيمعا انه هوالغفور الرحيم (زمر 53)

ترجمو: چئو تہ اي منهنجا ٻانهئو جن پاڻ تي ظلم ڪيو آهي، رب جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو بيشڪ الله سڀ گناهہ معاف ڪندو. بيشڪ اهو بخشيندڙ مهربان آهي.

(10) اڄ پڻ اکڙين سين، ڪوئي ڪناڻون،
ماس وراهي هليا، ڪرنگلُ ڇڏياڻون،
وَتواصواَ باالحق وتواصوا بالصبر، ايئين اُتياڻون،
مُئِي مارياڻون، ڪلي گھايو سڄڻين.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر بروو سنڌي داستان 1 بيت 12)

آيت: "والعصر ان الانسان لفي خسر الاالذين آمنوا و عملواالصالحات وتواصوا بالحق وتواصوا بالصبر" (عصر 1 کان 3)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترجمو: زماني جو قسم! بيشڪ انسان نقصان ۾ آهي پر جن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيا ۽ هڪ ٻئي کي سچ جو تاڪيد ڪيو ۽ هڪ ٻئي کي صبر جي تلقين ڪيائون.

(11) الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم،
قالوا بلي، قلب سين، تڏهن تت چيوم،
تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي – سر ماروي داستان 1 بيت 1)

پاٻوهي هيڏانهن مونهان پڇيو سڄڻين،
"الست بربڪم"، چيائون جنهن وار،
سنڌي سورَ ڪنار، تن تڏاهڪون نہ لهي.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي – سر ڪلياڻ داستان 3 بيت 15)

گهيڙ لنگهيو گهاري، ميثاقان ميهار سان،
الست بربڪم قالوا بلي، ٻئِي اها پاري،
ڏيسو ڏيکاري، پِرت پريان جو پيچرو.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي – سر سهڻي داستان 1 بيت 3)

آيت: واذ اخذ ربک من بني آدم من ظهورهم ذريتهم اشهدهم علي انفسهم الست بربکم قالوا بلي (اعراف 172)

ترجمو: جڏهن تنهنجي رب آدم جي اولاد کي سندن پٺين مان پيدا ڪيو ۽ انهن کي پاڻ تي شاهد ڪيائين تہ ڇا مان اوهان جو رب نہ آهيان؟ تہ چيائون ڇو نہ؟

(12) ڏمر پاسو ڏک سين، ڪاند ڪٺوري هوءِ،
والله مع الصابرين، آڳو ايهين چوءِ،

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي – سر يمن ڪلياڻ داستان 8 بيت 14)

آيت: وان يکن منکم الف يغلبوا الفين باذن الله والله مع الصابرين (انفال 66)

ترجمو: جيڪڏهن اوهان مان هزار هوندا تہ الله جي حڪم سان ٻن هزارن تي غالب ٿيندا ۽ الله ثابت قدمن سان گڏ آهي.

(13) اَسين سِڪَ هُون جَنِ، کي اسين پڻ سي ئي،
لم يلد ولم يولد، اوڏانهن وڃ پيهي،
ٿهان منجهيئي، پارِکَ، پرکج حق کي.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي – سر آسا داستان 4 بيت 7)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ ڪنهن ڄايو ڄام ڪي، نڪو ڄام وياءُ
ننڍيءَ وڏيءَ ڳنڍريءَ، سيئن آهہ سِياءُ،
لم يلد ولم يولد، اي نجابت نياءُ،
ڪبر ڪبرياءُ، تخت تماچي ڄام جو.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي – سر ڪاموڏ داستان 2 بيت 13)

چَڙنِ چُٽڪن چِٽَ ۾، وساريان ڪين وري،
ڳَنَا عهدَ، اَلست جي، ڪ تهائين پري،
لم يلد ولم يولد، مارئي ڪوهہ ڪري،
اڄ ڪ ڪالهہ مري، ساري سانبيڙن ڪي.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي – سر مارئي داستان 5 بيت 1)

آيت: قل هو الله احد الله الصمد! لم يلد ولم يولد ولم يكن له كفوا احد ! (اخلاص 1 کان 4)

ترجمو: چئو تہ الله اڪيلو آهي. الله بي نياز آهي، نہ ڪي ڄڻيائين ۽ نہ اهو ڪنهن مان ڄائو ۽ ڪو بہ سندس برابر نہ آهي.

(14) صلحُ جن سجڻ سين، سيجَ ماڻيندا سي،
الذين آمنوا و كانوا يتقون، ان پَر اُيا جي،
نيئي نُونڊنِ تي، ڏکي ڇِتي چاڙهيا.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي – سر آسا داستان 4 بيت 46)

آيت: الا ان اولياءَ الله لا خوف عليهم ولا هم يحزنون الذين آمنوا وكانوا يتقون (يونس 62)

ترجمو: خبردار بيشڪ الله جي دوستن کي نہ خوف آهي نہ اهي غمگين ٿيندا، اِهي اُهي آهن جن ايمان آندو ۽ پرهيزگاري ڪيائون.

وَلَسوف يعطيڪ ربڪ، توسين قادر ڪيا قرار
آهين ڪرم ڪريم جا، احمد ساڻ اُپار،

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي – سر سارنگ داستان 3 وائي)

نبي پاڪ صہ لاءِ چيو ويو تہ: ولسوف يعطيڪ ربڪ فترضيٰ (صحيٰ 5)

ترجمو: ۽ جلد تنهنجو رب توکي (ايترو) ڏيندو جو تون خوش ٿي ويندين.

(16) ڪل نفس ذائقة الموت، پڙهو ايءَ پچار،
توکي آرسُ آڪڙين ۾،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يوم يفر المرءُ من اخيه، جت پڇندا يار،
توکي ٿ رسُ آکڙين ۾.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر سريراڳ داستان 3 وائي)

آيت 1: كل نفس ذائقة الموت (آل عمران 185)

ترجمو: هر ساهوارو موت جو ذائقو چکندو.

آيت 2: يوم يفر المرءُ من اخيه و امه و ابيه صاحبته و بنيه (عبس 34_35_36)

ترجمو: ان (قيامت) ڏينهن ماڻهو پنهنجي ڀاءُ، پنهنجي ماءُ، پنهنجي پيءُ، پنهنجي گهرواري ۽ پنهنجي اولاد کان پري ڀڄندو.

(17) هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪُههِ پرياڻ،
ونحن اقرب اليه من حبل الوريد، تنهنجو توهين ساڻ
پنهنجو آهي پاڻ، آڏو عجيبن کي.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر سسئي آبري داستان 10 بيت 10)

قسمت قيد ڪياس، نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾،
ونحن اقرب من حبل الوريد، وطن آءُ ويندياس،
مارن کي ملندياس، ڪوٽيون ڇڏي ڪڌهين.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر مارئي داستان 1 بيت 9)

الله تعاليٰ جي باري ۾ آيو آهي تہ: ونحن اقرب اليه من حبل الوريد (ق 16)

ترجمو: ۽ اسان ان (انسان) کي ان جي ساهہ جي رڳ کان بہ ويجها آهيون.

(18) هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪوهہ پهي،
وفي انفسكم افلا تبصرون، سوجهي ڪر سهي،
ڪڏهن ڪا نہ وئي، هوتُ ڳولڻ هَٿ تي.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر سسئي آبري داستان 11 بيت 12)

وفي انفسكم افلا تبصرون (ذاريات 21)

ترجمو: ۽ اوهان ۾ بہ (نشانيون) آهن پوءِ ڇو نٿا ڏسو؟

(19) ڪونهي قادر ڪو ٻيو انهين جو آياڳ،
"قل لن يصيبنا الا ماكتب الله لنا" ايءُ معنيٰ ماڳ،
سيوئي سياڳ، مارئيءَ مساويٰ ٿيو.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر مارئي داستان 5 بيت 11)

قل لن يصيبنا الا ما كتب الله لنا (توبہ 51)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ترجمو:** چئو تہ جيڪي الله اسان لاءِ لکيو ان کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ پهچندو.

نڪا "ڪُن فيڪون" نڪا مورت ماهہ،
نڪا مُڏ ثواب جي، نڪو غرض گناهہ،
هيڪائي هيڪ هُئي، وحدانيت واهہ،
لکيائين لطيف چئي، ان ڳجاندر ڳاهہ،
اڪين ۽ ارواح، اها ساڃاءِ سپرين.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر مارئي داستان 1 بيت 2)

نڪا "ڪُن فيڪون" هئي، نڪا هُنگَ نہ هُون
سجڻُ تنهن ساعت ۾، بيٺي ڏنوسون
مون تن تڏاهَڪون، مِلي ملاقات ڪِي.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر مارئي داستان 1 بيت 3)

نڪا "ڪُن فَيڪون، جڏهن خلقيا روح خداءِ،
گڏ جت گُذرانُ هُئو جڙ لڳي تنهن جاءِ،
ماروئڙن ساڃاءِ، سائي آهي سومرا.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر مارئي داستان 1 بيت 4)

جڏهن "ڪن فيڪون" من تڏهانڪون مارئين،
تون ڪيئن وجهين تن کي، سومرا شڪُون،
هميرن هَڪُون، جاڙ جُسي کي پاتيون.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر مارئي داستان 1 بيت 7)

ساهڙ جا سينگار، اڻ ڏنا اڳي هيا،
نڪا "ڪن فيڪون" هئي، نڪا ٻي پچار،
ملڪنئان مَهند هُئي، توڏيءَ جي تنوار،
محبت ساڻ ميهار، لايائين لطيف چئي.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر سهڻي داستان 1 بيت 1)

سهڻيءَ کي سينگار، اڻ ليکيا اڳي هئا،
ڪُن فيڪون ڪانہ هئي، نڪا ٻي پچار،
مَرڪي ساڻ ميهار، لايائين لئون لطيف چئي.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر سهڻي داستان 1 بيت 2)

**آيت:** واذا قضي امرا فانما يقول له کن فيڪون (بقره 117)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ترجمو:** ۽ جڏهن ڪو ڪم ڪرڻ چاهي ٿو پوءِ بيشڪ ان کي چوي ٿو تہ "ٿيءُ" تہ ٿي پوي ٿو.

(20) ڪونهي قادر ڪو ٻيو انهين جو آياڳ،
قُل لن يصيبنا الا ما ڪتب الله لنا اي معذرت ماڳ،
سيوئي سياگ، مارئيءَ مساوي ٿيو.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي- سر مارئي داستان 5 بيت 11)

**آيت:** قل لن يصيبنا الا ما ڪتب الله لنا (توبہ 51)

**ترجمو:** چو تہ جيڪي الله اسان لاءِ لکيو ان کانسواءِ ڪجھہ نہ پهچندو.

(21) ڇَرَنِ ڇُٽِڪَن ڇِتَ ۾، وساريان ڪين ورن،
لَيس ڪمثله شيءُ، پسڻ ناهہ پرين،
پکا پهنوارن، نيئي آڏيا ناهِ ۾.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر مارئي داستان 8 بيت 3)

(22) گهڙي گهڙو هٿ ڪري، ٻهون. نهاري ٻُنگ،
وَ اَما من خاف مقام ربه، اي لنگهيائين لنگهہ،
سڪنديَنِ کي سيد چئي، ڪين جهليندو جهنگہ،
رات جنهين جو رنگ، الا سي اڪارئين.

(شاهہ جو رسالو علامہ آءِ آءِ قاضي — سر سهڻي داستان 11 بيت 2)

آيت: وَ اما من خاف ربه و نهي الفنس عن الهويٰ فان الجنته هي الماويٰ (نازغات 40 — 41)

**ترجمو:** جيڪو پنهنجي رب آڏو بيهڻ کان ڊنو ۽ نفساني خواهشن کي جهليائين پوءِ بيشڪ جنت ان جي جاءِ آهي.

(23) هُئي هدايت حُر کي، ازل ۾ اصلا،
چڙهي آيو جنگ تي، هَلي هن پارا
ايندي چيائين امام کي، گهوريُس اوهان مٿان،
لا يکلف الله نفسا الا وسعها، جيڪا پڄنديم سا،
گهوٽ لڳا گهاءَ، سو پڻ شير شهيد ٿيو.

(شاهہ جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي — سر ڪيڏارو داستان 5 بيت 7)

**آيت:** لا يکلف الله نفسا الا وسعها (بقره 286)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ترجمو: الله ڪنهن تي سندس طاقت کان وڌيڪ بار نٿو رکي.

(24) ڳُوڀا ڪلي ڪوڏيا، راوَتَ ڪين رهن،
سائِنِ سِر فدا ڪيا، اڳِيان امامن،
يجاهَدون في سَبيل الله، ڪمُ اهو ٿي ڪن،
حورون هار ہڏن، سهرا شهيدن ڪي.

(شاهہ جو رسالو ڪلياڻ آڏواڻي – سر ڪيڏارو داستان 6 بيت 3)

خدا جي پسنديده ٻانهن بابت آيو آهي تہ "اذلته علي المؤمنين اعزة علي الڪافرين يجاهدون في سبيل الله ولا يخافون لومة لائم" (مائده 54)

ترجمو: مؤمنن لاءِ نرم ۽ ڪافرن تي سخت آهن. الله جي راهہ ۾ جهاد ڪن ٿا ۽ ملامت ڪندڙ جي ملامت کان نٿا ڊڄن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الهنواز رڪٽائي

# لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻولي ۽ سماج جو عڪس

شاعري جز پيغمبري آهي، ”شاعر تلاميزالرحمان“. شاعر خدا جي شاگرد آهن. ان ڪان اڳي عبراني زبان جو هڪ لفظ ”وهيتز“ جيڪو هڪ شاعر ۽ نبيءَ لاءِ استعمال ٿيندو هو. نبي لاءِ الڳ لفظ يونان جي ڪنهن خطي ۾ ٻيو ڪو نہ ملندو هو. ساڳئي لفظ سان شاعر کي بہ سڏيو ويندو هو ۽ نبيءَ لاءِ ساڳيو لفظ ڪم آڻيندا هئا. شاعر آسمان تان نہ آيا آهن. هو ڌرتيءَ ڄاوا آهن. ڌرتيءَ جي سماج، ادب، تاريخ سان واڳيل آهن. سچو شاعر اهو آهي. جيڪو ڌرتيءَ سان واڳيل آهي. هو ڌرتيءَ جي سماجيات، اقتصاديات ، سيپتا، تمدن ۽ ثقافت سان نپاهيندو ايندو آهي. هر شاعر پنهنجي ٻوليءَ سان پيار ڪندو آهي. جيڏو پنهنجي نينهن جو نياءَ ڌرتيءَ سان ڪندو آهي، اوڏي ئي وڏي مچتا ماڻيندو آهي. ڇاڪاڻ هر مهانتا ماڻيل شاعر پنهنجي ٻوليءَ سان سلهاڙيل هوندو آهي. هر مڃيل شاعر جي شاعريءَ ۾ ٻوليءَ جي ارتقا جو اهڃاڻ موجود هوندو آهي. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو آهي.

هر زبان جا عظيم شاعر پنهنجي ٻوليءَ جي ارتقا جا ٿنڀا هوندا آهن. لطيف سائينءَ سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا جو رکوالو آهي. چو تہ لطيف سائين جي شاعريءَ ۾ مخصوص انفراديت آهي، جيڪا ايندڙ دؤرن ۾ انفراديت جي ڇاپ ڇڏي ويندي. لطيف سائينءَ جو رسالو سنڌي ٻوليءَ جي بقا جو اهڃاڻ آهي. سندس شاعريءَ ۾ ٻوليءَ ۽ ثقافت جو ڪيڏو نہ دائمي بچاءُ رکيل آهي. ان ڪري سنڌي ماڻهو سمجهي ٿو تہ سنڌ لطيف آهي ۽ لطيف سنڌ آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت ۾ فطري سگهہ آهي. جنهن جو مثال فخر سان پيش ڪري سگهجي ٿو. جيئن خليفي حضرت عمر جي وقت ۾ ايران فتح ٿيو تہ پارسي جا اسي سيڪڙو لفظ عربيءَ سمائجي ويا. سنڌ تي تقريبن ٽي سؤ سال عربن جي حڪومت رهي پر ڏهہ سيڪڙو نج عربي لفظ بہ سنڌي پاڻ ۾ سمائڻ نہ ڏنا. اها هُئي ٻوليءَ جي فطري سگهہ. جا پاڻ کي بچائي آئي. عربي الفظ قدري ٻوليءَ ۾ مدرسن جي زبان ۾ آيا نہ تہ عام مسلمان فقط قرآن شريف پڙهي سگهيا ٿي. مدرسن مان عالم دستاربنديون ڪري نڪتا جن عربي پارسيءَ ۾ ڪتاب لکيا. پر اهي تہ چند ماڻهو هئا. نہ تہ ان وقت جا اديب، شاعر نيٺ سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکندا رهيا ۽ شاعري ڪندا رهيا. پير



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صدرالدين آيتن کي گنان ۾ آڻي نون مسلمانن کي نماز ۾ پڙهڻ واريون آيتون گنانن ۾ سيکاريون. شاهہ ڪريم جو هڪ بيت آهي.

"ڪڏيون ۽ ڪروتون اي پڻ سڳرتوڪ"

"ڪڏي" مسجد ننڍيءَ کي چيو ويو آهي ۽ "ڪروُت" خلوت لفظ کي چيو ويو آهي. خود لطيف سائين پنهنجي شاعري ۾ پڻ اهڙا لفظ ڪم آندا آهن. لطيف سائين جي دؤر تائين عربي لفظن جي اصليت گم ڪري ڇڏي وئي. بيت جي هڪ سٽ نموني لاءِ پيش ڪجي ٿي.

"ڪونهي ڪميٽيءَ جو بگر تو بلو"

اگر بگر لفظ جي جاءِ تي لطيف سائين بغير لفظ ڪم آڻي ها تہ ڇند ۾ ڦيرڦار ڪار نہ ٿئي ها. معنيٰ بہ ساڳي قائم رهي ها. بغير کان سواءِ ۽ بگر بہ ساڳئي معنيٰ ۾ آندل آهي. مان اڳ بہ اهو ئي عرض ڪيو آهي تہ اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ کي صدين کان فطري سگهہ آهي. مذهبي اخلاقي قدرن جي ٻي ڳالهہ آهي. شاهہ سائينءَ کان اڳي وارن شاعرن بہ بيت وايون، ڳاها گنان لکيا آهن. پر ٻوليءَ جي خدمت ۽ ٻوليءَ جي ارتقا جا اهڃاڻ جيڪي لطيف جي شاعريءَ ۾ آهن، اهي اڳ گهٽ ملندا. شاهہ سائينءَ سنڌي ٻولي بيپناهہ محبت سان پنهنجي شاعريءَ ۾ آندي آهي. شاهہ سائين جي دؤر ۾ سنڌ ۾ عالمانہ شاعري پارسيءَ ۾ ٿيندي هئي، ڪلهوڙن جي دؤر ۾ سندن نوازيل ۽ درٻاري شاعر پارسيءَ ۾ شعر چوندا هئا.حڪمرانن، لطيف سائين کي درٻار ۾ آڻڻ چاهيو مگر لطيف سائين سنڌيءَ ۾ شاعريءَ ڪرڻ کي فخر ٿي محسوس ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو لطيف سائين کي 260 سال گذري ويا آهن. پر سندس مڃتا اڳي کان اڳري رهندي اچي ٿي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ شاع جي فڪر ۽ شاعريءَ تي ڪم دير سان ٿيو آهي، اڳ عقيدتمنديءَ جي ڪري لطيف سائين کي صرف ولي الله ۽ درويش سمجهندا هئا. تبرڪ طور سندس شاعري پڙهندا هئا. زنده قومون پنهنجي عظيم ڪلاسيڪل شاعرن جيڪي سندن قومي ورثو هوندا آهن انهن کي پڙهنديون ۽ پروڙينديون آهن. انساني علمي سرمائي ۾ اضافو ٿيندو رهي ٿو جيئن سائنس وقت گذرڻ سان نيون نيون ارتقائون ڪندي رهي ٿي تيئن ادب ۽ فن ۾ تنقيدي رجحانات ڪافي ارتقا ڪري آيا آهن. ادب، فن، شاعريءَ جي پرکڻ جا بہ نوان نوان طريقا اپنايا ويا آهن. لطيف سائين جي شاعريءَ ۾ جيڪي خوبيون آهن. اهي بلندين تي بيٺيون آهن، جنهن کي ڪلاسيڪل ڪو بہ شاعر اجا ڇهي نہ سگهيو آهي. لطيف اهو انوکو ڪلاسيڪل عظيم شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعريءَ ۾ سماج کي اڳتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڻڻ جو عظيم ڪارنامو سر انجام ڏنو آهي. لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ فڪري اڏامر سان گڏ - سنڌ جي ثقافت, تاريخ, جاگرافي ۽ سماج سڌارڻ جي ڳالهہ ۽ ريتون رسمن جي اپٽار ڪيل آهي. لطيف سائينءَ جي سورمين ۽ سورمن جا داستان, تاريخي داستان آهن. انهن داستانن جا ماڳ مڪان سنڌ جي جاگرافي آهن. سماجي حالتن جا عڪس لطيف سائينءَ جي شاعريءَ ۾ هر جاءِ تي ملندا.

## سر يمن ڪلياڻ:

سر يمن ڪلياڻ ۾ لطيف سائين موکيءَ ۽ متارن جو ذڪر آندو آهي. اها بہ تاريخ آهي. "موکي" مومل جي ٻانهي ناتر جي ڌيءَ هئي. مومل جي ماندارڻ ڪاڪ محل جي تباهہ ٿيڻ کان پوءِ ناتر هيبت خان گولي سان شادي ڪئي, جنهن مان چار ڌيئر پيدا ٿيس. موکي ۽ سونڻ کي گڏاپ جي پرسان شراب خانو ڪولي ڏنو ويو جتي مئخار ايندا هئا موکي تن کي شراب پياريندي هئي. لطيف سائين موکي ۽ متارن جو قصو سر يمن ڪلياڻ ۾ آندو آهي.

آئي اتر واءُ, موکي مٽ اپٽيا,
متارا تنهن ساءَ, اچن سر سٿياهيو,
**يمڻ ڪلياڻ**

"متارا" لطيف سائين انهن پرهہ جي پياڪن کي چيو آهي, موکي جن کي نانگ جو زهر ملايل شراب پياريو هو متارا شراب پيئڻ سان مري ويا. جن جو تعداد ست هو. انهن جي مرڻ جي ڊپ کان موکي مئخانو ڇڏي پاڻ بچائڻ لاءِ گم ٿي وئي. چون ٿا تہ اڄ بہ گڏاپ پاسي ديهون ناتر جي ڌيئرن جي نالي آهن.

## سر ڪنيات:

هي سر بہ گجرات رياست جي هڪ نار جو نالو آهي. ان وقت اهي ماڳ سنڌ ۾ هئا.

## سر سريراڳ

هن سُر ۾ سمنڊ جي ڏيساور وڻج واپار جو ذڪر ڪيل آهي جيڪا ان زماني جي وڻج واپار جي تاريخ آهي. اهڙي طرح سر سامونڊيءَ ۾ انهن ٻيڙن ۽ ٻيڙياتن جي تاريخ, سنڌن وهين جا ورلاپ سنڌن ريتون رسمون ٻيڙياتن جي ثقافت, لطيف سائينءَ عجيب انداز ۾ پيش ڪئي آهي. جيئن پڳهہ, ننگر, ناتاريون, سڙهہ, لاڄو سکان, ڪوها, ڪنڊ, هوائن ۽ موسمن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذڪر ڪيو آهي. وڻجارن جي اچڻ وڃڻ جون مندون پاڻ بيان ڪيل آهن، جيئن بيت آهي.

اتر لڳي اوهريا، واهوندن ورن
سر ساموندي
سر نسريا پاند، اتر لڳا آءُ پرين
مون تو ڪارڻ ڪانڌ، سهسين سڪائون ڪيون
سر ساموندي

هيٺ ڏنل بيتن ۾ وڻجارن جي انهي دؤر جون خاص ريتون آهن.

جر تڙ ڏيا ڏئي، وڻ تڻ ٻڌي وائٽيون،
الا! ڪانڌ اچي، آسائتي آهيان.
سر ساموندي
جا جر جاتون، نہ ڏئي، ڏيا نہ موهي،
سڏون ڪوهہ ڪري، سا پنهنجي ڪانڌ جون.

انهن ريتن رسمن جو بہ ڪيڏي نہ سُٺي انداز ۾ شاهہ سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ ذڪر آڻي انهن قديم رسمن جي تاريخ سانيي ڇڏي آهي. ان طرح سر سهڻيءَ ۾ بہ درياهہ جي "ٻڙن- ڪنن" جو ذڪر ڪري ان دؤر جي درياهي وهڪرن، پاڻڪ ۽ پائيندڙ اتانگ ڪپرن جو ذڪر آڻي درياهي تاريخ کي آندو ويو آهي. لطيف سائين هر سُر ۾ ننڍڙين شين کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترو نہ مٿاهون ڪري وڃي ٿو. "پاندُ" اڏ ڪانيءَ کي چئبو آهي، جيڪا ٻيٽ جي واريءَ ۾ لتجي ويندي آهي ۽ ٻي سٽي ٿي پوندي آهي. هلڪي هئڻ ڪري ترندي آهي. هڪ هنڌ فرمائي ٿو.

ڪڙ ڪڙ ڪن مَ وڃ، ٻانڊي ٻوڙ مَ ٻار ۾،
سر سهڻي

ان طرح هر سُر ۾ لطيف سائين سنڌ ۽ سنڌين جو ذڪر آندو آهي، مثال طور: ڪاتيارن، ڪاسبين، ٻيڙياٽن ملاحن، مهاڻن، ٻونڊين، مڏن، مڪڙن، ريلن، سيرن، ساندارن وغيره.

سسئيءَ جي پنجن سُرن ۾ بہ ٽڪرن، ٽوڙن، ڇپن، پهڻن، جبلن، ڏونگرن، ڪانيو ڪاري، پٻ، هالار لڪن، لڪن، هاڙهي، حب نين جو ذڪر آڻي، انهن ماڳن مڪانن جي تاريخ ۽ جاگرافي شاعريءَ ۾ آڻي ڪوزي ۾ درياهہ کي بند ڪيو آهي.

لطيف سائينءَ سر مارئيءَ ۽ سر ڪاموڏ ۾ پکن جو ذڪر ڪيو آهي. انهن پکن ۽ محلن جو فرق طبقاتي دؤر جو جيئرو جاڳندو اهڃاڻ آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن مارئي چوي ٿي.

"پکن جي پريت، محلين ڏئين مٽيان."

يا سر ڪاموڏ ۾ لطيف سائين چيو آهي.

پکا پکاريو چار تماچي آئيو

گوندر لاهيو گندريون آتڻ اجاريو.

**سر ڪاموڏ**

اڳيئن دؤر کان مارو ماڻهو پکن ۾ گهاريندا هئا. پکا ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪ قسم سُر وارين تيلين مان ٺهندو آهي. ٻيو قسم ڀَن جي ڪانين مان ٺهندو آهي. ٻيو قسم پهرين قسم کان مضبوط هوندو آهي. غريب مهاڻا بہ برسات يا گرميءَ ۾ وڏن ٻيڙين جي ڪنجن جي ٻندولن ۽ ٻيڙيءَ جي لڪ مٿان پکا هڻندا آهن ۽ ننڍين ٻيڙين جي منجهڻ مٿان بہ پکا هڻندا آهن. لطيف سائين جي فڪر ۽ ٻوليءَ جي محاورن کي ڏسو شاعريءَ ۾ ساگر پائي چڏيو اٿن. هنرمندن جو ڀرپور ذڪر آڻي انهن کي جڻ تہ همٿايو ويو آهي. لوهار، ڊکڻ، ڪوري، ڪتي، هر ڪاسبيءَ کي ڪيڏو نہ مرتبو بخشو اٿس.

هلو هلو ڪورئين نازڪ جن جو نينهن

ڳنڍين سارو ڏينهن، چنڻ مور نہ سکيا.

هو چنن تون مَ چن، پاءَ اُميري ان سين

او اوڳڻ ڪنئي، اسهين تون ڳٽيا ڳن

پاند جهليو پئي پن، اُن سونهاري سگ سين.

تصوف: لطيف مغلن جي زوال واري دؤر ۾ پيدا ٿيو. 11 سالن جي عمر جا ٿيا تہ سرمد جو سر اورنگ زيب قلم ڪرايو مُراد ۽ دارا شڪوه کي قتل ڪرايو جيڪي اورنگزيب جا ڀائر هئا. اورنگ زيب بادشاهہ جنهن، زوري مسلمان ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو هو ان مغلن جي حڪومت کي زوال تي پهچايو.

لطيف سائين بہ زرعي، سماجي دؤر ۾ پيدا ٿيو هو جڏهن پراڻو جاگيرداراڻو نظام صدين کان رائج هو. اخلاقي قدر ساڳيا ئي زرعي جاگيرداراڻي سماج وارا هئا. اڄا تائين هن مشيني دؤر ۾ جاگيرداري نظام ۾ تبديلي نہ آئي آهي. جمهوريت، حقيقيت پسندي ۽ سيڪيولرزم چڱي طرح رائج نہ ٿي سگهيو آهي. اهڙي تبديلي مدت کان اچي ٿي سگهي پر وقت گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لطيف سائين جي 11 سال عمر ۾ هندستان ۾ ٻن نظرين جي جنگ شروع ٿي. تصوف جي نظريي سان اورنگ زيب عالمگير ۽ ر سخ عقيده دارا شڪوه جي وچ ۾ هئي. دارا شڪوه، سرمد جي عقيدي مندي قبولي هئي، ان دؤر ۾ شيخ اڪبر محي الدين ابن عربي ۽ امام رباني مجدد الف ثانيءَ جي فلسفن ۾ ٽڪراءُ هو. امام رباني جو قول آهي تہ غير مسلم جي ذلت ۾ اسلام جي عزت آهي. فلسفي جو اڪثر حصو بيوقوفي آهي. رياضي علم لاديني ۽ بيهودائي آهي. اورنگزيب جي پٽ معزالدين ميان دين محمد کي ساٿين سميت فريب سان قتل ڪرايو هو. لطيف جي 28 سال عمر هئي تہ جهوڪ جو شاهہ عنايت، جنهن جاگيرداري نظام جي مخالفت ڪئي ۽ کيڙي سوڪائي، جو نعرو هنيائين، کيس شهيد ڪيو ويو.

لطيف سائينءَ وحدت الوجود جي نظريي کي قبول ڪيو. وحدت الوجود جي ٻئي پاسي وحدت الشهود جو نظريو ڪڙو ٿيل هو. لطيف سائين مذهبي خاندان جو فرد هو مذهبي عقيده شاعريءَ ۾ آندا آهن.

اول الله عليم، عاليٰ عالم جو ڌڻي

يا

وحده لا شريڪ لہ، جان تو جيئن ائين،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نينهن.

ڪلياڻ

وحدانيت ۽ رسالت جو شاهہ سائين پرچار ڪيو آهي. پر لطيف سائينءَ جا صحبتي ها، انهن جي صحبت ۾ پاڻ وحد الوجود جو قائل هو. پاڻ 28 سالن جي عمر کان مرڻ تائين سنڌ ۾ تبديلي آڻڻ جي وڏي خواهش رکندو هو ۽ 50 سال کان 63 سالن تائين حقيقت پسندي ڏسندو رهيو جنهن ۾ سماجي تبديليءَ جا آثار کيس ڏسڻ ۾ آيا. ان ڪري انقلابي بيت لکيا اٿس. جيئن هي بيت.

نہ سي وونئڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتياريون،
پَسيو بازارون، هينئڙو مون لُوڻ ٿئي.

يا هي بيت شاهہ سائينءَ جو ڏسو جنهن ۾ ڪيڏي نہ وڏي انقلابي ڳالهہ ڪيل آهي.

ڏکي ۽ ڏڪار، تو ڪيئن ياڳي آئيو
پورهيت هٿ سُڪار تو وس آهن هٿڙا.

لطيف سائين هڪ پورهيت کي چئي تہ تنهنجي ياڳي هي ڏڪار ڪيئن آيو. پورهيت جي هٿ ۾ تہ سڪار آهي، ڇا تنهنجي وس اهي هٿڙا بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ناهن رهيا ڇا؟ انهن تي ڪن پرمارن جو هٿ آهي ڇا. لطيف سائين تہ سماج سڌارڻ لاءِ بہ ڇا نہ چيو آهي. هڪ عورت کي ور ۽ ڪر ۾ تفاوت لاءِ ڪهڙو نہ مثال ڏئي سمجهائي ٿو.

وَرَ سين وڃهيو ڪاڻ، ڪرسين ڪلڻ پائين.
پوري مُنڌَ اڃاڻ، ڳڙ ڇڏيو ته ميڙئين.

سرڏهر

لطيف سنڌي ماڻهن جي سماج ۽ سياڻن جي املهہ قولن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آڻي امر بنائي ڇڏيو آهي.

هوَ چوڻ تون مَ چئو، واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو کائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

اسان جا سنڌي ماڻهو اڄ بہ چوندا آهن جيڪو مڙيو سو جڙيو اڳيو تصور سماجي جهيڙن لاءِ لطيف آندو آهي. سماجي آزاديءَ جي ڳالهہ لطيف سائين ڪيئن نہ ڪرڻ فرمائي ٿو.

جو تو پارسي سکيو گولو تان غلام،
اڃو آب گهري بکيو گهري طعام،
سو عامن سندو عام، خاصن مان نہ ٿيو.

جو پارسي سکيو سو گولو ٿيو غلام، سماجي گهرجون فطري گهرجون آهن، اڄ لاهڻ، پيٽ پلڻ، بک پلڻ فطري گهرج آهي. جيڪو آزادي کي گنوائي ٿو اهو عام ماڻهو آهي ان کي خاص ۾ شمار نٿو ڪري سگهجي. لطيف تصوف کي جڏهن پنهنجو مسلڪ بنايو پوءِ سماج ۾ تبديلي آڻڻ تي گهري، هر سر ۽ هر داستان ۾ تصوف جو رنگ سمايل آهي.

**مددي ڪتاب**

شاهہ جو رسالو

شاهہ جي شاعري: تنوير عباسي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حافظ حبيب سنڌيؔ

# چولي ٻولي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو باهمي تعلق

الله رب العزت اسان جي وطن عزيز کي دنيا جي هر نعمت سان نوازيو آهي. اسان وٽ وڻ، ٽڻ، ٻرپٽ، بيابان، جابلو علائقا، ريگستان، واهڻ، وَستيون، درياءَ، سمنڊ، نديون، نالا، ڍنڍيون، ڍورا ۽ چشما پڻ موجود آهن. ٻئي طرف اسان وٽ هر قسم جي مقامي ثقافت ۽ تهذيب پڻ پسجي ٿي. ان کان سواءِ اسان تاريخي طور پنهنجي چئني صوبن ۾ تاريخ وتمدن جا آثار پڻ رکون ٿا ۽ وڏي ڳالهہ اها جو اسان جي هر صوبي جي پنهنجي ٻولي آهي. ثقافت آهي ۽ هر حصي جي ٻوليءَ ۾ قسمن، قسمن جا ڏار ڏار لهجا ۽ هر طرح جا اصطلاح بہ موجود آهن. ليڪن انهن چئني صوبن جي ٻولين ۽ مختلف النوع لهجن ۾ هڪ فطري ۽ قدرتي ميلاپ، تعلق ۽ هڪجهڙا ئي لڌي وڃي ٿي.

اڄ اسان هتي سنڌي ٻوليءَ ۽ پنجاب صوبي جي ريگستاني علائقي "چُولستان" جي باهمي تعلق ۽ لفظن ۽ معنائن جي هڪجهڙائي جو ذڪر ڪنداسون. جيئن اسان متي ذڪر ڪري چڪا آهيون تہ اسان جي وطن عزيز پاڪستان جي جملي حصن ۾ هڪ قدرتي اشتراڪ لڌو وڃي ٿو اهڙيءَ طرح انهن صوبن جي سر زمين ۾ پڻ هڪ قسم جي يڪسانيت لَڀجي ٿي، لباسي ثقافت ۽ ٻولي، رهڻي ڪرڻي بہ هڪ جهڙي لڌي وڃي ٿي.

اسان جي وطن عزيز جي حصي ۾ ورهاڱي وقت بہ وڏا ريگستان ان جي ڀاڱي ۾ آيا، جيڪي اڄ جي پاڪستان جا وڏي ۾ وڏا "ريگستان" ڪوٺيا وڃن ٿا. جيئن پاڪستان جي ورهاڱي واري رپورٽ ۾ لکيو ويو آهي تہ پاڪستان جا بہ وڏا ڀاڱا ريگستان آهن. ايرندي ڀاڱي ۾ "ٿر جو تمام وڏو ريگستان آهي". هيءُ ريگستان اوڀر ۾ وڃي ڀارت جي وسيع تر ريگستاني علائقي "راجستان" سان ملي ٿو تنهن ڪري سنڌ جو تمام وڏو حصو هن ريگستان ۾ اچي وڃي ٿو. پاڪستان جي بهاولپور ڊويزن ۾ هن ريگستان کي "چولستان" چيو ويندو آهي. پاڪستان جي ٻئي رڻ پٽ کي "ٿَل جو ريگستان" چوندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنجاب ۾ بهاولپور ڊويزن جي ريگستان، چولستان جي سڃي سرزمين ۽ ان جي طبعي حالت اُتي جي ماڻهن جي رهڻي، ڪرڻي، تهذيب و ثقافت، توڻي ٻولي به اسان جي سنڌ جي هن ريگستان "ٿر" سان بلڪل ملي جُلي ۽ مُشابه آهي، بلڪ انهن جو باهمي تعلق اهڙو ته لڳي جهڙوڪ ڪي ٻه جاڙا ڀائر هجن. جن هڪ ئي ماءُ جي پيٽان جنم ورتو هجي، جو هڪ ڪي لڪائي ٻيو ڪيڏجي ته ڏارئي ۽ اڻ واقف ماڻهوءَ کي ويساھ ئي ڪو نه ايندو. چُولي باشندن جي ڳالهائڻ جو طور طريقو ۽ گفتگوءَ جي انداز ۽ لهجي جو استعمال به بلڪل ٿرين جهڙو آهي.

چُولستان جي زبان جي مطالعي مان بخوبي اندازو ٿئي ٿو ته چُولي ٻوليءَ جو سنڌي زبان سان هڪ گهرو رشتو آهي. اسان هتي سنڌي ٻوليءَ ۽ چُولي ٻوليءَ جا چند لفظ پيش ڪندا سون.

1. (الف): چولي زبان ۾ اسم خاص طور ڪتب آيل ڪي لفظ:

اهڙا ڪافي لفظ ملن ٿا جيڪي سنڌيءَ زبان ۾ پڻ ساڳي طرح بلڪل سنڌي وانگيان انهن نالن جو استعمال ٿئي ٿو: مثال طور

1. سَانول: نالو آهي، چُولي زبان ۾ به سنڌيءَ وانگر، پڪارجي، لکجي ۽ ڳالهائجي ٿو ليڪن چُوليءَ ۾ وري صرف "ن" جو استعمال ڪو نه ٿو ٿئي، چُولي ۾ اهو لفظ "ساوَل" ڳالهائجي ٿو.
2. پُنهَل: هيءُ به نالو آهي چُوليءَ ۾ هن لفظ اندر به "ھ" جو استعمال ڪو نه ٿيل آهي. چُولي ڳالهائڻ وارا رڳو "پُنَل" چَون.
3. ملوڪان: هيءُ به نالي طور ڪتب اچي ٿو ۽ هن لفظ جي صورتخطيءَ ۾ ڪو به ڦير يا لفظي فرق نه آهي، چُولي زبان ۾ به "ملوڪان" لِکن، پڙهن ۽ چون.
4. ڀاڳي: هن لفظ يا نالي ۾ اُردو اُچار وانگيان "ڀ" بَدران اردو "بِھ" استعمال ٿيل آهي. چُولي زبان ۾ "بهاڳي" چَون هن ۾ وري "ڳ" بجاءِ "گ" آيل آهي. ليڪن فرق ٿورو آهي.
5. پيرَڻ: هن نالي ۾ به سنڌي ۽ چُولي زبان ۾ ڪو به فرق نظر نٿو اچي چوليءَ ۾ به "پيرَڻ" ڳالهائجي" لکجي ۽ پڙهجي ٿو.
6. پانڊِي: هي نالو بغير ڪنهن فرق جي سنڌي ۽ چُوليءَ ۾ يڪسان طور استعمال ٿئي ٿو. سنڌيءَ ۾ پانڊِي چَون، لکن ۽ پڙهن ٿا.
7. ٻُڌَڻ : هيءُ به مَردانو نالو آهي، ليڪن چُولي زبان اندر "ڏ" جي اُچار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ وري اردوءَ واري "ڊ" ڪتب اچي ٿي، ڳالهائڻ وقت وري زبان تي ٿورو زور ڏيئي ڇڪي شَدُ سان ڳالهائجي ٿو. باقي "ڻ" جو استعمال بہ ساڳيو آهي.

8. ڇَڳِي: هي عورتاڻو نالو آهي، ڇُوليءَ وانگيان بلڪل انهيءَ طرح ئي سنڌ ۾ بہ استعمال ڪيو ويجي ٿو.

2(ب): اسم عام طور ڪم آيل ڪي لفظ:

1. سائين: هيءُ لفظ بہ سنڌيءَ وانگيان ڇُوليءَ ۾ ائين ئي "سائين" ڪم اچي ۽ لکجي، پڙهجي ۽ ڳالهائجي ٿو.

2. وڏِ وڏيرا: يا وڏِ وَڏيرو: اهي ٻئي صورتون بہ انهيءَ طرح ڇولي/ سنڌيءَ ۾ استعمال ٿين ٿا. ۽ ڳالهايا، لکيا ۽ پڙهيا بہ ساڳي طرح ۽ ساڳئي لهجي ۾ وڃن ٿا.

3. وَڏِڪا: هيءُ لفظ سنڌيءَ زبان ۾ وڏڙن لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اگر ڪو ڇوڪرو پنهنجن ٻين ڀائرن کان وڏو هجي تہ ان کي سنڌي زبان ۾ "وڏِڪو" بہ چون ۽ وِڏڪا لفظ ڇُوليءَ زبان ۾ بہ جمع لاءِ گهڻن وڏڙن لاءِ استعمال ڪن ۽ سنڌيءَ ۾ بہ جمع لاءِ ئي ڳم اچي.

4. ڏاڏا: هيءُ لفظ بہ رشتي داري سرشتي جي هڪ ڪڙي آهي، جهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ ڳم اچي اهڙي طرح ڇولي باشندا بہ پنهنجي رشتن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪتب آڻين، ليڪن هُو صرف "ڏ" بجاءِ اردوءَ واري "ڊ" استعمال ڪن ٿا. انهيءَ طرح "وَڏا" ۾ بہ "ڏ" جي بجاءِ "ڊ" استعمال ٿئي، جيئن "وَڊا" هيءُ بہ شَدَ سان استعمال ڪن.

5. ڀيڻ: هيءُ لفظ بہ رشتي جي اظهار واسطي ڪم اچي ٿو. ڇُوليءَ ۾ وري هيءُ لفظ اُردوءَ واري "بهہ" ڳم اچي ٿي، جيئن "بهيڻ" ڳالهائجي، لکجي ۽ پڙهجي ٿو باقي "ڻ" لاءِ بہ سنڌيءَ وانگيان "ڻ" ئي استعمال ٿئي ٿي. البتہ سنڌيءَ وانگيان ڳالهائڻ بدران ٿورو ڇڪي شَدَ سان ڳالهائين.

6. اَڏِي: هيءُ لفظ بہ ڀيڻ لفظ جو متبادل لفظ آهي، اهو لفظ بہ ڇُوليءَ زبان ۾ ڳالهايو ويجي ٿو: ليڪن اُچار ۾ ٿورڙي فرق سان، جيئن ڇُولي زبان ۾ اَڊِهي" ڪتب اچي ٿو. "ڏ" بجاءِ "د" ۽ شَدَ واري اُچار جي اظهار واسطي وري "هہ" جو استعمال ٿئي ٿو. انهيءَ کان سواءِ لفظ "ڀاڄائي" جي لاءِ "ڀُڄهائي" چَون، هن ۾ "ڄ" بجاءِ "جهہ" ڪم آڻين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ "ب" تي پيش آڻين.

ڊِيءَ: هيءُ لفظ بہ رشتيداريءَ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اسـ ـمال ٿئي پَرَ هن لفظ اندر چوليءَ زبان ۾ "ڏ" بجاءِ "د" استعمال ٿئي ۽ شَدَ لاءِ "هہ" جو استعمال ٿئي تو جيئن "ڊِهي" وغيره.

8. اَمان: هيءُ لفظ بہ رشتي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم آڻين. چُولي زبان ۾ جهڙيءَ طرح لکجي ٿو، پڙهجي ٿو ۽ ڳالهائجي ٿو اهڙي طرح سنڌيءَ ۾ بہ انهيءَ طرح ئي استعمال ٿئي.

9. ادا: هيءُ بہ رشتي لاءِ ڪم آڻين ۽ ان کي بہ سنڌي لهجي وانگيان ئي استعمال ڪن ٿا.

3. (ت) اسم ذات، ضمير، مخاطب ۽ ضمير خالص لاءِ ڪتب ايندڙ الفاظ:

هر قومي ٻوليءَ اندر هر قسم جا ضميري الفاظ بہ ٿين. ٻين ٻولين جيئان سنڌي ٻولي ۾ ضمير ٿين. اهڙيءَ ريت چُولي زبان ۾ بہ اهڙي قسم جا لفظ ملن ٿا. انهن ۾ اسم ذات طور جيڪي لفظ استعمال ڪن انهن مان ڪي لفظ تہ بلڪل سنڌي لفظن جهڙا آهن. جيئن "آئون" سنڌيءَ ۾ بہ چَون تہ چُوليءَ ۾ بہ چون علاوه ازين "تون" ، "آسان"، "اِهو"، "هيءُ"، مؤخرالذڪر ٻن لفظن ۾ صرفَ ووليءَ اندر "هُو" بغير "الف" جي ۽ هتي بغير "همزي" جي ڪم آڻين. مؤنث لاءِ "اها" لفظ سنڌيءَ ۾ ڳالهائجي تہ چُوليءَ زبان ۾ وري ڪڇي لهجي جيان "اِيا" چَون. ليڪن ٻئي لفظ آهن هَم معنيٰ، صرف اُچار جي ادائگيءَ جو فرق آهي.

4. (ث): امر جي صيغي طور ڪم ايندڙ لفظ:

چولي ٻوليءَ اندر اَمر جو صيغو بہ ساڳئي طرح سنڌيءَ وانگيان استعمال ٿئي ٿو جنهن لاءِ اهڙا مثال هيٺ عرض رکجن ٿا.

1. اُٿي: هيءُ لفظ ڪنهن ويٺل يا ليٽيل ماڻهوءَ کي اُٿارڻ لاءِ ڪم اچي ٿو: ليڪن چُولي زبان ۾ وري هتي "ٿ" بجاءِ "ٺ" ۽ تورڙي "هہ" جي چِڪَ سان استعمال ٿئي. جيئن "اُٺِهي"

2. وَڃ: ڪنهن کي وڃڻ لاءِ چوڻ واسطي سنڌي زبان ۾ ڪم آڻين پَرَ جيئن تہ چُولي زبان ۾ "ڃ" ڪو نہ آهي، ان ڪري "ڃ" جي بدران "ج" استعمال ڪن. جهڙ؛ طرح "وَج" وغيره.

3. ڪَڍ : ڪنهن بند ٿيل شئي کي ٻاهر ڪڍڻ جي حُڪم ڏيڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واسطي سنڌي ماڻهو اُچارين پر چُولي ۾ وري اُردو واري "ڊ" استعمال ٿئي. جيئن "ڪڊِ" هتي هڪ وضاحت ڪندو هلان تہ "ڪ" بجاءِ اردو واري ڪاف "ک" استعمال ڪندا آهن.

4. ڏئي: ڪو بہ ڪنهن کان ڪا شئي وٺي ۽ سامهونءَ واري کي چوي "ڏِئي" اهڙي طرح چولستان جا باشندا بہ چَون "ڏئي" يعني مون کي ڏئي ڇڏ، يا ڏِئي.

5. رَک: ڪنهن کي ڪنهن شئي جي رکڻ لاءِ چون "رکِ" پَر چُولي زبان اندر "هہ" جو اضافو ڪندي اردوءَ وانگيان چوَن "رَکهہ" يعني رکي ڇڏ.

5. (ج): چولي ٻوليءَ ۾ جمع واحد :

چولي ٻوليءَ واري لهجي ۾ جتي ڪو لفظ جَمع لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو. اُتي اهو لفظ سنڌي ۾ واحد ۽ جتي چوليءَ ۾ واحد آهي وري سنڌي ۾ جمع آهي، جنهن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

1. اَڪيلا: چُوليءَ ۾ اهو لفظ اڪيلي ماڻهو لاءِ واحد واسطي ڪم اچي ٿو جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ اهو لفظ جمع واسطي ڪم اچي ٿو.

2. ڏاڏا: هي بہ چوليءَ ۾ ۽ سرائيڪي لهجي ۾ "بہ" واحد لاءِ ڪتب اچي ۽ سنڌيءَ ۾ جمع لاءِ ڪم اچي ٿو.

3. ڪوسا: اهو لفظ سنڌيءَ زبان ۾ ڪم گرم شين (جيڪي گهٽيون يا گهٽا هجن) ڪم اچي جڏهن تہ چُولي زبان ۾ وري واحد جي صيغي لاءِ ڪم اچي. سنڌي ۾ "ڪوسو" چَون.

4. وِقِلِيان: هيءُ لفظ بہ اڳين لفظن وانگر سرائيڪي لهجي سان مشابهت رکندڙ چُولي زبان ۾ ڪم اچي ٿو ۽ واحد لاءِ ئي ڪم آٽين. جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ لفظ سان مشابهت رکندڙ هڪ لفظ وِقلَ بہ آهي، جيڪو واحد لاءِ ڪم اچي. سنڌيءَ ۾ ان لفظ جو جمع "وِقلون" اچي ٿو.

انهيءَ کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي لفظ اهڙا آهن. جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي لفظن سان مطابقت ۽ مماثلت رکن ٿا. جن مان هڪ خاص قسم جي هڪ جهڙائي ملي ٿي. اُهي جيڪي هيٺ ڏجن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 25 | اُٻالون= | اُٻالڻ= ٽهڪائڻ- ٿورڙي لفظي فرق سان |
| 26 | ڏاگدر= | ڊاڪٽر- مٿين صورت ۾ ۽ لهجي ۾ ڳالهائڻ، سنڌي ٻوليءَ ۾ بگڙيل صورت ۾ بہ ٻهراڙيءَ اندر ڏاگدر چوڻ. |
| 27 | سُهڻا= | سُهڻا= چوليءَ ۾ بہ ان طرح ڳالهائين. |

مٿين لفظن جي پاڻ ۾ لساني هڪ جهڙائي، مطابقت و موافقت يا لفظي صورت ۽ ليءَ ۾ مشابهت ۽ يڪسانيت. "سنڌي ٻوليءَ" ۽ "پنجاب ۾ بي جي بهاولپور ڊويزن جي علائقي "چُولستان" جي زبان "چُولي زبان" ايتريقدر ويجهڙائيءَ مان پتو پوي ٿو تہ واقعي ڪنهن سمي ۾ هيءُ علائقو بہ سنڌ جو هڪ تاريخي، تهذيبي ۽ ثقافتي حصو هو. مضمون ذريعي راقم اها تجويز ٿو ڏئي تہ اگر اسان جا سڄاڻ اهل قلم، محقق ۽ اديب "چوليءَ زبان" جو باقاعده مطالعو ڪرڻ بعد ان تي تحقيقات ڪري وڌيڪ مواد هٿ ڪري ڪتاب لکن تہ بهتر ٿيندو ۽ اها ڪوشش اگر سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ڪري تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو. اميد تہ منهنجي هن عاجزانہ التماس تي ادارو بہ ڌيان ڏيئي دل سان غور ڪندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريتم "پياسي"

# سنڌي ۽ مارواڙي ٻوليءَ جو لساني لاڳاپو

سنڌ ۽ مارواڙ ٻئي خطا ويجها ۽ قريبي تعلق رکندڙ آهن. نہ صرف ايترو پر ڪن عالمن جي خيال ۾ مارواڙ جا اصلي باشندا ۽ سنڌ جا اصلي باشندا هڪڙي ئي نسل سان تعلق رکندڙ آهن. مارواڙ جو علائقو ڪيترن ئي سالن کان ڪڏهن سنڌ جو تہ ڪڏهن راجستان جو حصو ٿي رهيو آهي. هزارين سالن کان مارواڙين ۽ سنڌين جا پاڻ ۾ سياسي، سماجي، تجارتي، مذهبي ۽ تهذيبي ناتا رهيا آهن. جيڪي ٻنهي ملڪن (هندستان ۽ پاڪستان) جون سرحدون پڪيون ٿيڻ تائين جاري رهيا. هن مقالي ۾ مون انهن سڀني ناتن ۽ رشتن جو جائزو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، تاهم وقت جي تنگيءَ سبب ڪيترن ئي اهم موضوعن تي لکي نہ سگهيو آهيان.

مارواڙ راجستان جو هڪ اهم پرڳڻو آهي، جنهن جون حدون ڪو وقت ٿرپارڪر جي ايراضي (سمورو نارو سب ڊويزن) تائين بہ رهيون آهن. تنهن ڪري سنڌ پرڳڻي ۾ مارواڙي تمام گهڻي وڏي ۽ ويجهي آهي. هن مقالي ۾ "مارواڙي ٻوليءَ" جو جابجا ذڪر ايندو. جنهن کي "راجستاني ٻوليءَ" جو لهجو سمجهڻ گهرجي.

ڪيترن ئي عالمن ڀڳتي شاعريءَ کي هندي شاعري ڪري لکيو آهي. پيو تہ نهيو خود "ميران ٻائي" جي شاعري، جنهن تي نوي سيڪڙو مارواڙي رنگ چڙهيل آهي، ان کي بہ هنديءَ جي آميزش وارن بيتن جي حصي ۾ لکيو آهي. حالانڪ ائين ڪونهي. هن مقالي ۾ جيڪي بيت ۽ دوها (ڀڳتن جو ڪلام وغيره) ايندا، تن ۾ هنديءَ جا لهجا ۽ لفظ ضرور آهن، پر پوءِ بہ اهي مارواڙيءَ جي اثر کان آجا نہ آهن. ان ڪري مارواڙي ٻولي ذهن ۾ رکي، انهن کي پڙهڻو پوندو.

هن مقالي ۾ جيڪي عنوان رکيا ويا آهن. سي هن طرح آهن: مارواڙ ۽ سنڌ جا ناتا، سياسي ناتا، تجارتي ناتا، سماجي ناتا، مارواڙي ٻولي: سنڌ ۾ آيل مارواڙي قومون، مارواڙي ادب، مارواڙي ادب جو سنڌي ادب تي اثر: جوڳ پنٿي فقيرن ذريعي مارواڙي ٻولي جو سنڌ ۾ پکڙجڻ، مارواڙيءَ جا سنڌي ٻوليءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ لفظ ڏاٽڪي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو راجستان طرف پکڙجڻ ۽ نتيجا.

## مارواڙ ۽ سنڌ جا ناتا:

مارواڙ هڪ تمام وڏو ۽ وسيع علائقو آهي، جنهن کي پنهنجي ثقافت، تهذيب، تمدن ۽ پنهنجي ٻولي آهي، اهڙي طرح سنڌ جي بہ پنهنجي ٻولي ۽ تهذيب آهي. سنڌ ۽ مارواڙ ٻنهي خطن جون سرحدون مليل آهن. تاريخ ۾ جاٽايل آهي تہ مارواڙ جو ڪافي علائقو ڪڏهن سنڌ جو حصو رهيو آهي تہ ڪڏهن وري سنڌ جي ٿر ۽ عمرڪوٽ وارو علائقو جنهن کي "ڏاٽ" چيو ويجي ٿو بلڪ موجوده عمرڪوٽ ضلعي جون سيئي ميداني ديهون پڻ مارواڙ جي ايراضيءَ ۾ شامل هيون، جنهن کي نارو چئبو آهي. ائين ٻئي ملڪ اتر ۽ اوير ۾ مليل آهن. تنهن ڪري انهن جا پاڻ ۾ ايامن کان وٺي مذهبي، سياسي، تهذيبي ۽ واپاري ناتا وغيره رهيا آهن ۽ اهي ناتا پاڪستان ٺهڻ تائين ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ قائم رهيا آهن، مگر پوءِ سرحدون ٺهڻ ڪري اهي سيئي ناتا رشتا منقطع ٿي ويا. تنهن هوندي بہ انهن ناتن جا اثر اجا تائين ٻنهي قومن تي نمايان ڏسڻ ۾ اچن ٿا. انهن سيني ۾ ٻولي ۽ ثقافتي ناتا گهرا آهن.

## سياسي ناتا:

مارواڙ ۽ سنڌ جا سياسي ناتا آڳاٽي زماني کان وٺي رهيا آهن، جنهن جي ڪري انهن جو ٻوليءَ تي بہ وڏو اثر ٿيو آهي. حالانڪ ٿرپارڪر جي ميداني علائقن جي رهواسين جي ٻولي ڏاٽڪي ناهي، بلڪ ميرپورخاص، جيمس آباد ۽ ساماري تعلقي جي ٻولي معياري سنڌي ٻولي سمجهي وڃي ٿي، پر دراصل اتي جي ٻوليءَ تي مارواڙي ٻوليءَ جو اثر نمايان آهي. انهيءَ جو هڪ وڏو سبب سياسي ناتا بہ آهن. راجستاني پرڳڻن سانچور، پچپدار، جسونت گڊ، جوڌپور، جيتارن، شير ڳڙهہ، شيو نانواهہ، پالي، پيلاڙهہ، جسونت پور، ڊيڊوانہ، سوجت، شوانہ، ميڙت، ناگور، پربت سر، جالور، ڦلودي، سانير ۽ ماروٽ سيني پرڳڻن جا سنڌ پرڳڻي سان سياسي ناتا رهيا آهن. مگر سيني کان گهرا ناتا جوڌپور ۽ جيسلمير جا رهيا آهن. سنڌ جو اپرندو حصو خاص ڪري ٿر ۽ پارڪر واري حصي ۾ مختلف جنگجو راجائن ايترا تہ تجربا ڪيا آهن جو انهن لاءِ هڪ جدا ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. هن خطي تي سڀ کان وڌيڪ راجپوت حڪمران قابض رهيا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، جيڪي سيئي مارواڙ (راجستان) کان آيل هئا.

راجپوت ستين صدي عيسويءَ ڌاري راجپوتانا مان آيا، جن اچي سروهي، پالنپور، مارواڙ ۽ دانتا رياست ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي، سنڌن راڄڌاني ”چندراوتي“ هو. هو وهل ساک جو راجپوت راجا هو. پڙهيار راجپوتن، مارواڙ پاسي راڄ ڪيو. پرمارن جون ان کان پوءِ ست پيڙهيون ٿيون. انهن پرمار راجپوتن ابو پهاڙ طرف راڄ ڪيو پر انهن جي ائين پيڙهي مان، راجا چندرسين گادي جو هنڌ ڦيرائي مانو طرف ڌارا ننگر ڪيو. مارواڙ ۾ جڏهن پنوارن (راجپوت) جي بادشاهي هئي تڏهن انهن جي گاديءَ جو هنڌ ”جهونا“ هو (ياد رهي تہ جهونا ۽ جهوناڳڙهہ جدا جدا ماڳ آهن). ان وقت امرڪوٽ جو اُلهندو ڪنارو يعني سڄو نارو سب ڊويزن، مارواڙ جي هڪ پرڳڻي ”ڍاٽ“ ۾ شامل هو ۽ اهڙي طرح، الور، امرڪوٽ ۽ ننگر پارڪر سميت چوڏهن هزار ڳوٺ پنوارن جي حڪم هيٺ هئا. ان سنجي ملڪ تي ڌرٽي باراهہ پنوار جو حڪم هلندو هو. اهڙو احوال ٽر جي سوڍن وٽ قلمي صورت ۾ موجود آهي. انهن نسخن ۾ بہ ڄاڻايل آهي تہ هن راجا سندس راڄ کي نون حصن ۾ ورهايو هڪ هڪ حصو پنهنجن اٺن پاٽرن کي ورهائي ڏنائين ۽ نائون حصو پاڻ رکيائين. اهڙي طرح ”نوڪوٽي مارواڙ“ (نون قلعن واري مارواڙ) مشهور ٿي. امرڪوٽ وارو حصو ڍاٽ سندس پاءُ جوگراج کي مليو. 1885ع ۾ لکيل، مارواڙ جي هڪ گزيٽ ۾ هڪ هندي شعر ذنل آهي، جنهن جو ترجمو هن طرح آهي:

منڏور ساونت هوئو اجميرُ سنگهہ سُو
گي پونگل گجمل هوئا، لودروي ڀانيو
آل پال اُبڏ هوئا، پوجر اج جالندر،
جوگراج ڌر ڍاٽ هوئا، هنسو پارڪر،
نوڪوٽ ڪِراڙو سنجو گستا، ٽر پنوار ٿا پيا،
ڌرٽي براهہ ڌر پائيان، ڪوٽ بانٽ جو جوڪيا.

| ڪوٽ | حاڪم |
| --- | --- |
| منڏور | سانوت |
| پونگل | گجمل |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| اجمير | سنگهہ سو |
| آبويا اُرپڌ | آل پال |
| جالندر عرف جالور | پوجراج |
| ڏات يا امرڪوٽ | جوگراج |
| پارڪر | هانسو |
| ڪِراڙو | ڏرٽي براهہ |

مٿين ورهاست ڪان پوءِ جوگراج پنهنجي اهل عيال سميت اچي امرڪوٽ رهيو. لازمي آهي تہ ان سان گڏ مارواڙين جو وڏو حصو پڻ امرڪوٽ ۽ ان جي آس پاس آباد ٿيو هوندو. ائين پنوار مارواڙي راجپوت سنڌ جي هن اهم علائقي ۾ هميشہ لاءِ رهي پيو جنهن جو اولاد اڄ تائين هتي رهي ٿو. هوڏانهن راجا ڏرٽي براهہ جو وڏو پٽ مهيپال عرف ديوراج "آبوءَ" جو راجا ٿيو ليڪن ٻئي پٽ "باهڙ" کي ڪجهہ ڪو نہ مليو. تنهن ڪري هو راڏنپور ڏي هليو ويو جتي هن کي ٻہ پٽ سوڍو سانکلو ۽ باگهہ پيدا ٿيا.

سوڍو بهادر ۽ جرئت وارو هو تنهن کي خيال ٿيو تہ ماٺ ڪري ويهڻ ٺيڪ ناهي. ڪجهہ ملڪ هٿ ڪجي. اهو سوچي 1125ع ۾ پاڻ سان راجپوتن جو هڪ وڏو ڪٽڪ وٺي، سنڌ تي ڪاهي آيو ۽ ڪپري واري ايراضي هٿ ڪيائين ۽ ناري جي ڪناري تي هڪ سهڻي جڳهہ ڏسي قلعو ٺاهي ويهي رهيو. قلعي جو نالو رتوڪوٽ رکيائين، جنهن جا آثار اڄا باقي آهن. هن سوڍي سان گڏ مارواڙ ڪان آيل ٻين جاتين ڪان علاوه چارڻ بہ آيا، جيڪي اڄا تائين عمرڪوٽ ۽ سڄي ٿر ۾ پکڙيل آهن. انهيءَ سوڍي جو اولاد هتي پهچڻ ڪان پوءِ راڻا سڏجڻ لڳو. راڻن جي نالي سان اڄ بہ ڪپري واري ايراضيءَ ۾ ڪجهہ ماڳ آهن. عمرڪوٽ جي پرسان راڻن جي جاگير پڻ مشهور آهي. هن وقت ڏات جي گاديءَ تي راڻا چندر سنگهہ ويٺل آهي. جيتوڻيڪ هن وقت راڻن جي حڪومت ناهي، تڏهن بہ ان گاديءَ کي خالي ڪو نہ ٿا ڇڏين ۽ باقاعدي ولي عهد کي راجتاڪ ڏيئي گادي نشين ڪري وهاريندا آهن.

راجپوتن جي هڪ نک رانوڙ آهي. جڏهن سوڍن رتوڪوٽ هٿ ڪيو، تڏهن رانوڙن کي پڻ شڪ ٿيو تہ سنڌ تي ڪاهہ ڪجي ۽ ملڪ جي ڪجهہ حصي تي قبضو ڪجي. ان وقت عمرڪوٽ تي سومرن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت هئي، مگر سومرا ڪافي ڪمزور ٿي چڪا هئا ۽ راٺوڙ سوڍن کان بچي نٿي سگهيا، تنهن ڪري رتوڪوٽ ڇڏي، باقي ٻيءُ پري تعلقي جو ڪجهہ حصو پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتائون. هنن ٿر جو ڪاٺڙ وارو سڄو ڀاڱو ويندي جوڌپور جي حدن تائين، پنهنجي قبضي ۾ ورتو. اهڙي طرح سنڌ جي هن اهم خطي ۾ راٺوڙن پڻ پنهنجا پير پڪا ڪري ڇڏيا. پوءِ سوڍا آهستي آهستي سڄي علائقي تي قبضو ڪندا رهيا. بالآخر سومرن جي آخري حاڪم همير سومري کان راڻي همير سوڍي، 1439ع ۾ امرڪوٽ کسي ورتو.

1542ع ۾ راڻي پرساد سوڍي جي ڏينهن ۾ مغل بادشاهہ همايون عمرڪوٽ پهتو جتي ناميارو حاڪم اڪبر بادشاهہ 5 رجب 949هہ مطابق 1542ع ۾ پيدا ٿيو. اڪبر بادشاهہ جي.والده ماجده حميده بيگم سنڌياڻي هئي ۽ پاٽ شهر جي رهاڪو هئي. يقيناً انهيءَ نسبت سان مغلن جي لشڪر ۾ سنڌين جو سٺو تعداد هوندو. اڪبر بادشاهہ جي نون رتنن ۾ هڪ رتن "ڪوي گنگ" بہ هو جيڪو مارواڙي ۽ هنديءَ جي آميزش وارو خوبصورت شعر چوندو هو.

سنڌ ۾ سومرن کان پوءِ سمن، ارغونن، ترخانن ۽ دهليءَ جي نوابن جي حڪومت رهي تڏهن بہ ٿر ۾ سوڍا خودمختيار هوندا هئا. ميان عبدالنبيءَ جي ڏينهن ۾، ميان جي غدارين، ڪوڙن واعدن ۽ ميرن کي مارائڻ جي ڪري قوم ۾ جوش جاڳيو اهو ڏسي مير گڏجي، ميان سان جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. اهو ڏسي ميان کي اچي ڊپ لڳو تنهن ڪري هن امرڪوٽ جو قلعو ۽ پرڳڻو 1782ع ۾ جوڌپور جي مهاراجا ٻجير سنگهہ کي ڏيئي ڇڏيو ۽ بدلي ۾ کانئس مدد گهريائين. مهاراجا، عمرڪوٽ حاصل ٿيڻ کان پوءِ اتي صوبيدار مقرر ڪيو. اهڙي طرح هڪ ڀيرو وري امرڪوٽ مارواڙ جي قبضي ۾ اچي ويو جنهن ڪري لازمي طور انساني اٿل پٿل ٿي هوندي.

ميان عبدالنبي 1782ع ۾ هالاڻيءَ جي جنگ ۾، ميرن کان شڪست کائي جوڌپور ڀڄي ويو. اهڙي طرح مير سنڌ جا حاڪم ٿيا.

مير ڪرم علي خان جي ڏينهن ۾ عمرڪوٽ فتح ڪيو ويو ۽ ميرن 1813ع ۾ جوڌپور جي راجا کان عمرڪوٽ جو قلعو حاصل ڪيو. مٿينءَ تاريخ ۽ سياسي واقعن جو جائزو وٺندي معلوم ٿو ٿئي تہ تمام گهڻو گهڻو اڳ مارواڙين جو سنڌ ڏانهن جنگين، ڪاهن ۽ صوبن جي صورت ۾ اچڻ ٿيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو جنهن سبب ڪيترا قبيلا سنڌ ۾ هميشہ لاءِ رهي پيا. جيتوڻيڪ انهن جي ٻولي مارواڙي ۽ مارواڙي جا پيا لهجا آهن. تڏهن بہ سنڌي ٻولي ۾ جهس پنجاهہ سيڪڙو اثر انداز ٿي چڪي آهي. اهڙيءَ طرح هتي (ٿرپارڪر، ميرپورخاص ۽ عمرڪوٽ ضلعا) جي ماڻهن جي ٻوليءَ ۾ مارواڙي ۽ سنڌي ٻوليءَ جا بيشمار لفظ ٻڌبا آهن. حاصل مطلب تہ سياسي ناتن سبب بہ مارواڙين جي ٻوليءَ چڱي ترقي ڪئي آهي ۽ منجهس نوان لفظ آيا آهن.

## تجارتي ناتا:

سنڌ ۽ مارواڙ جا تجارتي ناتا بہ تمام گهڻا پراڻا، گهرا ۽ گهاٽا رهيا آهن. قديم زماني ۾ ڏکڻ ۽ اوپر هند طرف واپار جوڌپور واري رستي ذريعي ٿيندو هو. مارواڙ جي واپارين، هڪ پاسي سنڌين وانگر ڏيساور تائين پنهنجي پهچ رکي ۽ اڄ کان تقريباً 200 سال پهرين، هو پيدل سفر ڪري، چين ۽ ايران تائين بہ پهتا، تہ ٻئي طرف اندرون هند ۾ بہ هنن واپاري ناتا جاري رکيا. بہ صديون اڳ هو سنڌ جي هر شهر ۾ ڏسبا هئا. جنهن سبب ڪئين قبيلا هيڏانهن جا هوڏانهن ۽ هوڏانهن جا هيڏانهن اچڻ وڃڻ لڳا. واپار سانگي ڪن ماڻهن مارواڙ ۾ سڪونت اختيار ڪئي تہ ڪي وري سنڌ ۾ هميشہ لاءِ رهي پيا. واپار ڪرڻ لاءِ قائم خاني ۽ ڇيپا سنڌ ۾ تمام آڳاٽو آيل آهن. جيڪي هن وقت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ آباد آهن. اهي اڪثر ڪري مارواڙ جون شيون، جن ۾ سنگ مرمر جون ڪرسيون ۽ چوڪٺ وغيره آڻي، سنڌ ۾ وڪڻندا هئا ۽ اهي شيون وڌ گهراڻن ۾ کپائيندا هئا. سنڌ جي ناگوري قوم، ناگور مان خاص طور لوهہ ۽ پتل جو ٺهيل سامان، سنڌ ۾ کپائڻ ايندي هئي. ميرن جو شطرنج ۽ ان جون ساريون گهگهيون، پيالا ۽ پاندان مشهور هوندا هئا. جيڪي سنڌ ۾، خاص ڪري لال شهباز قلندر اڏيري لال ۽ پير پٿوري جي ميلن ۾ وڪرو ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪنجهي جا پيالا ۽ ڪٽورا، جوڌپور جا ٺهيل هاٿي جي ڏندن جا چوڙا ۽ رانديڪا، ڪپڙو جنهن ۾ ٻانڌڻو خاص آهي. سنڌ ۾ عام وڪبو هو. مالاڻي ۽ سانچور جا خوبصورت گهوڙا پڻ سنڌ ۾ وڪبا هئا. اهڙيءَ طرح سنڌي واپاري سنڌ مان ڪٽڪ، چانور، گُڙ ۽ چمڙي جو سامان پالي ۽ جوڌپور ۾ وڃي وڪڻندا هئا. ان کان سواءِ مال(ڍڳا) جو واپار پڻ گهڻو هلندو هو. انگريزن جي دؤر ۾ ريلوي لائين ٺهڻ کان پوءِ تہ هن واپار اڃا بہ اوج ورتو. واپار عام ٿيڻ لڳو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن سبب ڪئين واپاري ڪٽنبن سميت ايندا ويندا رهندا هئا. ريلوي رستي ڪارو پٿر پڻ ، وڏپور ڪان سنڌ آندو ويندو هو. جيڪو قيمتي پٿرن ۾ شمار ٿيندو هو.

## سماجي ناتا:

مارواڙ ۽ سنڌ وارن جي مٽي ماٽي به قديم زماني کان هلندي اچي. اٽڪل پنج هزار سال ڏاري نگر جي راجا ڀميڪ جي نياڻيءَ رڪمڻيءَ جو وهانءُ شري ڪرشن سان ٿيو. ان وقت سنڌ جو راجا جئه رٿ هو ۽ هو دهليءَ جي راجا ڌرت راشٽر جي ڌيءَ سان پرڻيو هو. هن کي مهاڀارت واري زمين ۾ ارجڻ قتل ڪيو هو. ائين سنڌ وارن جو ماڻٽيون ڏيساورن تائين رهيون. امرڪوٽ جا سوڍا ۽ راڻا پنهنجون نياڻيون ڀين رياستن جي راجائي ڪل ۾ ڏيندا هئا ۽ پاڻ وري اتان سڱ وٺندا هئا. امرڪوٽ جي پرمار راجا سسوڍ جي ڌيءَ سان لوروي ۽ پونگل جي يادونسي راجا منڌم راءِ پرڻيل هو. پوڪرڻ جو راجا شري راما پير، امرڪوٽ ۾ ”ڪلجي“ (ڀاڏاجي) سوڍي جي گهر مان پرڻيو هو. جيسلمير جي راجا چاچل ديو پهرين 1197ع ۾ عمرڪوٽ جي راجا روپسنگهہ جي ڪنيا سان پرڻيو. اهڙي نموني ٻيا نالي وارا حاڪم، مهاراجا لاکڻ سنگهہ، مهاراجا سرجواه سنگهہ ۽ ڪمار گرڌر سنگهہ جون شاديون پڻ امرڪوٽ جي سوڍن ۾ ٿيون. اهڙا ٻيا به ڪئين مثال آهن. جيئن تہ امرڪوٽ جي سوڍن جي مادري زبان ڍاٽڪي آهي ۽ ان تي مارواڙي رنگ گهڻو چڙهيل آهي. اهي اصل ۾ آهن ئي مارواڙي، تن جون نياڻيون سنڌي مسلمان حاڪمن، سردارن ۽ فقيرن جي گهرن ۾ پڻ ڏنل هيون. ٺڪرن مان جيڪي پرڻيا تن ۾ سيد، ڪلهوڙا، مير، ڪوسا، ڀرڳڙي، سميجا، راهمان، نهڙي ۽ سومرا اچي وڃن ٿا. ناري پٽ جو مشهور الهامي شاعر ۽ درويش اولياءَ حضرت صوفي صادق شاهہ پڻ سوڍن مان پرڻيو ۽ سندس پوٽي صوفي ڏاتار بخش پڻ ٺڪرن مان شادي ڪئي. انهن سنڌين ۽ مارواڙين جي سماجي ناتن پڻ ٻوليءَ تي وڏو اثر ڪيو. نہ صرف ٻوليءَ تي بلڪ ثقافت تي پڻ نمايان اثر پيو. اهي تعلقات انگريزن جي آخري ڏينهن تائين جاري رهيا. ان کان پوءِ جڏهن هندستان ۽ پاڪستان ٻئي جدا ملڪ ٿيا ۽ سرحدون بند ٿي وڃڻ سبب اُهي ناتا رشتا بہ هميشہ لاءِ ختم ٿي ويا. انهيءَ هوندي به سنڌ ۾ اجا ڪافي اهڙا گهراڻا آهن جن ۾ سوڍيون اجا تائين حيات آهن. ضلعي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمرڪوٽ جي مشهور شهر صوفي فقير ۾ اچا هڪ سوڍي، جيڪا صوفي ڏاتار بخش (صوفي صادق شاھ سومري جي جد مان) سان پرڻايل آهي، حيات آهي.

انهن سماجي ناتن بہ ٻوليءَ تي وڏو اثر ڪيو آهي. مطلب تہ آڳاٽي دؤر ۾ سنڌي ٻولي مارواڙي علائقن ۾ چڱي طرح سمجهي ويندي هئي، مارواڙين (سوڍن) جون اهي نياڻيون ضرور سنڌي ٻوليءَ کان واقف هونديون، جيڪي سنڌ ۾ پرڻجي آيون هيون، اٿين نہ هجي ها تہ پوءِ گهرو ڪاروهنوار ڪيئن هلي ها. سماجي ناتن سبب نہ رڳو ان گهراڻي تائين ٻولي رهي بلڪ انهن جي مٽن سٽن جي معرفت سنڌي ٻوليءَ تي اثر ٿيو هوندو.

## مارواڙي ٻولي:

راجستاني گروھ جون چار شاخون آهن: (1) مالوي ۽ نماڙي، (2) ميواتي ۽ گُجري (3) جئہ پوري ۽ هاڙوتي (4) مارواڙي ۽ گجراتي. راجستاني ڳالهائيندڙن جو تعداد تمام گهڻو آهي. اهي سڀ زبانون(جنهن ۾ گجراتي بہ شامل آهي) هند آريائي ٻولين جي ان شاخ ۾ شامل آهن، جيڪي ابتدائي دؤر ۾ مالوا ۽ گجرات ۾ رائج هيون. راجستان جي مغربي شاخ يعني مارواڙي، گجراتي هڪ ٻئي جي بلڪل ويجهو تعلق رکن ٿيون. ان جي ابتڙ مشرقي شاخ جون زبانون ملوي، ميواتي ۽ جئہ پوري وغيره هندي ٻوليءَ جي ويجهو آهن.

راجستان جون ٻيون ٻوليون ادبي مقصد لاءِ تمام گهٽ استعمال ٿيون آهن، جيتوڻيڪ راجستاني ۽ خاص ڪري مارواڙي زبان ۾ چڱو خاصو ادبي ذخيرو موجود آهي، جنهن جو زياده حصو شاعري ۽ قصن تي مشتمل آهي. انهيءَ ادبي ذخيري تي اٽليءَ جي هڪ عالم، مفيد تحقيق ڪري هڪ ڪتاب پڻ لکيو هو.

مارواڙي ٻولي اسان جي سرحدي ٻولي آهي. جيئن سنڌي ٻوليءَ جا وري پنهنجا پنهنجا لهجا آهن، اهڙيءَ طرح مارواڙي جا بہ پنهنجا لهجا آهن. جيئن جيسلميري لهجو ميواڙي لهجو ۽ مالوي لهجو وغيره. اهڙي نموني مارواڙي، ٿر جي ڍاٽڪي لهجي کي پڻ پنهنجو لهجو سمجهن ٿا. حالانڪہ ان ڳالھ کان انڪار نٿو ڪري سگهجي تہ ڍاٽڪيءَ ۾ جيڪو بہ ادب آهي، ان تي نوي سيڪڙو مارواڙي ادب جو اثر آهي ۽ مارواڙيءَ جا ڪيترائي لفظ موجود آهن. جڏهن تہ اسين سنڌي وري ڍاٽڪيءَ کي پنهنجو لهجو سمجهون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿا. ائين هڪ لهجي تي ٻن قومن جو حق تسليم ڪندي اهو فيصلو ڪرڻ آسان آهي تہ ڍاٽڪي ٻوليءَ ٻنهي قومن جي ميراث آهي. مگر ثقافتي توڙي سياسي لحاظ کان ڍاٽ ۽ ڍاٽڪي سنڌ جو حصو آهن.

## سنڌ ڏانهن آيل مارواڙي قومون:

سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو (دراوڙ) ۽ مارواڙي نسلي لحاظ کان هڪ ٻئي جي بلڪل قريب آهن. بمبئي ائنٿراپالاجيڪل جنرل 1930ع موجب ذڪرڻ اوپر سنڌ جا ماڻهو هڪ ٻئي سان ويجهو تعلق رکن ٿا. ڪجهہ مارواڙي قومون اصل ۾ سنڌي هيون. اهي قومون مارواڙ کان سنڌ ۾ تمام گهڻو اڳ واري زماني ۾ پهتيون. ڪي وري اڄ کان هزارين سال اڳ آيون هيون. انهن مان ڪي آرين جي حملن وقت، هتان ڀاڄ کائي، گنگا ماتر تائين پهتيون.جتان ٻيهر واپس موٽ کاڌائون اهڙن قبيلن ۾ ڀيل ۽ مينگهواڙ خاص آهن. اهي جيئن تہ گنگا ماتريءَ ۾ هزارين سال رهڻ کان پوءِ واپس وريون تہ اهي بلڪل بدلجي چڪيون هيون. ثقافت ٻوليءَ جي لحاظ سان بلڪل مارواڙي ٿي پيون هيون. انهن پهرين آهستي آهستي ٿر ۾ سڪونت اختيار ڪئي ۽ پوءِ اتان اڳتي سنڌ جي ميداني علائقن تائين پهتيون. ان کان پوءِ سوڍن جي صاحبيءَ جي زماني ۾ بہ ڪي مارواڙي قومون هت آيون. جن ۾ ڀيل خاص آهن، جيڪي سوڍن جا جنگي سپاهي هئا. اهي پوءِ هميشہ لاءِ هتي رهي پيا ۽ هن وقت ٻني ٻارو سندن پيشو آهي. سوڍا جيڪي اول رتي ڪوٽ کان آيا هئا ۽ پوءِ سڄي ٿر ۾ پکڙجي ويا، هن وقت سانگهڙ جي ڪپري تعلقي ۽ سنجهوري ۾ مارواڙي ڀيل جججهي تعداد ۾ رهن ٿا. جيڪي سوڍن سان گڏ آيا هئا. سوڍن سان گڏ چارڻ بہ هت آيا. اهي پڻ ٿر جي مختلف ڳوٺن ۾ رهن ٿا. عمرڪوٽ جي پرسان ڪاروڙو چارڻ آڳاتو ماڳ آهي، جتي اڄ بہ چارڻ گهڻا رهن ٿا. ناگوري جيڪي اصل ۾ ناگ قوم مان هئا ۽ سندن اصل وطن ناگور آهي سي پڻ سنڌ ۾ آڳاٽا آيل آهن. اهي تاريخ کان گهڻو اڳ جوڌپور واري علائقي تي راڄ ڪندا هئا. جتي اڄ بہ ناگادر ندي، ناگ تلاءَ، نانگنہ ۽ ناگور انهن جا اوائلي نشان آهن. ميئو پڻ اصل ۾ مارواڙ کان آيل آهن ۽ ميواڙ جا رهاڪو هئا. گومتيا مهر تہ نج مارواڙي آهن. جيسلميري لهجي ۾ پڪي مارواڙي ڳالهائين ٿا. پشڪرڻا ۽ سريمالي، برهمڻ، اڪبر بادشاهہ جي ڏينهن ۾ سنڌ ۾ آيا، جيڪي اصل ۾ جسونت پوره جا رهاڪو هئا. اتي جي ديول راجپوتن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جوڌپور جي راجا جي وچ ۾ هلندڙ جنگين جي ڪري ڊنل هئا. سي پڻ عمرڪوٽ ۽ پرپاسي ۾ رهن ٿا. ان ڪان سواءِ پنجولي، مهاجن، سوٺرا، درزي، کتري، لوهار، جاٽ، وشنوئي، ڪنڀار، ڪاڻي پٽيل، ميرا، سيروي، نائي، تنبولي، گهانچي، گانچا، موچي، مالهي، گوجر، تيروا، ڪلال، تيلي، بنجارا، جُلاها، ڏوڀي، ڪڇيرا، لکيرا، چوڙيگر، اوڏ، سلاوٽ، ڪوچڙا، ڊبگر، نيزگر، رنگريز، گواريا، جٽيا، ڍاڍي، سانسي، ڀيل، ميرو ڪاريہ، جوگي، باگڙي، ورتيا، شهڙ، ڀنگلي، ٻوا، جاٽ، سامي، ڪرباگر وغيره پڻ مارواڙ ڪان سنڌ ۾ آيل آهن. انهن جي ٻوليءَ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت تي وڏو اثر ڇڏيو آهي، 1980ع جي تخميني موجب سنڌ ۾ لڏي آيل ماڻهن مان گهڻا ڪٽنب ۽ قبيلا 1947ع ۾ آيا جن ۾ مارواڙي مسلمان جام هئا. ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص ۽ ٻين ضلعن ۾ بلڪ ڪراچي شهر تائين جنهن قوم 1947ع ۾ اچي ديرا دمايا سي رانگڙ ۽ ميئو قوم جا مهاجر آهن. ميئو گهٽ، رانگڙ وڌيڪ آيل آهن، جيڪي هن وقت مال جو واپار ۽ کيتي ٻاڙي ڪن ٿا. 1947ع جي ڀيچ ڀچان ۾ هندستان ڪان جيڪا هندو قوم پاڪستان آئي سا آهي مارواڙي جوڌپوريا مينگهواڙ. اهي هن وقت ميرپورخاص ۽ حيدرآباد ضلعن ۾ رهن ٿا. اهي وچ جوڌپور ڪان آيل آهن. ان ڪري جوڌپوريا سڏجن ٿا. سندن پيشو اڄ بہ جتيون ناهڻ، دڪانداري ۽ کيتي ٻاڙي آهي. مطلب تہ انهن مڙني اچي مارواڙي ٻولي هٿ پکيڙي.

## مارواڙي ادب:

مارواڙي ادب پڻ چڱو خاصو پراڻو آهي، جيتوڻيڪ راجستان جي ٻوليءَ جي پنهنجي لپي ناهي، ان ڪري راجستاني ادب گهڻو سهيڙجي نہ سگهيو آهي، مگر هاڻي ٻڌجي ٿو تہ راجستاني لپي تيار ٿي آهي ۽ جئپور جي يونيورسٽيءَ ۾ باقاعدي مارواڙي ادب جو شعبو پڻ قائم ٿيو آهي. مارواڙي جو گهڻو ادب شاعري (دوها) ۽ قصن جي روپ ۾ آهي. سنڌ ۾ مارواڙ ڪان آيل ڪي اهڙا بہ قصا ملن ٿا جن جي وچ ۾ مارواڙي ڳاهون آهن.

راجستاني مارواڙي ادب، راجستان جي سياڻن ۽ سگهڙن جي ڪري سنڌ ۾ مشهور ٿيو. ڪڇ ۽ گجرات جي حاڪمن وانگر راجستان جي راجائن مان سنڌ جي سوڍن ۽ ٻين مٽيون ماٽيون ڪيون، جنهن جي ڪري پڻ مارواڙي ادب ڦهليو. مارواڙي ادب سنڌ جي ٿر واري ڀاڱي ۾ بلڪل گهڻو آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن سنڌي ادب تي پڻ پنهنجو اثر ڪيو آهي. سنڌي ادب جون ڪجهہ صنفون مارواڙي ۽ ٻ تان ورتيون ويون آهن، جنهن ۾ ”ڳوڙها“ پڻ مارواڙي ادب جو حصو آهن. مارواڙي ادب کان متاثر ٿي، ناري جي ڪيترن ئي شاعرن ڍاٽڪيءَ ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي، جن ۾ لاڏو ڀڳت، مل محمود پلي، معمور يوسفاڻي، حليم باغي، علي محمد شاهہ ’عاجز‘، ناصر ماڻڪاڻي ۽ بنده (راقم الحروف پريتم پياسي) شامل آهن ۽ سلسلو جاري آهي.

## ڳوڙها:

ڳوڙهي لفظ جي معنيٰ آهي ڳهرو. ڳهاٽو اونهون ۽ غور طلب. هيءَ ٺيٺ مارواڙي صنف آهي ۽ ٻجهارت جي زمري ۾ اچي ٿي. هن ۾ راز تمام ڳهرو لڪل هوندو آهي. ڳوڙها گهٽو ڪري چارڻ، مڱڻهار ۽ گرڙا چوندا آهن. جنهن ۾ سگهڙ پنهنجي مطلب واري شئي جو لِڪ. انوکي نموني رکن ٿا. يعني گهربل شئي جو نالو سنئون سڌو نہ پر ٻئي جي اوٽ ۾ لڪل هوندو آهي ۽ انهن شين ”سُت“ يعني پُٽ يا ان شئي مان لهندڙ ٻي شئي، ”واهڻ“ يعني سواري، ”رِپ“ يعني ماريندڙ يا مٿاهين حيثيت رکندڙ ۽ ”بک“ يعني ڪاڏو وغيره ۾ لڪل هوندو آهي، جنهن کي ڳولي لهڻ لاءِ بلڪل گهٽي سچيتائيءَ جي ضرورت هوندي آهي، هتي مثال طور هڪ ڳوڙهو پيش ڪجي ٿو:

پٿر سُت ڪي پُتلي، رهي وڻ سُت ڪي پاس،
اَجيا سُت ڪو اوڍڻو رهي پُرس ڪي پاس.

(يعني پٿر جي پُٽ جي چيز آهي جيڪا وڻ جي پُٽ وٽ رهي ٿي، جنهن جو لباس ٻڪريءَ جي پُٽ جو آهي ۽ اها مرد وٽ رهي ٿي)

پٿر سُت= يعني پٿر جو پٽ معنيٰ لوهہ = اها شئي لوهہ جي ٺهيل آهي

وڻ سُت = يعني وڻ جو پٽ معنيٰ ڪاٺ = اها شئي ڪاٺ ۾ رهي ٿي

اجيا سُت = يعني ٻڪري جي پٽ = معنيٰ ڇيلي جي ڪا شئي(کل) اوڍي ٿي.

پيچٽي تي ”تلوار“ لوهہ جي ٺهيل آهي، ڪاٺ جو مياڻ آهي ۽ کل جو مٿس پوش چڙهيل آهي.

## هيماريون:

هيمارين جي صنف کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جي پيداوار سمجهي ٿو مگر ائين ناهي. هيءَ صنف پڻ راجستاني آهي ۽ ڳوڙهي جو ئي قسم آهي. فرق صرف ايترو آهي جو هيمارين جي پيچٽيءَ ۾ ”سِون“ يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوني چيز جو ذڪر هر حال ۾ هوندو آهي. اهڙي شئي کي ڳوڙهي بجاءِ هيماري چئبو آهي. لفظ هيماريءَ ٻي معنيٰ ٿي ”هيم+ واري“ معني ”سوني“ ؛ مثال طور:

آساڙ مهيڻي نيپجي، اُڻ ناميٽي نام،
سُندر وساري سيج تي، ليتا آجو شام.

(يعني ڪا عورت پنهنجي مڙس کي چوي ٿي تہ جيڪا چيز آساڙ (آکاڙ) جي مهيني ۾ پيدا ٿئي ٿي، انهيءَ ٿي نالي واري آئون هڪ چيز سيج تي وساري آئي آهيان، سا ڪنيو اچجو).

۽ انهيءَ نالي تي شئي تي نموري(ڪنڌ جو سونو زيور). اهڙي قسم جي ڳجهارتن کي ڳوڙهي بجاءِ هيماري چئبو آهي.

متيون ٻئي صنفون راجستان جي مارواڙ واري خطي جون آهن ۽ پوءِ سنڌيءَ ۾ پڻ رائج ٿيون. ان کان سواءِ مارواڙي ادب ۾ ”دوها“ پڻ خاص اهميت رکن ٿا. سنڌي ڏوهيڙو پڻ مارواڙي دوهي جو نعم البدل آهي. مارواڙ جي لوڪ ادب ۾ گيت خاص اهميت رکن ٿا. تر جي هندن جي گيتن ۾ مارواڙي لفظ ۽ اصطلاح گهڻا آهن جڏهن تہ مسلمانن جي گيتن تي سنڌي ٻوليءَ جو گهڻو رنگ چڙهيل آهي. ٿري لوڪ گيتن ۾ جا بجا مارواڙ جي شهرن ۽ رمدن جي واڪاڻ ٿيل آهي، جنهن ۾ امراڻو (عمرڪوٽ)، جوڌاڻو (جوڌپور) ۽ ٻاهيڙ مير وغيره خاص آهن. ان کان سواءِ مارواڙي ادب ۾ ”جهيمڻ“ پڻ وڏي اهميت رکي ٿو. ”جهيمڻ“ لفظ ”جيمڻ“ مان ورتو ويو آهي. مارواڙي ۾ ”جيمڻ“ جي معنيٰ آهي ”کائڻ“.

ٿر ۽ مارواڙ ۾ اڪثر شاديءَ جي موقعي تي، گهوٽيتن اڳيان ماني رکڻ کان پوءِ چوندا تہ اوهان جي ”جهيمڻ“ ٻڌل آهي. ان کان پوءِ گهوٽيتن مان ڪو سُگهڙ اتي ڪچهري جي وچ ۾ بيهي هٿ ٻڌي ڏور وانگر هڪ ڊگهو بيت چوندو. ”جيمڻ“ جون چند سٽون هن طرح آهن.

جهيمڻ

ان ڏٺي اُپايو جي ٻنڌڻ ڪنهن نہ فرمايو
جوني دنيا جوٽ ڪمايو ڌرتي اوپر ڏان چلايو
ان بنا ڪو آدمي، نهين چلي نار،
اسان جهيمڻ چوڙيو تر جي پت نہ نان،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چٽو تريان سندو تيج، چٽو پاٽي پورو ريج،
چٽي نر ناري جي جوڙ ٻہ متي اوپر موڙ
چٽا کير کٽي جا کوڙ چٽا ان ۽ ڌن اروڙ
چٽا جوڙن جڙيا جاني، چُٽا اوٺيهر اخواني،
لوٽي کير کٽوري ماکي چٽو جهيمڻ صاحب ساکي

ناري پٽ جو مشهور شاعر مل محمود پلي، جڏهن ٿر ۾ پرٽجڻ ويو تہ هن اتي پاڻ ان ئي وقت سنڌي ۾ جهيمڻ چيو جيڪو پونئيرن وٽ محفوظ آهي. مطلب تہ مارواڙي ادب جي هر صنف سنڌي ادب تي ڪافي اثر ڇڏيو آهي.

ميهہ موران، بن ڪونجران، آنبارس سوئا،
وير سجڻ، جنمر پومي، وسرسي موئا.

## مارواڙي ادب جو سنڌي ٻوليءَ تي اثر:

مارواڙي شاعري سنڌ ۾ گهڻي مقبول آهي. اها ٿرپارڪر ضلعي ۾ خصوصاً ٻڌي ۽ ٻڌائي وڃي ٿي. اتي جي ماڻهن تي مارواڙي جو چڱو اثر آهي. ٿر جا مڱڻهار عام ڪچهرين ۾، خاص طور مارواڙي داستان ڏاڍي لئہ سان ٻڌائين ٿا ۽ داد حاصل ڪن ٿا. مڱڻهارن کان سواءِ ٿر جا ڪي چارڻ ۽ گرڙا پڻ مارواڙي داستان ٻڌائيندا آهن. مارواڙي داستانن ۾ دوها عام طور هوندا آهن. ”دوهو“ هنديءَ جو لفظ آهي. دوهو جڏهن راجستان ۾ پهتو تہ ”ڏوهو“ ٿي پيو ليڪن جڏهن ٿر جي ريگستان ۾ پهتو تہ ”ڏهوئو“ يا ڏهوڪو“ ٿي پيو ليڪن جڏهن سنڌ ڏرتيءَ (ريگستاني علائقو ڇڏي) ۾ پير رکيائين تہ ”ڏوهيڙو“ ٿي پيو. موجوده سنڌي بيت ان ڏوهيڙي جي صورت آهي. ان حقيقت کي ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائي رسالي مهراڻ 1975/2ع ۾ هن طرح بيان ڪيو آهي:

”دوهن جي صنف اسان کي هندي شاعريءَ کان ورثي ۾ ملي آهي، جنهن ٿورو اڳتي هلي سمن واري دؤر ۾ ٿوري ڦير گهير ۽ نون تجربن سان بيت جي صورت ورتي انهي دؤر ۾ هندي شاعريءَ جو مرڪز خاص راجستان هو جنهن جو اثر سنڌ تي رنگئي هجڻ جي ڪري پيو.“

سنڌ جي راجپوت سوڍن جون تہ راجستان طرف هونءَ بہ مٽيون مائٽيون رهيون آهن. انهيءَ نسبت جي ڪري، هتي جي ماڻهن جو مارواڙ سان تعلق پيدا ٿيو. وٽج واپار وڌيو ; ثقافتي ميلاپ ٿيو ۽ لساني جوڙجڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيدا ٿي. لوڪ شاعرن تہ ۽ مارواڙ جي ان ڳانڍاپي کي شعر ۾ محفوظ ڪيو:

ڪيهر لڪيان گوريان، ڍولوچتر سُڄڻ،
جهڪيان بڙ لانبي تڙيا۔ آيو گڏ امراڻ

راجائي رشتن سبب نہ صرف عام خلق پر سنڌ جا ڪيترائي شاعر پڻ راجستان ويا جتي، ثقافت، ٻولي ۽ علم و ادب ۽ حرفت کان واقف ٿيا. انهن سنڌي شاعرن، مارواڙيءَ ۾ پڻ شاعري ڪئي، جيڪا اڄ بہ مقبول آهي.

هندستان ۾ چوڏهين ۽ پندرهين صديءَ جي وچ ڌاري، رام پوڄا زور ورتو جنهن علم ادب ۾ هڪ نئون انقلاب آندو. اها پرستش ٽن گروهن ۾ ورهائجي وئي: هڪ اهو گروهہ جنهن ڪرشن پوڄا شروع ڪئي، ان گروهہ ۾ ميران ٻائي جو ڪردار اهم آهي. ميران ٻائي اولهہ هندستان ۾ پيدا ٿي. هوءَ سوامي رامنند جي شش (چيلي، پوئلڳ) رويداس مينگهواڙ جي چيلي (پوئلڳ) هئي ۽ ميواڙ (مارواڙ) جي راجا جي ولي عهد يوجراج سان پرڻيل هئي. شاديءَ کان پوءِ بہ ميران ٻائيءَ ڪرشن ڀڳوان جي بيحد گهڻي پوڄا ڪئي ۽ حقيقي پتي (مڙس) ڪرشن ڀڳوان کي سمجهائين. آخر راجا مجبور ٿي هن کي گهران ڪڍي ڇڏيو.

ميران ٻائيءَ جو رتبو هنديءَ شاعريءَ ۾ تمام گهڻو بلند آهي. شعر نهايت ئي عمدو چيو اٿس، ميران ٻائيءَ جي، مارواڙي هجڻ جي ناتي، ڪلام تي، هندي گهٽ پر مارواڙيءَ جو اثر وڌيڪ آهي. هتي مثال طور سندس هڪ گيت (ڀڄن) پيش ڪجي ٿو:

هون تو ساسرئي ني جاٹون مانري ما،
مانرو من لاگو فقيري ۾.

—

ليلا، پيلا لوگڙا، مجهہ ڪو ني سونهي،
ڀڳوان بيس ڪران مانري ما.

—

هار سينگار مجهہ ڪو ني ڀاوي،
تلسي ري مالها۔ ڦيران مانري ما.

—

ٻوليا ميران ٻائي گرڌر نہ آيو
اُڻ هري راگڻ گائون مانري ما.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميران ٻائي جي مٿي ڏنل ڪلام ۾ هنديءَ جي آميزش گهٽ ۽ مارواڙي ٻوليءَ جو اثر وڌيڪ آهي. ميران ٻائيءَ جو ڪلام اڳي سنڌ ۾ عام ڳايو ويندو هو ليڪن هاڻي هندن ۾ ست سنگ جي موقعي تي ڀڳت ئي ڳائيندا آهن. ميران ٻائيءَ جي شاعريءَ ۾ "ڪرشن ڳُڻ" زياده آهي، چاڪاڻ جو هن ڪرشن جي ئي پوڄا ڪئي. هر ڀڄن جي آخر "گرڌر" يعني ڪرشن تي اُچاريو آهي. ڪرشن جو ٻيو نالو "موهن" پڻ آهي. سنڌ جا اڪثر صوفي بزرگ، ساڌن سنتن جي صحبتن ۾ رهيا آهن، ان ڪري هن تحريڪ جو اثر انهن تي بہ پيو. سنڌ جي ڪيترن ئي شاعرن "موهن" کي علامت طور ڳايو آهي. هتي مثال طور سيد مصري شاهہ امام جي هڪ ڪافي پيش ڪجي ٿي:

## ڪافي

پيتم مت پرديس پڌارو
رت ساون کي ساوريا

ـ

ڪالي گهٽا گهٽ رين انڌيري
برس ڊراوي بادريا

ـ

بار بار پيا بجلي چمڪي،
چڙهہ ڪر چڙهہ ڪر چنبريا.

ـ

ڪوئل مدر پپيها بولي،
ڏوم مچي وچ ڏانڊريا.

ـ

رهو هماري پاس پيراوا
پهن ڪسونبل ڪيسريا

ـ

مصري ساٿ مقابل بينو
من "موهن" مل مندريا.

ـ

هن جو گهر مندر سمجهيم،
هو موهن ڪرشنا آهي.

(پريتم پياسي)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ دؤر جو هڪ ٻيو مهان ڪوي جنهن جي ڪلام ڪان پڻ سنڌ جو هر باشعور ماڻهو واقف ،هي ۽ هندن ۾ تہ هر ماڻهو هن جي نالي کان چڱيءَ طرح واقف آهي سو آهي ڀڳت ڪبير. هيءُ پڻ سوامي رامانند جو پوئلڳ هو. هن جي هندو يا مسلمان هجڻ ۾ اختلاف آهن. ليڪن ڪبير خود هڪ ٻچن ۾ صرف ايترو چوي ٿو تہ:

جات جلاهو نام ڪبيرو
ڪاشي ڪامين باسي.

ڀڳت ڪبير هڪ وڏو شاعر هو. سندس ڪلام اعليٰ معيار جو آهي. هن جي ڪلام تي پڻ مارواڙي ٻوليءَ جو رنگ آهي: مثال طور:

ٻچن

بگت ڪري گم ۾ رهڻا، مرڻ جيئڻ سين ڏر
هنسا بيگهہ رو گم ڪر.....

—

تيان گـُٽا پر تيج تمارو پانچ تانُت رنگ ڪر،
پانچ ناگ پچيس ناگٽي، اوٺان ٻانجان سين ڏر.

—

ٻنان پوم هيڪ ارٿ ڪتوڪي بنا بادل برسارا،
امين ڪيسران راجهارا جُهرنت هہ هيڪ پيوٽا ڪر.

—

اوٺانُ ڏيسانُ رامَري نہ جنمي، رهنُت هيڪي تر،
ڪهت ڪبير سٹو پائي، ساڌو آپو آپ امر.

ڀڳت ڪبير، قاضي قادن ۽ شاهہ ڪريم جو دؤر ساڳيو رهيو آهي. انهن ڏينهن ۾ سنڌ ۾ ڀڳت ڪبير جو ڪلام عام طور ڳايو ويندو هو. تنهن ڪري هنن بزرگن جي ڪلام تي پڻ ڀڳت ڪبير جي ڪلام جو ڪافي اثر پيو. مثال طور:

جا ڪارڻ جگ ڍونڍيا، سو تو گهٽ هئہ مانهہ
پردهہ دي آچرم تاني، سو جهنت نانهہ
(ڪبير)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄڻ منجھ هئام، مون ويئي واءُ ٿيا،
هيڏهن هوڏنهن هُن هيين جاڙ وڏا.
(ڪريم)

سنڌ جي سدا حيات شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام تي پڻ ڪبير ڀڳت جي ڪلام جو گهڻو اثر ٿو ڏسجي. ڪٿي ڪٿي ڄڻ تہ پٽ ڌڻيءَ ڪبير جي بيتن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي جيئن:

آئون پيتم نينون مين، مين پلڪ ڍانپ لون،
نان مين ديکهون اور ڪون، نہ تو هي ديکن دون،
(ڪبير)

اکين ۾ تي ويهہ، آئون واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آئون نہ پسان ڪي پيو
(شاهہ)

شاهہ سائينءَ جو هڪ سُر "ڍول مارو" سچو مارواڙيءَ – هنديءَ ۾ چيل آهي، جنهن کي اسان جي عالمن شڪ جي بنياد تي خارج ڪري ڇڏيو آهي. ڪن بيتن جا ڪي ڌڻي جاڳيا آهن، البت جيستائين انهيءَ شاعري جو ڪو پڪو پختو ڌڻي نٿو ٿئي، تيستائين اهي پٽ ڌڻيءَ جي ئي کاتي ۾ رهڻا آهن. سُر ڍول ماروءَ جو هڪ بيت جنهن ۾ مارئيءَ (ڍولو مارئي) کي شاعر سنڌ جي ريٽي نديءَ جي ڪجور سان تشبيهہ ڏني آهي تہ:

ڍولا مارئي ايسي پاتلي، جيسي ريڻ ڪجور،
منهن ميئي، گڻ گهڻي، تو ڪيئن ڇڏي ڏور.

مٿئين بيت ۾ "پاتلي" مارواڙي لفظ آهي ۽ ٻئي بيت ۾ پوري هڪ ٽُڪ "تو ڪيئن ڇڏي ڏور" معياري سنڌي آهي. اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو بيت آهي تہ:

"سنڌ پرهہ سؤ يوجڻي، ڪويان بيجليان،
ڍولو "نرور سرئين" ڏڻ، پونگل گليان.

پٽ ڌڻيءَ جي هن بيت ۾ "سنڌ" ۽ "نرور سيرئين" ٻئي علائقا آهن. سنڌ هڪ ملڪ آهي پر "نرور سيرئين" ان جو هڪ ماڳ آهي، ڳالهيون ثابت ٿيون ڪن انهن بيتن جو شاعر سنڌ، سنڌ جي ثقافت ۽ جاگرافيءَ کان سٺي ريت واقف هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀڳتي تحريڪ جو ٻيو گروهہ، جنهن رام کي خدا جو اوتار سمجهي پوڄا ڪئي. انهيءَ تحريڪ جو سرگرم نمائنده شاعر پڻ تلسي داس هو جنهن جا دوها سنڌ ۾ عام ٿي چڪا هئا ۽ ان جو اثر سنڌي بيت تي پڻ پيو ٽيون گروهہ جنهن رام کي خدا جو اوتار تہ سمجهيو پر پوڄا جي لائق صرف هڪ خدا کي مڃيو. انهيءَ گروهہ جو نمائنده شاعر سوامي رامانند هو.

ڪلهوڙا دؤر جو هڪ فقير گهراڻو جنهن جا فقيراڻا تعلقات سنڌ کان وٺي جيسلمير تائين گهرا رهيا ۽ ان خاندان مان بہ ڪيئي شاعر ۽ درويش پيدا ٿيا. سي آهن ڪنڊڙي وارا فقير.

ڪاشي ڪنڊڙي ايڪ هہ،
روحل نام ڪبير.
(روحل فقير)

هن گهراڻي جو روح روان شاعر روحل فقير زنگيجو هو جنهن جي هندي- مارواڙي شاعري اڄ بہ هند- سنڌ ۾ مشهور آهي. روحل فقير شاهو فقير جي گهر ۾ امر ڪوٽ پرسان پيدا ٿيو جنهن کي تن ڏينهن ۾ "پدمات" ۽ هاڻي "روحل واهُ" چون ٿا.

سيلي سنگي، سنت ساٿي پر گهٽ آئي،
پورنماس چڪورا آيا، گهر "شاهو" ڪي پائي
(روحل فقير)

باپ ميرا شاهو نهين، اُس گهر نهين مات،
جتي هم جايا نهين، ڪال ورت هم ناهين جات.

روحل فقير چاليهن سالن جي عمر ۾ سنسار تياڳي، سير سفر تي نڪري ويو ۽ راجستان بہ پهتو جتي جوڌپور جي حاڪم بجير سنگهہ سان ملاقات بہ ڪيائين. راجا لاءِ هن هڪ ڪتاب "اگم وارتا" پڻ لکيو جيڪو سوالن جوابن ۾ آهي. ڪلام ۾ هنديءَ جا محاورا آهن ۽ لفظ گهٽ آهن. متس مارواڙيءَ جو اثر زياده آهي. مثال طور هتي هڪ ڀڄن پيش ڪجي ٿو:

ڀڄن

آج موري گهر سنت پڌاريا، سنت هريجن پيارا،
جائو ٻلهارا
(1) آج موزي گهر انگنا ٻئي واڌئي، ورتيا منگل چارا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) ڀاءُ ڀڳت ڪي ڪرون رسوئي آنند ڪرون اُهار،
) سيل سنتوک ڪي سيج بڇائون، پائون موک در ڀِرا،
(4) ڪهتا "روحل" سنت هڏ آبا، پائون درشن ديدارا.

روحل فقير جي خاندان جا ٻيا شاعر جن جي شاعريءَ تي پڻ ڀڳتي رنگ چڙهيل آهي: مثال طور:

آپ مون درسن پايا ري ساڌو آپ مون درسن پايا،
(1) چنچل چت نهچل ڀيو ميرو لعل امر پئي ڪايا،
(2) پئي ڪرپا تب ٻنڌن ٽوٽي، ستگُر الک لکايا.
(3) آشا، ترشنا مٽ گئي من ڪي، ملي منگل مايا.
(4) ڪهت "مراد" مٽي جب ممتا، سهجي سهج سمايا.
(مراد فقير)

سيئي مايا ۾ اٽڪي ساڌو ورلا گروک هٽڪي،
پانچ پچيس وڏر مُٺ ڏاري، جو آگي سولٽڪي.
(درياءَ خان صوفي)

ڦاگنا ۾ هولي کيلون، ساڌنا ڪي سنگ سنگ،
پريم ڪي پچڪاري ڇوٽي، ڀيج رهيو انگ انگ
(فقير غلام علي)

دنيا سوتي کري بگوتي رين ساري ري،
مين جاگي ري ايسي لگن مِنا لاگي ري،
(صوفي جلال فقير)

ڪافيءَ جي بادشاهہ مصري شاهہ امام پڻ هنديءَ ۾ شاعري ڪئي. مٿس مارواڙيءَ جو رنگ غالب آهي. سندس هڪ ڪافي مٿي اچي چڪي آهي. فقيري رنگ واري هن شاعريءَ سنڌي ادب ۽ شاعريءَ تي تمام گهڻو اثر ڇڏيو. ڪيترن ئي صوفين هندي۔ مارواڙي آميزش واري شاعري ڪئي. ناري پٽ ۾ هي سلسلو فقير ايوب آريسر کان وٺي ففير يار محمد مريءَ تائين رهيو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ کان پوءِ اسان کي اهڙيءَ شاعريءَ جو سلسلو تمام ڊگهو نظر اچي ٿو. مختصر ڪندي هتي ڪجهہ مثال خليفي نبي بخش "قاسم" جي رسالي مان ڏجن ٿا. خليفي قاسم جي شاعريءَ تي پڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارواڙي لهجن جو جهجهو اثر آهي. خليفو نبي بخش هڪ سڄاڻ شاعر هو. هن سُر "ڍول مارو" ۾ ڄاڻيَ واڻي مارواڙي لفظ ۽ محاورا زياده استعمال ڪيا آهن: مثال طور:

ڍولو نرور سيرئين، مارو پاس ترين،
قاسم تر ٻاہڙا، آرڙهہ پياس مرن،
گوري جوئي باتڙي، ڍولا آئون گهرين.

-

روم روم سيتل ٿئي، اتر گئي سڀ پاپ،
وهي ڍولو گهر آويو جو امني ڏيڏو ٻاپ.

مارواڙي ادب جي ڪري سنڌ، ادب ۾ ڪئين نوان محاورا، اصطلاح ۽ لفظ داخل ٿيا. اهڙا مثال "ڳاهن سان ڳالهيون" ڪتاب ۾ موجود آهن.

مارواڙي ادب جو هڪ ٻيو پهلو درٻاري شاعري پڻ رهي آهي، جنهن پڻ سنڌي ادب تي پنهنجا اثر ڇڏيا. اهڙن شاعرن ۾ "ڪوي گنگ ڀاٽ" بہ هڪ آهي. هو اڪبر بادشاهہ جو درٻاري شاعر هو. اڪبر بادشاهہ جو دؤر (1550ع) تاريخي لحاظ کان سونهري دؤر هو. هن دؤر ۾ هندو- مسلم تهذيبن جي ميلاپ سبب علم ۽ ادب تمام گهڻي ترقي ڪئي.

"ڪوي گنگ" جي شاعري، سنڌ جي ڪيترن ئي سگهڙن کي ياد آهي. ٿر ۾ خصوصاً ماڻهو هن ڪويءَ جي شاعري ياد ڪن ٿا. ٿر جي اڪثر سگهڙن، هن جي طرز تي شاعري ڪئي آهي. هتي بہ ڪجهہ مثال پيش ڪن ٿا:

گنگ ڪو نير سچنگ وهي، ڪونپ ڪو نير پيئو نہ پيئو
آپ ۾ رگهو ناٿ وسي، تو اور ڪو نام ليئو نہ ليئو
ڪرم جوگ سي سپاتر ملي، تو ڪپاتر ڪو دان ديئو نہ ديئو
ڪوي گنگ ڪهي سڻ شاهہ اڪبر، مورک، متر ڪيئو نہ ڪيئو.

-

گيان وڏي گهٽوان ڪي سنگت، ڌيان وڏي تپسي سنگ ڪينو
موهہ وڏي پروار ڪي سنگت، لوڀ وڏي ڌن ۾ چت ڏينو
ڪروڌ وڏي نرمنيڪي سنگت، ڪام وڏي تريا سنگ ڪينو
ٻڌي وويڪ ويچار وڏي، گيان وڏي ڪوئي ستنگ ڪينو.

هن مختصر احوال مان اها ڳالهہ واضح ٿئي ٿي تہ هڪڙن شاعرن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين شاعرن تي اثر رهيو آهي. مارواڙي علائقو اسان جو سرحدي علائقو آهي. اتي جي علم و ادب تي هنديءَ جو نر آهي ۽ انهي هندي ـ مارواڙي آميزش واري شاعري دنگئي هجڻ سبب، سنڌي ادب تي پنهنجا اثر ڇڏيا آهن.

## جوڳ پنٿي فقيرن ذريعي مارواڙيءَ جو سنڌ ۾ پکڙجڻ:

جوگ يا يوگ جي تاريخ تمام پراڻي آهي. هندو ڌرم موجب شِو ڀڳوان خود مهايوگي هو ۽ سدائين يوگ جي حالت ۾ ئي رهندو هو. اڄ کان ڪيترائي زمانا اڳ شِو ڀڳوان، جوڳ جي ابتدا ڪئي. اڄ بہ جتي شِو جا مندر آهن اتي يوگا جو اڀياس ٿيندو آهي. پاڪستان ۾ امرڪوٽ جي پرسان شِو جي قديم مندر ۾ بہ يوگا جي سکيا ڏني ويندي هئي، جيڪو سوامي "وينجهراج" ڏيندو هو. 1990ع ۾ سوامي جي شهادت سبب هن يوگ اڀياس جي پڄاڻي ٿي وئي.

جوڳ پنٿ ۾ جنهن جوڳيءَ تمام گهڻو نالو ڪمايو سو "بابا گورکناٿ" هو جنهن جو ذڪر سرڪار يٺ ڏٽيءَ پڻ سُر رامڪليءَ ۾ ڪيو آهي:

لنگ ڪڍيائون لانگ، موتي ڪن نہ مسحو،
جا اسلامان اڳ هئي، سا سڻائون ٻانگ،
سامي ڇڏي سانگ، گڏيا گورکناٿ کي.

مهايوگي گورکناٿ، بابا "مڇندر ناٿ" جو چيلو هو ۽ آسام جو رهاڪو هو. گورکناٿ هڪ سٺو شاعر پڻ هو. گورکناٿ جا چيل ڀڄن اڄ بہ سنڌ جي ڀڳتن وٽ مقبول آهن. ٻولي هندي گهٽ، ليڪن مارواڙي وڌيڪ مليل اٿس. ڀڄنن ۾ عاقلاڻہ ٻول اهڙا تہ منجهيل ۽ گنڀير آهن، جيڪي هر ڪنهن جي سمجهہ ۽ پهچ کان مٿي آهن: مثال طور:

پان ٻُڏي، سَلا تريجي، هيڪ اچانپو مانهہ ڏينو،
اونٺ پر ناڙي ڀهي رهيا، سسيو پروڙي روڏي،

(پن ٻڏي پيو ۽ پٿر تري پيو ۽ سُئي جي سوراخ ۾ اُٺ لنگهي وڃي تو ۽ سهو ڦاسي پوي ٿو. مون اهڙو عجب اسرار ڏٺو آهي. اي گُرو اوهان جي وچن جوئي ڪمال آهي.)

گورکناٿ ۽ چيلاڳ قديم زماني کان وٺي سڄي هندستان جا چڪر ڪاٽيندا، ماڻهن کي جوگ جي سکيا ڏيندا ۽ سنک وڄائيندا، ڦرندا رهندا هئا. انهن جو اثر اڄ بہ سنڌ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. فقيرن جو گيڙو پوش هئڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جو اهڃاڻ آهي. انهن جوڳين جا سنڌ ۾ هنگلاج، لاهوت، سيوهڻ، امرڪوٽ ۽ ننگرپارڪر اهم اڏا هوندا هئا. جوڳ پنٿ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ سنڌ ۽ پنجاب ۾ بابا گورکناٿ جي تحريڪ جو گهڻو اثر هو. ناٿ پنٿي فڪر جا جوڳي پنجاب، سنڌ، بلوچستان، راجستان ۽ اوپر هند تائين پکڙيل هئا. عيسوي صديءَ کان اڳ واري زماني ۾ خاص طور تاريخي لحاظ کان سنڌ ۾ اهم يوگي ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن جو ذڪر يوناني تاريخ نويسن پڻ ڪيو آهي. جڏهن سڪندر اعظم ايران فتح ڪرڻ کان پوءِ هندستان طرف پيش قدمي ڪئي تہ هن پهرين پنجاب ۾ ٽئڪسيلا وٽ پهاڙي گفائن ۾ جوڳي ڏٺا، سنڌو ماٿريءَ جي سادن ۽ سنياسين متعلق سڪندر اعظم جو برک تاريخ نويس "ايسري" (Assrian) لکي ٿو تہ:

"هتي جا ويراڳي، وڏي فڪر ۽ فلسفي وارا مدبر ۽ دانشور هئا، هنن سيوستان ۾ جوڳين کي سندن خلاف احتجاج ڪندي بہ ڏٺو."

هنن جوڳين ۽ سنياسين جو جوڳ سفر شِو ڀڳوان، مڇندر ناٿ، گورکان ۽ ڏونگر پُريساميءَ کان ٿيندو اڄ جي جوڳين تائين پهتو. سنڌ جي مسلمان جوڳين پڻ ان جو اثر قبول ڪيو. خود سرڪار ڀٽ ڌڻي پڻ جوڳين جي حال کان مڪمل طرح واقف هو ۽ سچو هڪ سُر (رامڪلي) انهيءَ پسمنظر ۾ چيو اٿس. صرف ايترو ئي نہ آهي، ڀٽ ڌڻي تہ ڪيئي سال گيڙو رتا ڪپڙا پائي، "ڀڳت ميگھہ داس" جي خدمت ۾ رهيو. جوڳ ۽ ڏاها پڇايا. اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ڪنبڙيءَ وارن فقيرن وٽ جوڳ جو سلسلو اڃا بہ جاري آهي. سنڌ ۾ ڪجهہ اهڙا مقام آهن جتي اهي درويش فقير ويٺا ۽ جوڳ پڇاپائون. ڪنبڙيءَ وارن فقيرن جي هندي ڪلام (جنهن ۾ مارواڙي ۽ سنڌي جي آميزش آهي) تي نظر وجهڻ سان خبر پوندي تہ هنن کي جوڳ جو چڱو خاصو علم هو. ڪنبڙيءَ ۾ فقيرن جا راجپوتانا، جيسلمير، جوڌپور ۽ ٿر طرف، هندن ۾ واڻيا، مالهي، کتي، مينگهواڙ ڀيل ۽ ماڙيچا وغير ۽ مسلمانن ۾ پڻ سون جي تعداد ۾ چيلا (مريد) آهن.

سنڌ جي بزرگ ۽ عظيم انسانيت جي علمبردار صوفي شاهہ عنايت شهيد سان منسلڪ جيڪي بہ 72 ٻاريون (گاديون) آهن انهن سيني جا مارواڙ سان يوگ ۽ پيري مريديءَ جي سلسلي ۾ تعلقات رهيا آهن. اڄ بہ هندستان ۾ ان جا لکين مريد رهن ٿا. ناري ڀٽ جو مشهور الهامي شاعر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت صوفي صادق شاهہ جيڪو جهوڪ شريف جي گاديءَ جو مريد آهي، تنهن کي پڻ "ڀوڄي ڀڳت مينگهواڙ" ذڪر ڏنو هو جنهن لاءِ جهوڪ شريف جي گادي نشينن وٽان روايت پيڙهي در پيڙهي هلندي اچي. اهڙو اظهار جهوڪ شريف جي گادي ڌڻين مان صوفي حضور بخش هڪ اڻ ڇپيل مقالي ۾ پڻ ڪيو آهي. ان مان ثابت آهي تہ جوڳ پنٿ جي سلسلي ۾ سنڌ ۽ مارواڙ جا تعلقات قديم زماني کان رهندا پيا اچن. ان سلسلي کي اجا بہ جيڪڏهن ڏِگهو ڪجي تہ سنڌ ۾ اهڙيون ڪئين حڪايتون ۽ قصا ۽ ساموهون ايندا. جن مان پليءَ پت جاڻ ملي سگهي ٿي تہ سنڌ جي سنڌين ۽ مارواڙ جي مارواڙين جا پاڻ ۾ جوڳ پنٿ جي سلسلي ۾ تمام گهرا ۽ اٽُٽ رشتا ناتا رهيا آهن. جنهن جي وسيلي لازماً هڪ ٻئي تي ٻوليءَ جو اثر ٿيو هوندو.

جوڳ پنٿ جي جوڳين ۽ سنڌ جي صوفين جا پاڻ ۾ ان سلسلي ۾ مقابلا پڻ ٿيندا هئا، جنهن جي ڪري سنڌ جي صوفين تي جوڳ فلسفي جو اثر پيو. سنڌ جي لوڪ ادب جي هڪ خاص صنف "گرو چيلو" جيڪا انهن آڳاٽن جوڳين جي ڇڏيل ميراث آهي. گورکناٿ جي ٻچنن مان پتو پوي ٿو تہ جڏهن مڇندر ناٿ پنهنجن چيلن کان اڙانگا سوال ڪندو هو تہ اهو صرف "گورکناٿ" ئي سمجهي سگهندو هو باقي هر ڪنهن جي کوپڙيءَ ۾ اها ڳالهہ ويهڻ جهڙي ڪا نہ هوندي هئي. پوءِ تہ گورکناٿ انهيءَ فڪر ۾ اهڙو تہ پڙ ٿيو جو بابا مڇندر ناٿ کان بہ گوءِ کٽي ويو. پوءِ اهڙا ئي سوال پنهجن کي پلڻ ڪندو هو ۽ نيٺ اهڙن اڙانگن ٻولن جو شاعر بڻجي ويو. سندس شاعريءَ جي مختصر جهلڪ هن طرح آهي.

جائو چيلا لڪڙي لائو
ليلي نہ لائو سوڪي نہ لائو
هاٿ ري بڍيوڙي نہ لائو
جائو چيلا لڪڙي لائو.

(وڃ چيلا ڪاٺي آڻ، نہ آلي هجي نہ سُڪل هجي، هٿ جي وڍي نہ هجي، ڪاٺي آڻ)

جوڳي فقيرن جي اهڙن ٻولن، اڳتي هلي سنڌ ۾(گرو چيلو) جي صنف جي صورت اختيار ڪئي. گرو سوالن ذريعي جڻ چيلي جو امتحان پيو وٺي. انهي تخيل، جوڳ پنٿ جي فقيرن جي روايت ذريعي گروءَ جا چيلي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پڇيل ڪي سوال، سنڌ جي درويشن جي صحبت ۾ پڻ رائج ٿيا. اهڙي طرح ڏٺو وڃي تہ سند ۾ ”گرو چيلي جا ٻول“ مارواڙي صنف جا ٻول آهن، چاڪاڻ تہ جوڳين جا مرڪز راجستاني پرڳڻا ئي رهيا آهن. هتي گرو چيلو مان بہ مثال پيش ڪجن ٿا.

گرو= مڙهي آڏي ڊينگهري، گوڏا نانا جاءِ،
گوري مُک سونهي نهي، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ.
چيلو= گرو جي ناٽ نهين

(مڙهي آڏي ڊينگهري آهي، يعني دربند آهي، جو تہ اندر ناٽ ناهي ڊگهو ڊگهو پيو وڃي چاڪاڻ تہ ان کي ناٽ(نٽ) لڳل ناهي ۽ عورت جو مک روپ نٽو ڏي چاڪاڻ تہ ان کي بہ ناٽ(نٽ) ناهي.

گرو= آڏوتي اُس مري، ڊولڪ ڪري نہ ناهہ،
ٻانهي ٻهون حاج ڪري، ڪهو چيلا ڪس ڀاءِ.
چيلو= گرو جي ”مڙهي“ نهين

(ٻائو اُس مري پيو جو مڙهي ناهي، ڊولڪ بہ نٽي وڃي جو مڙهي(مڙهيل) ناهي، ٻانهي بہ ڪم نٽي ڪري جو مڙهي ناهي، چاڪاڻ تہ جوان آهي).

ناٽ پنٽي فقيرن جي سوالن جوابن پوءِ هڪ ٻيءَ صنف ان جي جڳهہ ورتي، جيڪا سنڌ جي سگهڙن ۾ تمام گهڻي مقبول ٿي، جنهن تي سنڌ جي سگهڙن بہ طبع آزمائي ڪئي، جنهن جي وسيلي سنڌي ٻوليءَ ۾ مارواڙي محاورا ۽ لفظ عام استعمال ٿيڻ لڳا، جنهن جا ڪافي مثال موجود آهن.

## مارواڙي ٻوليءَ جا سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ ۽ لهجا:

مارواڙي ٻولي سنڌ جي سرحدي ٻولي آهي. ايامن ڪان وٺي شاعر، سگهڙ، ڀان ۽ ڀاٽ وغيره سنڌ ڪان مارواڙ ۽ مارواڙ ڪان سنڌ ڏانهن ايندا ويندا رهندا هئا. تنهن ڪري اسان جي اهم ۽ وڏن شاعرن تي پڻ مارواڙي ٻوليءَ جو اثر ٿو ڏسجي. ان ڏس ۾ سنڌ ۽ هند ۾ رهندڙ مارواڙي قبيلن جو پڻ وڏو عمل دخل رهيو آهي. سنڌ جي اڳاٽن شاعرن ڪان وٺي موجوده شاعرن تائين، مارواڙي ٻوليءَ جو اثر قبول ڪيو آهي، تنهن جا مثال سندن ڪلام ۾ ملن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ ئي اهڙا بيت ڏنا آهن ۽ گمان ڏيکاريو اٿن تہ اهي بيت دادو ديال جا آهن. هتي هڪڙو بيت مثال طور پيش ڪجي ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاگر ڪالي اڪرين، مين واچيندي لڏو
سڄڻ اچي ڊرين، مين لوڙهيندي لڏو.

متئين بيت ۾ لفظ ”ڪاگر“ ۽ ”واچڻ“ جا ٻئي لفظ مارواڙي ٻوليءَ ۾ پڻ ڳالهايا ويندا آهن. ”ڪاغذ“ مان ”ڪاگر“ ۽ ”واچڻ“ مان ”باچڻ“ مارواڙي ٻوليءَ جا لفظ آهن.

شاهہ ڪريم ۽ قاضي قاضن جو دؤر ادبي لحاظ کان سنڌ ۾ اهم دؤر رهيو آهي. انهن آڳاٽن شاعرن جي ٻوليءَ تي پڻ مارواڙي ٻوليءَ جو اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

هيڪ جو اڪر ونگرو ڳُر تُسي ڏي،
انڌاري گهر ديولا. ڦر ڦر جوت ٻري

متئين بيت ۾ لفظ ”هڪ“ مان ”هيڪ“ اچارڻ پڻ مارواڙين جي فطرت ۾ شامل آهي. ان دؤر جو هندستان جو اهم ۽ وڏو شاعر ”ڀڳت ڪبير“ هو جنهن بابت اڄ تائين ڪو فيصلو تي نہ سگهيو آهي تہ هو هندو هو يا مسلمان، ان ئي دؤر جو مشهور ڪوي ”ڀڳت تلسي داس“ هو تنهن جا پڻ دوها سنڌ ۾ مشهور هوندا هئا:

تلسي، تلسي ڪيا ڪرو تلسي بن ڪا گهاس،
ديا پئي رگهنات ڪي، بن گيا تلسي داس.

(تلسي داس)

انهن ٻن وڏن ۽ اهم شاعرن کان علاوه اتر هندستان جا ٻيا بہ ڪي شاعر جن جي شاعري مارواڙي – هندي آميزش واري هئي، سنڌ ۾ اڪثر ستسنگ جي موقعن تي ڳائي ويندي هئي، تنهن ڪري انهن مڙني شاعرن جو اثر پوئين دؤر جي شاعرن تي پڻ ٿيو. شاهہ کان اڳ جي شاعرن ۾ شاهہ عنات رضوي ۽ ميون عيسيٰ اهم جڳهہ والارين ٿا. انهن جي ڪلام ۾ خاص مارواڙي لفظ نہ آهن، تڏهن بہ مارواڙي اُچار جو اثر متن ضرور ڏسجي ٿو. مارواڙي ٻوليءَ ۾ اڪثر آواز ٻگها ڪري اُچاريا ويندا آهن، جيئن، ڏِڪرو مان ڏيڪرو معنيٰ پُٽ: ڪڪرو مان ڪاڪرو معنيٰ پٿر:ڪنڌ مان ڪانڌ، معنيٰ ڪنڌ: ڪٽ مان ڪاٽ، معنيٰ زنگ وغيره. اهڙا لفظ انهن ٻنهي شاعرن جي ڪلام ۾ ملن ٿا، مثال طور:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪندي ساعت هيڪڙي، اڄي نہ آرام،
جان پل پاساهان پرين، تان لڙڇي تن تمام،
جي هيڪاندا هوت مون، تہ هڏهين ننڊ حرام،
آنو پهر اڃام، متان محبتين نہ لهي

(ميون عيسيٰ)

مٿئين بيت ۾ لفظ 'آنو' مان 'آٺو' ۽ 'اڃام' مان 'اجام' مارواڙي لهجي مطابق ڪيا ويا آهن. اهڙيءَ طرح مارواڙي ٻولي ۾ 'ز' آواز 'ج' ۾ تبديل ٿيندو آهي، جيئن ساز مان ساج، باز مان باج راز مان راج وغيره. شاهہ عنات رضوي جو هڪ بيت ان حوالي سان هت پيش ڪجي ٿو:

'ساج' سنياهي توناٿي، تندون چور تنبير،
مڱڻهار ملوڪ اڳيان، ٿي وڄائن وير،
دائم انهي در جي، جنين آهي هير،
تن ڏوئي ڪيا ڏير، خاص خزانن منجهان.

مٿئين بيت ۾ لفظ 'ساز' کي 'ساج' ڪيو ويو آهي. سرڪار لطيف جي ڪلام ۾ تہ اهڙا ڪئين لفظ آهن. پٽ ڌڻي سيلاني درويش صفت شاعر هو جنهن هنگلاج کان جيسلمير تائين جا علائقا ڏٺا ۽ گهميا. جيسلمير ۾ هندو مريدن وٽ سندن اڪثر وڃڻ ٿيندو هو. ان نسبت سان سندس ڪلام ۾ اهڙا لفظ جام ملن ٿا، هتي ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

ڪنڊا مون پيرن ۾، توٽي لک لڳن،
آگر آگونو نہ مڙي، ڇپون پيير ڇنن،
ويندي ڏانهن پرين، جتي 'جات' نہ پايان،

—

آئون جهائي 'جات' تون پاڻ سڃاڻج سپرين،
ترس طبيبن جو جڏن ڪيو نہ 'جات'،
جو ويڄن جي وات، دارونئان تنهن دور ٿيا.

—

گنجي ڏونگر گام ۾، کهڙو اٿئي'ڪام'،
پسي تنهن پهاڙ کي، اڄي نہ آرام
متان ڏونگر ڏورئين، اڃهين ڪوهہ عوام
هئڻ ڪر حرام، ڪام تہ ڪاهوڙين ٿين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

-

سنگ ڪري سين 'سينهن'، ڪنڌ ۾ ڦيرج ڪيڏهن،
رمج راڻي پٽ ۾، نرتئون منجهان نينهن،
ائين م وسج عام تي، جيئن مومل وسن مينهن،
سنڌي حشر ڏينهن، سوڍو سارينديِن گهڻو

-

هن پر سيم هوءِ، ستي سنپارن جي،
چت چڙن چوريون، 'جونڪ' ٽينئڙم جوءِ،
محبتي ميهار جي، باالله پيئڙم بوءِ،
وجي روبروءِ، ڏيکهان دوست ميهار کي.

مٿئين بيت ۾ ڪم آندل لفظ 'ذات' مان 'جات'، 'ڪم' مان 'ڪام'، 'شينهن' مان 'سينهن' ۽ 'ذوق' مان 'جونڪ' ڀاتڪي وانگر مارواڙيءَ ۾ پڻ اچارين ٿا. البت لفظ ڪم مان 'ڪام' خاص مارواڙي محاوري موجب آهي. اهڙا ڪيئي مثال سرڪار پٽ ڏٽيءَ جي ڪلام ۾ ملن ٿا. ڪلهوڙا دؤر جي هڪ ٻئي درويش شاعر حضرت سلطان الاولياءَ خواجہ محمد زمان لنواري واري جي ڪلام ۾ پڻ اهڙا لفظ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جي صرف مارواڙيءَ ۾ ئي اچاربا آهن، مثال طور:

آئون ان ڏينهان، سڪي سپرين کي،
جي اوڏا ٿيا ان کي، آدم ۽ حوا،
محبت مڙيندم ماءِ، 'چال' موٺي ماڳيتي ٿيان.

مٿئين مثال ۾ لفظ 'شال' کي 'چال' ڪيو ويو آهي. ائين مارواڙيءَ ۾ پڻ شال کي 'چال' ئي چون. ان طرح سنڌ جي ٻين عظيم وڏن شاعرن، صوفي صادق شاهہ، خليفي نبي بخش 'قاسم'، شاهہ شريف ياڏائي ۽ غلام محمد خانزئيءَ جي ڪلام ۾ پڻ اهڙا لفظ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، مگر هتي بحث مختصر ڪندي صرف هن دؤر جي عظيم شاعر شيخ اياز جا چند اهڙا بيت پيش ڪندس:

ورت وجي جيئن پوڻ تي، تيئن مون ڪويتا،
ڪيڏا مون پيتا، امر ڍُڪ 'آسُور' جو.

-



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجب ٽونا هڻنديون آهن. جنهن جي ڪري ساريال جا ٻوڙا مينهن جي سڱ جي پيچن ۾ ڦاسي پوندا آهن. ٻوڙن جون پاڙون آليون ۽ گپ واريون هجڻ ڪري، ٽمنديون رهنديون آهن. سرڪار لطيف اهڙي منظر ڪي ڏسي مٿيون بيت چيو:

جتي ڪيف نہ آين، اُت سيوئي عين،
وچان 'گيو' غين، سورج سدا پڌرو.

(خواجہ محمد الزمان)

مٿئين بيت ۾ استعمال ٿيل لفظ 'گيو' پڻ، مارواڙيءَ ۾ ڳالهايو وڃي ٿو جنهن جو مطلب آهي 'ويو': مصدر 'وڃڻ'. سچل سرمست جي ڪلام ۾ پڻ مارواڙي محاورا ملن ٿا هتي هڪ بيت پيش ڪجي ٿو:

سارنگ ساري رات، رڻ تي ريج ڪيا،
پکين پرڙا 'سوئيا'، پرهہ ڦٽي پريات،
پٽن تي پڌرا ٿيا، گل ڦل پانتو پانت،
وائي سڀ ڪنهن وات، سچل سارنگ سانت جي.

سچل سرمست جي هن بيت ۾ لفظ 'سوئڻ' مارواڙي ٻوليءَ ۾ اچاربو آهي، جنهن جي معنيٰ صاف ڪرڻ، اهڙا ٻيا ڪيئي لفظ آهن جيڪي سنڌ جي مهان شاعرن جي ڪلام ۾ موجود آهن. هتي چند بيت شيخ اياز جا لکجن ٿا:

اکين اڄ بہ ڏٺيون، پر نہ اڳي جيئن ٻَک سان،
'آنبوهيل' گدريون، گوري تنهنجي گڄ ۾.

—

انهي تي افسوس، هي جا جائي ڪونجڙي،
هن ڪيئن پليو سوس، مرندي تائين سونهن ڪان.

—

هي جو 'ايراٽو'، وڃي پيو وات تان،
اڃان نہ ساٽو توڙي سڄ لهي ويو.

—

وري ميان ٻڙد ڪي، بيهر ٻڌين تو
ڪيڏو ورتو تو پورهيو هن ڪان پنڌ جو.

—



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ بہ اهو آن، سوچيمر ڏسي آرسي،
جنهن جو شهر نہ ڳان، آحر تائين اجنبي.

—

اڱرين ۾ 'آئينڻ'، ڪيڏي موج مُري،
پيو پوءِ بہ ٻوري، ڪوئي پڙين پار ڏي

—

آيون ڪٽي شام جون، ڪائين جون ڪاريون،
شفق ڏيہاريون، لوڙهي لوڙهي مونگهڙو.

—

جيڏيون 'جڙهيڙي'، اڄ بہ آهي اُپ ۾،
مون من چڻ پيڙيءَ مٿان نيري سمنڊ ۾.

—

جانڪڙو نہ جهارو ويري وريون نينگريون،
دلا واري تي رکي، ڪائي ڦوڪارو
ساري وسڪارو تڪين اڀري اُپ کي.

—

توڙي ڳائن ڪجليو توڙي جو ڏاٽو
ناهي وساٽو ڏيئو تن جي ذات جو.

مٿين بيتن ۾ ڪم آندل لفظ آنبوهيل= پڪ، سوس = اميد، آسرو اُپراٽو= پيدل، ٻڙد= ڏڳو بيل، آئينڻ = هٿن ۾ پيل لڦون، ڳانُ = ڳوٺ، مونگهڙو = دروازو جڙهيڙي=چنڊ جي چوڏاري روشني جو ٿهيل چڪرو جانڪڙ = ناشتو جهارو= ناشتو ڦوڪارو= ساهي پٽڻ جي حالت.

مٿيان لفظ ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ بہ ڳالهايا وڃن ٿا. البتہ مارواڑيءَ ۾ بہ ائين جو ائين اچارين ٿا. مطلب تہ سنڌي شاعريءَ ۾ جيڪڏهن ڏسبو تہ اهڙا ڪوڙ سارا لفظ ملندا، جيڪي مارواڙيءَ جو سنڌي ٻوليءَ ۽ شاعريءَ تي اثر ظاهر ٿا ڪن.

## ڍاٽڪي ٻولي:

ڊاڪٽر محي الدين زور دنيا جي سيني ٻولين کي اٺن خاندانن ۾ ورهايو آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي هند ايراني جي خاندان ۾ رکيو اٿس هند ايرانيءَ جون ٽي شاخون آهن، جنهن ۾ هڪ هند آريائي آهي. هند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آريائي مان پراڪرتي ۽ پراڪرتيءَ جي شمالي شاخ سنڌي ڏيڪاري اٿس؟ شمالي مغرب گروھہ ۾ سنڌيءَ کي پنجن لهجن ۾ ورهايو اٿس، جنهن ۾ هڪ ٿريلي لهجو بہ آهي. هتي منهنجو مقصد سنڌي ٻوليءَ تي لکڻ ناهي، جيئن ان تي بحث ڪجي البت ٿري تي مختصر بحث ڪندس. ٿر وارو سڄو حصو پارڪر سميت سياسي لحاظ کان سنڌ ۾ شامل آهي ۽ پاڪستان جو حصو آهي، پر لساني حدون ڏيکاريندڙ ليڪون، اڄوڪيءَ سنڌ جون حدون اورانگهي وڃن ٿيون. ڍاٽڪي ٻولي، جنهن تي ڪيترين ئي ٻولين جو اثر موجود آهي. ننگرپارڪر طرف گجراتي ٻوليءَ جو گهڻو اثر آهي. تعلقي ڏيپلي جي ڏاڪڻئي حصي ۾ صرف ڪڇ جي ٻوليءَ جو اثر آهي ۽ ڇاڇري تعلقي جي ايرندي ڪنني واري پاسي راجستاني مارواڙي ٻوليءَ جو اثر آهي. وچئين ڀاڱي ڍاٽ ۾ ڍاٽڪي معياري ۽ صاف آهي. ٿر جو هيءُ ڀاڱو جيئن تہ جوڌپور ۽ مارواڙ جو دروازو آهي، ان ڪري هتان هميشہ وڏي پئماني تي ماڻهن جي اچ وڃ پئي رهي آهي. ان ڪري لساني ليڪون ڍاٽڪي لهجي واري ايراضيءَ کي، راجستاني ٻوليءَ جي ايراضيءَ ۾ شامل ڪن ٿيون، ڇاڪاڻ تہ ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ بيشمار مارواڙي لفظ موجود آهن ۽ ڳالهائڻ جي ترڪيب پڻ راجستانيءَ جهڙي آهي. رائيچند هريجن ۽ ڪاڪي پيرومل ٻنهي عالمن جي راءِ موجب ڍاٽڪيءَ ۾ گجراتي، ڪڇي، سنڌي ۽ مارواڙي ٻولين گاڏڙ صورت ۾ آهن ۽ ڍاٽڪيءَ کي راجستاني ٻولين جي دفعي ۾ شمار ڪن ٿا. اها حقيقت آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي حد، ٿر جو ڏکڻ اولہ وارو علائقو آهي تہ ٻئي طرف، مارواڙي ٻوليءَ جون حدون پڻ ڍاٽ (امرڪوٽ) آهي. انهن ٻنهي ٻولين جي وچ واري ايراضيءَ جي ٻوليءَ کي ڍاٽڪي ٻولي چئجي ٿو. هن علائقي ۾ ٻنهي ٻولين جو باقاعدي ٽڪر ٿئي ٿو. هڪ طرف سنڌي ٻولي تہ ٻئي طرف مارواڙي. ٿر واري انهيءَ وچئين ڀاڱي ۾ ٻولين جو هڪ لُڙ تي پيو آهي ۽ اُن لڙاتيل ٻوليءَ کي ڍاٽڪي ٻولي ٿو چئجي.

مگر سر گريئرسن جي راءِ ۾ ڍاٽڪي سنڌي ٻوليءَ جو لهجو آهي، جنهن تي مارواڙي ٻوليءَ جو گهڻو اثر آهي، جنهن ڪري ٻنهي کي وچ تي سمجهجي، منهنجي راءِ بہ اها ئي آهي تہ ڍاٽڪي ٻوليءَ سنڌي ۽ مارواڙي ٻنهي جي وچ جي ٻولي آهي، جنهن لاءِ آئون مٿي مختصر طور لکي آيو آهيان، مگر حقيقت ۾ ڏنو وڃي تہ ڍاٽڪيءَ تي سنڌيءَ کان مارواڙيءَ جو اثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ ۽ گهڻو آهي، اڄ ڍاٽڪي ٻوليءَ ۾ جيڪو بہ ادب آهي، اهو سڄو مارواڙي ادب ، سڀ: ڳوڙها، هيماريون، پروليون، ڏٺون، دوها، داستان، جهيمڻ لوڪ ڪهاڻيون ۽ ادب جون ٻيون سڀ صنفون گهڻو ڪري نوي سيڪڙو مارواڙي آهن. مختصر طور ائين چئبو ڍاٽڪي ٻولي، مارواڙيءَ جي هڪ ذيلي شاخ آهي. مگر هاڻي تہ ڍاٽڪي هڪ باقاعدي ٻولي ٿي پئي آهي. منجهس ڪتاب لکيا ويندا آهن. جنهن جا بہ مختلف لهجا آهن. مارواڙي لهجو ڪاٺر جو لهجو پاٺر جو لهجو پارڪري لهجو وغيره.

ان ڪان سواءِ ڍاٽڪي ٻوليءَ جو پنهنجو بہ گهڻو ادب آهي. جيڪو گهڻو ڪري مارواڙ ڪان آيل آهي ۽ مٿس سنڌيءَ جو رنگ چڙهڻ سبب ڍاٽڪي ٿي پيو آهي.

سنڌيءَ جو اهو ٺي گس آهي، جنهن تي سفر ڪري سنڌي ٻولي راجستان جي مختلف پرڳڻن تائين پهتي آهي ۽ جتي راجستانيءَ سان ملاقات تي آهي، اتي بگڙجي ڍاٽڪي ٿي پئي.

**سنڌي ٻوليءَ جو راجستاني پرڳڻن تائين پهچڻ:**

سنڌي ٻوليءَ کي مارواڙ تائين پهچائڻ ۾ ياٽن، پاٽن، ڳائڻن ۽ شاعرن جو وڏو هٿ آهي. ان ڪان سواءِ مذهبي پرچار، وڻج واپار، سماجي ناتن، قومن ۽ قبيلن جي اچ وڃ سبب بہ سنڌي ٻولي، مارواڙ جي ڪجھ علائقن تائين پهتي آهي. ملاڪاتيار جا بزرگ، لوٽي شريف تائين ويا. ملتان جا بزرگ تبليغ جي سلسلي ۾ پڻ مارواڙ جي اڪثر علائقن تائين پهتا، جن تبليغ سان گڏوگڏ سنڌي ٻولي پڻ اتي پکيڙي. ان ڪان سواءِ راشديہ خاندان جي بزرگن جا مارواڙ طرف لکن جي تعداد ۾ مريد رهن ٿا. جيڪي آزاديءَ ڪان اڳ قافلن جي صورت ۾ سنڌ ايندا هئا ۽ هتان بزرگ پڻ پنهنجن خادمن ۽ پوئلڳن سميت مارواڙ ڏانهن ويندا هئا. جنهن سبب اتي سنڌي ٻولي پکڙي ۽ وڌي.

جيسلمير ۽ ٻاهڙ مير ڪان وٺي هيٺ مارواڙ جي مرڪزي شهر پيلمان تائين، سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ جو اثر ٿيو. سنڌ جي درويش شاعرن جي صوفياڻا فڪر جو مارواڙ طرف ڪافي اثر پيو خاص ڪري انهن جي شاعري جو جوڳ پنٿي فقيرن تي تمام گهڻو اثر پيو. قاضي قادن جي بيتن جو داد و ديال تي ڪافي گهرو اثر پيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دادو دعوي ڇوڙ دي، تو هووي خير ڪا خير،
نا ڪسي ڪي دوستي، نا ڪسي ڪا بير.

دادوءَ جي مريدن مان 'رجب' نالي هڪ پڻاڻ هو جنهن جي شاعري پڻ مارواڙ طرف مشهور رهي.

ستسنگ سين ٻڏي وڏي، جهاڙا وٽ سين گهاتس،
رجب سنگت منڊڪي، ڪري ٻڏي ڪو ناس.

14 هين ۽ 15 هين صديءَ ۾ ڀڳت سڏنو جيڪو اصل سيوهڻ شريف جو رهاڪو هو ۽ سيوهڻ ۾ ئي پيدا ٿيو ۽ ڪاسائي ڪو ڪم ڪندو هو، سو هندي ۽ مارواڙي ٻوليءَ جي آميزش وارا ڀڄن چوندو هو، جنهن تي سنڌي ٻوليءَ جو جهجهو اثر پيل آهي. انهن بزرگن جي اچ وڃ، سماجي ميل جول، واپاري ۽ تجارتي ناتن سبب سنڌي ٻولي راجستان جي اڪثر علائقن تائين ڦهلجي وئي، ايتري قدر جو سانچور جي ٻوليءَ ۾ سنڌي ۽ گجراتي ٻولين شامل ٿي ويون ۽ جسونت پور ۾ بہ سنڌي جو ڪجهہ حصو شامل آهي ۽ مالائي جي ٻولي ۾ بہ سنڌي ٻولي ملڻيل آهي.

## نتيجا:

سنڌي ۽ مارواڙي ٻوليءَ جو لساني لاڳاپو موضوع جي مطالعي کان پوءِ ماڻهو آسانيءَ سان ان نتيجي تي پهچي سگهي ٿو تہ هزارين سالن کان سنڌ سان ناتن ۽ رشتن سبب سنڌي ۽ مارواڙي ٻولين هڪ ٻئي تي وڏو اثر وڌو آهي، ڪيترن ئي سنڌي سگهڙن ۽ شاعرن مارواڙي ادب ۽ ٻوليءَ کان متاثر ٿي نيون صنفون ايجاد ڪيون يا مارواڙي صنفن ۾ نواڻ پيدا ڪري سنڌيءَ جو ويس پهرايو جنهن ۾ هيماريون، ڳوڙها، گرو چيلو ۽ ڏٺ پروليون وغيره اچي وڃن ٿيون. ان کان سواءِ سنڌي شاعرن مارواڙي لفظ ۽ محاورا پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيا آهن، جنهن جا مثال مٿي پيش ڪيا ويا آهن، جنهن جي ڪري سنڌي ادب جو جهول اچا بہ وڌيڪ پريو آهي؛ ٻئي طرف سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو ڦهلاءُ مارواڙ جي ڏور ڏور علائقن تائين ٿيو آهي، جنهن سبب بہ سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاري ۾ مزيد اضافو ٿيو آهي.

**ختم شد**

گهنگهور ٽڪور سين مورڇپي نهي، ٽُري ڇپي نهي باگ اُنايا،
چنچل نار ڪي چال ڇپي نهين، نيڻ ڇپي نهين نينهن لڳايا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تارون ڪي اوٽ ۾ چندر ڇپي نهين، ڏاتار ڇپي نهي گهر منگت آيا،
جوڳي ڪا بيس انيڪ ڪري، ڌرم ڇپي نهين پيوت لڳايا،
ڪوي گنگ ڪهي سڻ شاهه اڪبر، ننگ ڇپي نهين ڇپي لڳايا.
(ڪوي گنگ)

## مددي ڪتاب:


نوٽ: هيٺين ڪتابن تان سڌي ۽ اڻ سڌي طرح مدد ورتي اٿم. حوالن کان جاڻي ٻجهي پرهيز ڪيو اٿم، ڇاڪاڻ ته ڪي دوست اصل محنت ڪرڻ بجاءِ ٻين جا ڪنا ڪيل حوالا ڪڻن ٿا.

(1)ملڪ مارواڙ جي گزيٽ، هرديال سنگهه- اشاعت سال 1885ع پايئه تخت گڙهه جوڌپور(اردو)

(2) پڳت مالها- فتح چند مينگهراج آڏواڻي – ڇاپو ٻيو- سال 1937ع سنڌي ساهتيه منڊل حيدرآباد.

(3) هندستاني لسانيات- ڊاڪٽر محي الدين زوَر- سال 1961ع مڪتبه معين الادب اردو بازار لاهور(اردو)

(4) شاهه جو رسالو– بمبئي ڇاپو 1886ع

(5) اُنا مينهن ملير – نفيس احمد شيخ، سال 1975ع ڇپائيندڙ نور احمد ميمڻ تڏهون ڪو ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر.

(6) سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ. ڇاپو ٽيون- سال 1990ع پاڪستان اسٽڊي سينٽر ڄامشورو.

(7) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ- ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي- سال 1993ع ڇاپو چوٿون- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(8) ابيات سنڌي- خواجه محمد الزمان لنواري وارو- مترجم علامه دائود پوٽو- سال 1994ع - ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه.

(9)سنڌي ادب جي تاريخ- سيد حسام الدين راشدي – مترجم غلام محمد لاکو- سال 1996ع سنڌ تحقيقي بورڊ حيدرآباد.

(10)سچل سرمست جو سنڌي ڪلام- عثمان علي انصاري- سال 1982ع ڇاپو ٻيو. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(11) شاهه جو رسالو- پاڪيٽ سائيز- محمد عثمان ڏيپلائي- سال 1963ع ڇاپو پهريون- شيخ غلام علي اينڊسنز.




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(12) شاهه جو رسالو – ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي- ڇاپو ٽيون سال 1985ع ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

(13) سُر ڪاهوڙي – مرتب حميد سنڌي- سال 1994ع ڇاپو پهريون ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز.

(14) سُر رامڪلي- مرتب حميد سنڌي سال 1993ع ڇاپو پهريون، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه ضلعو حيدرآباد.

(15) تاريخ ريگستان- رائچند هريجن- ڇاپو پهريون سال 1956ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(16) سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڊاڪٽر غلام علي الانا- سال 1982ع ڇاپو ٻيو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

(17) تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دؤر – غلام رسول مهر- مترجم ابن حيات پنهور، ڇاپو ٻيو سال 1996ع سنڌ ثقافت کاتو حڪومت سنڌ.

(18) ڏنون، پروليون، معمائون ۽ ٻول، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- ڇاپو ٻيو سال 1983ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(19) ڀٽ ڌڻي عرف ذڪرِ لطيف – مولوي محمد عظيم سال 1963ع ڇاپو پهريون – مولوي محمد عظيم اينڊ سنز شڪارپور

(20) سخي شهباز قلندر- محمد افضل آرائين، ڇاپو پهريون سال 1983ع اوقاف کاتو حڪومت سنڌ.

(21) سنڌ جي ادبي تاريخ- خانبهادر محمد صديق ميمڻ 1949ع ڇاپو چوٿون- آر ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد.

(22) خليفي نبي بخش قاسم جو رسالو- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڇاپو پهريون سال 1963ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(23) ڪليات مصري شاهه- مقبول احمد ڀٽي 1961ع مصري شاهه ميموريل ڪو آپريٽو ڪائونسل.

(24) ڳاهن سان ڳالهيون – ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- ڇاپو ٻيو سال 1995ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(25) ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙيون- علي احمد بروهي- ڇاپو پهريون سال 1990ع شيخ سلطان ٽرسٽ پريس.

(26) لطيف سائين جا لاڙ تان پيرا- محمد سومار شيخ – سال 1986ع ڇاپو پهريون تنظيم فڪر و نظر سنڌ سکر.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(27) اکن نيرا ڦليا- شيخ اياز- ڇاپو پهريون سال 1985ع نيو فيلڊس ٽنبو ولي محمد حيدرآباد
(28) مبين ٺيسيءَ جا سنڌي بيت- ممتاز مرزا- ڇاپو پهريون سال 1993ع ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه
(29) ڪلامِ اشرف - نياز همايوني- ڇاپو پهريون 1994ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
(30) منهنجو وطن منهنجا ماڻهو- لوڪرام ڏوڏيجا- نيو فيلڊس ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد
(31) سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ - ڪاڪو ڀيرومل مهر چند آڏواڻي، ڇاپو ٻيو سال 1990ع گلشن پبليڪيشن حيدرآباد، سنڌ
(32) ڳيچ- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ- سال 1963ع ڇاپو پهريون سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد
(33) ڪنڊڙيءَ وارن جو ڪلام - لطف الله بدوي- ڇاپو سال 1983ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد
(34) آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه - نياز همايوني سال 1992ع ڇاپو پهريون سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد
(35) ٿر- عبدالقادر منگي- ڇاپو پهريون سال 1993ع ٿر پبليڪيشن مٺي ضلعو ٿر
(36) ٽه ماهي 'مهراڻ' جا مختلف پرچا
(37) ماهوار 'نئين زندگي' جا مختلف پرچا
(38) ڇه ماهي سنڌي ادب - انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
(39) هفتيوار اخبار عالم عمرڪوٽ

## قلمي مواد:

(1) شاهه جو رسالو - سيد وڏل شاهه 1275هه
(2) هيماريون ۽ ڳوڙها (مقالو) پريتم پياسي
(3) شِوِ ڀڳوان جو ميلو- امرڪوٽ (مقالو) پريتم پياسي
(4) مختلف ڀڳتن جو گڏ ڪيل ڪلام (تاليف) پريتم پياسي
(5) صوفي شمس الحق سڪندر (مقالو) صوفي حضور بخش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ لطيف سنڌي ٻولي ۽ سماج: ڪانفرنس

تاريخ 10 جولاءِ 2004ع

## سفارشون

1. شاهہ جي ڪلام کي انٽرنيٽ تي تشريح سميت آندو وڃي ۽ ان لاءِ خاص ويب سائيٽون جوڙيون وڃن.
2. ڪراچي ۽ اسلام آباد ۾ شاهہ لطيف جي حوالي سان يادگار جوڙيا وڃن ۽ انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي لطيف بابت بين الاقوامي ٻولين ۾ مواد تيار ڪرائي رکيو وڃي.
3. پرائمري سطح کان "اسان جو شاهہ" عنوان سان شاهہ جي ڪلام کي مناسب جاءِ ڏني وڃي.
4. استادن جون سياسي بنيادن تي پرتيون بند ڪيون وڃن. استادن جي پرتي لاءِ اسڪول ڪميشن / "ٽيچرس ڪميشن" جوڙي وڃي.
5. لطيف سائين ۽ ٻين ملڪي صوفي شاعرن جون قومي هم آهنگي طور سيني صوبن جي گادي واري هنڌن تي ڪانفرنسون ڪرايون وڃن.
6. سنڌي لئنگويج اٿارٽي، علمي ۽ ادبي ادارن سميت سيني ادارن کي گهربل گرانٽ ڏني وڃي تہ جيئن اهي پنهنجن مقصدن کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب وڃن.
7. اليڪٽرانڪ ميڊيا تي شاهہ لطيف ۽ سنڌي ٻوليءَ کي مناسب وقت ڏنو وڃي.
8. خانگي ۽ سرڪاري اسڪولن ۾ سنڌي لازمي مضمون طور پڙهائڻ لاءِ سنڌ اسيمبليءَ جي پاس ڪيل بل تي عملدرآمد ڪرايو وڃي.
9. خانگي ۽ سرڪاري اسڪولن جو نصاب هڪجهڙو مقرر ڪيو وڃي.
10. سنڌ اندر روڊن، رستن ۽ ٻين اٿارٽي بورڊن تي سنڌيءَ ۾ لکيو وڃي.
11. دفترن جي لکپڙهہ کي سنڌيءَ ۾ قانوني طور نافذ ڪيو وڃي.
12. اجوڪي ڪانفرنس ۾ شامل اديب ۽ دانشور گهر ڪن ٿا تہ ڪراچيءَ ۾ شاهہ لطيف جي حوالي سان ڪو ميوزم يا "شاهہ لطيف ايڪسيلينٽ سينٽر" قائم ڪيو وڃي، جتي شاهہ بابت مختلف ٻولين ۾ ڇپيل مواد/ ڪتاب، شاهہ جي سرن بابت ٽيل مصوريءَ/ مجسمي سازيءَ جا نمونا، سازَ وغيره رکيا وڃن تہ جيئن عالم تحقيق ڪري سگهن.
13. سنڌي ٻوليءَ جي ذريعہ تعليم واري حيثيت پهرئين ڪلاس کان اعليٰ تعليم تائين(ماضيءَ وانگر) بحال رکي، سنڌي تعليم جو معيار بهتر بنايو وڃي ۽ جن ادارن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تعليم نہ ڏني وڃي، انهن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رجسٽريشن ختم ڪئي وڃي. خاص ڪري خانگي ۽ اين جي اوز پاران قائم ڪيل اسڪولن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مضمون جي تعليم تي نظر رکي وڃي ۽ ڪين پابند ڪيو وڃي تہ سنڌي تعليم لازمي ڏين.

14. شاھہ لطيف ايڪسيلينٽ سينٽر ڀٽ شاھہ کي نئين سر منظم ڪيو وڃي.

15. شاھہ لطيف جي شاعريءَ جا پنجابي، براھوي، پشتو عربي، فارسي ۽ هندي ترجما بہ انگريزي ۽ اردو ترجمن وانگر ڇپايا وڃن.

16. ڪرتار سنگھہ عرض جي شاھہ جي رسالي جي پنجابي ترجمي جو اڻپورو مسودو، مڪمل 30 سرن سميت ڇپايو وڃي.

17. سنڌي راڳ جي معيار برقرار رکڻ لاءِ ڀٽ شاھہ تي تجويز ٿيل موسيقي اسڪول کي جديد تقاضائن موجب قائم ڪري، موسيقيءَ جا استاد مقرر ڪيا وڃن، جيئن نون راڳين جي تربيت ٿي سگھي.

18. فضل رحيم سومري جو شاھہ جي رسالي (مڪمل) جو عربي ترجمو سنڌ سرڪار کي ڇپائڻ گھرجي.

19. نياز همايوني جا ترجمو ڪيل منظوم فارسيءَ ۾ 15 سر ڪتابي صورت ۾ ڇپايا وڃن ۽ باقي رهيل سرن جي فارسي منظم ترجمي جو اهتمام ڪيو وڃي.

20. شاھہ جي رسالي جي ابراهيم منشيءَ جي آواز ۾ تحت اللفظ ڪئسٽون جاري ڪيون وڃن.

21. شاھہ جي رسالي جي سي ڊي تيار ڪرائي وڃي.

22. شاھہ جو رسالو ڪنهن هڪ فنڪار جي آواز ۾ مڪمل ڳارائي، ڪئسٽون ۽ سي ڊيون جاري ڪيون وڃن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# Shah Latif
# Sindhi Language & Society

Khalid Azad

Sindhi Language Authority
Hyderabad, Sindh
2007

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Sindhi Language Authority Book No:112
All Rights Reserved

First Edition 2007 Copies 1000

**Catalogue Reference**
Azad Khalid
Shah Latif, Sindhi Language & Society
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-9098-01-7

**Shah Latif, Sindhi Language & Society**

| | |
|---|---|
| By: | Khalid Azad |
| Edition: | First, 2007 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs. 150/=, $ 8/ £ 5 |
| Published by: | Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| Printed by: | Sindhica Academy Karachi. |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com, sindhila1@hotmail.com |
| Website: | www.sindhila.com.pk |
| Composed by: | M.Razmzan |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## Foreword

Shah Abdul Latif Bhittai was the benefactor of Sindhi Language & Society. Through his knowledge, work, observations & high power of expression, he had not only supported the politically & morally demolished society, but he also contributed to defend, develop and use of Sindhi Language during the era, when Persian was the official language and medium of instruction in Sindh .This is the actual contribution of Shah Latif towards his motherland.

Shah Latif was the eye-witness of the down fall of Mughal Empire in India, while he was also conscious of the continuous historical injustice of this era. Thus he worked for the betterment of the society as a great poet, sensible individual and active mystic. In the last days of Mughal period, although Sindh was heading towards the local autonomy after a long time when Mian Yar Muhammad kalhoro, the Governor of Sindh, had established a new autonomous government through Dahli, but the internal and external situation was not favorable as such. The Sindhi Society was facing the reaction of continuous external aggressions and hi-handedness of government favored privileged class. While the Kalhora rule was felt as uncertain, when Sofi Shah Inayat was martyred in Jhok. This incident showed political bankruptcy of Kalhora rulers and sparked anger and un-happiness among educated middle class. This was the situation when Latif started the journey of newly autonomous Sindh for in-depth study of Sindhi society. He discussed with scholars, poets & mystics and understood the political and social scenario of Sindhi society. Therefore, he had not only succeeded to get a favorable situation for his poetry, but through the understanding of political and economical condition of people of Sindh, he also prepared himself to play resisting role in this regard. In 1717, Sofi Shah Inayat was martyred in *jhok*, when Latif was of 28 years. This gruesome martyrdom of Shah Inayat and his companions rocked Shah Latif by heart and changed his life and philosophy and inspired him to portray this incident in his verses with full force. He morally supported to the Sofi movement

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

through his poetry and made himself a torch bearer for religious tolerance & social justice. During this era, there was no discussion except "*Fiqa*", in India, but Latif was the man, who raised the slogan of Religious tolerance, brotherhood and equality. In the mean time, three big movements: (1) Humanism, (2) Reformation & (3) Renaissance had also started elsewhere in the Europe, so it is possible that those movements may have indirectly influenced to Shah Latif. The resisting element of Shah's poetry is also the result of specific situation of the region.

Latif was not only conscious of the ongoing political and social scenario, but was also aware from the possible threats on Sindhi peoples by foreign aggressors. East India Company entered in Sindh in 1630 and established office in Thatta. When Latif visited lower Sindh, he could not forget the possible economical and political threats for Sindhi people. Hence, he started awareness against those possible threats amongst Sindhi peoples through his poetic terminology. Many verses of Latif in "*sur Samondi*" and "*Sur Sirirag*" can be considered as evidence of those possible threats, coming in the name of East India Company.

It is, therefore evident that, Shah Latif was aware of the external and internal challenges confronted to Sindh and Sindhi People. He worked for the deprived Sindhi Society and people, who were oppressed from the continuous external aggression as well as privileged and favored class of Governors of Sindh. In this connection, Latif idealized the element of struggle in *Sur Khahori, Ramkali, and Suhni & Sasui*, which could not be found in other world class poetry of other parts of world. Hence, Latif could also be known as social scientist, instead of un-active mystic or saint.

Another main contribution of Shah Abdul Latif Bhitai was the defense, development and use of Sindhi Language. When Latif was born in 1689, the official language of Sindh was Persian. All the official matters were solved in Persian, while the medium of instruction of Sindh was also Persian. In this situation, Latif had not only protested strictly, but he

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

started poetry in the language of local people. He also used particular terminology of different parts of Sindh, as well as increased the vocabulary of Sindhi Language in different dialects. Hence, Shah Latif had restored the actual status of Sindhi Language in the name of "*Shah Jo Risalo*".

Under this backdrop, there is a big need for research on social & political role of Shah Abdul Latif Bhittai, a greatest scholar of Sindhi Language. Latif should be discovered as social scientist, instead of a low profile saint. This book may prove to be the launching pad in this regard.

The papers of this book were actually read in a conference, titled: "Shah Latif, Sindhi Language & Society", arranged by Sindhi Language authority, on 10 July 2004. The EX- chairman of Sindhi Language Authority, Prof. Dr. M. Qasim Bughio, a Socio-linguist & Scholar of Sindhi Language, had paid full attention in the selection of title and arranging this conference, while he had also instructed to compile these papers. The compilation & publishing by me became possible under the chairmanship of Mr. Abdul Qadir Junejo, a well known Drama writer. I am indebted to Mr. Ameen Laghari, Director Publications, Prof. Taj joyo, Ex-secretary of Sindhi Language Authority and Mr. Abdul Rehman Memon whose valuable suggestions enabled me to complete this work. As usual, Mr. Khan Muhammad Jarwar, a best friend and colleague, has also contributed very sincerely in this regards, while Mr. Muhammd Ramzan and Shahnawaz has also been helpful in this work. I am very grateful to all my friends, colleagues and well wishers.

The papers of Prof. Taj joyo & Dr. Ghulam Muhammad Lakho have been given preference, because both papers are much related to topic while other papers are also highly important and provide food for thought. I hope that this book will open new vistas in the social & political role of Shah Abdul Latif Bhittai.

Khalid Azad

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# SHAH LATIF
# SINDHI LANGUAGE & SOCIETY

By
**Khalid Azad**

SINDHI LANGUAGE AUTHORITY
HYDERABAD

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book